# سنڌي لوڪ ڪهاڻيون

پرين، ديون، جادوگرن، ڏائڻين ۽ نجومين جون ڳالهيون

جلد ٽيون



لوڪ ادب سلسلي جو ٽيويهون ڪتاب

# لوڪ ڪهاڻيون - ٣

## پرين، ديون، جادوگرن، ڏائڻين ۽ نجومين جون ڳالهيون

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم
سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو، سنڌ

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پھريون | مارچ ١٩٦٣ع | تعداد ١٠٠٠ |
| ڇاپو ٻيو | سيپٽمبر ١٩٨٧ع | تعداد ٢٠٠٠ |
| ڇاپو ٽيون | فيبروري ١٩٩٥ع | تعداد ٢٠٠٠ |

سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

**قيمت: سٺ رپيا**
[Price Rs. 60-00]

ملڻ جو هنڌ

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو، سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشيرالحيدري سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# مهاڳ

سنڌ جي ’لوڪ ادب‘ کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، سنه ۱۹۵۵ع ۾، ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جي سامهون رکي وئي، جا ۱۹۵۶ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري ۱۹۵۷ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو؛ انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته ڏنل هدايتن موجب، ٻهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾، ’سنڌي لغت آفيس‘ سان گڏ لوڪ ادب جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، ته مقامي طور گڏ ڪيل، توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورڇي ورهائي، پيٽي صاف ڪري، ڇپائڻ لائق بنائين.

پهريان ٻه سال، ۱۹۵۷ع ۽ ۱۹۵۸ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪن، ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون؛ مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد آتاريو؛ ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر ڀاڱي جو گشت ڪري، سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون، ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهي سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو، ۽ ٿي رهيو آهي، جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر ڀاڱي بابت، نموني طور هڪ

ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال ١٩٥٩ع کان شروع ڪيو ويو آهي.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون ته هن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ مقبول ۽ مروج آهن، تن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، ٽيهه اکريون، ڪافيون وغيره؛ مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ 'لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل 'لوڪ ادب' کي بعينه 'فوڪ لور' (Folklore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اڃان ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدّن جو، يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بنجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اڃا تائين ڳوٺ آهي، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' ۽ 'معياري ادب' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو ته هن تجويز ذريعي لوڪ ادب جو سمورو مواد گڏ نه ٿي سگهيو آهي، ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ ڄڻ اٿاهه سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ جي برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البت جو ڪجهه گڏ ٿي سگهيو آهي سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل

ڪتاب اميد ته آئينده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

’لوڪ ادب تجويز‘ جي تحريڪ جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي، مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول ته ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جي ميمبرن کي جس جڳائي جن هن تجويز کي سنه ١٩٥٦ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ، صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مُسوّدا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ، ۽ آخر ۾ ڪتاب ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي ٻانهن ٻيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي، جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهرين ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي. بورڊ جي نئين سيڪريٽري محترم سيّد شاهه محمّد شاهه پنهنجي عهدي سنڀالڻ بعد (آڪٽوبر ١٩٦١ع) هن تجويز کي پايهٔ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ تعاون ڪيو، ۽ ڪتابن کي سهڻي نموني ڇپائڻ لاءِ مناسب قدم کنيا.

’لوڪ ادب تجويز‘ هيٺ ’لوڪ ڪهاڻين‘ جا هيٺيان ست ڪتاب مرتب ڪري شايع ڪرائڻا آهن: (١) بادشاهن ۽ راڻين، شهزادن ۽ شهزادين جون ڳالهيون، (٢) بادشاهن، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڳالهيون، (٣) پرين، ديون، جادوگرن، ڏائڻين ۽ نجومين جون ڳالهيون، (٤) بادشاهن، شاهوڪارن، ڏاهن، ٺڳن ۽ ٻين جون ڳالهيون، (٥) ٻاراڻيون آکاڻيون، (٦) جانورن ۽ پکين جون آکاڻيون ۽ (٧) ڳاهن سان ڳالهيون. جيئن ته هن سلسلي جي پهرئين ڪتاب جي مقدمي ۾ لوڪ ڪهاڻين جي علمي اهميت ۽ ابتدا، ڪردارن جي نوعيت، تاريخي پس منظر ۽ اندروني سٽاءَ وغيره مکيه پهلوئن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي، تنهنڪري هن ڪتاب جي مقدمي ۾، فقط شامل ڪيل

سڄي مواد کي ڇڪاسي، مختلف روايتن کي ڀيٽي، ترتيب ڏيئي، سيپٽمبر ١٩٥٩ع ۾ ڪتاب جو مُسوّدو تيار ڪيو ويو، ۽ جنوري ١٩٦٢ع ۾ مُسوّدي جي آخرين تصحيح ڪري پريس ڪاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني وئي.

مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم ممتاز مرزا هن ڪتاب جي مواد کي اتاري يڪجاءِ ڪرڻ، ڀيٽڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو، ۽ محترم شيخ محمّد اسماعيل ان سڄي ڪم جي نگراني ڪئي، ۽ مُسوّدو تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪتاب جي آخري سٽاءَ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

مئنيجر پايونير پريس، ۽ سندس ساٿين هن ڪتاب کي جلد ۽ سهڻي نموني سان ڇاپڻ ۾ مدد ڪئي، ۽ ولي محمد طاهرزادي ان جا پروف پڙهيا.

سنڌ يونيورسٽي، — خادم العلم

حيدرآباد سنڌ — نبي بخش

١٨-مارچ ١٩٦٣ع

# عنوانن جي فهرست


| ڳالهه جو نالو | | صفحو |
|---|---|---|
| ١- ڪبل ڦل پري | ... | ٣ |
| ٢- ملڪان پري | ... | ٣٧ |
| ٣- گل سفيد پري | ... | ٤٣ |
| ٤- پيترول پري | ... | ٥٥ |
| ٥- سبز پري | ... | ٧١ |
| ٦- چاندني چال پري | ... | ٨٤ |
| ٧- سوزان پري | ... | ٩٦ |
| ٨- سيجان پري | ... | ١٠٢ |
| ٩- گل پري | ... | ١١٠ |
| ١٠- عشق شهزادو ۽ پدما پري | ... | ١٢٤ |
| ١١- گل شهزادو ۽ گل پري | ... | ١٣٥ |
| ١٢- انينگ پري | ... | ١٥٠ |
| ١٣- ڏڻ وڇوڙو ۽ پريون | ... | ١٦٧ |
| ١٤- شهزادو ۽ پنج پريون | ... | ١٨١ |
| ١٥- پرين جون ساريون | ... | ١٩٣ |
| ١٦- شهزادو بخت ڪمال ۽ نيٽان پري | ... | ٢٠٩ |
| ١٧- حسنا پري | ... | ٢١٧ |
| ١٨- آگھور ديو | ... | ٢٢١ |
| ١٩- گل جنگي ديو ۽ چوڏول راڻي | ... | ٢٣١ |
| ٢٠- ديو ۽ شهزادو | ... | ٢٤٠ |
| ٢١- روح افزا شهزادي ۽ ست سرو ديو | ... | ٢٥٠ |
| ٢٢- شهزادو منير ۽ نابين ديو | ... | ٢٥٩ |
| ٢٣- ڇوڪرو ۽ ديو | ... | ٢٦٧ |

| | | |
|---|---|---|
| ۲۴- غریب ؤ ست دیو | ... | ۲۷۲ |
| ۲۵- ڈائن ؤ ست چور | ... | ۲۷۵ |
| ۲۶- ڈائن شهزادي | ... | ۲۹۴ |
| ۲۷- جادوگریائي ؤ لعلن وارو شخص | ... | ۳۰۱ |
| ۲۸- افلاطون جادوگر | ... | ۳۱۵ |
| ۲۹- نجومي ؤ نانگ | ... | ۳۲۲ |

سر بلنديءَ خاطر، پنھنجي قبيلي جي ننڍڙي کان ننڍڙي فرد
کي سورمو بنائي سندن مقابلو ڪرايو، ۽ فتح پنھنجي مانجھيءَ
جي نيٺ ثابت ڪئي. سنڌي لوڪ ڪھاڻيون انساني معاشري
جي انھيءَ ارتقاء پذير فڪر جو چٽو عڪس آھن.

ھر ذي شعور انسان تي ماحول ۽ وقت جو اثر پوڻ
لازمي آھي. ارتقائي نڪتہءِ نظر کان ڪھاڻيون جوڙيندڙ يا
بيان ڪندڙ باشعور فرد ھئا، معاصرانہ معاشري ۾ سندن حيثيت
مثالي ھئي. عوام جي تقليدي جذبي جي مدنظر ۽ وقت جي
ضرورت آھر ھنن بہ تدريجاً ڪھاڻين جي بنيادي تر ۾ تبديليون
آنديون. نئين نسل جي ذھن جي پرورش ائين ڪئي تہ،
'دنيا جو ھر انسان سٺو آھي، ۽ ان سان جتي ڪٿي محبت
پريو سلوڪ جُڳائي ۽ نفرت جو جذبو ذھنن مان ڪڍيو
وڃي.' اھڙيءَ طرح ديون ۽ جنن جي ڪردارن ۾ بہ خوبين
کي چمڪايائون، ۽ ڪلاسيڪي ڪردارن جو سھارو وٺي
نئين انداز ۾ نون قدرن کي پيش ڪيائون. ڪھاڻين ۾
'ھمتون ۽ ڪشالا' ۽ 'حق جي فتح' جا مرڪزي خيال
انھي معنيٰ تي شاھد آھن. "گل جنگي ديو ۽ ڇوڪرو راڻي"
(ص ٢٣١) ۾ مقابل توڙي مخالف ٻئي طاقتور آھن پر فتح
حق واري جي ٿئي ٿي.

مکيہ مقاصد

ھن مجموعي ۾ اڪثر ڪھاڻين جو مرڪزي خيال
"ڪشالا ۽ ھمتون" آھي، جيتوڻيڪ ڪيترين ئي ڪھاڻين ۾
ٻيا مکيہ مقاصد بہ ملن ٿا، جيئن تہ:

- حق جي فتح: ڪھاڻي نمبر ١.
- جھڙي ڪرڻي تھڙي پرڻي: ڪھاڻي نمبر ٢٩.
- ھمتون ۽ ڪشالا: ٢، ٣، ٤، ٥، ٦، ٧، ٨، ٩،
١٠، ١١، ١٢، ١٣، ١٤، ١٥، ١٦، ١٨، ١٩، ٢٠،
٢١، ٢٣.

ڏائڻيون. ڏائڻيون چراخن تي چڙهي ڪهن ٿيون ۽ ماڻهو ڪائين ٿيون (۱). سنڌن علم ڪريءَ ۽ چوڻيءَ ۾ آهي (۲). ڪي ڏائڻيون پاڻ ۾ شڪل بدلائڻ جي طاقت رکن ٿيون، ۽ ماڻهن جا هينيان ڪائين ٿيون (۳). ڪن ڏائڻين جو ساهه ديون وانگر ٻين شين ۾ آهي، مثلاً ڪهاڻي نمبر پنجويهين ۾ ڏائڻين جو ساهه "ڪبوترين" ۾ آهي (۴).

جادوگر ۽ جادوگريائڻيون. هي ڪردار انساني معاشري جا آهن، پر ڪين وڏي طاقت حاصل آهي، ڪڏهن ڪڏهن هو غير انساني طاقتن ۽ غيبي قوّتن کي به پنهنجي جادوءَ ۽ طاقت جي زور تي تڪليفون رسائين ٿا. ڪهاڻي نمبر يارهين ۾ جادوگريائڻي، پنهنجي جادوءَ جي زور تي، گل پريءَ جو ويس ڌاري ٿي، ۽ پريءَ کي ڪافي تڪليفون ڏئي ٿي (۵). جادوگر کي پنهنجي جادوءَ جي زور تي خبر پوي ٿي ته غريب شخص جي سِر ۾ ستن بادشاهين جيتري ملهه جو لعل لڳل آهي(٦). هڪ ٻيو جادوگر پنهنجي جادوءَ جي وسيلي ڪوهه جي تري ۾ هڪڙي بادشاهي قائم ڪري ٿو، ۽ اُن ۾ بادشاهه کي سالن جا سال رهائي ٿو، پر جڏهن بادشاهه ڪوهه مان ٻاهر نڪري ٿو ته خبر پويس ٿي ته ڪيس ڪوهه ۾ ڪا گهڙي مس ٿي آهي (۷).

انسانن جو اڪثر انهن غيبي طاقتن سان مقابلو ٿئي ٿو، پر ڪي غيبي ڪردار انسان جي خاص مدد ڪن ٿا، جنهنڪري ڪيس پنهنجي مدمقابل تي فتح حاصل ٿئي ٿي. مثلاً، ديو شهزادي

---

(۱) ڪهاڻي نمبر ۸، ص ۱۰٦؛ ڪهاڻي نمبر ۲۲، ص ۲٦۴. (۲) ڪهاڻي نمبر ۲۲، ص ۲٦۴. (۳) ڪهاڻي نمبر ۲۵، ص ص ۲۷۵-۲۹۳. (۴) ڪهاڻي نمبر ۲۵، ص ۲۸۹. (۵) ڪهاڻي نمبر ۱۱، ص ص ۱۳۵-۱۴۹. (٦) ڪهاڻي نمبر ۲۷، ص ۳۰۳. (۷) ڪهاڻي نمبر ۲۸، ص ص ۳۱۵-۳۲۱.

| ضلعو لاڙڪاڻو | ضلعو سانگهڙ | ضلعو حيدرآباد |
|---|---|---|
| وارهہ ٥، ١٦، ٢٨ | سنجهورو ٢٣ | بدين ٨، ٢٦ |
| ميرو خان ٥، ٧، ١٨، ٢٦، ٢٩ | | هالا ٢٠، ٢٥ |
| ڏوڪري ١٩، ٢٢ | **ضلعو ٺٽو** | |
| لاڙڪاڻو ٥ | ٺٽو ١١ | |

هن سلسلي جي پهرين ٻن جلدن ۾ ڇاهتر (٧٦) ڪهاڻيون شامل آهن ۽ هن ٽئي جلد سميت جملي هڪ سؤ پنج (١٠٥) ڪهاڻيون ٻهري تصحيح ۽ ترتيب سان پڙهندڙن جي آڏو اچي وينديون.

ن.ب

# متن

پرين، ديون، جادوگرن ۽ ڏائڻين
جون ڳالهيون

# ١. ڪِل قُل پري *

هڪڙو هو بادشاهه. بادشاهه ته پاڻ الله آهي، پر زمين جي ڪنهن ٽڪريءَ جو بادشاهه هو. هن کي ست ڌيئون هيون. بادشاهه روز صبح جو پنهنجي ستن ئي ڌين کي گهرائي، هر هڪ کان پڇندو هو ته: توهين ڪنهن جو ٽيون کائو؟ انهن ستن مان ڇهه وڏيون شهزاديون ته يڪدم چونديون هيون ته: بابا! اسين تنهنجو ٽيون کائون. باقي جيڪا ننڍي هئي سا ڪا ورندي ڪانه ڏيندي هئي ۽ جڏهن بادشاهه ٻئي پيري پڇندو هوس تڏهن ڪنڌ ٻئي پاسي ڦيرائي چوندي هئي ته: ها بابا! تنهنجو ٽيون کائون.

هڪڙو ڏينهن خدا جو ٿيو، بادشاهه هميشه وانگر پنهنجن ڌين کان پڇندو آيو ته توهين ڪنهن جو ٽيون کائو ۽ ڌيون به اهائي ورندي ڏينديون آيون ته، تنهنجو ٽيون کائون. جڏهن ستينءَ وٽ آيو ۽ ساڳيو سوال ڪيائين، تڏهن شهزادي، جا اها ڳالهه روزانو ٻڌي ٻڌي ڪڪ ٿي پئي هئي، تنهن بادشاهه کي چيو ته: بابا سائين! ڏيڻ وارو الله آهي، سيڪو پنهنجو روز ٿو کائي. بادشاهه اها ورندي ٻڌي ڪامي ويو ۽ يڪدم پنهنجي پٽ کي سڏي چيائين ته: تنهنجي ننڍي ڀيڻ کي، انهن ئي ڪپڙن ۾ گهوڙي تي چاڙهي، جتي سج لهي اُتي ڇڏي هليو اچ. شهزادو پيءُ جي حڪم موجب پنهنجي ننڍي ڀيڻ کي گهوڙي تي چاڙهي اُتي هليو. سج لٿي مهل هڪڙي سڃي هنڌ تي ڀيڻ کي گهوڙي تان لاهي موٽي آيو.

---

* هيءَ ڳالهه وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد بچل کان مِلي.

ويچاري شهزادي جنهن ڪڏهن محلات جو دروازو به نه ڏٺو هو، ٻيو عزيزن کان پري خوفناڪ جهنگ ۾ اڪيلي، سو ڀورين ته ڪجهه خوف ٿيس، پر وري به پنهنجي مالڪ کي ياد ڪري، اکيون پوري ڪنڌ هيٺ ڪري هڪڙي وڻ جي هيٺان ويهي رهي. تان جو ڳچ رات گذري ويئي ۽ ڪيس اُتي ئي ننڊ اچي ويئي. صبح جو اُٿي هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳي ته من ڪو ماڻهو جيئو ڏسڻ ۾ اچي. اوچتو سندس نظر وڃي هڪڙي ڇوڪر تي پئي جو وڻ تان پئي لٿو. شهزاديءَ ڇوڪري کي سڏي خبر چار پڇي. جنهن چيو ته: آءٌ هڪڙي زميندار جو مال چاريندو آهيان، ڪالهه مون کان ڍور وڃائجي ويا آهن، سو انهيءَ ڏپ کان رات انهيءَ وڻ تي ويٺو هوس. هينئر صبح ٿيو آهي وري به ڍور ڳولي وڃي ڌڻين کي پهچائيندس؛ پر تون ڪير آهين ۽ هتي ڪيئن آئي آهين؟ شهزاديءَ چيس ته: آءٌ به تو جهڙو انسان آهيان، هاڻي جي تون مون سان گڏجي ڪنهن شهر ۾ هلين ته ڏاڍو چڱو. ڇوڪري دل ۾ خيال ڪيو ته جي زميندار وٽ ويندس ته موچڙن سان کل ڪٽائي ڇڏيندو، تنهنڪري ڇو نه هن عورت سان گڏجي وڃان؛ ڏسجي ته ڪا وڏ گهراڻي ٿي. سو شهزاديءَ سان هائوڪار ڪيائين. پوءِ ٻئي ڄڻا اُٿي هڪڙي طرف منهن ڪري روانا ٿيا.

اُڳيان ڇوڪرو پويان شهزادي، هلندا هلندا ڪنهن شهر جي ٻاهران هڪڙي وڻ جي هيٺان اچي ويٺا. ڪجهه وقت آرام ڪري شهزاديءَ ڇوڪري کي چيو ته: هاڻي هيئن ڪر جو هتان سڌو شهر ۾ وڃ ۽ بازار ۾ ٻنهي پاسن ڏسندو وڃ، جنهن دڪان تي هيرا جواهر ۽ سونا ڳهه رکيل ڏسين، ان دڪان تي چڙهي، سوديءَ کي چئجانءِ ته توکي شهر کان ٻاهر راڻي پئي سڏي، هو پاڻهي تو سان گڏجي هليو ايندو. ڇوڪرو سڌو بازار ۾ آيو، ۽ راڻيءَ جي ڏنل ڏس تي اهڙو

مودي کولي لڌائين، جنهن کي رائيءَ واري ڇٻل سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائين. موديءَ چيو ته: حاضر، هل ته هلون. پوءِ ٻئي ڄڻا گڏجي رائيءَ وٽ آيا، رائيءَ موديءَ کي پنهنجو نولکو هار لاهي ڏنو ۽ چيائينس ته: سيٺ صاحب! آءٌ بادشاهي گهراڻي جي زال آهيان، ڪنهن سبب هي ڏينهن ڏسڻا پيا اٿم، هاڻي تون هڪڙي مهرباني ڪر، جو پهرين ته اسان کي رهڻ لاءِ هڪڙي جاءِ مسواڙ تي وٺي ڏي، ٻيو ته هن ڇوڪري کي ڪي بادشاهي وڳا سبائي ڏي ۽ هڪڙو سٺو گهوڙو به خريد ڪري ڏينس. مودي ويچارو ڪو ڏاڍو اشراف هو، تنهن شهزاديءَ کان هار ڪونه ورتو ۽ چيو ته: شهزادي! هار تون پاڻ وٽ رک، آءٌ اهو بندوبست ڪريان ٿو، پئسا مونکي پوءِ به ملي ويندا. مودي ائين چئي هڪدم جاءِ جو بندوبست ڪري شهزاديءَ کي ان جاءِ ۾ ويهاريو ۽ ڇوڪري کي به سنوارت ٺهرائي، بادشاهي وڳا پهرائي آڻي شهزاديءَ جي اڳيان حاضر ڪيو. ان بعد هڪڙو گهوڙو وٺي سنجي تيار ڪري، ڇوڪري کي سواري سيکارڻ لاءِ هڪ سوار مقرر ڪري ڏنائين، جنهن هن کي سواري ۽ جنگي فن کان پڻ واقف ڪيو.

ڪجهه ڏينهن گذرڻ کان پوءِ شهزاديءَ جڏهن ڏٺو ته هاڻي ڇوڪرو بادشاهي فن مان واقف ٿي ويو آهي، تڏهن دل ۾ خيال ڪيائين ته هاڻ وري ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ وڃي رهجي. اهو خيال ڪري موديءَ کي گهرائي چيائين ته: هاڻي اسين وڃڻ وارا آهيون، تنهنڪري هي هار وٺ، جيڪو تنهنجو حساب ڪتاب ٿئي سو لاهي باقي پئسا آڻي ڏي. مودي هار وٺي پنهنجو خرچ لاهي، باقي پئسا آڻي شهزاديءَ کي ڏنا. ٻن چئن ڏينهن بعد شهزادي ڇوڪري کي تيار ڪري، کاڌي پيتي جو بندوبست ڪري، گهوڙي تي چڙهي اٿي هلي. پنڌ ڪندا ڪندا اچي هڪڙي رڻ ۾ پهتا. ڏينهن به اچي تتو ۽ اڃ به ڏاڍي هلاڪ ڪين. اتي شهزاديءَ ڇوڪري کي

چيو ته: پاڻيءَ کان سواءِ ساهه ٿو وڃي، پاڻي پيدا ڪر! پر رڻ پٽ ۾ پاڻي ڪٿان آيو؟ ڇوڪري هيڏانهن هوڏانهن گهڻئي ڏُڪهون ڏنيون، پر پاڻي هٿ نه آيو. لاچار گهوڙن کي اڳتي هڪليائون. اڃ ڇوڪري کي به هلاڪ ڪيو هو پر شهزاديءَ جي حالت ته تمام نازڪ ٿي ويئي، نيٺ ڪجهه پند ڪرڻ کان پوءِ بيهوش ٿي ويئي. اتي ڇوڪري گهوڙا جهلي شهزاديءَ کي هيٺ لاهي هڪڙي وڻ جي ڇانو ۾ سمهاريو ۽ پاڻ پاڻيءَ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن جهوتون ڏيڻ لڳو. اوچتو هن جي نظر پاڻيءَ جي هڪڙي تلاءَ تي وڃي پيئي، هو ڪُلي ڪڍي تلاءَ تي آيو، اچي ڏسي ته پاڻيءَ ۾ بلور پيا جرڪن. بلور تمام سهڻا هئا، تنهنڪري هن راند ڪرڻ جي خيال سان ڪجهه بلور ڪڍي ڪيسي ۾ وڌا، ۽ پاڻيءَ جي ڪلي ڀري واپس موٽيو ۽ شهزاديءَ جي منهن تي پاڻي هڻي ڪيس سجاڳ ڪيو. ڪجهه وقت آرام ڪري اڳتي هلڻ جي تياري ڪيائون. ڇوڪري جو ڪيسو بلورن سان ڀريل هو، سو ڊپ ٿيس ته متان شهزادي ڪاوڙجي، انهيءَ ڊپ کان هن ڪيترا بلور اتي ڪڍي اڇلايا باقي به چار لڪائي گهوڙي تي چڙهيو.

ڪاهيندي ڪاهيندي اچي هڪڙي شهر جي ويجهو پهتا. جڏهن شهر جي ٻاهران آيا، تڏهن شهزاديءَ ڇوڪري کي چيو ته: آءٌ هتي ٿي ويهان، تون شهر وڃ، ساڳيءَ طرح بازار مان ڪنهن موديءَ کي وٺي اچ. ڇوڪرو موديءَ کي وٺي آيو. شهزاديءَ وري به اڳئين وانگر موديءَ کي چيو ته: اسان کي رهڻ جو بندوبست ڪري ڏي. موديءَ خوشيءَ سان هنن کي بندوبست ڪري ڏنو. ان بعد شهزاديءَ چيس ته: هاڻي اسان کي هڪ عاليشان جاءِ شهر جي ٻاهران ٺهرائي ڏي، پر دير اصل نه ٿئي، جيڪو خرچ ايندو سو ڏينداسون. مودي حڪم جو ٻڌو، تنهن يڪدم جاءِ جو پٽ خريد ڪري ڪٽي رازا ۽ ڪمي ويهاريا. هڪڙي مهيني ۾ عاليشان محلات تيار

تي ويو، شهزادي به ڇوڪري سان اچي انهيءَ جاءِ ۾ رهڻ لڳي.

ڇوڪري جي ٻاراڻي طبيعت، سو جيڪي بلور شهزاديءَ کان لڪائي کنيا هئائين، انهن مان ٻه ٽي کڻي ڇوڪرن سان راند ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن اتفاق سان انهيءَ شهر جو شهزادو به ڪو اتي اچي نڪتو، تنهن جو هن ڇوڪري وٽ سهڻا بلور ڏٺا سي کانئس ڦري کڻي ويو. ڇوڪري شهزاديءَ کي روئي اچي دانهن ڏني، جنهن چيس ته: خسيس بلورن جي ڪري پيو روئين، ٻيا کڻي ونجانءِ. تنهن تي ڇوڪري چيو ته: اهڙا بلور هتي ملندا ئي ڪونه. ائين چئي ٻيا بلور جيڪي لڪائي رکيا هئائين، ڪڍي اچي شهزاديءَ کي ڏيکاريائين. شهزادي جان کڻي ڏسي ته اهي لعلون آهن. اتي شهزاديءَ چيس ته: ڇڱو سڀاڻي صبح جو بادشاه جي دربار ۾ وڃي، بادشاه کي سلام ڪري هڪ پاسو وٺي ويهي رهج. جڏهن بادشاه تو کان پڇي تڏهن ٻڌائجانءِ ته آءٌ سوداگر جو پٽ آهيان، توهان جي شهر ۾ اچي رهيا آهيون. ڪالهه شهزادو منهنجا بلور کڻي ويو آهي، سي مهرباني ڪري مونکي وٺي ڏيو. اها ڳالهه سمجهائي ٻئي ڏينهن شهزاديءَ ڇوڪري کي عاليشان وڳو ڍڪائي بادشاه ڏانهن موڪليو. ڇوڪرو بادشاه کي سلام ڪري هڪ پاسي تي ويهي رهيو. بادشاه ملڪ ۾ نئون ماڻهو آيل ڏسي هن کان خبر چار پڇي. ڇوڪري کي جيئن شهزاديءَ سيکاريو هو تيئن ٻڌايو. بادشاه ۽ دربار ۾ ويٺل امير ۽ وزير حيران ٿي ويا ته، هي وري ڪير آهي جو شهزادي تي بلورن جي دانهن کڻي آيو آهي. بادشاه ڇوڪري کي چيو ته: ڇوڪرا! تنهنجا بلور منهنجي پٽ کنيا هوندا ته توکي وٺي ڏيندس، پر تون پنهنجا بلور سڃاڻندين؟ ڇوڪري چيو ته: ها سائين! ڇونه سڃاڻندس، اهڙا بلور توهان جي شهر ۾ ئي ڪونه هوندا. ائين چئي بچيل بلور بادشاه کي ڏيکاريائين. بادشاه بلور ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو ۽ دل ۾ چيائين ته برابر

کهڙي ڪُٺيءَ ڪنيو آهي جو هتي آيو آهين؟ پڇي وڃ، نہ تہ اجهو تو ديو اچي توکي بہ پورو ڪري ۽ مونکي بہ. اتي مڙئي همراهہ همت ٻڌي ۽ چيائينس تہ: اها ڳالهہ ڇڏ، باقي اهو ٻڌاءِ تہ توسان هيءَ حالت ڪنهن ڪئي آهي؟ ان عورت ٻڌايس تہ: ڇوڪرا! آءٌ هڪڙي بادشاهہ جي ڌيءَ آهيان، منهنجو نالو 'لال پري' آهي، هتي مونکي هڪڙو ديو زوري ڪٽي آيو آهي، ۽ چوي ٿو تہ مون سان شادي ڪر، پر آءٌ هن پليت سان شاديءَ کان انڪاري آهيان، انهيءَ ڪري ديو جادوءَ جي پٺيءَ جي زور تي منهنجي سسي ڌڙ کان ڌار ڪري ويندو آهي، شڪار ڪري موٽي اچي مونکي جيئرو ڪري شاديءَ لاءِ زور ڪندو آهي، هينئر هو اچڻ وارو آهي تنهنڪري اها پٺي ساڳيءَ جاءِ تي ابتي ڪري رکي ڇڏ، ۽ تون بہ ڪٿي وڃي لڪ. وري ديو جي وڃڻ کان پوءِ اچجانءِ، ۽ پوءِ جيڪا تنهنجي مرضي هوندي ائين ڪنديس. ڇوڪري پٺي ابتي ڪئي تہ 'لال پري' جي سسي اڏامي وڃي ڇڪي ۾ پئي ۽ پاڻ وڃي باغ ۾ هڪڙي گهاٽي ٻوڙي ۾ لڪي ويهي رهيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ اوچتو طوفان لڳو، ڦڙ ڦڙ پيئي ۽ پوءِ گهڙ ٿي، ديو بہ 'آدم بو، آدم بو' ڪندي اچي ڪڙڪو ڪيو. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين پر ماڻهو ڇيٽو نظر نہ آيس، تنهنڪري ڪاوڙجي محلات ۾ ويو، پٺيءَ کي سڌو ڪيائين تہ لال پري جيئري ٿي اٿي. ديو هن کان ڪاوڙجي پڇيو تہ: مونکي اج هتي ماڻهوءَ جي ڌپ پئي اچي. تڏهن لال پريءَ چيس تہ: ڇتو تہ ڪونہ ٿيو آهين! تو ٻارهن ڪوهي ۾ ماڻهو ڪونہ ڇڏيو آهي، باقي منهنجي ڌپ ٿي اچئي تہ مونکي ڪٽي ڪاءُ تہ جند ڇٽيم. اهو ٻڌي ديو ڪٽي مات ڪئي ۽ ويٺو هن کي مٺيون مٺيون ڳالهيون ٻڌائڻ. پر لال پريءَ ٻورو منهن ٿي ڪونہ ڏنس. ديو کي جو لڳي ڪاوڙ سو تختي اونڌي ڪري ويندو رهيو. ديو جي وڃڻ کان پوءِ ڇوڪرو نڪري آيو ۽ اچي

تختي سبتي ڪري لال پريءَ کي جيئرو ڪيائين. ڇوڪري دل
ئي دل ۾ لال پري کي انهيءَ قيد مان ڇڏائڻ جو فيصلو ڪري
ورتو هو، سو يڪدم ڇپائينس ته: اٿ مون سان گڏجي هل.
پر پريءَ چيس ته: جي آءٌ تو سان گڏجي هلنديس ته ديو
اچي ٻنهي کي ماريندو. ڇوڪري کي اها ڳالهه دل سان
لڳي ۽ خيال ڪيائين ته جيسين ديو جيئرو آهي، تيسين هتان
نڪرڻ مشڪل آهي. هاڻي ڪا اهڙي اٽڪل ڪجي جنهن سان
نانگ به مري ۽ لٺ به نه ڀڄي. اهو خيال ڪري ڇوڪري
لال پريءَ کي چيو ته: شهزادي! جيڪڏهن تون ڪنهن اٽڪل
سان ديو ڪان انهيءَ شيءِ جو پتو ڪڍين، جنهن ۾ سندس
ساهه آهي ته پوءِ آءٌ سولائيءَ سان ديو کي ماري تو کي هن
قيد مان ڇڏائي سگهندس، نه ته سڄي ڄمار تون ديو جي قيد
۾ هوندينءَ. لال پري چيو ته: اهو ڪم منهنجو. اجا اهي
ڳالهيون پئي ڪيائون ته ديو جي اچڻ جو آواز آيو. ڇوڪري
يڪدم تختي اونڌي ڪري لال پري کي ماري پاڻ ساڳيءَ
جاءِ تي وڃي ويٺو. اينتري ۾ ديو ميٺهن واءُ ڪندو اچي
ڪڙڪيو ۽ دستور موجب پريءَ کي اُٿاريائين. اڄ لال پري
به ديو سان مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪرڻ لڳي. ديو ويچارو
جو لال پريءَ جي مٺين ڳالهڙين جو هميشه سڪايل هو، سو
لال پريءَ کي خوش ڏسي واڇون ٽي ٽڙي پيس. نيٺ پريءَ
پڇيس ته: اي ديو! حياتيءَ تي ڀروسو ڪونهي، سڀاڻي تو ڪان
ڪو ڏاڍو ديو اچي ۽ تو کي ماري وڃي ته پوءِ آءٌ ڪيئن
ڪنديس؟ ديو به موج ۾ هو تنهن لال پريءَ کي چيو ته:
شهزادي! منهنجو ساهه هن ڪوٺيءَ ۾ پوريل ڇتونءَ ۾ آهي،
جيستائين اهو نه مرندو تيسين آءٌ جيئرو هوندس، اها خبر
ڪنهن کي ئي ڪانهي. تنهنڪري تون ڪوبه فڪر نه ڪر.
ڪجهه وقت ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ ديو خوش ٿي تختي
اونڌي ڪري هليو ويو.

ديو جي وڃڻ کان پوءِ ڇوڪرو آهو ۽ تختي سڌي ڪري لال پريءَ کي جيئرو ڪيائين. پوءِ ٻنهي ڄڻن گڏجي محلات جي ڪوٺين مان چتونءَ وارو پڃرو ڳولي هٿ ڪيو ۽ سهڻي سنهري ڪسيءَ واري لوگهي کان ڪوٺ مان ٻاهر نڪتا. گهوڙو به اتيئي پئي چريو، تنهن کي جهلي سوار ٿيا. اجان ڪجهه پنڌ ڪيائون ته، ڇوڪري کي بلورن جو ٽالهه ياد پيو ۽ لال پريءَ کي چيائين ته: جنهن ڪم لاءِ آيو هوس سو ته ٿيو ڪونه، مون بادشاهه سان واعدو ڪيو هو سو ته پورو ڪرڻو آهي. لال پريءَ چيس ته: آءٌ جا تو سان گڏ آهيان پوءِ بلورن کي ڇا ڪندين؟ هلندي هلندي چتونءَ واري پڃري کي اوچتو لوڏو اچي ويو ته هُتي وري ديو کي لوڏو آيو، تنهن کي پڪ ٿي ته اڄ خير ڪونهي. سو واءُ مينهن ڪري مٿيون پڇڙي وٺي پڳو. جڏهن ڪوٺ کي ويجهو پهتو، تڏهن لال پري ۽ ڇوڪري کي پڃري سميت ويندو ڏٺائين سو ميڪاري ڪاوڙجي هنن تي حملو ڪيائين. اتي ڇوڪري به چتون کي پڃري مان ڪڍي هٿ ۾ جهليو ۽ جيئن ديو ويجهو آيو تيئن چتونءَ جي هڪ کنيڙاٽي پٽي ڇڏيائين، ته ديو جي به هڪ ٽنگ ۽ ٻانهن پٽجي پيئي؛ پر ديو رڙهندو رڙهندو ڏانهن آيو. اچا به ويجهو آيو، تڏهن ڇوڪري چتونءَ جي ٻي به کنيڙاٽي پٽي ديو جو ٻيو پاسو به چٽ ڪري ڇڏيو. پر ديو تڏهن به رڙهندو آيو. نيٺ ڇوڪري چتونءَ جي سسيءَ کي مروٽو ڏئي سسي پٽي ڇڏي ته هوڏانهن ديو جو ڪنڌ پٽجي پيو ۽ اتي ئي چتونءَ وانگر ڦٽڪي مري ويو.

هاڻي ٽئي ڄڻا ٻي اوٺا تي گهوڙي تي چڙهي اچي پنهنجي جاءِ تي رسيا. شهزادي جا انتظار ۾ هئي سا هن کي ٻيءَ زال سان گڏ سلامت ايندو ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. هي ٽئي شهزاديون پاڻ ۾ مليون. شهزادي ڇوڪري کي چيو ته: هاڻي هفتو کن گهر ۾ آرام ڪري، پوءِ بادشاهه وٽ وڃجانءِ. هفتو کن گذريو ته

باقي ٻيو ڪو طريقو ڪيو، جنهن سان نانگ ٻه مري ۽ لٺ ٻه نه ڀڄي. وزير ويچار ڪري چيو ته: جيئندا قبلا! هڪڙي اٽڪل خيال ۾ آئي اٿم جو ڇوڪري کي چئجي ته اسان کي شينهڻ جي کير جي ضرورت آهي، توکان سواءِ ٻيو ڪو ٻه آڻي ڪونه سگهندو، جيڪڏهن نه آڻي ڏيندين ته توکي ڦاسيءَ تي چاڙهبو ۽ تنهنجو مال ملڪيت سڀ بادشاهي قبضي ۾ رهندو. بادشاهه کي اها صلاح پسند آئي.

ٻئي ڏينهن سپاهي موڪلي هڪدم ڇوڪري کي گهرايائين. جنهن وقت سپاهي ڇوڪري کي سڏڻ آيا، ته شهزاديءَ، لال پريءَ کي چيو ته: شڪ نه آهي ته وزير ڪالهه هتان لنگهندي پاڻ کي ڏسي ويو آهي، تنهن وڃي ممڻ مچايو آهي، اڄ شايد پنهنجي مڙس مٿان وڏي آفت اچڻي آهي. هاڻي ڇا ڪريون؟ حسن ۾ جيتوڻيڪ شهزادي زور هئي، پر عقل ۾ وري لال پري سرس هئي. تنهن شهزاديءَ کي چيو ته: انهيءَ ۾ گهٽتي جي ڪهڙي ڳالهه آهي، جيڪي ٿيندو تنهن کي مڙس تي منهن ڏيندو. ائين چئي هن ڇوڪري کي سڏي چيو ته: بادشاهه جيڪو ڪم چوي يا ڳالهه پڇي ته تون ائين چئج ته ورندي سڀاڻي اچي ڏيندس. ڇوڪرو يڪدم دربار ۾ آيو ۽ سلام ڪري ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. اتي بادشاهه چيس ته: ڇوڪرا! اسان کي شينهڻ جي کير جي ضرورت آهي ۽ اسان کي پڪ آهي ته توکان سواءِ ٻيو ڪو ٻه ماڻهو اهو ڪم ڪري نه سگهندو، تنهنڪري يا ته کير آڻي ڏي، نه ته تنهنجو مال متاع سڀ ضبط ڪيو ويندو ۽ توکي ڦاسي ڏني ويندي. ڇوڪري چيس ته: سائين! اها ورندي آءٌ سڀاڻي ڏيندس. ائين چئي بادشاهه کان موڪلائي، گهر اچي ڏاڍي افسوس مان چيائين ته: هاڻي بادشاهه ۽ وزير منهنجي مارڻ پويان اچي پيا آهن، چون ٿا ته اسان کي شينهڻ جو کير آڻي ڏي نه ته توکي مارائي ڇڏينداسين. ان تي لال پريءَ

چيس تہ: انهيءَ ۾ افسوس ڪرڻ جي ڳالهہ ڪانهي، سپاٽي بادشاهہ کي وڃي چئو تہ آءٌ شينهڻ جو کير آڻي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، پر هڪڙو شرط آهي تہ آءٌ الاجي ڪڏهن موٽان، تنهنڪري منهنجي محلات تي شاهي خرچ سان بہ پهريدار مقرر ڪيا وڃن، ڇهن مهينن جو سيڌو سامان ڏنو وڃي، پوءِ جي کير کڻي واپس آيس تہ واهہ، نہ تہ سڄو ڌن ۽ محلات توهان جو آهي.

ٻئي ڏينهن ڇوڪرو وري بادشاهہ وٽ ويو ۽ ڪيس ساڳيا شرط ٻڌايائين. بادشاهہ اهي شرط قبول ڪيا. حڪم ڏنائين تہ يڪدم ڇوڪري جي محلات تي انّ پهچايو ۽ پهري جو بہ بندوبست ڪريو. پوءِ ڇوڪرو گهوڙو سنجي مسافريءَ تي تيار ٿيو. شهزادين کان موڪلائڻ وقت ڇوڪري کي لال پري هڪڙي چٺي لکي منڊيءَ ۾ بند ڪري ڏني ۽ چيائينس تہ: هي چٺي ۽ منڊي کڻي الهندي طرف هليو وڃ، اڳيان توکي هڪڙو جبل ڏسڻ ۾ ايندو، ان تي چڙهي ڏسندين تہ ٻئي پاسي هڪڙو گهاٽو جهنگل ڏسبو، تون سڌو اوڏانهن رخ ڪج؛ اڳتي هڪڙو وڏو ٻڙ آهي، جتي چوڏهين چوڏهين رات پرين جي هڪڙي وڏي مجلس ٿيندي آهي، جنهن ۾ منهنجو چاچو ۽ منهنجي سوٽ "شاهہ پري" بہ ايندا آهن، تون اتي محفل کان اڳ ٻڙ جي وڻ تي چڙهي لڪي ويهي رهج. جڏهن ڳائڻ وڄائڻ ختم ٿئي ۽ سڀ مهمان هليا وڃن ۽ منهنجو چاچو شاهہ پريءَ جي جوٽ تي ڪنڌ رکي سمهي، تڏهن تون ڇا ڪجئين جو مون واري چٺي ۽ منڊي آهستي ڪري شاهہ پري جي هنج ۾ اڇلي وجهج، پوءِ هو پاڻهي چٺي پڙهي تنهنجو بچاءُ ڪندي؛ پر خبردار تجئين، جيڪڏهن شاهہ پري جي پيءُ يا ٻئي ڪنهن ديو توکي ڏٺو تہ پوءِ اتي ماري ڇڏيندئي.

ڇوڪرو اها سڄي ڳالهہ سمجهي شهزادين کان موڪلائي گهوڙي تي سوار ٿي اتي هليو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هي ڏس مليل جبل تي اچي پهتو ۽ ان تي چڙهي ڏٺائين تہ برابر جهنگل پيو ڏسجي، ڪاهي اچي اُتي پهتو. اُها چنڊ جي ٻارهين جي رات هئي، تنهنڪري هي ٻڙ وڻ پيچي پنهنجي ويهڻ جو بندوبست ڪري ٻاقي ٻن راتين جو انتظار ڪرڻ لڳو. آخر چوڏهين رات بہ آئي. ڪا مهل گذري تہ ڪي ديو آيا جن اچي ٻڙ هيٺان صفائي ڪئي ۽ پيا وري گلم غاليچا ڪڻي آيا، ان کان پوءِ هڪ عاليشان تخت آيو جو اچي ٻڙ جي هيٺان رکيائون. آهستي آهستي مهمان ايندا ويا، ٿوري دير ۾ تہ چٽڻ جيتري جاءِ بہ ڪانہ رهي. پوءِ ديون جو سردار بہ هڪڙي پريءَ سان گڏ اچي لٿو، جنهن کي ڏسي سڀ ديو ۽ پريون اٿي بيٺا. ان کان پوءِ راڳ ۽ ناچ ٿيو. نيٺ اڌ رات کان پوءِ اهو سارو ماندڻ ختم ٿيو. پيا تہ سڀ جتان آيا هئا اوڏانهن هليا ويا، باقي ديون جو سردار ۽ هڪڙي پري وچي رهيا. ڇوڪري کي پڪ ٿي تہ لال پريءَ جو چاچو ۽ شاهہ پري اهي آهن. نيٺ ديو شاهہ پريءَ جي جوٽ تي ڪنڌ رکي سمهي رهيو. جڏهن ديو کي ننڊ آئي، تڏهن هن هڪ ڏاگهي ۾ منڊي ۽ چٺي ٻڌي آهستي آهستي هيٺ لاهي شاهہ پري جي جهوليءَ ۾ وڌي. شاهہ پري چٺي ۽ منڊي ڏسي ڇرڪ ڀري يڪدم مٿي نهاريو ۽ ڇوڪري کي ڏسي وري منڊيءَ کي ڏٺو ۽ سڃاتائين تہ هي منڊي لال پريءَ جي آهي. پوءِ چٺي کولي پڙهڻ لڳي جنهن ۾ لکيل هو تہ، هي چٺي آڻيندڙ ماڻهو منهنجو گهر وارو آهي، ان جي نوڪري هر طرح پارت هجي ۽ جنهن ڪم لاءِ اچي ٿو ان ۾ مدد ڪج. شاهہ پري پنهنجي ساهہ کان وڌيڪ پياري سهيلي جي چٺي پڙهي ڏاڍي خوش ٿي، ايتري قدر جو سندس اکين مان لڙڪ ڳڙي پيا جي اچي سندس ٻيءَ جي منهن تي پيا. جنهن تي هو سجاڳ ٿي پيو ۽ شاهہ پريءَ کان روئڻ جو سبب پڇيائين. تڏهن هن ٻڌايس تہ:

بابا! اهي ٻه خوشيءَ جا ڳوڙها آهن، پر ٻڌائيندي‌س ته ڏهن، جڏهن حضرت سليمان جو ويساهه ڏيندئو ته توهين ڪنهن جي ٻه وار جو ٿالو نه وٺندا. ديو حيران ٿي جواب ڏنو ته: ڏيءَ! اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي جنهن لاءِ مون کان ايڏو قسم ٿي کڻائين ... ڪٿي ٻڌاءِ ته ڇا ڳالهه آهي؟ پر شاهه پري چيس ته: پهرين قسم ڪڻ. نيٺ لاچار ٿي ديو حضرت سليمان جو قسم کنيو، تڏهن هن ديو کي منڍي ۽ خط ڏيکاريو، جي ڏسي ديو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ شاهه پريءَ کان پڇيائين ته: ڪير آهي جنهن هيءَ چٺي آندي آهي؟ شاهه پريءَ ٻڌايس ته: بابا! اهي هڪڙو آدمزاد ڪٿي آيو آهي. هاڻي انهيءَ آدمزاد کي جيڏان ملي، نه ته لال پري ارمان ۾ روئي روئي مري ويندي. ديو اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ چيائين ته: اهڙي ماڻهوءَ کي ڪيئن ماربو جنهن سان منهنجي ڀائٽيءَ جو لکيو ٿيو آهي. ٿون ڀلي انهي آدمزاد کي سڏ، مون کان جيڪي پڇندو سندس مدد ڪندس. شاهه پريءَ ڇوڪري کي اشارو ڏنو، هو ويچارو ڏڪندو ڏڪندو وڻ تان لهي اچي هنن جي اڳيان بيٺو. ديو هن کي چڱي عزت ڏني ۽ پرسان ويهاري ڪچهري ڪرڻ لڳو. نيٺ سج اڀرڻ کان اڳ هي ٽئي ڄڻا، ديون جي ملڪ ۾ پهچي ويا.

ڇوڪرو ديون جي سردار جو خاص مهمان هو، تنهنڪري هن کي هڪڙي عاليشان محلات ۾ ترسايو ويو، جتي ڪڏهن ڪڏهن شاهه پري به وٽس اچي رهاڻ ڪندي هئي. آهستي آهستي هنن ٻنهي جو پاڻ ۾ قرب ٿي ويو. شاهه پري خيال ڪيو ته ڇو نه آءٌ به ڪٿي هن سان شادي ڪريان. جهڙس ٻهادر به ڪو ورلي هوندو. جنهن ديو کي هن ماريو آهي، تنهن امان جا هزار ديو پورا ڪيا هئا. اهو خيال ڪري وڃي پنهنجي پيءَ سان حقيقت ڪيائين، جنهن پڻ پنهنجو راضپو ڏيکاريو. پوءِ ته ٻنهي جي وڏي ڌام ڌوم سان شادي ٿي.

ڪن ڏينهن کان پوءِ ڇوڪري شاهه پريءَ کي چيو

ته: هاڻي ٻوڍي هلڻ گهرجي، ٻن مهينن جو ته رڳو پنڌ آهي، ۽ وعدي موجب بادشاهه کي شينهڻ جو کير به ڏيڻو آهي، نه ته ٻوڍي جو خير نه ٿيندو. شاهه پريءَ چيس ته: انهيءَ جي تون ڳڻتي نه ڪر، پاڻ وقت تي هلي کير سميت پهچنداسين. پوءِ ٻيءَ کان موڪل وٺي هلڻ جي تياري ڪيائون. تڏهن ڇوڪري، شاهه پريءَ کي چيو ته: شهزادي! ڀلا شينهڻ جو کير مٽ ڪر. شاهه پريءَ چيس ته: بادشاهه کي پاروٿو کير ڪونه ڏبو، پيل ته تازو کير ڏسي خوش ٿئي. آءٌ خود شينهن جي سردار آهيان، ڪٿي به هجان، شينهن کي اتي گهرائي سگهان ٿي. ائين چئي هن شينهن جي وارن کي سيڪ ڏنو ته شينهن اچي حاضر ٿيا. شاهه پريءَ شينهن کي چيو ته: هن ماڻهوءَ جا پوريءَ طرح وفادار رهجو ۽ جتي به توهان کي گهرائي اتي حاضر ٿي جيڪو به حڪم ڏيئو مڃجو. ايترو چئي شينهن کي موڪل ڏنائين. پوءِ ديون جي سردار، چار ديو تخت سميت شاهه پريءَ ڏي موڪليا، جن ڪين رات وچ ۾ سندن شهر جي ٻاهران اچي لاٿو. جتان هو سڌو پنهنجي محلات ۾ آيا. شهزادي ۽ لال پري مڙس کي سلامت ڏسي ڏاڍو خوش ٿيون. ويتر جو لال پري جي نظر پنهنجي سوٽ شاهه پريءَ تي پئي سا ته ڏاڍي خوش ٿي ۽ وڃي شاهه پريءَ کي ڀاڪر وڌائين. پوءِ ته سڀئي هڪٻئي سان ملي ڏاڍو خوش ٿيا.

انجام واري ڏينهن تي ڇوڪرو بادشاهي ويس وڳا پهري درٻار ۾ آيو. بادشاهه ۽ وزير کي پڪ هئي ته ڇوڪرو شينهڻ جو کير ته ڪونه آڻيندو پر سلامت به ڪونه موٽندو، تن جو ڇوڪري کي ڏٺو سي هڪاٻڪا ٿي ويا ۽ هن کان پڇيائون ته: ڇوڪرا! تو شينهڻ جو کير آندو؟ ڇوڪرو جو شاهه پريءَ جو پڙهايل هو، تنهن ورندي ڏني ته: بادشاهه سلامت! شينهڻ جو کير مون رڳو انهيءَ ڪري ڪونه آندو جو توهان کي الاجي پاروٿو کير کپي يا تازو؟ بادشاهه چيو ته:

پاروٺو کير آڻ ڇا ڪريان! مونکي ته تازو کير گهرجي. ڇوڪري چيس ته: حاضر جي توهان کي تازو کير گهرجي ته هيئن ڪريو جو شهر ۾ پڙهو گهمارائي ڇڏيو ته سڀ ايرڻ کان اڳ ڪوبه ماڻهو گهر کان ٻاهر نه نڪري ۽ سڀڪو گهرن جا دريون دروازا بند ڪري ڇڏي. پوءِ توهان کي تازو کير ڏئي سگهندس. بادشاهه ۽ وزير پهريائين ته حيران ٿي ويا ته ڇوڪرو چئي ڇا ٿو، پر پوءِ ڇوڪريءَ کي چيائون ته: چڱو! اهڙو پڙهو گهمارايون ٿا. رات جو پڙهو گهمي ويو. جو ماڻهو جت سو تت ويهي رهيو. سڄي شهر ۾ چٽڪ راڪاس گهمي ويو. شاهه پري فجر مهل شينهن جا ڪجهه جيترا وار ڪڍي انهن کي سيڪ ڏنو ته سڄي شهر ۾ شينهن پهچي ويا. پڇن جا ٺڪاءَ ۽ گجڪارن جا آواز ايندا ته ٿيا جو ننڊ ۾ ستل ماڻهو به سجاڳ ٿي پيا، درن درين جي سيرن مان شينهن کي ڏسيو ڊپ کان هندن ۾ گهڙيو ٿي ويا. بادشاهه ۽ وزير به اهو لقاءُ محلات مان پئي ڏٺو. نيٺ صبح ٿيو، ڇوڪري ڇا ڪيو جو هڪڙي شينهڻ کي ڪن مان جهلي سڌو بادشاهه جي دربار جي دروازي وٽ آيو، پر اتي پکي به ڏسڻ ۾ ڪونه آيس. تنهنڪري بادشاهه وٽ محلات ڏانهن ويو. بادشاهه ڏٺو ته ڇوڪرو شينهڻ کي ڪن مان جهليو پيو اچي! سو هن ڊپ کان محلات جا دروازا ڪڍي بند ڪرايا. اتي ڇوڪري بادشاهه کي چيو ته: سائين! دروازو کوليو ۽ تازو کير ڏهي وٺو متان چئو ته پاروٺو کير مليو. بادشاهه ويچاري کي اچي سر سان لڳي، سو هٿ ٻڌي ڇوڪري کي چيائين ته: اسم ڏاڍيءَ جي هن کي هنان ڪڍ، نه ته ڊپ وچان اڌ شهر جو ساهه هليو ويندو. مونکي کير ڪونه ٿو گهرجي، هاڻي رڳو شهر مان ڪڍ ين. ڇوڪري چيو ته: واهه سائين واهه! هيتري ساري هلاڪي پوءِ ڇا جي لاءِ ٿي ڪرايوَ؟ هاڻي توهان رڳو هن مان کير ڏهي وٺو ته پوءِ هن کي موڪل ڏجي. پر بادشاهه

محلات کان ٻاهر نڪتوئي ڪونه. لاچار ڇوڪري شينهن کي موڪل ڏني جي گهڙي کن ۾ شهر ڇڏي هليا ويا ۽ ڇوڪرو موٽي پنهنجي گهر آيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ بادشاهه دربار ۾ آيو، ۽ اچڻ سان وزير کي گهرائي چيائين ته: ڏٺئي وزير! تون اهڙن ڪتراڳن ۾ هٿ ٿو وجهين جو ماڳهين آزار ٿيو پوي. ڀاڻ کي ته رڳو ڪير گهرڻو هو پر هتي ته سڄو شهر شينهن هئا. وزير ويچارو ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو.

ان ڳالهه کان پوءِ ويچاري بادشاهه ته شهزادين هٿ ڪرڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏيو، پر وزير کي ڏاڍي آنڌ مانڌ ٿي پئي ته هن ڇوڪري کي ڪيئن به ڪري مارائجي. سو روز ٻئي ڏينهن پيو محلات وٽان چڪر ڏيندو هو. پر نظر ڪجهه به نه آيس. نيٺ هڪڙي حجامڻ کي اندر محلات جو واءُ سواءُ لهڻ لاءِ آماڻيائين، جنهن سڄي خبرچار وٺي اچي وزير کي ٻڌايو ته: وزير صاحب! اڳي هيون ٻه، هاڻي آهن ٽي، ٽئي سونهن ۾ هڪٻئي کي شه ڏيو بيٺيون آهن. ڪنهن جي ساراهه ڪري ڪنهن جي ڪجي. وزير ويچارى جا ٽپ ئي ٽري وياءِ سڌو بادشاهه وٽ آيو ۽ ساري حقيقت ٻڌايائين ته: بادشاهه سلامت! هن پيري ڇوڪري وري ٽي به حور پري آندي آهي، جا بادشاهي محل ۾ جڳائي. وزير جي ڀڙڪائڻ تي بادشاهه وري به هرکي پيو ۽ وزير کي چيائين ته: وزير! اڳي ۾ به تو ڇوڪري کي اهڙا سوال ڏنا، جو ماڳهين پاڻ اچي آزار ۾ پياسين، هيئنر اهڙو ڪو سوال ڏينس جو وڃڻ کي وڃي. وزير بادشاهه جو رضامند ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ چيٽيون وڄائي بادشاهه کي چيائين ته: سائين! توهين هاڻي انهيءَ ڳالهه کان بيفڪر رهو، آءٌ پاڻهي ٿو سر وڃايانس.

ٻئي ڏينهن بادشاهه جي حڪم سان ڇوڪري کي وري به درٻار ۾ گهرايو ويو. بادشاهي سڏ تي شهزادين کي وري به فڪر ٿيو ۽ خيال ڪيائون ته بادشاهه کي وري به ڪٿيءَ

ڪنيو آهي. سو ڇوڪري کي سمجهايائون ته: بادشاهه جيڪي ٻه توکي چئي ان جو جواب سڀاڻي ڏيڻ جو واعدو ڪري هلندو اچج. ڇوڪرو درٻار ۾ آيو ۽ بادشاهه سائس اوري پري جون ڳالهيون ڪري ڪيس چيو ته: ڇوڪرا! گل ڦل پريءَ جي ڦلن جي ضرورت آهي. ڪيترن ئي ماڻهن تي اهو ڪم رکيم پر نٿا ڪري سگهن، مونکي پڪ آهي ته اهو ڪم تو کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪري نه سگهندو، تنهنڪري جي گل ڦل پريءَ جا ڦلا تو نه آندا ته توکي مارائي ڇڏبو. ڇوڪرو گل ڦل پريءَ جي ڦلن آڻڻ جو ٻڌي وائڙو ٿي ويو، پر پاڻ سنڀالي بادشاهه کي چيائين ته: سائين! اها ورندي سڀاڻي ڏيندس. ائين چئي سڌو جاءِ تي آيو ۽ تنهي شهزادين کي احوال ڏنائين. شاهه پريءَ چيس ته: تون انهيءَ جو ڪوبه فڪر نه ڪر، ڇو ته گل ڦل پري منهنجي سوٽ آهي، تنهنڪري ڪم ته ضرور ٿيندو، پر تون سڀاڻي بادشاهه کي چئج ته گل ڦل پري هتان ڇهن مهينن جي پنڌ تي ٿي رهي، اوٺ موٽ ۾ ٻارنهن مهينا لڳي ويندا، تنهن کان سواءِ ڦلن هٿ ڪرڻ ۾ به ڪجهه وقت لڳي ويندو، پوءِ به خبر نه آهي ته جيئرو موٽي اچان يا نه، تنهنڪري شرط هي آهي ته ايتري وقت جي ڪاڌ خوراڪ لاءِ، منهنجا چار مزور صبح کان شام تائين توهان جو خزانو ڍوئيندا، پوءِ جي ڦلا آندم ته وهواهه، نه ته اهو سمورو خزانو ۽ راڻيون توهان جون آهن؛ جي اهو شرط منظور هجي ته ڦلن لاءِ وڃان؟ ٻئي ڏينهن ڇوڪري بادشاهه کي اهو شرط ڏنو. بادشاهه وزير سان صلاح ڪئي، جنهن چيس ته: سائين! اهو شرط ڀلي منظور ڪريو، ڇو جو هي ڇوڪرو گل ڦل پريءَ جا ڦلا ڪڏهن ڪونه آڻيندو؛ نيٺ به ته اهو خزانو وري زالن سوڌو پنهنجو ئي ٿيندو. اهو ٻڌي بادشاهه هائوڪار ڪئي. ڇوڪري ٻئي ڏينهن چار مزور وٺي اچي بادشاهه وٽان خزانو ڪڍايو.

ٻه چار ڏينهن رکي ڇوڪري مسافريءَ جي تياري ڪئي. موڪلائڻ وقت شاهه پريءَ چيس ته: هتان اڀرندي طرف ڇهن مهينن جي پند ڪان پوءِ هڪڙو جبل ايندو، جنهن جي وچان رستو آهي، جبل لنگهندين ته هڪڙو ميدان ڏسڻ ۾ ايندءِ. اتي شينهن ۽ شينهڻيون رهن ٿا، جي ڪنهن کي به جيئرو ڪونه ڇڏين؛ پر تون جبل تان ٻه ٻڪريون جهلي تڪبير وجهي، هڪڙي گهوڙي جي هڪڙي پاسي ۽ ٻي ٻئي پاسي رکي پوءِ ميدان ۾ وڃج، جيڪڏهن تو کي ڏٺئون ته پوءِ تنهنجي پٺيان ڪاهي پوندا، ڪيترو به گهوڙي کي ڀڄائيندين ته به اچي رسندءِ، جنهن وقت هو تو کي اچي رسن، تنهن وقت گهوڙو تيز ڪري هڪڙي ٻڪري شينهن کي ۽ ٻي ٻڪري شينهڻ کي اڇلائي ڏج، جيسين اهي ٻڪريون ٻيهي کائين تيسين تون هنن جي حد مان نڪري وڃي ڪل قل پريءَ جي ملڪ ۾ رسندين. پوءِ هيءُ خط ۽ منڊي وڃي ڪل قل پريءَ کي ڏج، اها تو کي سکيو به رکندي ۽ قلا به ڏيندي.

ڇوڪرو خط ۽ منڊي وٺي، موڪلائي توڪلائي اٿي هليو. ڪيترن ڏينهن جي مسافريءَ ڪان پوءِ هن کي هڪڙو جبل ڏسڻ ۾ آيو ۽ شاهه پريءَ جي ٻڌايل ڏس موجب هن جبل تان ٻه ٻڪريون جهليون، ۽ انهن کي تڪبيرون وجهي گهوڙي تي ڪنيو ۽ جبل واري رستي مان لنگهي ٻئي طرف ٿيو. اڳيان اهو ميدان هو جنهن ۾ نر ماد شينهن رهندا هئا. ڇوڪري به خدا کي ياد ڪري ڪٽي گهوڙي کي هڪليو. ڪجهه پند ڪرڻ ڪان پوءِ اوچتو ڏسي ته نر ماد شينهن ڀڪي لڙ ڀڳا اچن. هن به گهوڙي کي تکو ڪيو، جڏهن ڏٺين ته شينهن اچي رسيا آهن، تڏهن هڪڙي ٻڪري هڪڙي کي ۽ ٻي ٻڪري ٻئي شينهن کي اڇلي ڏنائين. شينهن کي جي ٻڪريون مليون سي ڪاڏو ڏسي ٻيهي رهيا ۽ هيءُ گهوڙي کي ڀڄائي ميدان پار ڪري اچي ڪل قل پريءَ جي ملڪ ۾ نڪتو.

ڇوڪرو ويچارو شهر ۾ نئون آيل هو، سو سڄو ڏينهن هليو، پر ڪٿي به رهڻ جي جاءِ نه مليس. نيٺ اٽڪل ڪري هڪڙي پوڙهيءَ کي ماسي ماسي ڪري وڃي پيرين پيو. پوڙهي حيران ٿي وئي ته هي ڀاڻيجو وري ڪٿان ساماڻو، سو پڇيائينس ته: ابا! ڀليو ته ڪونه آهين؟ پر ڇوڪر چيس ته: ماسي! منهنجي مرهياتي ماسي به تو جهڙي هئي، تڏهن اچي تو کي چنبڙيس، پيو ته آءٌ هن شهر ۾ نئون آيل آهيان، سو دل ۾ چيم ته تون ئي شايد منهنجي مدد ڪرين. ائين چئي به ٽي سونيون مهرون ڪڍي هٿ تي رکيائينس، جي ڏسي پوڙهي ڏاڍي خوش ٿي ۽ چيائينس ته: ابا! ڀلي آئين، جيءُ آئين، هن گهر کي پنهنجو گهر سمجهه. ائين چئي ڪيس اندر وٺي آئي. ڇوڪري وري پوڙهيءَ کي سونين مهرن جي ٻي مٺ ڀري ڏني ۽ چيو ته: ماسي! تون منهنجي لاءِ ماني تيار ڪر؛ جنهن مهرون وٺي قسمين قسمين طعام تاهي ڇوڪري کي کارايا. ڇوڪرو به هو بکايل ۽ ٿڪل سو کائي پي دؤ ڪري، بالم ٿي سمهي رهيو. اهڙيءَ طرح ڇوڪري ٻه چار ڏينهن آرام ڪيو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ ڇوڪري پوڙهيءَ کي پنهنجي دل جو حال ٻڌايو ته: آءٌ گل ڦل پريءَ جي حسن جي هاڪ ٻڌي آيو آهيان، رڳو هڪ دفعو هن کي ڏسڻ جو ارادو اٿم. پوڙهي اهو ٻڌي حيران ٿي وئي ۽ ڇوڪري کي چيائين ته: ابا! ڏٺيءَ جو نالو وٺ ۽ پنهنجي سر جو خير گهر، گل ڦل پري هن ملڪ جي حاڪم آهي، تنهنڪري هن جي مٿان ايترو ته سخت پهرو آهي جو نر پکيءَ کي به طاقت ڪانهي جو ان جي محلات مٿان اڏامي سگهي؛ سندس محلات ٽن ڪوٽن اندر بند ٿيل آهي، هر هڪ ڪوٽ جي دروازي تي، چار چار پهلوان پهرو ڏيندا آهن، سو ڪنهن جي مجال آهي جو اوڏانهن وڃي سگهي! تون دل مان اهو خيال ئي ڪڍي ڇڏ. ڇوڪري اهڙيون پيرائتيون خبرون ٻڌي دل ۾

خيال ڪيو ته جي ڪم ٿيندو ته انهيءَ پوڙهيءَ هٿان. تنهنڪري ضد ڪري ويهي رهيو، چي: ماسي! ڪو اهڙو رستو ڪڍ جو رڳو هڪ دفعو ڏسي دل خوش ڪريان. ائين چئي اشرفين جي هڪڙي ڳوٿري ڪڍي پوڙهيءَ کي ڏنائين ۽ چيائينس ته: ماسي! جيڪڏهن آءٌ مري ويس ته منهنجو گهوڙو ۽ مال متاع توکي ٿيندو، جي جيئرو رهيس ته ايترو خزانو ڏيندوسانءِ جو تون ته ٺهيو پر تنهنجا پوٽا پڙپوٽا به پيا کائيندا. پوڙهي به ڇوڪري جي ڳالهين ۾ اچي وئي، سو هن کي چيائين ته: چڱو پٽ! آءٌ ڪل ڦل پريءَ جي خاص نوڪرياڻي آهيان، مون تي اهو ڪم رکيل آهي ته آئون ڏينهن ڪل ڦل پريءَ جي حمام ۾ گلن جي ڪاري رسايان، جي سندس غسل جي پاڻيءَ ۾ وڌا ويندا آهن. هاڻي سڀاڻي گلن رسائڻ جو وارو آهي، تون هيئن ڪر جو زنانا ڪپڙا ڍڪي، زالن وانگر گهونگهٽ ڪري مون سان گڏجي هلج، پوءِ ڪٿي قسمت. ڇوڪرو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ پوڙهيءَ کي اشرفين جي ٻي به ڳوٿري ڪڍي ڏنائين.

ٻئي ڏينهن پوڙهيءَ ڇا ڪيو جو پاڙي مان اڌارا سڌارا زنانا ڪپڙا وٺي ڇوڪري کي پارائي ۽ ڇوڪري جا ڪپڙا گلن جي ٽوڪريءَ ۾ لڪائي، ڇوڪرو ساڻ ڪري اُٿي رواني ٿي. جڏهن ڪوٽ جي دروازي وٽ پهتا، تڏهن هن کي پهريدار ڦري آيا، چي: مائي! توکي ته اسين سڃاڻون ٿا، پر هي برقعي ۾ ڪير آهي؟ پوڙهيءَ ٻڌاين ته: هيءَ منهنجي ننهن آهي تنهن کي ڪل ڦل پريءَ پاڻ گهرايو آهي؛ هاڻي جي موڪل نٿا ڏيو ته پاڻهي خبر پوندوَ. نهُ ته مونکي اندر وڃڻ ڏيو، ڪجهه خرچي هينئر ڏيانو ٿي، ٻي اندران جيڪي مليم ان مان به ڪجهه ڏيندي سانوَ. ائين چئي اشرفين جي هڪڙي ڳوٿري ڪڍي پهريدارن کي ڏنائين. اتي پهريدارن به هڪڙو لالچ سبب ۽ ٻيو وري اهو ڊپ ته متان سچ پچ ڪل ڦل پريءَ هنن

کي گهرايو هجي، تہ ڳوٺڙي وٺي هنن کي اجازت ڏني. اهڙي طرح هڪ ڪوٽ جي پهريدارن کي ٻهانو ٻڌائي اَڪري اندر ٿيا. انهيءَ وقت گل ڦل پري پنهنجن ستن سهيلين سان باغ گهمڻ وئي هئي. سندس محلات ۾ هڪ ئي نموني جا ست پلنگ پيل هئا. ڇوڪري ڇا ڪيو جو پوڙهيءَ کي روانو ڪري، زنانا ڪپڙا لاهي مردانہ ڪپڙا پائي، لٽ ڪوڙي هڪڙي پلنگ تي چڙهي، مٿان سائي شال وجهي سمهي پيو.

ڪجهہ دير گذرڻ کان پوءِ گل ڦل پري پنهنجي ساهيڙين سان گڏ باغ گهمي موٽي. اچي ڏسي تہ ڇهہ پلنگ خالي پيا آهن، باقي ستين تي ڪو ماڻهو ستو پيو آهي! ڏاڍي ڪاوڙ لڳس تہ ڪنهن کي ڪٿان ڪنيو آهي جو اسان جي خاص محل ۾ هليو آيو آهي، ۽ منهنجي پلنگ تي اچي ستو آهي! سو هڪڙي ساهيڙي کي چيائين تہ: ڏس تہ اهو ڪير اڻاڳو ستو پيو آهي؟ هڪڙي ڄڻيءَ، ڇوڪري جي منهن تان شال جو پلؤ کڻي ڏٺو تہ، هڪڙو حسين آدمزاد ستو پيو آهي! اهو ڏسي سڀني ساهيڙين ۽ گل ڦل پريءَ کي ڏيکاريائين. گل ڦل پريءَ جو قول هو تہ آءٌ شادي انهيءَ ماڻهوءَ سان ڪنديس جيڪو منهنجي کٽ تي ويهندو يا سمهندو. تنهنڪري سڀني ساهيڙين وٺي گل ڦل پريءَ سان چرچا مسخري شروع ڪيا. انهي ڳوڙ تي ڇوڪري جي اک کلي پئي، پر دت هنيو پيو هو. گل ڦل پري اول تہ ڏاڍي ڦڪي ٿي پر پوءِ ساهيڙين جي مسخريءَ تان هن کان بہ کل نڪري وئي. پريءَ جو کلڻ ڄڻ ڪنوڻ جو چمڪڻ، هزارين رنگا رنگي ڦلا هن جي وات مان نڪري محلات ۾ پکڙجي ويا. اتي ڇوڪري، جنهن انهن ڦلن لاءِ هيڏا ڪشالا ڪڍيا هئا، تنهن يڪدم آتي گل ڦل پري جي وات مان نڪتل ڦلا ميڙي شال ۾ وجهڻ شروع ڪيا. تنهن تي سهيلين حيران ٿي جهلي کڻي هڪڙي پلنگ تي ويهاريس ۽ پڇيائونس تہ: اي آدمزاد! ڪير آهين،

ڪٿان آيو آهين ۽ هيڏن ڀيرن هوندي ڪيئن اندر آيو آهين؟ ڇوڪري يڪدم ڪل ڦل پريءَ کي شاهه پريءَ وارو خط ڪڍي ڏنو. جنهن شاهه پريءَ واري منڊي سڃاتي ۽ خط پڙهي ڏاڍي خوش ٿي؛ وري جو ڇوڪري سمورو احوال ٻڌايس سا هيڪاري خوش ٿي، ۽ دل ۾ خيال ڪيائين ته هاڻي شادي ڪنديس ته انهي سان ڪنديس. صبح جو ڪل ڦل پري پنهنجي پيءَ کي سمورو احوال ٻڌايو، ۽ چيو ته: آءٌ شادي هن ڇوڪري سان ڪنديس. قصو ڪوتاهه، هنن ٻنهي جي شادي ڏاڍي ڌام ڌوم سان ٿي ۽ آرام سان گذارڻ لڳا.

ڳالهيون ڪندي ڏينهن جهٽ گذرن، ڇهه مهينا اُئين گذري ويا. جڏهن بادشاهه سان وعدي پوري ڪرڻ ۾ باقي مهينو وڃي رهيو، تڏهن ڇوڪري ڪل ڦل پريءَ کي ٻڌايو ته: شهزادي! هاڻي ملڪ موٽڻو آهي، نه ته اتي جو بي ايمان بادشاهه منهنجي ڀين زالن کي نقصان رسائيندو. ڪل ڦل پريءَ جواب ڏنس ته: حاضر، آءٌ توسان آهيان، جيئن چوندين تيئن ڪنديس. نيٺ ڪل ڦل پريءَ پنهنجي پيءُ کان موڪل ورتي ۽ اُڏام کٽوليءَ تي چڙهي رات وچ ۾ اچي پنهنجي ملڪ ۾ ٽڪاءُ ڪيائون. ٽئي شهزاديون ڇوڪري جي انتظار ۾ ويٺيون هيون ۽ هن جي سلامتيءَ لاءِ رات ڏينهن دعا پنديون هيون. تن جو هن کي ڪل ڦل پري سميت سلامت ڏٺو سي ڏاڍيون خوش ٿيون. ڪجهه ڏينهن آرام ڪري ڇوڪري بادشاهه جي دربار ۾ وڃڻ وقت ڪل ڦل پريءَ کي چيو ته: بادشاهه کي ڦلا ڏيٺا آهن، هاڻي تون ڪل ته آءٌ ڦلا گڏ ڪري ڪٽي وڃان. ڪل ڦل پري چيس ته: تون بادشاهه کي وڃي چئو ته هڪڙي اهڙي جاءِ ٺهرائي جنهن ۾ ننڍڙو سوراخ هجي ته پوءِ اُها جاءِ ڦلن سان ڀري ڏيانو.

ڇوڪرو جڏهن دربار ۾ آيو! ته بادشاهه ۽ وزير حيران ٿي ويا ته ڇوڪرو ڪيئن سلامت موٽي آيو! لاچار

سور پي پڇائونس ته: ڦلا ڪٿي؟ ڇوڪري ائين ٿي چين، جيئن کل ڦل پري سمجهايو هوس. بادشاهي حڪم سان انهي ڏينهن جڳهه ٺهي تيار ٿي ۽ رات وچ ۾ کل ڦل پري ان سوراخ تي وات رکي ٽهڪ ڏنا ته سڄي جاءِ ڦلن سان ٽمٽار ٿي وئي، پوءِ اهو سوراخ ڪپهه سان بند ڪري موٽي آئي. صبح جو ڇوڪرو بادشاهه وٽ آيو. بادشاهه، وزير ۽ ڪيترائي امير ساڻ ڪري ڇوڪري سان گڏجي ان جاءِ تي آيا. ڇوڪري بادشاهه کي چيو ته: سائين! هاڻي اها ڪپهه سوراخ مان ڪڍو. بادشاهه اجان ڪپهه ڪڍي مس ته ڦلا هڪٻئي پويان سنگهر ڪري ٽڙي پکڙي اڏامڻ لڳا. تنهن تي ڇوڪري چيو ته: بادشاهه سلامت! اهي اٿو کل ڦل پريءَ جا ڦلا، وٺيو ته گڏ ڪريو، وٺيو ته ڇڏي ڏيو ته اڏامندا هليا وڃن، مون پنهنجو واعدو پورو ڪيو. ائين چئي ڇوڪرو موٽي پنهنجي محل ۾ آيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وزير کي وري به اچي خيال ٿيو ته هن پيري به مٿان ڇوڪري ڪا نازڪ پري آندي هجي! سو حجام کي گهرائي چيائين ته: وڃي ڇوڪري جي جاءِ جي خبر چار وٺي اچ. حجام اچي ڏسي ته مار! اڳي ٿي ڇٽيون هيون، پر هاڻي چار ڇٽيون ويٺيون آهن! سا موٽي وزير وٽ آئي ۽ وزير کي چيائين ته: سائين! ڇوڪرو کل ڦل پري به پرڻجي آيو آهي، ان جي حسن جي کهڙي تعريف ڪريان، اهڙو حسن مون ڪڏهن ڏٺو نه ٻڌو. هي ته سڀ راڻيون بادشاهي محلات ۾ سونهن، پر خدا به پيو ڪڏهن کي ڳج پارائي. حجام جي ڳالهه ٻڌي وزير هيڪاري سڙي ڪاٺي ويو. سڌو بادشاهه وٽ آيو ۽ اچي کل ڦل پريءَ جي ساراهه ڪرڻ لڳو. بادشاهه چيس ته: وزير! تنهنجي چوڻ تي لڳي مون سڀ خزانو لُٽائي ڇڏيو، هاڻي ڇوڪري سان هٿ اٽڪائڻ، پاڻ کي موت جي منهن ۾ ڏيڻ جي برابر آهي، تنهنڪري خدا جو نالو وٺ، انهيءَ ڳالهه تان ٿي لهي وڃ. پر وزير نه مڃيو، نيٺ بادشاهه

چيس ته: پلا ڪو اهڙو ٻهانو ڳولي ڪڍ جو ڇورو ماڳهين پورو ٿي وڃي. وزير چيو ته: سائين! اهو ڪم منهنجو.

ٻئي ڏينهن وري به بادشاهه ڇوڪري کي گهرائي، هيٺ مٿي جون ڳالهيون ٻڌائي حڪم ڏنو ته: اسان کي هدهد پکي آڻي ڏي، جيڪڏهن نه ته تنهنجو جڻ ٻچو پيڙائي ڇڏبو. ڇوڪرو ويچارو هدهد جو ٻڌي حيران ٿي ويو ۽ بادشاهه کي چيائين ته: سائين! سڀاڻي توهان کي ورندي ڏيندس. ڇوڪرو موٽي گهر آيو ۽ اونڌي منجي ڪري سمهي پيو. راڻين جو هن جي اها حالت ڏٺي سي ڊوڙي وٽس آيون ۽ خبر چار پڇيائونس. ڇوڪري ڄڻني ڄڻين کي بادشاهه واري ڳالهه ٻڌائي ۽ چيو ته: اڳيئي خدا جي مهرباني سان ڏک ڏاڪڙا سهي سوڀ ڪري آيس، پر هيئنر بچڻ مشڪل آهي. ان تي شاهه پري چيس ته: ڇريا! اهو سوال ته تمام سولو آهي، هدهد لاءِ توکي ڪيڏانهن وڃڻو ئي ڪونه پوندو، اُهو اسان وٽ ئي آهي، جنهن مهل چرندين ته حاضر ڪري ڏينديونسين، پر تون سڀاڻي بادشاهه کي وڃي چئجانءِ ته بادشاهه سلامت! آءٌ هدهد پکيءَ لاءِ وڃان ٿو، پر شرط اِهيءَ سان جو مونکي ٿامي جي پٽري تي اڌ بادشاهي جو لکي ڏيو؛ جي هدهد پکي آندم ته اڌ بادشاهي منهنجي، نه ته منهنجي سڄي ملڪيت راڻين سميت توهان جي ٿيندي. ٻئي ڏينهن ڇوڪري بادشاهه وٽ اچي اهو شرط پيش ڪيو، جو بادشاهه مڃيو، ۽ ٿامي جي پٽري تي پنهنجي اڌ بادشاهي لکي ڏني.

ڇوڪرو بادشاهه سان ڇهن مهينن جي موٽڻ جو واعدو ڪري گهر آيو. پنج مهينا ڏاڍي عيشَ آرام سان گذاريائين. باقي جڏهن هڪڙو مهينو بچيو، تڏهن شهزادين کي يادگيري ڏياريائين ته: بادشاهه کي هدهد پکي ڏيڻو آهي. شهزادين کي خبر هئي ته ڇوڪري کي تڪليف ڏيڻ وارو وزير آهي سو اُن کي سيکت ڏيڻ جو ارادو ڪري ڇا ڪيائون جو محلات جي پرسان جيڪي شهر جا ڇوڪرا راند روند ڪندا

هئا، انهن کي چيائون: اوهان مان جيڪو به گهڻا پکين جا
کنڀ چونڊي ايندو ان کي گهڻي خرچي ملندي. ٻارن جو
خرچيءَ جو ٻڌو ته ٻن ٽن ڏينهن ۾ محلات جي هڪڙي
ڪوٺي قسمين قسمين جي پکين جي کنڀن سان ڀري ڇڏي.
ٽيئين شهزادين وزير کي حجام جي هٿان نياپا موڪليا ته اسان
وٽان ٿي وڃ. وزير ويچارو هنن سان ملاقات لاءِ ورهين کان
سڪايل هو سو نياپا ٻڌي ڪپڙن ۾ ئي نه پئي ماپيو ۽ آڏامندو
آيو. شهزادين ڇوڪري کي لڪائي وزير کي اندر گهرايو
۽ سندس ڏاڍي خدمت ڪئي. شهزادين وزير کي چيو ته:
اڳي ته اڃا به اسان جي گهر واري جي موٽڻ جي اميد هئي،
پر هينئر بادشاهه سلامت اهڙي هنڌ موڪليو اٿس جتان موٽڻ
محال آهي. اسين پوءِ به اوهان جي ملڪيت آهيون، تنهنڪري اسان
تان پيرو نه ڇڏجئين. پوءِ ته سڄي رات شراب ڪباب پئي
هليا. صبح جو وزير موڪلائي پنهنجي محلات ڏي ويو. اهڙي
طرح ٻئي چوٿين ڏينهن وزير هنن وٽ پيو ايندو هو. جڏهن
مدي پوري ٿيڻ ۾ هڪڙو ڏينهن رهيو، تڏهن شهزادين ڏوتي
حجام کي گهرائي وزير کي نياپو موڪليو ته: الاجي متان
سڀاڻي اسان جو مڙس موٽي اچي ۽ پوءِ ملاقات نه ٿي سگهي،
تنهنڪري اڄوڪي رات اچي اسان وٽ گذار. وزير پنهنجي
گهر ٻڌايو ته آئون شڪار تي ٿو وڃان تنهنڪري رات جو
ڪو نه ايندس، منهنجو انتظار نه ڪجو. ائين چئي هار سينگار
ڪري، نوان ڪپڙا پائي ڇوڪري جي محلات ڏانهن آٿي
هليو. وزير جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي شهزادين ڇا ڪيو جو
مڙس جي هڪڙي ديڳ ڪاڙهائي رکي ڇڏي. وزير آيو، محفل ۾
شراب ڪباب سڄي رات هلندا رهيا. اڌ رات گذري ته شهزادين،
وزير کي شراب ۾ هڪڙي نشيدار شيءِ وجهي پياري ڇڏي.
ڪجهه دير کان پوءِ وزير بيهوش ٿي ويو. اتي شهزادين نوڪرياڻين
کي حڪم ڏنو جن وزير جي ڏاڙهي، مڇون ۽ مٿو ڪوڙي،

ويو. اتي بادشاهه کي ياد پيو ته وزير ته آهي ئي ڪونه، اُن ڏانهن ماڻهو موڪليائين. ماڻهو موٽي اچي ٻڌايو ته: وزير ڪالهوڪو شڪار تي ويل آهي اڃا نه آيو آهي. بادشاهه کي ڏاڍو ڏک ٿيو ته، وزير هجي ها ته اهو به هي پکي ڏسي ها. وزير بادشاهه جي ڳالهه ته سموري ٻڌي پر ڪيئن چوي ته، سائين! اُهو وزير ته آءٌ ئي آهيان. سج لهڻ مهل ڇوڪري بادشاهه کي چيو ته: سائين! هاڻي مونکي اجازت ملي ڇاڪاڻ ته منهنجو پکيءَ سان اهڙو واعدو ڪيل آهي ته هڪ ڏينهن کان وڌيڪ توکي نه رهائيندس، جي وڌيڪ وقت رهندو ته پوءِ شهر جو خير ڪونهي. بادشاهه کي ته شينهن واري ڳالهه ياد هئي، تنهن يڪدم اجازت ڏنس. ڇوڪرو وزير کي شهر مان رلائي رلائي پنهنجي جاءِ تي وٺي آيو ۽ سندس بدن تان ڪنچ لاهي وهنجاري سهنجاري ساڳيا ڪپڙا پارائي چيائينس ته: اڳتي لاءِ بادشاهه کي اهڙي صلاح نه ڏجئين، شڪر ڪر جو هينئر توکي جيئرو ڇڏيو اٿئون، جي اڳتي اهڙي هلت هلندين ته سر سلامت نه هوندءِ. وزير، الاهون بلاهون ڪري ڇوڪري کان جند ڇڏائي لڪندو لڪندو اچي گهر رسيو، پر اول ته چوڪيدارن سڃاتس ئي ڪونه، ڏاڙهي، مڇون ۽ مٿو تيئي ڪوڙيل هئس، سو ڪنهن به ڪونه سڃاتس، پوءِ ته اچي موچڙن سان ورتائونس. وزير وٺي دانهون ڪيون جنهن تي سندس ڌيءَ ۽ زال ڊوڙنديون آيون، پوءِ سڃاڻي جند ڇڏايائونس.

ٻئي ڏينهن بادشاهه وري به وزير کي گهرايو پر وزير بيماريءَ جو بهانو ڪري گهر ۾ ئي ويٺو رهيو. نيٺ مهيني کن ۾ وزير جا ڪجهه وار به ٿيا، سو لٺ تي رڙهي دربار ۾ آيو. پوءِ بادشاهه ڇوڪري جي پکيءَ آڻڻ جي سموري خبر ٻڌايس ۽ چيائينس ته: وزير! ڇوڪرو ته هي شرط به کٽي ويو ۽ اڌ بادشاهي به وٺي، هاڻي ڪهڙي مرضي اٿئي؟ وزير ڪنڌ ڪٽي هيٺ

ڪيو. ڪجھ ڏينهن گذريا تہ وزير کي ڏري اچي ڇورا ڪورا لڳي تہ کھڙي بہ ريت ڇوڪري کي پورو ڪري اهي راڻيون ۽ ملڪيت هٿ ڪجي. هن گھڻئي ويچار ڪيا، نيٺ هڪڙي اٽڪل سجھي آيس. سڌو بادشاھ وٽ آيو ۽ چيائينس تہ: سائين! اڃا هڪڙو ڀيرو ڪوشش ڪبي، اميد آهي تہ هن دفعي سوڀ اسان جي ٿيندي، اهو هيئن جو ڇوڪري کي سوال ڏجي تہ اسان کي پنهنجي وڏن جي خبر آڻي ڏي. بادشاھ کلي وزير کي چيو تہ: وزير! چريو تہ ڪونہ ٿيو آهين؟ مئن جي ڪنهن خبر آندي آهي. وزير بادشاھ کي چيو تہ: سائين! هي ڇورو مرندو بہ تڏهن ۽ راڻيون بہ تڏهن هٿ اينديون. توهين اهو ڀيرو مون تي اعتبار ڪريو جي ڇوڪرو موٽي آيو تہ پوءِ مونکي مارائي ڇڏجو. وزير بادشاھ کي اهڙيون تہ ڀيريون ٻڌيون جو هو ريجھي پيو ۽ ڇوڪري کي دربار ۾ گھرائي پنهنجو سوال ٻڌايو. ڇوڪرو دستور موجب سياڻي جواب ڏيڻ جو انجام ڪري پنهنجي گھر موٽي آيو ۽ شهزادين کي وزير جي سڄي حرڪت جي خبر ٻڌايئين. شهزادين چيس تہ: اسين پاڻيهي ٿيون انهيءَ مٿي وزير جو بندوبست ڪريون، تون سياڻي بادشاھ کي وڃي چئو تہ، آءٌ توهان جي وڏن جي خبر آڻڻ لاءِ تيار آهيان، پر شرط هي آهي جو باقي اڌ بادشاهي ۽ پنهنجي وڏهر ڌيءَ جو سڱ لکي ڏين. جي جيئرو موٽيس تہ پوءِ تون منهنجي رعيت ٿيندين، جي مري ويس تہ ٻارهن مهينن تائين منهنجو انتظار ڪج، پوءِ منهنجي ملڪيت ۽ راڻين جو تون مالڪ آهين.

ٻئي ڏينهن ڇوڪري بادشاھ کي اها ڳالھ ٻڌائي، جا هن قبول ڪئي ۽ باقي اڌ بادشاهي ۽ ڌيءَ جو سڱ ڇوڪري کي لکي ڏنو. ڏينهن ٻن کان پوءِ ڇوڪري شهزادين جي سيکارڻ موجب بادشاھ کي چيو تہ: هاڻي آءٌ اوهان جي وڏن جي خبرچار وٺڻ ويندس، تنهنڪري هڪڙي ڪاٺ جي

اهڙي جاءِ ٺهرايو جنهن کي فقط ڇت ۾ هڪڙو سوراخ هجي، جاءِ جي چوڌاري سؤ من ڪاٺيون رکائي ڏيو. پوءِ آءٌ جنهن مهل اندر ڪوٺيءَ ۾ وڃان، توهان انهن ڪاٺين کي ڪٺي باهه ڏجو پوءِ پاڻيهي اوهان کي پنهنجي مري ويل وڏڙن جي خبرچار آڻي ڏيندس. بادشاهه ۽ وزير اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا. خيال ڪيائون ته پاڻيهي ٿو موت جي منهن ۾ وڃي. سو يڪدم حڪم ڪيائون ته هڪڙي ڏينهن ۾ ڪاٺ جي جاءِ ٻه ٺهي وئي ۽ ڪاٺين جو به ڍڳ لڳي ويو. جڏهن سڀ بندوبست ٿي ويو. تڏهن ڇوڪر کي اطلاع موڪليائون. شهزادين وري ڇوڪري کي وهنجاري سهنجاري ڪفن ڏئي ڪٽولي تي سمهاري بادشاهه ڏانهن ڏياري موڪليو. بادشاهه ۽ وزير ڪيس ڏسي پڪ ڪري ڇوڪري کي سوراخ مان اندر ڦٽو ڪيو. سج لٿو ۽ منهن اونداهي ٿي تڏهن بادشاهه جي حڪم سان ڪاٺين کي باهه ڏني وئي. جنهن ڪري سڄي شهر ۾ سوجهرو ٿي ويو. شهزاديون به انتظار ۾ هيون تن جڏهن ڏٺو ته هاڻي باهه ڏني اٿن سو گل ڦل پري وٺي آڏاڻي ۽ گهڙي ڪن ۾ ڇوڪري کي باهه مان ڪڍي مٿان ئي مٿان محلات ۾ ڪٺي آئي. هوڏانهن ساري رات باهه جا تجلا لڳا پيا هئا. بادشاهه ۽ وزير کي پڪ ٿي ته ڇوڪرو هاڻي پورو ٿي ويو.

ڳالهيون سگهيون نبرن، ڏينهن دير سان، ڇوڪرو ٻارهن ئي مهينا پنهنجي محلات کان ٻاهر نه نڪتو ۽ آرام سان ويٺو رهيو. آخر مدو پورو ٿيو، وزير ۽ بادشاهه کي پڪ ٿي ته هي ڪونه موٽندو؛ اچا انهيءَ خيال ۾ هئا ته ڇوڪري به اچي نڪاءُ ڪيو. بادشاهه ۽ وزير هن کي ڏسي حيران ٿي ويا ته هيءُ وري ڪيئن جيئرو ٿيو! لاچار هن جو آڌر ڀاءُ ڪري حال احوال ورتائون. ڇوڪري ٻڌايو ته: بادشاهه سلامت! توهان جا وڏا تمام خوش ويٺا آهن، سون ڇيو مان ته توهان

جي خبرچار وٺڻ لاءِ موڪلي باد شاهه موڪليو آهي، اهو ٻڌي هو ڏاڍا خوش ٿيا. ٻارهن مهينا ڏاڍي آرام سان گذاريم، مون جڏهن موڪلايو ٿي تڏهن ڇڏين ٿي نه ۽ چون ته اسان وٽ ڪڙ ماڻهو آهيئي ڪونه، تون ترسي پئو، پر مونکي نه هتي واعدو پورو ڪرڻو هو، تنهنڪري لاچار موٽي آيس. پر هن هلندي مهل چيو ته اسان کي وزير ۽ حجام جي ڏاڍي ضرورت آهي. ڪيترائي فيصلا وزير کان سواءِ ٿين نٿا، پيو ته اسان جا ننهن به وڌا ٿي ويا آهن، سو اهي ٻئي ماڻهو مهرباني ڪري موڪلي ڏيو. اتي وزير ڏٺو ته سر ٿو وڃي! سو باد شاهه کي چيائين ته: سائين! ڇوڪرو ڪوڙ ٿو ڳالهائي، مئن ماڻهن کي وري وزير ۽ حجام جي ڪهڙي ضرورت؟ پر باد شاهه کي پڪ ٿي وئي ته هي جيڪي چوي ٿو سو سڀ سچ آهي، مونکي پنهنجي وڏن جو هر طرح خيال آهي، جي نه موڪليندس ته ناراض ٿيندا. تنهنڪري وزير کي چيائين ته: توهان ۽ حجام اوڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. وزير گهڻئي نٽايو ۽ دانهون ڪيون پر باد شاهه هڪ به نه ٻڌس ۽ زوريءَ وزير ۽ حجام کي ساڳي طرح ڪاٺ جي جاءِ ڀرائي بند ڪري باهه ڏياري ڇڏيائين.

انهيءَ ڪم جي پوري ٿيڻ کان پوءِ ڇوڪري باد شاهه کي چيو ته: هاڻي پنهنجو واعدو پاريو ۽ پنهنجي نياڻي جي شاديءَ جي تياري ڪريو. باد شاهه پنهنجي نياڻيءَ جي شادي ڇوڪري سان ڪرائي ۽ اقرار موجب باد شاهي به هن کي ڏنائين. پر ڇوڪري باد شاهي قبول نه ڪئي ۽ باد شاهه کي عرض ڪيو ته: باد شاهه سلامت! اها باد شاهي توهان کي نيڀهه هجي، آءٌ توهان جو غلام ٿي رهندس. توهان کي رڳو وزير برغلايو هو سو ان کي پنهنجي ڪيئي جي سزا ملي. هاڻي هڪڙو عرض آهي ته وزير جي جيڪا ملڪيت آهي سا منهنجي حوالي

ڪئي وڃي ۽ سندس ڌيءَ سان منهنجي شادي ڪرائي وڃي. بادشاهه وزير جي ڌيءَ ۽ ملڪيت ڇوڪري جي حوالي ڪري هن کي پنهنجو وزير ڪيو.

ڪيترائي سال گذري ويا، ڇوڪرو عيالي اولادي ٿي ويو. هڪڙي ڏينهن سندس پهرين زال کيس چيو ته: مونکي پنهنجي مائٽن جي سڪ ٿي آهي پر هاڻي ڪيئن انهن سان ملي سگهان، هنن ته مونکي وساري ڇڏيو. تنهن تي ڇوڪري چيس ته: ڪجهه ڏينهن صبر ڪر ته آءٌ بادشاهه کان موڪل وٺان. پوءِ ڇوڪري اها حقيقت پنهنجي بادشاهه سان ڪئي، جنهن چيس ته: انهيءَ ملڪ جو بادشاهه منهنجي آنکي پريندڙ آهي. هن سال آنکي به ڪاڻ ڏني اٿس، تنهنڪري تون کيس لک ته آنکي به رسائي ۽ منهن به ڏيکاري وڃ. شهزاديءَ جو پيءُ خط پهچڻ سان آنکي سميت اچي حاضر ٿيو. وزير بادشاهه جي مهماني ڪئي. انهيءَ ڏينهن شهزاديءَ پنهنجي هٿن سان ماني ٺڪي تيار ڪئي. رات ٿي ته بادشاهه به محلات ۾ آيو، بادشاهه جي اڳيان طرح طرح طعام رکجي ويا، هن اڃان ٻئي گرانهن مس کنيا ته ماني مان هٿ ڪڍي ويهي ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو. ڇوڪري حيران ٿي انهيءَ جو سبب پڇيس. بادشاهه چيو ته: خدا نه ڀلائي ته هي طعام منهنجي نياڻي جو رڌل آهي، جا مون کان ورهين کان وڇڙيل آهي، انهيءَ کي ياد ڪري روئان ٿو. اڃا بادشاهه ايترو مس چيو ته شهزادي نئون وڳو پهري هٿ ٻڌي اچي پنهنجي پيءُ جي اڳيان بيٺي ۽ چيائينس ته: بابا! برابر اها آءٌ ئي آهيان، ۽ هي کاڌو به منهنجو رڌل آهي. پر هاڻي مونکي ٻڌايو ته آءٌ روز ڪنهن جو ٿي کان پنهنجو يا تنهنجو؟ بادشاهه کي پنهنجي ڪيل فيصلي تي ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري چيائين ته: ڌيءَ! برابر تو سو سچ ٿي چيو ته روز سڀڪو پنهنجو ٿو کائي،

مونکي اها خطا بخش ڪر. پوءِ ته سڀ رائيون اچي سندس منهن لڳيون ۽ ڳڀئي ملي ڏاڍو خوش ٿيا. جهڙا ميلا انهن جا ٿيا اهڙا شل جڳ جهان جا ٿين.

# ٢. ملڪان پري *

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي فقط هڪ پٽ هو. بادشاهه ۽ راڻيءَ جو شهزادي تي تمام گهڻو پيار هو. ننڍي هوندي کان ئي لاڏ ڪوڏ سان نپنو. سڄو وقت سنگتين سان ۽ ڪڏهن اڪيلو راند روند ۽ سير شڪار ۾ گذاريندو هو. هڪڙي ڏينهن گز ڪمان کڻي، شڪار ڪندو اچي هڪڙي شاهوڪار جي جاءِ وٽ پهتو. اتي ڏسي ته هڪڙو ڪبوتر ويٺو آهي. هن کي ته گهربو ئي اهو هو، سو تير ڪشي تڪاءِ ڪيائين. ڪبوتر تير سميت اندر جاءِ ۾ وڃي ڪريو. هي خوش ٿي شڪار ۽ تير کڻڻ لاءِ جاءِ ۾ گهڙي ويو. اندر گهڙندي ئي سندس نگاهه شاهوڪار جي وڏ ور جوان ڌيءَ تي وڃي پئي، بس سندس صورت دل کي وڻي وئي. جيتوڻيڪ اڳ به شادي ڪيل هئس، پر پڪو پهه ڪيائين ته هن اسيرزاديءَ سان به ضرور شادي ڪندس. سو شڪار کڻي گهر ڏي موٽيو، پر انهيءَ جهوريءَ جهوري وڌس. نه ڪنهن سان ڳالهائي نه ٻولهائي، اندر ئي اندر ۾ پيو گهاٽ گهڙي ته هاڻي ڇا ڪريان. آخر سنگتين جي گهڻي پڇڻ تي سچي ڪيائين. انهيءَ قصي جي خبر بادشاهه کي به پئي جنهن به کيس گهڻوئي سمجهايو ته اهو سڱ پنهنجي شان وٽان نه آهي. باقي ٻي جيڪا شهزادي چئين، سا پرڻايانءِ. پر شهزادو اِٽ هٺي بيٺو ته پرڻائين ته اها شاهوڪارزادي پرڻاءِ، نه ته آءٌ فقير ٿي ويندس ۽ ساري عمر ان جي فراق ۾ ڪاٽيندس.

بادشاهه لاچار ٿيو، سو شاهوڪار ڏي سڱ لاءِ وزير کي موڪليائين، جنهن وڃي شاهوڪار سان ڳالهه ڪئي ۽ کيس چيائين ته: خوشيءَ سان ڏيندين ته واهه، نه ته بادشاهه زوريءَ

---

* هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي مٺي) مان رائچند کان ملي.

ٻه سڱ وٺندءِ. شاهوڪار ڳالهه ٻڌي فڪر ۾ پئجي ويو ته هاڻي ڇا ڪجي. جي سڱ نٿو ڏئي ته بادشاهه جو ڏپ، ۽ جي سڱ ڏئي ٿو ته ذات وارن جو ڏپ. آخر ڳڻ ڳوت ڪري وزير کي چيائين ته: هڪ هفتي جي موڪل ڏيو ته آءٌ ويچار ڪري، اوهان کي جواب ڏيان. وزير سيٺ کي خوشيءَ سان مهلت ڏني ۽ واپس اچي بادشاهه سان حقيقت ڪئي.

هوڏانهن شاهوڪار ڇا ڪيو جو پنهنجي نيات وارن جي دعوت ڪئي. انهن کي ماني کارائڻ کان پوءِ بادشاهه واري سموري حقيقت ٻڌائي، کانئن صلاح پڇيائين. نيات وارن هن کي چيو ته: تون بادشاهه کي سڱ ڀلي ڏي. شاهوڪار پوءِ بادشاهه کي سڱ ڏنو. بادشاهه پٽ پرڻائي، ڪنوار پنهنجي محلات ۾ وٺي آيو. بادشاهه صبح جو اُٿي ڏسي ته مايا ۽ ڌن دولت سڀ ڦلهيار ٿي وئي آهي. پوءِ بادشاهه پنهنجي پٽ کي چيو ته: هاڻي پاڻ ٻئي ملڪ ۾ هلي پورهيو ڪري پيٽ پاريون. آخر بادشاهه، شهزادو، بادشاهه جي راڻي ۽ شهزادي جون راڻيون سڀئي شهر کان روانا ٿيا ۽ وڃي هڪڙي شهر ۾ پهتا. هنن وٽ اُهو پيسو ڪونه هو جو ڪٿي ماني کائين، پر شهزادي جي نئينءَ راڻيءَ وٽ ڪجهه ڏوڪڙ پيل هئا. هن بادشاهه کي انهن مان ٻه آنا ڏنا. بادشاهه شهر ۾ ويو، اتي گم ٿي ويو. پوءِ شاهوڪارزاديءَ پنهنجيءَ سس کي ٻه آنا ڏنا، اها به گم ٿي وئي. وري پنهنجي مڙس شهزادي کي ٻه آنا ڏنا ته اُهو به الاجي ڪيڏانهن گم ٿي ويو. باقي شهزادي جون ٻه زالون وڃي رهيون. جن مان پهرينءَ وٽ هڪ آملهه ماڻڪ هو. هنن چيو ته: بازار ۾ وڪڻي ڪا جاءِ مسواڙ تي وٺون. هنن راڻين مان جيڪا راڻي، شاهوڪار جي ڌيءَ هئي تنهن پنهنجي ساهيڙيءَ کي چيو ته: آءٌ مردانا ڪپڙا پايان ٿي ۽ تون زنانن ڪپڙن ۾ هل. آخر ٻئي راڻيون شهر ڏانهن روانيون ٿيون.

شهر ۾ هنن کي هڪڙو سيٺ گڏيو، جنهن وٽ ٻه املهه

ماڻڪ هو. خبرن چارن کان پوءِ سيٺ چئي ته منهنجو املھ ماڻڪ سنو ۽ راڻيون چون ته اسان جو ماڻڪ سنو. هنن جو پاڻ ۾ اچي ضد لڳو. آخر هڪٻئي کي شرطناموں لکي ڏنائون. سيٺ شرطناموں لکي ڏنو ته جي منهنجو املھ ماڻڪ سنو ٿيو تہ اوهين ٻئي منهنجي ملڪيت ٿينديون ۽ راڻين چيو تہ جي اسان جو املھ ماڻڪ سنو ٿيو ته تنهنجي ماڙي ملڪيت سميت اسان جي ٿيندي. پوءِ هي ٽئي ڄڻا صراف جي دڪان تي پهتا ۽ ٻئي املھ ماڻڪ صراف کي ڏنائون ۽ پڇياڻون ته ڪهڙو املھ ماڻڪ سنو آهي. صراف هنن کي چيو ته راڻين وارو املھ ماڻڪ سنو آهي. پوءِ راڻين سيٺ کان ماڙي ورتي ۽ هن کي تڙي ٻاهر ڪڍي ڇڏيائون. پوءِ انهن مان جنهن راڻيءَ مردانا ڪپڙا پاتا هئا، سا شهر جي بادشاهہ وٽ وئي ۽ هڪ سؤ رپيا ماهوار پگهار سان چوڪيدار ٿي بيٺي ۽ رات جا پهريان ۾ پهر پهرو ڏيندي هئي. بادشاهہ هن جو نالو "نئون نوڪر" رکيو.

ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ هن ڇا ڪيو جو خزاني مان ملڪيت ڪٽي ٻيءَ واري جاءِ ۾ پوري ڇڏي. جڏهن بادشاهہ کي خبر پئي ته خزاني مان چوري ٿي وئي آهي تڏهن نوڪرن کان پڇيائين ته: ڪنهن جي پهري ۾ چوري ٿي آهي؟ تڏهن نوڪرن چيو ته: سائين! نئين نوڪر جي پهري جي واري ۾. نئين نوڪر اتي بيٺو هو، جنهن بادشاهہ کي چيو ته: منهنجي پهري ۾ چوري ٿي هوندي ته چورن ملڪيت اتيئي پوري ڇڏي هوندي. پوءِ بادشاهہ ۽ نوڪرن چور جا پير کنيا، ڏسن ته برابر جاءِ جي پرسان ملڪيت زمين ۾ پوري پئي آهي. تڏهن بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سندس پگهار بدلائي ٻہ سؤ رپيا مقرر ڪيائين.

هڪڙي ڏينهن هيءَ پهرو ڏئي رهي هئي تہ ٻڌي ته پرسان هڪڙي مقام ۾ ڊانهون پيون ٿين. هيءَ سڌو مقام تي ڪاهي وئي. ڏسي ته هڪڙي سهڻي ۾ سهڻي زال قبر جي پرسان ويٺي

آهي. هن ان کان پڇيو ته: ڪير آهين؟ چيائين ته: آءٌ ملڪان پري آهيان، پر تون هتي ڇو آئين؟ تڏهين چيائينس ته: آءٌ بادشاهه جو نوڪر آهيان. هن جي ائين چوڻ تي پري وٺي اڏاڻي پر هن ڇا ڪيو جو پريءَ کي ترار هڻي، هن جي پيرن ڄا نورا ڪيرائي وڌائين ۽ اهي بادشاهه وٽ کڻي آئي ۽ اچي کيس ڏنائين. بادشاهه نورا کڻي محلات ۾ هڪڙي راڻيءَ کي ڏنا تڏهن بين راڻين چيو ته: اسان کي به اهڙا نورا گهرائي ڏي! بادشاهه لاچار تي نوڪر کي چيو ته: اهڙا ڇهه نورا ٻيا آڻي ڏي. هوءَ سنيري بادشاهه کان موڪلائي رواني ٿي. هڪڙي ولايت لنگهي اڃا اڳتي پهتي ته ڏسي ته چار ماڻهو آهن ۽ انهن وٽ هڪڙي اڏندڪٽولي آهي ۽ ان تان پاڻ ۾ پيا وڙهن. هيءَ ڪاهي هنن وٽ ويئي ۽ پڇيائين ته: هي ڇا آهي؟ تڏهن هنن چيو ته: هيءَ اڏندڪٽولي آهي. تڏهن هن چيو ته: اوهين وڙهو ڇو پيا؟ جنهن تي هنن مان هڪڙي چيو ته: هيءَ اڏندڪٽولي منهنجي آهي ۽ هي منهنجا دوست آهن ۽ چون ٿا ته اها اسان کي ڏي. پوءِ هن کين چيو ته: هي تير آءٌ هڻان ٿو، جيڪو اوهان سڀني مان پهريائين کڻي ايندو، اهو اڏندڪٽولي وٺندو. هن تير هنيو ۽ هو ٽيئي اوڏانهن ڀڳا. هيءَ اڏندڪٽولي تي چڙهي ويئي ۽ چوڻ لڳي: هل اڏندڪٽولي جتي ملڪان پري.

جڏهن هيءَ ملڪان پريءَ وٽ پهتي، تڏهن ملڪان پري هن کي چيو ته: تون هتي ڇو آئين؟ تڏهن هن ملڪان پريءَ کي چيو ته: آءٌ نورا وٺڻ آيو آهيان. جنهن تي پريءَ چيس ته: هينئر جو هينئر وڃ نه ته آءٌ توکي ماري ڇڏينديس. پر هن وٽ ڪا اهڙي شيءِ هئي، جو ان کان ٻچ ڪرائي پريءَ کي مار ڪڍايائين، ان تي پريءَ هن کي چيو ته: هاڻي آءٌ توسان گڏ هلان ٿي ۽ مونکي وڌيڪ نه ماراءِ. هيءَ پريءَ کان نورا کڻي ۽ پريءَ کي ساڻ وٺي واپس رواني ٿي.

اڏندڪٽوليءَ تي چڙهي چيائين ته: هل اڏندڪٽولي

وري بہ ڪجهہ جو ڏير ڪرائي، حجام کي ان تي چاڙهي، هيٺان ڪجهہ کي باهہ ڏياري تہ حجام سڙي مري ويو.

هڪڙي ڏينهن هيءَ بازار مان لنگهي تہ ڏسي تہ سندس ڇهرو، سس ۽ مڙس شهزادو ڪاٺيون کڻي هڪڙي دڪان تي ويٺا آهن. دڪان واري هنن کي چيو تہ: ڇٽين آني پري وٺندس. تڏهن هن چيو تہ: پنجين رپئي پري آءٌ وٺندس ۽ هلو منهنجي محلات تي. پوءِ هيءَ هنن کي محلات ۾ وٺي وئي. اتي ڪاٺيون رکائي چيائين تہ: هتي ويهو تہ آءٌ اچان ٿي. ائين چئي زنانا ڪپڙا ڪري وري آئي ۽ چوڻ لڳي تہ: اوهين مونکي سڃاڻو ٿا يا نہ؟ تڏهن چيائون تہ: هائو! تڏهن راڻيءَ شهزادي کي چيو تہ: آءٌ تنهنجي زال آهيان ۽ تنهنجي ئي راڻي محلات ۾ ويٺي آهي ۽ ٽئين ملڪان پري آهي. هاڻي تون اسان جو مڙس آهين ۽ هي مايا ملڪيت مون تنهنجي لاءِ گڏ ڪري رکي آهي. پوءِ بادشاهہ ۽ شهزادي پڇاڙيءَ جي عمر اتي گذاري.

# ٣. گل سفيد پري *

هڪ ڀيري ڪنهن ملڪ جو شهزادو ۽ وزيرزادو شڪار ڪري موٽيا ۽ اچي هڪڙي چاڪيءَ جي ماڙيءَ هيٺان لانگهائو ٿيا. اوچتو شهزادي جي نظر مٿي دريءَ تي وڃي پئي ۽ چاڪيءَ جي ڌيءَ جي صورت ڏسي عقل چرخ ٿي ويس. وزيرزادو، جو سياڻو هو، يڪدم ڳالهه سهي ڪري ويو؛ سو شهزادي کي چيائين ته: شهزادا! اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. اڄ ئي ماڻهو موڪلي چاڪيءَ جي ڌيءَ جو سڱ گهرايون ٿا.

شهزادو گهر پهتو، ڦرندي گهرندي ڳالهه بادشاهه جي ڪن تي وڃي پئي. يڪدم چاڪيءَ کان سڱ گهريو ويو، جنهن چيو ته: آءٌ پنهنجي ڌيءَ کان پڇي پوءِ ورندي ڏيندس. چاڪيءَ جڏهن پنهنجي ڌيءَ کان اِن باري ۾ پڇيو ته ڌيڻس چيو ته: آءٌ شهزادي سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر منهنجا ڪي شرط آهن، جي هن کي منظور ڪرڻا پوندا. منهنجو پهريون شرط هيءُ آهي ته شهزادو، نڪاح پڙهائڻ وقت پاڻ سان قاضي، شاهدن ۽ پنهنجي دوست وزيرزادي کان سواءِ ٻئي ڪنهن به شخص کي وٺي نه ايندو. ٻيو ته شاديءَ جو نت ٺانگر نه ڪندو. ٽيو ته آءٌ پنهنجي ماڙيءَ کان ٻاهر نه وينديس ۽ چوٿون هيءُ ته جڏهن شهزادو هتي ايندو، تڏهن منهنجي چوڻ سان هليو به ويندو. شهزادي اهي سڀ شرط قبول ڪيا. آخرڪار شهزادي ۽ چاڪياڻي جي شادي ٿي.

ٻئي ڏينهن صبح جو، شهزادو ۽ وزيرزادو، چاڪي جي ماڙيءَ تي ويا. ٻانهيءَ هنن کي ماڙيءَ کان ٻاهر رستي تي

---

* هيءَ ڳالهه اُتر (تعلقي اباوڙي) مان فاضل قائمي کان ملي.

هڪ ڪُٽ وڇائي ڏني، جنهن تي هي ٻئي ڄڻا چڙهي ويٺا.
اتي ويٺي ويٺي هُنن کي شام ٿي وئي، پر نه ته چاڪياڻي ٻاهر
نڪتي ۽ نه وري هُنن ڏانهن ڪو مانيءَ ٽڪر ئي موڪليائين.
وزيرزادو ته اڳ ۾ ئي چاڪياڻيءَ جي مغروري ۽ بيپرواهيءَ
تي چڙيل هو، ويتر سندس ڏينهن جي بُک، سو هاڻي ته وڻ ئي
وڃي ويس. شهزادو ته ويچارو سور سهي، مات ڪري پنهنجي
محلات ۾ موٽي هليو ويو، پر وزيرزادو دل ئي دل ۾ ويچارڻ
لڳو ته، آخر ويڌن کهڙي آهي؟ گهڻي سوچ ويچار کان
پوءِ، نيٺ هُن فيصلو ڪيو ته ڪنهن نموني سان چاڪياڻيءَ
جو گهر ڏسي انهيءَ ڳالهه جو انت لهجي.
رات ٿي، هٽُو مٽُو ٿريو ته وزيرزادي به وڃي چاڪي
جي ماڙيءَ جو پاسو ورتو. هُن وٽ هڪ پاليل ڳوهه هئي.
ان جي چيلهه ۾ رسو ٻڌي، ماڙيءَ جي ڀت تي ڪٽي اڇلايائين.
ڳوهه جڏهن پنهنجا چنبا ڀت ۾ پختا ڪيا، تڏهن هو رسيءَ جي
وسيلي مٿي چڙهي ويو. پوءِ ڳوهه کي ٻاهرئين پاسي ڪري،
جاءِ ۾ لهي هڪڙي ڪنڊ ۾ لڪي ويهي رهيو. وزيرزادي
ڏٺو ته چاڪياڻي هڪڙي ڇپرکٽ تي ويٺي آهي ۽ پنهنجي
ٻانهيءَ کي پئي چيائين ته: ڇوري! اڄ ڪاڏي مئي ڇو دير
ڪئي آهي؟ ٻانهيءَ ورائيو ته: سائڻ! ماڇڻ وارو آهي. جهٽ
ڪانه گذري ته هڪڙو ڪاڻو ديو، زوڪٽ ڪري اچي ماڙيءَ
اندر لٿو. چاڪياڻيءَ خار مان ديو کي گهڻو گهٽ وڌ ڳالهايو
۽ هُن ڪان دير ڪرڻ جو سبب پڇيو. ديو چيو ته: اسان جي
سردار 'چمن باد' ديو، اڄ 'گل سفيد' پريءَ جو ناچ ڪرايو
هو؛ سڀئي آتي حاضر هئاسين. ان خوشيءَ ۾ سردار اسان کي
صوفن جو باغ بخشيو. مونکي پنهنجو ڀاڱو هينئر مليو آهي جو پاڻ سان
کڻي آيو آهيان، اِجهو هو ڪنڊ ۾ رکيا آهن. اهو ٻڌي چاڪياڻيءَ
هُن کي معاف ڪيو. ديو ڪجهه وقت رهاڻ ڪرڻ کان پوءِ
واپس هليو ويو. ديو جو هيڏانهن ٽِيڻ ۽ وزيرزادي جو صوفن

کي پاسو ڏيڻ، سيئي سٺا سٺا صوف چونڊي، هڪ هڙ ۾ ٻڌي، ساڳي رستي تان هيٺ لهي وڃي پنهنجي گهر پهتو.

صبح جو وزيرزادو انهن صوفن مان ٻه سٺا صوف کڻي، شهزادي کي وٺي، چاڪي جي ماڙيءَ ڏانهن روانو ٿيو. رستي ۾ شهزادي کي سيکاري ڇڏيائين ته: جنهن وقت اسان کي اتي ويٺي ساعت کن گذري، تڏهن مونکي چئج ته ڪميٽا وزيرزادا، مونکي بک، لڳي آهي، ڪجهه کائڻ لاءِ ڏينم. آءٌ توکي جواب ڏيندس ته پيو ته ڪجهه ڪونهي، البت جَوَنَ جي مانيءَ جو هڪڙو سڪل ٽڪر آهي. حڪم ٿئي ته پيش ڪريان. تون چئج اهو ئي ڏي. چاڪي جي ماڙيءَ وٽ پهچي، هو ٻئي ڄڻا ساڳي کٽ تي ويهي رهيا. گهڙي مس گذري ته شهزادي رڙ ڪري چيو ته: ڪميٽا وزيرزادا! مونکي بک لڳي آهي، ڪجهه کائڻ لاءِ ڏي. وزيرزادي جواب ڏنو ته: قبلا! پيو ته ڪجهه به ڪونهيم، باقي جَوَنَ جي مانيءَ جو سڪل ٽڪر پيو اٿم، حڪم ٿئي ته ڏيان. شهزادي چيو ته: اهوئي ڏي. چاڪياڻيءَ اهو سڀڪجهه مٿي ويٺي ٻڌو، تنهن پنهنجي ٻانهيءَ کي چيو ته: ڏس ته شهزادو ڇاٿو کائي؟ هو ڏانهن وزيرزادي هڪ سٺو صوف کپي، شهزادي کي ڏنو. ٻانهي اهو ڏسي وڃي پنهنجيءَ سائڻ کي ٻڌايو. اهو ٻڌي چاڪياڻيءَ کي ڪاٺي ديو وارا صوف ياد آيا. تنهن ٻانهيءَ کي چيو ته: وڃ، پساڻ وارا راتوڪا صوف ته کڻي اچ. ٻانهي صوف کڻي آئي ته اهي سڀ ڪچا ۽ ساوا هئا. چاڪياڻي ٻانهيءَ کان پڇيو ته: شهزادي وٽ به اهڙا آهن؟ ٻانهيءَ ورندي ڏني ته: نه سائڻ، هنن وارا صوف ته اهڙا آهن جو اسان ڪڏهن ڏٺا به ڪينهن. اهو ٻڌي چاڪياڻيءَ ٻانهيءَ کي حڪم ڏنو ته: تون وڃي شهزادي کان اهو صوف وٺي اچ. ٻانهيءَ وڃي شهزادي کان چاڪياڻي لاءِ صوف گهريا. وزيرزادي چيو ته: اُٿي شهزادا، هل، هڙي ڪميٽي رن کي صوف ڏيڻ کان ڪتن کي ڏيڻ چڱو آهي. ائين چئي هو شهزادي کي وٺي هليو ويو.

تي لڳايل پهرو ڏسجانءِ. ديو ائين ڇٽي مس مس پنهنجي جان ڇڏائي هليو ويو. صبح جو چاڪياڻيءَ پڃرو ٺهرائڻ شروع ڪيو ۽ وزيرزادي رات واري سموري حقيقت وڃي شهزادي کي ٻڌائي.

جنهن رات گل سفيد پريءَ جو ناچ هو، تنهن رات ساجهر ئي شهزادو ۽ وزيرزادو ڳوهه جي ذريعي ماڙيءَ تي چڙهي، انهي پڃري وٽ پهتا ۽ لڪي وڃي پڃري جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيا. ڪجهه دير کان پوءِ ڪاٺو ديو اچي پهتو، تڙ تڪڙ ۾ چاڪياڻيءَ ۽ ان جي ٻانهيءَ کي پڃري ۾ ويهاري وٺي اڏاٿو ۽ وڃي انهيءَ باغ جي ڪنڊ ۾ پڃرو لاٿائين، جنهن ۾ گل سفيد پريءَ جو ناچ ٿيڻو هو. ساعت ٻه ڪان گذري ته ناچ شروع ٿيو. چمن باد تخت تي ويٺو هو ۽ گل سفيد پريءَ سندس اڳيان پٽي ناچ ڪيو. چاڪياڻي ۽ ٻانهي ويهي اهو تماشو ڏسڻ لڳيون، پر وزيرزادي وڃي ڏوڪڙيءَ جو پاسو ورتو، جيڪو ننڊ سبب پورو تال مڪائي نه رهيو هو. وزيرزادي ڏوڪڙيءَ کي چيو ته: چاچا مونکي وارو ڏيندين؟ ڏوڪڙي ته ان ڳالهه لاءِ اڳيئي آتو ويٺو هو، تنهن يڪدم هن کي ڪٽي ڏڪڙ ڏنا. وزيرزادي اهڙا ته ڏڪڙ وڄايا جو گل سفيد مدهوش ٿي وئي. چمن باد به ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪڙو رومال، گل سفيد پريءَ تان گهوري ڪٽي ڏوڪڙيءَ ڏانهن اڇلايو. وزيرزادي، ڏوڪڙيءَ کي لوڏو ڏئي جاڳائي ڏڪڙ سندس حوالي ڪري، شهزادي سميت وري وڃي پڃري ۾ لڪي ويهي رهيو.

ڏڪڙن جو مزو ٽٽو ته ناچ به ڇٽو. مجلس پوري ٿي ۽ چمن باد خوش ٿي ديون ۽ پرين کي ڏاڙهن جو باغ بخشش ۾ ڏنو. ڪاٺي ديو پڃرو کٽي اچي چاڪيءَ جي ماڙيءَ ۾ لاٿو ۽ پوءِ پاڻ واپس موٽي ويو. چاڪياڻي ۽ سندس ٻانهي به وڃي سمهيون ۽ شهزادو ۽ وزيرزادو به ڳوهه جي وسيلي لهي گهر روانا ٿيا.

چمن باد ديو جا جڏهن خمار لٿا، تڏهن پنهنجو رومال

ياد پيس. گل سفيد پريءَ کي گهرائي، ڪانئس ان رومال بابت پڇا ڪيائين، جنهن پنهنجي اڻڄاڻائي ظاهر ڪئي. ڏوڪڙيءَ بہ چيو تہ: الائي ڪير هو، جنهن ڏڪڙ پٽي وڇايا، آءٌ تہ ننڊ ۾ هوس. آخر چمن باد ڪاوڙجي حڪم ڪيو تہ: جي سڀ پريون ۽ ديو مونکي پنهنجو رومال هٿ ڪري نہ ڏيندا تہ سڀني کي قيد ڪيو ويندو. اهو حڪم ٻڌي سڀڪو ڏڪي ويو. پوءِ تہ يڪدم رومال جي ڳولا شروع ٿي وئي.

هوڏانهن وزيرزادي ڇا ڪيو جو پنهنجي ماڙيءَ مٿان پلنگ رکي، اهو رومال وڇائي، تلوار ننگي ڪري، ويهي پهرو ڏيڻ لڳو. گل سفيد پري رومال جي جاچ ڪندي ڳوليندي ڳوليندي جڏهن وزيرزادي جي ماڙيءَ مٿان آئي، تڏهن رومال ڏسي اُتي لهي پئي. وزيرزادي کي چيائين تہ: ڏانءَ تہ اهڙي جو آهين جو چيٽي چيٽي جيڏا داڻا ڪري ڇڏيانءِ. اسان جو جيئڻ ڏکيو ٿي پيو آهي ۽ تون رومال لڪايو ويٺو آهين. وزيرزادي جرات ڪري چيو تہ: ڀلا انهيءَ رومال ۾ رکيو ڇا آهي، جو تون ايتري پريشان آهين؟ گل سفيد پريءَ چيو تہ: توکي خبر نہ آهي تہ هي چمن باد ديو جو قيمتي رومال آهي. هن رومال لاءِ هو سڀ ديو پريون قيد ڪرڻ تي تيار ويٺو آهي. وزيرزادي کلي چيو تہ: واهہ! خسيس رومال ڪري سڀئي اچي مصيبت ۾ پيا آهيو، پر منهنجي بادشاهہ وٽ رڳو پتليون آهن، انهن کي بہ اهڙا ڪپڙا آهن، پر سندن ٻهاريدار بہ اهڙا ڪپڙا پهريندا آهن. تنهنجو چمن باد ديو شايد ڪو سڃو سکڻو آهي! اهو ٻڌي پري عبرت ۾ پئجي وئي ۽ وزيرزادي کي چيائين تہ: تون مونکي اهي پتليون ڏيکار. وزيرزادي چيو تہ: مونکي ٻارهن مهينن جي مهلت ڏي، مان انهن پتلين جو تماشو توکي ڏيکاريندس. تون ڀلي پنهنجي چمن باد کي بہ وٺي اچجانءِ. گل سفيد پري چيو تہ: چڱو، ٻارهن مهينن ڪان پوءِ جي اهو تماشو نہ ڏيکاريئي، تہ هي شهر غرق ڪري

ڇڏيندس. وزيرزادي وعدو ڏنو ۽ پري هلي وئي.

وزيرزادي، شهزادي کي سموري ڳالهه ٻڌائي چيو ته: هاڻي هن رومال جي سنڀال تنهنجي حوالي آهي. جي صحيح سلامت "ٻاون پٽليون" هٿ ڪيم ته واهه، نه ته هن شهر جو به خير ڪونهي. اهو ٻڌي شهزادي کي ته ڏاڍو ڏک ٿيو، پر هاڻي ٿي ڪجهه به نٿي سگهيو.

وزيرزادو، خرزين ٽڪن جي پري روانو ٿيو. ڪيترن مهينن جي ساندهه سفر ڪرڻ کان پوءِ، هڪڙي ڏينهن، هڪڙي وڻ هيٺان اچي سهڙيو. وطن کي ياد ڪري ڳوڙها ڳاڙي وهايائين ته هڪڙي طوطي روئڻ جو سبب پڇيس. هن انهيءَ طوطي کي پنهنجو سربستو احوال ٻڌايو. طوطي چيس ته: مونکي وڌيڪ خبر ڪانهي، باقي ايترو ڄاڻان ٿو ته اهو تماشو اسان جي قبيلي جو هڪ طوطو ڪندو هو. اهو ڏس ٻڌي وزيرزادو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ جتي به ڪي طوطا ڏسندو هو، اتي ويهي روئندو هو. پر ڪيترن ڏينهن تائين ڪنهن طوطي هن کي پڇيو ئي ڪين. هڪ ڏينهن هو جهنگ منهن ڪيو پئي ويو ته ٻن ديون اچي سندس ڪنپٽين کان ورتو ۽ سڌو وڃي پنهنجي سردار وٽ حاضر ڪيائونس. وزيرزادي سمجهيو ته سندس حياتي پوري ٿي چڪي آهي. پر الله ۾ وڏو آسرو هوس. ديون جي سردار حڪم ڏنو ته، هن کي شهزاديءَ جي محلات ۾ ڇڏي دروازو بند ڪري ڇڏيو. وزيرزادو اتي وڃي ڏسي ته هڪ شهزادي، سڪي سڙي پئي آهي، رڳو سندس پيٽ وڏو آهي. ديون جي سردار پنهنجي ديون کي چئي ڇڏيو هو ته جي سياڻي تائين بچي ته واهه، نه ته سندس لاش کي ڪائي ڇڏين. وزيرزادو سياڻو هو، سمجهيائين شايد موت انهيءَ سڪي سڙيءَ جي هٿان نصيب ٿيندو، سو ترار مياڻ مان ڪڍي ڪجهه پريرو ٿي ويهي رهيو. ويرم ڪانه گذري ته شهزاديءَ جو پيٽ وڌڻ لڳو. ايستائين جو نڪ سان اچي لڳس، هيءُ مڙس به حيري بيٺو. شهزاديءَ

جي وات مان هڪ نانگ نڪتو ۽ وزيرزادي تي سٽ ڪيائين، هيءَ به خبردار ٿي بيٺو ۽ ڇال هڻي اهڙي ترار هنيائينس جو نانگ جي ڦڻ وڃي پري پئي. هن نانگ ڪٽي هڪ ڪنڊ ۾ رکيو ۽ پاڻ هڪ کٽ تي لت ڏيئي سمهي رهيو. جڏهن صبح ٿيو تڏهن ديون اچي در کوليو ۽ شهزاديءَ کي خوش ڏسي وڃي پنهنجي سردار کي ٻڌايائون. ديون جي سردار وزيرزادي کي حڪيم سمجهي گهڻي عزت ڏني ۽ پنهنجي ڌيءَ جي تندرستيءَ بابت ڪانئس پڇا ڳاڇا ڪرڻ لڳو. وزيرزادي ديون جي سردارن کي چيو ته: مونکي پندرهن ڏينهن جو کاڌو پيتو ۽ ٻيو سامان ملي ۽ پندرهن ڏينهن تائين شهزادي جي محلات جو دروازو به نه کوليو وڃي. ديون جي سردار هن جي چوڻ جو يڪدم پورائو ڪيو.

ديو جي ڌيءَ جي ڪمزوري ختم ٿي. هوءَ هاڻي چڱيءَ طرح گهمي ڦري ٿي سگهي. وزيرزادي ان ديوزاديءَ کي پنهنجي ڀيڻ ڪري سڏيو. جڏهن ديوزاديءَ هن کان حال احوال پڇيو، تڏهن هن سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس. ديوزاديءَ چيس ته: اهڙو طوطو برابر آهي، پر ان کي منهنجي پيءُ قيد ڪري ڇڏيو آهي. نه طوطو ٻاون پتلين جو تماشو ٿو ڏيکاري ۽ نه وري بابو به آزاد ٿو ڪريس. تو مونکي چڱو ڀلو ڪيو آهي، منهنجو پيءُ ضرور توکي انعام ڏيندو. تون ٻيو ڪجهه به نه گهرج، رڳو اهو طوطو گهرجئين. جي ڀاڳ چڱو هوندءِ ته طوطو ملندءِ؛ ۽ جي قسمت ڀليري هوندءِ ته پوءِ بابو بندي مروڙي ڇڏيندءِ. پندرهن ڏينهن پورا ٿيا ته ديون جي سردار هنن جو دروازو اچي کوليو. پنهنجي ڌيءَ کي بلڪل ڇاق چوبند ۽ خوش ڏسي، پاڻ به نهايت خوش ٿيو ۽ ان خوشيءَ ۾ هڪڙو تمام وڏو جشن ڪيائين. سردار وزيرزادي کي چيو ته: گهُر، جيڪي گهرڻو هجئي. وزيرزادي عرض ڪيو ته: سائين! مونکي اهو طوطو کپي جيڪو تو وٽ قيد

آهي. سردار اهو ٻڌي ڪاوڙجي ويو ۽ خار مان چيائينس ته: انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃ نه ته منڊي مروڙي ڇڏيندوسانءِ. وزيرزادي به همت ڪري چيو ته: سائين! منڊي ڀلي مروڙ، پر وٺندس ته اهو طوطو وٺندس. سردار چيس ته: مون وعدو ڪيو آهي ته جيستائين طوطو تماشو نه ڏيکاريندو، تيستائين ڪيس ڪونه ڇڏيندس؛ تنهنڪري تون اهو ضد نه ڪر، باقي ٻيو جيڪي وٺڻي سو گهر. وزيرزادي چيس ته: سائين، ٻيو الله جو ڏنو سڀڪجهه اٿم، جي ڏين ته اهو طوطو ڏي. سردار ٿڌو شوڪارو ڀري، ديون کي حڪم ڪيو ته: طوطو هن کي آڻي ڏيو ۽ جتي چوي اتي ڇڏي اچوس. پوءِ وزيرزادي کي ٻيو به گهڻو انعام ڏنائين. وزيرزادو طوطو کڻي موڪلائي پنهنجي وطن روانو ٿيو. ديو هن کي کڻي هڪڙي هنڌان لنگهيا ته طوطي جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. وزيرزادي طوطي کان جڏهن روئڻ جو سبب پڇيو، تڏهن طوطي ٻڌايو ته: هيءَ منهنجي جُوءِ هئي ۽ هتي آءٌ سڄو ڏينهن گهمندو ڦرندو وتندو هوس. اهو ٻڌي وزيرزادي کي طوطي تي رحم اچي ويو ۽ کيس پڃري مان ڪڍي ڇڏيائين ۽ چيائينس ته: تون ته وڃي سگهيو ٿي، اسان جو ڀاڳ اسان سان. طوطو خوش ٿي اڏامي ويو، پر ڪجهه پرڀرو وڃي، ڪجهه ويچاري وري وزيرزادي وٽ موٽي آيو ۽ هن کان پڇيائين ته: اها ڳالهه ٻڌاءِ ته تو مونکي ڪهڙي سبب ديو کان آزاد ڪرايو هو؟ وزيرزادي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس. طوطي چيس ته: ديون کي حڪم ڪر ته تنهنجو تخت هيٺ رکن. ديون وزيرزادي جي حڪم ڪرڻ تي تخت کي هڪڙي وڻ هيٺان لاٿو، پوءِ هن وزيرزادي کي چيو ته ٻاونجاهه لڪڙيون ڀچي وٺ. طوطي جي چوڻ تي هن جهٽ پٽ ٻاونجاهه لڪڙيون ڀچي ورتيون ۽ ان جي حڪم سان ٻاونجاهه مٽيءَ جون ڍِڳيون پڻ بنايائين ۽ هر هڪ ڍِڳيءَ ۾ هڪ هڪ ڪاٺي کوڙيائين. ان کان پوءِ طوطي سڀني کي

پنهنجون اکيون ٻوٽڻ لاءِ چيو. وزيرزاديءَ سيني ديون طوطي جي چوڻ مطابق پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ جڏهن هنن وري طوطي جي چوڻ تي پنهنجون اکيون کوليون ته سڀ لڪڙيون گم ٿي ويون. جهٽ ڪانه گذري ته هڪ ٻهاريدار اچي ميدان صاف ڪرڻ لڳو. وزيرزادي ڏٺو ته هن کي اهڙا ئي ڪپڙا هئا جهڙو چمن باد ديو جو رومال هو. وري ويرم ڪانه گذري ته هڪڙو پکالي اچي پهتو ۽ ڇٽڪار ڪرڻ لڳو، اُن کي به ساڳئي رومال جهڙي پوشاڪ پيل هئي. ان بعد طبلچي ۽ سارنگي وارا آيا، جن کي به ساڳئي قسم جي پوشاڪ پهريل هئي. پوءِ ناچي ناچ شروع ٿيو، جو گهڻي وقت تائين هليو. وزيرزادي کي پڪ ٿي ته اهڙو ناچ اڄ تائين گل سفيد پري ته ڇا، پر ڪنهن کي به ڏسڻ نصيب نه ٿيو هوندو. آخر ناچ ختم ٿيو ۽ سڀ پتليون اڏامي هليون ويون. طبلچي، سارنگي وارو ۽ ماشڪي به هليا ويا. طوطي انهن کي وري پنهنجون اکيون ٻوٽڻ لاءِ چيو. اکيون ٻوٽي وري کوليائون ته ٻاونجاهه لڪڙيون ميدان ۾ موجود هيون. طوطي وزيرزادي کي چيو ته: هي لڪڙيون پاڻ سان کڻي وڃ ۽ مون وانگر وڃي پتلين جو تماشو ڪجئين.

وزيرزادو اهي ٻاونجاهه ئي لڪڙيون پاڻ سان کڻي، ديون جي مدد سان وڃي گهر پهتو. اتي ڏسي ته شهزادو ويچارو اڃا تائين رومال تي خود پهرو ڏئي رهيو آهي. شهزادي جڏهن پنهنجي دوست وزيرزادي کي صحيح سلامت موٽي آيل ڏٺو، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سندس ڪاميابيءَ تي کيس تمام گهڻيون مبارڪون ڏنائين. وزيرزادي کيس چيو ته: هاڻي وڃي عيش ڪر، اسان ڇاڙون اسان جو ڪم.

اڃا ٻارهن مهينن ۾ اٺ ڏينهن پيا هئا ته گل سفيد پري وري اچي رومال وٽ لٿي ۽ وزيرزادي کي پتلين جي تماشي ڏيکارڻ لاءِ سندس ڪيل واعدي جي يادگيري ڏياري.

وزيرزادي چيس ته: وقت تي سڀڪجهه ٿي ويندو. آخر واعدي جي ڏينهن به اچي ويو. ڪوهن ۾ ميدان صاف ٿي ويو ۽ سڄو شهر انهن پتلين جي تماشي ڏسڻ خاطر اچي گڏ ٿيو. ديو ۽ پريون به هڪ وڏي ڪٽڪ جي صورت ۾ چمن باد ۽ گل سفيد سان گڏ تماشو ڏسڻ لاءِ آيون. چاڪياڻي به پنهنجي ٻانهيءَ سميت هڪ ڪنڊ ۾ اچي ويٺي. شهزادي جي ڪٽ جي پرسان گل سفيد ۽ چمن باد جي ڪٽ پيل هئي. تماشو شروع ٿيو. وزيرزادو جڏهن ٻاونجاهه لڪڙين کي ميدان ۾ ڪوڙڻ لڳو ته سڀ ماڻهو ان کي مذاق سمجهڻ لڳا. ديو ۽ پريون به ڪاوڙ وچان آڀري آيون؛ پر ٿوريءَ دير بعد جڏهن ٻهاريدار اچي لٿو، تڏهن ان جا ڪپڙا ڏسي، ديون ۽ پرين جا ته ڏند ئي ڇپن سان لڳي ويا. وري ماشڪيءَ کي به ساڳي پوشاڪ پهريل ڏٺائون. نيٺ سڀ پتليون اچي ويون ۽ تماشو شروع ٿي ويو.

چمن باد ديو جڏهن ٻاون پتلين جو عجيب و غريب ناچ ڏٺو، تڏهن موج ۾ اچي گل سفيد پريءَ جي چيله ۾ هٿ وجهي، اها ڳهوري ڪٺي شهزادي ڏانهن اڇلائي. شهزادي به ڪٺي گل سفيد کي پنهنجي پاسي ۾ ويهاريو. آخر تماشو پورو ٿيو ۽ پتليون اڏامي گم ٿي ويون. وزيرزادي سڀ لڪڙيون ميدان مان ميڙي، پاڻ وٽ قابو ڪري رکيون. جڏهن چمن باد ديو جا هوش حواس جاءِ ٿيا تڏهن گل سفيد پريءَ کي پاڻ ڏانهن سڏ ڪيائين. گل سفيد پريءَ اتان ئي چيس ته: تو مونکي ڳهوري شهزادي کي ڏنو آهي، هاڻي مان شهزادي جي آهيان. چمن باد ديو گهڻو ئي چيو، پر سڀني ڪيس سڏي سڏي ٻڌائي. جڏهن سڀ ديو ۽ پريون موٽي ويون تڏهن شهزادو به گل سفيد پريءَ کي پاڻ سان وٺي محلات ڏانهن وڃڻ لڳو. هي ٻئي جڏهن چاڪياڻيءَ وٽ پهتا، تڏهن چاڪياڻيءَ شهزادي کي عرض ڪيو ته: مونکي به پاڻ سان وٺي هل، پر وزيرزادو، جيڪو پٺيان پئي آيو، تنهن چيس ته: هل ڙي هل، تو

جهڙي نيلم جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ تون وڃي ڪاٺا ڳول! چاڪيائي اهو ٻڌي، منهن مٿو پٽيندي گهر هلي وئي ۽ شهزادو گل سفيد پريءَ سان شادي ڪري عيش مائڻ لڳو.

# ۴٠ پيترول پري *

ڪنهن زماني ۾ هڪڙو بادشاهه هو، جنهن کي اولاد ڪونه ٿيندو هو. ڪئين پير فقير پڇيائين پر سندس دل جي مراد پوري ڪانه ٿي، نيٺ هڪڙي ڏينهن شهر جي ٽيوالي تي منجي اونڌي ڪري وڃي سمهي پيو. خدا جي قدرت سان اتان هڪڙو فقير اچي لانگهائو ٿيو، جنهن هن کي چيو ته: اي شخص! رستو ڏي ته لنگهي وڃان. بادشاهه چيس ته: فقيرا منهنجي مٿان لنگهي وڃ. فقير چيس ته: ائين ڪو ٿيندو! ڀلا ٻڌاءِ ته توکي ڪهڙي تڪليف آهي، من آءٌ تنهنجي مدد ڪري سگهان. پر بادشاهه چيس ته: تون ان ڳالهه کي ڇڏي ڏي، پنهنجو دڳ وٺ. فقير، بادشاهه تي ڏاڍو زور رکيو ته دل جو حال ٻڌاءِ. آخر بادشاهه چيس ته: آءٌ دل جو حال ان کي ٻڌائيندس، جيڪو منهنجي مراد پوري ڪندو. فقير چيس ته: خدا تي رک تنهنجو ڪم ٿيندو. تنهن تي بادشاهه سچي حقيقت فقير کي ٻڌائي. فقير ڳالهه ٻڌي ڪجهه وقت ٻڏي ويو، ساعت رکي وراڻيائين ته: توکي اولاد ڄمندو، پر هو اڃا پيٽ ۾ ئي هوندو ته تون مري ويندين، تنهنجي مرڻ کان پوءِ تنهنجي گهر ۾ رکيل دنيا ٻه ٽڪر پتر ٿي ويندي. جيڪڏهن اِها ڳالهه قبول ڪرين ته آءٌ توکي دعا ڪريان. بادشاهه فقير کي چيو ته: مونکي تنهنجا شرط قبول آهن. تنهن تي فقير ڌڻيءَ جي درگاهه ۾ بادشاهه لاءِ دعا گهري، جا قبول پئي.

ڪن ڏينهن کان پوءِ راڻي اميد واري ٿي. اڃا ڪيس نائون مهينو هو ته بادشاهه مري ويو، ۽ سندس سڀ دنيا

---

* هيءَ ڳالهه آتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق کان ملي.

سڙي ٽڪر ِپتر ٿي وئي. ڏهن مهينن گذرڻ تي راڻيءَ کي پٽ ڄائو، پر هن وٽ پئسو وغيره ڪجهه ڪونه بچيو هو، تنهنڪري کيس ڀورهيو ڪري پيٽ پالڻو پيو. شهزادو اڄ ننڍو سڀاڻي وڏو، اچي جوان ٿيو. سو روز صبح جو رسو ۽ ڪهاڙي کڻي ٻيرواري ٻيلي ۾ ڪاٺين ڪرڻ لاءِ ويندو هو، جيڪي وڪڻي ٻئي ڄڻا ماءُ پٽ گذران ڪندا هئا. ٻيلي ۾ ٻيا به ڪاٺير ڇوڪرا ايندا هئا، تن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته، هي بادشاهي ٻار آهي، متان ڪنهن وقت اسان کي ڪاٺين ڪرڻ کان منع نامون ڏياري، تنهنڪري ڪا تجويز ڪري هن جو اچڻ بند ڪجي. اها صلاح ڪري شهزادي کي چيائون ته: شهزادا! تنهنجي پيءُ جون ست ڪوٺيون ناڻي جون ڀريون پيون آهن، تنهنجي ماءُ توکي اتان رقم نٿي ڏئي ۽ تو جهڙي شهزادي کي ڪاٺيون ٿي ڪرائي. شهزادي اچڻ سان ماءُ کان خزاني جي ڪوٺين جون ڪنجيون گهريون. تنهن تي ماڻس چيس ته: ابا! اها ساري دنيا ٽڪر پتر ٿي وئي آهي. پر هن اعتبار نه ڪيو ۽ ڪانئس ڪنجيون ورتي، وڃي پنهنجي اکين سان ڏٺائين.

ٻئي ڏينهن شهزادو وري به رسو کڻي ڪاٺين ڪرڻ لاءِ ٻيلي ۾ ويو ته وري ڪاٺيرن ساڳيو طعنو هنيس. جنهن تي هن کين جواب ڏنو ته: ادا! بابي واري اها سموري دنيا ٽڪر پتر ٿي وئي آهي. ڇوڪرن چيس ته: جي اها دنيا ٽڪر پتر ٿي وئي ته ڇا ٿيو. تنهنجي پيءُ جون ڪيترن واپارين وٽ ڏراوتون رکيل آهن، جيڪڏهن تون انهن سان وڃي حساب ڪتاب ڪرين، ته به تنهنجا لکها روپيا انهن ڏانهن نڪرندا. ٻئي ڏينهن شهزادو ماءُ کان ٻنديون وٺي واپارين سان حساب ڪتاب ڪرڻ ويو، پر خدا جي قدرت جنهن سان به ليکو ڪري ته پاڻ تنهن جا پئسا بادشاهه ڏانهن ٻڌايا پيا نڪرن. اتان به نااميد ٿي واپس آيو.

وري ٻه شهزادو رسو ڪٽي جهنگ ۾ ڪاٺين لاءِ ويو، اتي ڪاٺيرن شهزادي کان حقيقت پڇي. شهزادي کين سچي ڳالهه ڪري ٻڌائي. تنهن تي انهن چيو ته: فلاڻي بادشاهه ڏي تنهنجي پيءُ جي ڏيل رهيل آهي، اُهائي لکين رپيا ٿيندي، جي اها وصول ڪرين ته ٻه چڱو.

ٻئي ڏينهن شهزادي ماءُ کي چيو ته: آءٌ فلاڻي بادشاهه کان ڏيل اُڳاڙڻ ٿو وڃان، مونکي موڪل ڏي ته ٿي اچان. ماءُ ڇڏيس ئي نه پئي، پر شهزادو به پنهنجي ڳالهه تان نه لٿو. نيٺ ماڻس کيس وڃڻ جي اجازت ڏني ۽ واٽ لاءِ کيس چار مانيون پچائي ڏنيون، جي هن ٻڌي پاڻ وٽ سو گهيون ڪيون.

ماءُ کان موڪلائي ٿو ڪلائي آتي پنڌ پيو، هلندي هلندي جڏهن پهرين منزل تي پهتو، تڏهن اتي ترسي ساهي کنيائين ۽ ماني کڻي ڪاڍڻ وارو هو ته ڪو فقير ازغيبي اچي اتي ظاهر ٿيو ۽ کيس چيائين ته: ڇوڪرا! بکيو آهيان ماني ڏي. شهزادي اڌ مانيءَ جو ڏنس پر فقير اڌ ماني قبول نه ڪئي. جنهن تي هو سڄي ماني فقير کي ڏئي، پاڻ جهڙو هو تهڙو اُٿي پنڌ پيو. هلندي هلندي اچي ٻيءَ منزل تي پهتو، اتي به ساڳيءَ طرح ماني کائڻ مهل هڪڙو فقير اچي پهتو ۽ سڄي ماني وٺي رمندو رهيو ۽ هيءَ ويچارو بکيوئي رهيو. ساڳيءَ طرح ٽئين منزل تي به فقير اچي نڪتو جنهن کي هن ازخود سڄي ماني ڏني. قصو ڪوتاهه چوٿين منزل تي باقي رهيل ماني به هڪ فقير کي ڏئي پاڻ بکن ۾ ڦاهه ٿيندو اچي انهيءَ بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ پهتو.

شهزادو ويچارو ڪنهن جو واقف ڪونه هو، تنهنڪري جُتين واري جاءِ وٽ اچي ويهي رهيو. جڏهن ڪچهري پوري ٿي ته هر هڪ کي جُتي سنئين ڪري ڏيندو ويو. اوچتو مٿس بادشاهه جي نگاهه پئي، سو پڇيائين ته: هيءُ ڇوڪرو ڪير آهي؟ جنهن تي ڇوڪري ٻڌايس ته: بادشاهه سلامت! آءٌ

فلاڻي بادشاهه جو پٽ آهيان ۽ تو سان ملڻ آيو آهيان. بادشاهه کي هن تي ڏاڍي ڪهل آئي ۽ حڪم ڏنائين تہ: شهزادي کي هڪ ڪمرو وهنجاري بادشاهي مهمان سراءِ ۾ رهايو. شهزادي اتي ٻہ ٽي ڏينهن رهي ڏاڍا ٿڪ لٿا ۽ پوءِ بادشاهه کان موڪلايائين. بادشاهه هن کي نقط چار سؤ رپيا ڏنا، جي کڻي شهزادو واپس موٽيو.

ٻئي منزل تي ڏسي تہ هڪڙو جوڳي، نانگ کنيو در در تان پيو خيرات وٺي ۽ جي وري ڪنهن ڪيس خيرات نٿي ڏني تہ وري نانگ کي ٿي مارايائين، انهي ڪري تہ جيئن گهڻي خيرات ملي. شهزادي کي نانگ تي ڏاڍو رحم آيو، سو جوڳي کان پڇيائين تہ: جوڳي! نانگ وڪڻندين؟ جوڳي وراڻيو تہ: هائو، سؤ رپيا نانگ جو ملهہ اٿئي. شهزادي يڪدم سؤ رپيا جوڳي کي ڏئي نانگ خريد ڪيو ۽ اڳتي روانو ٿيو. ٽئين منزل تي وري هڪڙو طوطو سؤ رپين ۾ خريد ڪيائين. اهڙيءَ طرح باقي ٻہ سؤ رپيا، نانگ ۽ طوطو کڻي اچي گهر پهتو ٿيو. جتي باقي ٻن سون مان هڪڙو پلو گهوڙو ورتائين ۽ باقي پيسا ماءُ کي ڏنائين. قدرت خدا جي اهڙي ٿي جو ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ سندس پيءُ واري ملڪيت جا ٽڪر پتر ٿي وئي هئي، سا اصل صورت ۾ اچي وئي، پوءِ تہ هي ماءُ پٽ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ڏاڍي آرام سان رهڻ لڳا.

نانگ ۽ طوطو شهزادي جا وفادار دوست بنجي ويا هئا، هڪڙي ڏينهن نانگ شهزادي کي چيو تہ: شهزادا! تنهنجي حياتي خطري ۾ آهي، تنهنڪري اڄ کان پوءِ جيڏانهن وڃين، تيڏانهن مون کان موڪل وٺي پوءِ وڃج. شهزادي سندس اها ڳالهہ مڃي، ۽ پوءِ جيڏانهن بہ ويندو هو تيڏانهن نانگ کان پڇي پوءِ ويندو هو.

هڪڙي ڏينهن شهزادي دل ۾ خيال، ڪيو تہ، آءٌ کو نانگ جو نوڪر ڪونہ آهيان، تنهنڪري هاڻي کانئس

ماڙيءَ جو اولڙو شهزاديءَ جي محلات ۾ پئي پيو. جنهن پنهنجي ٻانهيءَ کان پڇيو ته: اهو اولڙو ڇا جو آهي؟ ٻانهي دري کولي ڏسي ته مار! سونين سرن سان ماڙي تيار بيٺي آهي! پوءِ رڙ ڪري شهزاديءَ کي چيائين ته: شهزادي! اڄ تنهنجو خير ڪونهي، ماڙي ٺهي تيار ٿي وئي آهي، هاڻي تو کي شادي ڪرڻي پئي. پوءِ انجام موجب شهزاديءَ ساڻس شادي ڪئي. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ آتان موڪلائي، ڪنوار سميت پنهنجي ملڪ موٽي آيو.

آتي شهزادو، شهزاديءَ سان منهن ڏئي نه ڳالهائي... شهزادي ڏاڍي ششدر ٿي. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. نيٺ هڪڙي ڏينهن راتيءَ کيس چيو ته: هيترا ڪشالا ڪري مونکي وٺي آيو آهين، پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو مون سان ڳالهائين به نه ٿو، جيڪڏهن آءٌ تو کي نٿي وڻان ته وڃي پيترول پريءَ سان وهانءُ ڪر. شهزاديءَ جو ايترو چوڻ ۽ شهزادي جو ٻر ٽيڻ، چي: هاڻي جي پرنبس ته اها پيترول پري، نه ته ائين ئي چڱو آهيان. شهزادي چئي ته وڃي پر پوءِ اچي مڃي، پوءِ ته ڪيتريون ئي منٿون ڪيائينس پر شهزادو پنهنجي ڳالهه تان ڪونه لٿو، سهي سنهري گهوڙي تي چڙهي پيترول پريءَ جي ڳولا ۾ روانو ٿيو. وڃڻ کان اڳ ماءُ کي ٻڌائي ويو ته جيڪڏهن اڳڻ ۾ لڳل نم سڪي وڃي ته سمجهجائين ته منهنجو خير نه آهي، پوءِ منهنجي طوطي کي پڃري مان ڪڍي ڇڏج، اهو پاڻهي اچي منهنجي مدد ڪندو. ائين چئي موڪلائي اٿي هليو. ڀڄائيندو ڀڄائيندو اچي جبلن وٽ پهتو، تنهنڪري گهوڙي کي اتي ڇڏي، پيرين پيادو جبل تي چڙهڻ لڳو. اڃان ٿورو پنڌ مس ڪيائين ته کيس چار شخص گڏيا، جيڪي پنهنجي آڏو ڪپڙي، ديگڙو، ڏنڊي ۽ سيلهي ۽ اڏندکٽولي رکيو پئي وڙهيا. هيءَ

وڏي وٺن ويو ۽ ڪانئن وڙهڻ جو سبب پڇيو. جنهن تي ڪڙي ڪيس ٻڌايو ته: اسان جو جهيڙو هن ڪپڙي تان آهي، جنهن ۾ هي تاثير رکيل آهي ته جيڪڏهن هن ۾ پاڻي وجهي ڪنهن مئل ماڻهو کي پيارجي ته اهو جيئرو ٿي پوندو. تنهن تي شهزادي ڪانئن پڇيو ته: باقي هي ٻي شيون ڪهڙي ڪم جون آهن؟ جنهن تي هنن ڪيس ٻڌايو ته: دېگڙي جي خاصيت هيءَ آهي ته ڪنهن به وقت تي هن ڪان دل گهُريو طعام گهريو ته ملندو. جيڪڏهن ڪنهن دشمن کي قيهه ڪڍائڻي هجي ته هن ڏنڊي ۽ سيلهي کي چئبو ته وٺ! پوءِ ايستائين ڪونه ڇڏيندي، جيستائين مالڪ هن کي بس ڪرڻ جو حڪم نه ڏيندو، ۽ هن اڏند کٽولي ۾ اها خاصيت آهي ته جنهن به پاسي چئبس ته هلي اتي ڇڏيندي. پر هرڪو چئي ٿو ته ڪپڙي مونکي ملي. هاڻي تون اسان جو امين آهين، جيڪو تون فيصلو ڪندين سو اسان کي قبول آهي. شهزادي چين ته: آءٌ تير اڇلايان ٿو، جيڪو اڳ ۾ اهو تير آڻيندو، ان کي ڪپڙي ملندي. انهن ڇئي زور سان وڏي تير اڇلايائين. چارئي ڄڻا انهيءَ تير جي پٺيان ويا، شهزادي ڇا ڪيو جو سڀ شيون کڻي، اڏند کٽوليءَ تي چڙهي چيو ته: هل اُتي جتي پيٽرول پريءَ جو ملڪ آهي. شهزادي جو ايترو چوڻ ۽ اڏند کٽوليءَ جو اُڏامڻ. چئن شخصن جو اهو ڏٺو سي ته منهن مٿو پٽيندا رهجي ويا.

شهزادو ساعت ڪن ۾ اچي پيٽرول پريءَ جي ملڪ ۾ پهتو. شهزادي ڏٺو ته اتي تمام وڏا ٻيلا آهن، تنهنڪري منجهي پيو، وري نانگ ياد آيس، سو نانگ کي مدد لاءِ سڏ ڪيائين جيڪو يڪدم اچي حاضر ٿيو ۽ ڪانئس سڏائڻ جو سبب پڇيائين. جنهن تي هن نانگ کي سڄو احوال ٻڌايو. نانگ ڳل ڦوڪي پاڻ مان مڻ ڪڍي ڏني ۽ چيو ته: شهزادا! جيڪڏهن هيءَ مڻ سڄي هٿ سان گهي آهو هٿ ڪنهن به ماڻهو کي لائي، جيڪو جانور چوندين سو ٿي پوندو. وري ڏائي هٿ سان



...'شهزادو اُڏندڙ کٽولي تي ويهي اُڏاڻو، ۽ هي چارئي يار
منهن مٿو پٽيندا رهجي ويا' ... (ص ٦١)

گهي آهيو ان کي لائيندين ته وري اصلي شڪل ۾ اچي ويندو. شهزادي مڻ ورتي، نانگ کي اجازت ڏني ۽ سڄي هٿ کي مڻ لائي چيو ته، ٻولڙي ٿيان. ٿوري دير ۾ ڏسي ته پاڻ ٻولڙو ٿي پيو آهي، پوءِ ته گهڙي ڪن ۾ ٻيلا لتاڙي ڀيو ۽ وڃي پيترول پريءَ جي شهر ۾ پهتو ۽ اتي ٻئي هٿ کي مڻ گهي لائي پاڻ تي لاٿائين ته ساڳيو ماڻهو ٿي پيو.

شهر ۾ هڪڙي ڪراڙي جو گهر ڏسي هي ان ۾ گهڙي ويو ۽ ماسي ماسي ڪري وڃي ساڻس مليو. ڪراڙي چيس ته: تون وري ڪڏهن منهنجو ڀائيجو ساماڻو آهين؟ پر هن جڏهن کيس مٺ ناڻي جي ڀري ڏني تڏهن يڪدم راضي ٿي پئي ۽ کيس رهڻ جي اجازت ڏني. شهزادو ڇا ڪندو هو جو روز ديڳڙي مان سٺا سٺا طعام ڪڍي، پاڻ به کائيندو هو ۽ پوڙهيءَ کي به کارائيندو هو.

شهزادو روز رات جو اڏندکٽوليءَ تي چڙهي، پيترول پريءَ جي محل ۾ ويندو هو ۽ اتي پريءَ جي کٽ تي ڪانءَ ڪا نشاني رکي ايندو هو. پيترول پري روز اهي نيون نيون ڏسي ڏاڍي حيران ٿيندي هئي، نيٺ هڪڙي ڏينهن پنهنجي پيءُ کي انهي ڳالهه جي دانهن ڏنائين. بادشاهه پٽي ٻانهيون پهري تي رکيون ۽ انهن کي حڪم ڪيائين ته: جڏهن چور اچي ۽ جي اوهين ان کي پڪڙي نه سگهو ته فقط هيءَ خوشبوءِ سندس ڪپڙن تي هڻي ڇڏجو، پوءِ آءٌ پاڻهي ان جو بندوبست ڪندس. خير، ٻانهيون پهري تي وڃي ويٺيون.

دستور موجب شهزادو اڏندکٽولي تي چڙهي اچي محلات ۾ پهتو، پهرين ته ٻانهين کيس پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوءِ جڏهن کيس پڪڙي نه سگهيون تڏهن سندس ڪپڙن ۾ ڪٿوري هڻي ڇڏيائون. شهزادو به جند ڇڏائي اچي گهر ڪان نڪتو ۽ ٻانهين جي سڄي حرفت سمجهي، ڇا ڪيائين جو يڪدم اهي ڪپڙا لاهي پوڙهيءَ کي ڏنائين ته: ڌوٻيءَ کي ڏيئي اچ ته

رات وچ ۾ ڌوئي ڏئي. پوڙهي ڪپڙا وڃي ڌوٻيءَ کي ڏئي آئي.

ڌوٻيءَ هڙا نوان، اڇا ۽ خوشبودار ڪپڙا ڏٺا سو خيال ڪيائين اڄ ته پائي مزو وٺان پوءِ سياٽي ڪٽي ڌوئي ڏيندس. سو شهزادي جا اهي ڪپڙا ڀري گهڻ لاءِ ٻاهر نڪتو، ٻاهر ته اڳئي بادشاهي سپاهي پٺي ڦريا، تن جو ڌوٻيءَ کي خوشبودار ڪپڙا ڀريل ڏٺا، سو ڪٽي سو گهو ڪيائونس، چي: هل چور جا پٽ، تون ٿو بادشاهه جي محلات ۾ چوريءَ ڪهين. ڌوٻي ويچاري گهٽيون ڏي: دانهون ڪوڪون ڪيون، پر ڪنهن ٻه سندس ڪانه ٻڌي، سڌو آڻي بادشاهه وٽ حاضر ڪيائونس. بادشاهه ڌوٻيءَ کان پڇيو ته: هي ڪپڙا تنهنجا آهن؟ ڌوٻيءَ چيو ته: جيئندا قبلا! هي ڪپڙا منهنجا ڪونهن، پر مونکي فلاڻي پوڙهي ڌوئڻ لاءِ ڏئي وئي آهي، ان وٽ ڪو چور هوندو، باقي مونکي ڪاٻه سڌ ڪانهي. بادشاهه يڪدم ان پوڙهيءَ کي گهرايو، ۽ ڪانئس پڇا ڪئي. جنهن تي پوڙهيءَ چيو ته: سائين! برابر مون وٽ هڪڙو مهمان رهندو آهي، مونکي انهي ڪپڙا ڏنا هئا. بادشاهه يڪدم پوڙهيءَ سان پنهنجا ماڻهو موڪليا، جن وڃي شهزادي کي ٻڌو. شهزادي وڃڻ کان اڳي پوڙهيءَ کي چيو ته: منهنجن هنن چئن شين جي ٻارت هجيئي، ۽ جڏهن مونکي ڦاهي ڏيئي ڇڏين، تڏهن تون مزور ڪري يڪدم منهنجو لاش ڪٺائي هت اچج ۽ ڪپڙيءَ ۾ ٻاڻي وجهي مونکي پيارج ته آءٌ جيئرو ٿي پوندس.

خير، شهزادو بادشاهه وٽ حاضر ٿي ڏوهه جو قبولدار ٿيو، جنهن تي هن کي موت جي سزا جو حڪم مليو ۽ ڦاهيءَ ڏئي سندس لاش پوڙهيءَ جي حوالي ڪيو ويو، جنهن اڳ ۾ ئي مزور تيار ڪري بيهاري ڇڏيا هئا. شهزادي جو لاش ڪٺائي گهر آئي ۽ ڪپڙيءَ جو ٻاڻي پياريائينس ته يڪدم جيئرو ٿي پيو.

هڪڙي ڏينهن شهزادي پوڙهيءَ کي ڀولڙي بنائي ۽

پاڻ پولڙائي ٻڍي پوڙهيءَ کي شهر ۾ نچائڻ لڳو، سڄو ڏينهن
نچائي تماشو ڪري شام جو موٽي گهر وٺي ايندو هوس ۽
ٻيو هٽ گهمائي ماڻهو ڪري ڇڏيندو هوس. انهيءَ تماشي
مان جيڪي پئسا ملندا هئس سي سڀ پوڙهيءَ کي ڏئي ڇڏيندو
هو، جنهنڪري پوڙهي به انهيءَ ۾ خوش هئي. آخر سندن ناچ
جي هاڪ سڄي ملڪ ۾ پکڙجي وئي، جڏهن پيترول پريءَ جي
ڪن تائين پولڙيءَ جي ناچ جي هاڪ پهتي، تڏهن هن پيءُ
کي چيو ته: مونکي به پولڙيءَ جو ناچ ڏيکاريو. بادشاهه
يڪدم پولڙائيءَ کي گهرائي چيو ته: منهنجي ڌيءَ کي اهو
ناچ ڏيکار. پولڙائيءَ عرض ڪيو ته: بادشاهه سلامت! منهنجي
پٺيان ٻار ۽ ماڻهو ٿا هلن، جن کان پولڙي ٿهي ٿي، ۽ مزي
جهڙو ناچ نٿي ڪري. پر جيڪڏهن انهن ماڻهن کي روڪيو
ته پوءِ آءٌ ناچ ڏيکاريندس. بادشاهه سندس اها ڳالهه قبول
ڪئي، ۽ پيترول پريءَ سان به گڏ فقط هڪڙي ٻانهي ويهاري
فقير کي اندر محلات ۾ وڃي ناچ ڏيکارڻ جو حڪم
ڏنائين. فقير پولڙي وٺي اندر ويو ۽ پيترول پري ۽ ٻانهيءَ کي
اڪيلو ڏسي مڻ سان هٿ گهي، ٻنهي کي پولڙيون بنائي هڪڙيءَ
ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري، پاڻ ٻاهر نڪري هليو ويو، ۽ وري
ڪڏهن به پولڙي ڪانه نچايائين. ڪيترا ڏينهن ته اندر گهر
۾ ويٺو رهيو. جڏهن بادشاهه کي انهي ڳالهه جي خبر پئي،
تڏهن گهڻي ئي ڳولا ڪيائين پر فقير ڪٿي ٿو هٿ اچي.

ڪن ڏينهن کان پوءِ شهزادو حڪيم جو ويس ڪري
شهر ۾ گهمڻ لڳو ۽ هوڪو ڏيڻ لڳو ته: ڪو چريو ڪريو
هجي، يا بيمار هجي ته ان جو علاج ڪرايو. اها ڳالهه هلندي
هلندي بادشاهه جي ڪن پهتي. بادشاهه يڪدم حڪيم کي
گهرائي ڪانئس پڇيو ته: تون چرين ۽ ڪرين جو علاج ڪندين؟
هن چيو ته: جيڪڏهن انهيءَ بيمار جو بازو مونکي ملندو ته
آءٌ ان کي چري مان سنئون ڪندس. بادشاهه لاچار اهو شرط

قبول ڪيو، ۽ وٺي وڃي پيترول پريءَ جي محلات ۾ ڇڏي آيس. جتي هن علاج شروع ڪيو. هو ڇا ڪندو هو جو اڪيلائيءَ ۾ پيترول پريءَ کي مڙ ساڻ انسان ٻڌائي ان ساڻ ويهي ڳالهائيندو ٻولهائيندو هو. اهڙيءَ طرح رهاڻ ڪري وري ڪيس ٻمو هٿ گهمائي ٻولڙي ڪري هليو ويندو هو. اهڙيءَ ريت ڏهاڙي هو علاج ڪرڻ جي بهاني ساڻ ايندو ۽ ملاقات ڪري وري واپس هليو ويندو هو. ٽان جو مهينو ڪن گذري ويو. ان عرصي ۾ پري ۽ شهزادو پاڻ ۾ ٺهي ويا. مهيني کان پوءِ شهزادي بادشاهه کي چيو ته: پري هاڻي تندرست آهي، اوهين روبرو جاچي ڏسو. بادشاهه روبرو وڃي ڏٺو ته پري پنهنجي اصل شڪل ۾ وڃي آهي. تنهن کان پوءِ پري پاڻهيءَ کي ٻ انسان ڪيائين ۽ بادشاهه کان پريءَ جي ٻانهن گهريائين. بادشاهه وعدي موجب پيترول پريءَ جي شادي شهزادي ساڻ ڪئي.

ٿورن ڏينهن اندر شهزادي پنهنجي وطن ڏانهن ورڻ جو ارادو ڪيو ۽ بادشاهه کان موڪلائي پنهنجي وطن ڏانهن راهي ٿيو. هلندي هلندي هڪ درياءَ جي ڪناري تي اچي ڪجهه وقت ترسيا. پيترول پريءَ ان درياءَ ۾ ٽڙ ڪيو. هن کي سونا وار هئا، انهن وارن مان هڪڙو وار درياءَ ۾ ڪري پيو جو هڪڙي مڇيءَ ڪاڏو ۽ اها مڇي مهاڻي جي ڄار ۾ ڦاسي شهر ۾ وڪامڻ آئي. ان شهر جو شهزادو پنهنجي نوڪرن ساڻ گڏ اتي جي بازار ۾ آيو ۽ ڪيس اها مڇي ڏاڍي سهڻي لڳي، تنهنڪري مهاڻي کان مڇي خريد ڪري، ان کي چيرڻ جو حڪم ڏنائين. مهاڻي جڏهن مڇي وڍي ته اهو وار ڏسڻ ۾ آيس، مهاڻي وار لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پر شهزادي ڏسي ورتس ۽ وار ان کان وٺي سڌو پنهنجي پيءُ وٽ آيو ۽ چيائينس ته: هن وارن واري عورت مونکي پرڻايو نه ته آءٌ ڦاهو کائي مرندس. بادشاهه پٽ کي گهڻوئي سمجهايو، پر هو نه مڙيو. آخرڪار بادشاهه لاچار ٿي شهر جون

هتان درياءَ جي ڪناري تان ٿورو سير ڪري اچون. پريءَ به اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ ڏوتيءَ سان گڏ درياءَ تي گهمڻ وئي. جڏهن درياءَ جي ڪناري تي آيون ته ڏوتيءَ چيو ته: ڏيءَ! هو وڻن جو جهڳٽو ڪهڙو نه سهڻو پيو لڳي، هل ته اهو ڏسي اچون. ائين ڪندي ڪندي اُنهن ٻيڙن وٽ اچي نڪتيون. اهي ڏسي ڏوتيءَ پريءَ کي چيو ته: ڏيءَ! هي ٻيڙا ته ڪي نئين نموني جا پيا ڏسجن، ٿورو چڙهي ته ڏسون. پريءَ ٻيڙن تي چڙهڻ کان انڪار ڪيو مگر هوءَ رڍهي ريبي آخر ڪيس ٻيڙيءَ تي وٺي ويئي. جڏهن ٻيڙي تي چڙهيون تڏهن ڏوتيءَ وٺي زور سان ٻيڙيءَ کي لتون هنيون جنهن سان ناکئا سمجهي ويا، سو وٺي ٻيڙا هاڪاريائون ۽ تڪا تڪا هلندا ويا. اتي پريءَ کي پتو پيو ته برابر دشمن ۾ ڦاٿيس پوءِ ته گهڻيون ئي دانهون ڪيائين پر ڪجهه به نه وريو. نيٺ بيوس ٿي ويهي رهي. ٻيڙا اچي پنهنجي ملڪ ۾ پهتا. پري به بادشاهه وٽ پهتي ۽ کيس چيائين ته: جنهن عورت جو مرد مري ويندو آهي ان کي به چار مهينا عدت ۾ گذارڻا پوندا آهن، پر منهنجو مڙس ته جيئرو جاڳندو آهي. تنهنڪري ٻه ٽي ڏينهن ترس، وقت گذرڻ بعد آءٌ توسان شادي ڪنديس.

هوڏانهن شهزادو موٽي اچي ڏسي ته مار! ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا آهن، پڃنگي خالي پئي آهي، جنهنڪري چوطاق ٿي پٽ تي ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو. هوڏانهن سندس گهر ۾ بيٺل نم جو وڻ اوچتو سڪي ويو تنهنڪري شهزادي جي زال ۽ ماءُ سهي ڪيو ته شهزادي ڏانهن خير نه آهي ان ڪري طوطي کي پڃري مان ڪڍي ڇڏيائون. شهزادي، پريءَ کي سڀ حقيقتون نانگ ۽ طوطي جون ٻڌائي ڇڏيون هيون ۽ ڪُپڙيءَ ۽ سيلهي جا بيان به پريءَ کي معلوم هئا، تنهنڪري پريءَ کي خاطري هئي ته منهنجي ڳولا ۾ طوطو ضرور ايندو تنهنڪري روزانو ڪوٺيءَ تي اناج هاري ڇڏيندي هئي، جنهن تي پکي اچي گڏ ٿيندا هئا.

سڀ ماري مات ڪيائين. اهڙيءَ طرح فتح حاصل ڪري پريءَ کي آزاد ڪيائين ۽ بادشاهي هٿ ڪري مال غنيمت سميت اچي پنهنجي گهر پهتو ۽ زال کي چيائين ته: اِجها پيٽرول پري آندي اٿم. جا پڻ ڏاڍي خوش ٿي ۽ پوءِ سڀ پاڻ ۾ ملي خوش ٿيا.

ڀولڙي ويٺي آهي. نوڪرن ڀولڙيءَ کي آڻي بادشاهه وٽ حاضر ڪيو، لعل شهزادي انهيءَ کي قسمت جو لکيو سمجهي ڀولڙيءَ سان شادي ڪئي.

ٻيا شهزادا ته پنهنجي راڻين سان خوش گذارڻ لڳا، پر لعل شهزادو ڀولڙيءَ سان پرڻجڻ ڪري سدائين غمگين رهڻ لڳو. ڀلا ڇا لڳي ڀولڙي، ڇا لڳي انسان! ويچارو سڄو ڏينهن محل کان ٻاهر يارن دوستن سان پيو دل وندرائيندو هو ۽ رات جو اچي پنهنجو منهن وٺي سمهي رهندو هو.

هڪڙي ڏينهن بادشاهه کي خيال ٿيو ته، خبر وٺان ته ڪهڙي شهزادي کي سگهڙ راڻي ملي آهي ۽ ڪنهن جو گهر سٺو ٿو هلي. اهو خيال ڪري هن سڀني شهزادن کي پاڻ وٽ گهرائي چيو ته: ڪيترن ڏينهن کان دل اٿم ته اوهان سان گڏ جي ماني کائان، تنهنڪري سڀاڻي توهين سڀ پنهنجي پنهنجي گهران ماني تيار ڪرائي کڻي اچجو. سڀئي شهزادا بادشاهه سان هائوڪار ڪري پنهنجي گهرن ڏانهن موٽيا ۽ اچي پنهنجي راڻين سان حقيقت ڪيائون. لعل شهزادي پيءُ وٽ ته هائوڪار ڪئي، پر هاڻي اچي ڳڻتين ورايس ته آءٌ ڪيئن ۽ ڪٿان ماني تيار ڪرائي ابي وٽ کڻي وڃان. سندس ٻانهيءَ جڏهن ڪيس ملول ڏٺو، تڏهن ڪانئس پڇيائين ته: شهزادا! اوهان کي ڪهڙي ڳڻتي آهي؟ لعل شهزادي چيس ته: سڀاڻي بادشاهه سلامت اسان سڀني ڀائرن جي ماني کائيندو، ٻين جون ته زالون موجود آهن جي عاليشان ماني تيار ڪري ڏينديون، پر منهنجو ڪير آهي جنهن کان اهڙو بندوبست ٿئي؟ تون به ته اهڙو سٺو رڌي ڪانه ڄاڻين جو ٻابي سائين جي کائڻ لائق هجي. ٻانهيءَ لعل شهزادي کي دلاسو ڏنو ۽ چيائينس ته: شهزادا! اوهين دل نه لاهيو، خدا مڙيئي چڱي ڪندو.

خير، جڏهن هٿو مٿو ٿريو، تڏهن ٻانهي اچي ڀولڙيءَ کي ساري حقيقت ٻڌائي؛ ڇو ته دراصل اها ڀولڙي، ڀولڙيءَ جي

لعل شهزادي چيس ته: اڳي ته هو مانيءَ جو سوال، پر هاڻي
آهي رومال ڀرڻ جو سوال، هاڻي ٻڌاءِ ته ڀلا منهنجي زال
ڀولڙي، سا ڪيئن رومال ڀريندي؟ ٻانهي وري به شهزادي
کي دلداري ڏني، سڌو ڀولڙيءَ وٽ آئي ۽ رومال واري
ڳالهه ڪري ٻڌايائينس. ڀولڙيءَ هن کي وري به اُن ٻنڊ ڏانهن
موڪليو ته، ٻنڊ کان وڃي رومال گهر. ٻانهي وري به ٻنڊ
وٽ وئي ۽ کيس اتان گهربل رومال ملي ويو، جو آڻي لعل
شهزادي کي ڏنائين. تنهن وري اهو رومال آڻي بادشاهه کي
ڏنو. ٻين شهزادن به پنهنجا پنهنجا ڀرايل رومال آڻي بادشاهه
جي اڳيان حاضر ڪيا، پر سڀني کان لعل شهزادي جو آندل
رومال نه رڳو بادشاهه کي پسند آيو، پر امير وزير به اُن ئي
رومال جي واکاڻ ڪرڻ لڳا. ايتريءَ واکاڻ تي به لعل شهزادي
کي ڪا خوشي ڪا نه ٿي ۽ هو اهڙو ئي غمگين ٿي واپس
پنهنجي محلات ۾ پهتو.

ٿورن ڏينهن گذرڻ بعد، لعل شهزادو وري به اچي
وڏي مونجهاري ۾ پيو، ڇو ته هن دفعي بادشاهه سڀني شهزادن
کي گهرائي چيو ته: سڀاڻي آءٌ پنهنجي نُنهرن کي ڏسڻ
ايندس ۽ اوهان جا گهر به اچي گهمندس. ٻين کي ته ڪو
فڪر ئي ڪونه هو، پر لعل شهزادو دل ۾ سوچڻ لڳو ته، هاڻي
ڪهڙي منهن سان بادشاهه کي پنهنجي زال ڏيکاريندس. انهيءَ
فڪر ۾ ويٺو هو ته ٻانهيءَ وري به اچي پريشانيءَ جو ڪارڻ
پڇيس. هن کيس سچو قصو ڪري ٻڌايو. ٻانهيءَ وري به کيس
دلداري ڏني ته: ڀلي بادشاهه وهان جو گهر ۽ زال ڏسي؛
جي زال ڀولڙي آهي ته ڇا ٿيو؟ آءٌ گهر کي اهڙو ته سينگاريندس
جو بادشاهه ڏسي خوش ٿيندو. اُئين چئي ٻانهي وري ڀولڙيءَ
وٽ آئي ۽ کيس ساري ڳالهه ٻڌايائين. جنهن چيس ته: دلجاءِ
ڪر، سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو.

ٻئي ڏينهن بادشاهه پنهنجا امير وزير وٺي پنهنجي نُنهرن

۽ سندن گھر ڏسڻ لاءِ اچي نڪتو. سڀني شهزادن جون زالون هار سينگار ڪري، عطر عنبير ملي، تيل مساڳ ملي، پنهنجي صهري جي آجيان لاءِ تيار ٿي ويٺيون. پولڙيءَ به ڇا ڪيو جو پنهنجي پوش واري کل لاهي، وهنجي سهنجي سينگار ڪري، محلات ۾ هڪ اهڙي ڪوٺيءَ ۾ وڃي ويٺي، جتي اونده گهٽي هئي؛ پر هوءَ اهڙي ته حسين هئي جو ڪوٺيءَ ۾ ڄڻ ته ڪا بتي پئي ٻري. بادشاه به گهمندو گهمندو ٻين شهزادن جي زالن وٽان ٿي اچي لعل شهزادي جي گهر پهتو. جڏهن هلندي هلندي پريءَ واري ڪوٺيءَ وٽ پهتو ته هن جي نظر وڃي پريءَ تي پئي. بادشاه، پريءَ کي ڏسڻ سان بيهوش ٿي ڪري پيو. يڪدم ٻانهي ۽ پريءَ اچي کيس آٿاريو ۽ گلاب ڇٽڪاري کيس هوش ۾ آندو. هوش ۾ اچڻ بعد هن سڀني اميرن وزيرن سان لعل شهزادي جي زال جي ڏاڍي واکاڻ ڪئي ۽ خوش ٿي واپس موٽيو.

لعل شهزادي جڏهن پنهنجي گهر ۾ ههڙي سهڻي زال ڏٺي ۽ پنهنجي پيءُ کان ان جي تعريف ٻڌي، تڏهن واڌڙو ٿي ويو ۽ وڏي اچي ٻانهيءَ کان ان راز جي حقيقت پڇيائين، جنهن چيس ته: شهزادا! هيئر وقت ڪونهي، باقي سڀاڻي توهان کي ٻڌائينديس.

آخر رات گذري، صبح ٿيو ۽ لعل شهزادو جنهن کي سڄي رات اُڻ تڻ لڳي پئي هئي، سو سويل ئي ٻانهيءَ وٽ آيو ۽ چيائينس ته: هاڻي جلدي ٻڌاءِ ته ڪهڙو اسرار آهي؟ ٻانهيءَ عرض ڪيو ته: شهزادا! توهان جي زال، حقيقت ۾ پولڙي نه، پر هڪ پري آهي. پريءَ جو ٻڌي لعل شهزادو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ٻانهيءَ کان صلاح پڇيائين ته: اهڙي ڪا اٽڪل ٻڌاءِ جو هي وري لاٿل کل نه پائي. ٻانهيءَ چيو ته: شهزادا! جنهن وقت هوءَ وهنجندي آهي، ان وقت کل لاهي پري رکندي آهي. اوهين ڪٿي لڪي ويهو ۽ وجهه ڏسي اها

ڪٽي ٻاهه ۾ وجهجو، پوءِ نه ڪل هوندي ۽ نه هوءَ وري
ڀهرينديءَ. اها صلاح لعل شهزادي کي به وڻي، تنهن ڇا ڪيو
جو ٻئي ڏينهن جڏهن پولڙي ڪل لاهي پري رکي وهنجڻ لڳي
تڏهن شهزادي موقعو ڏسي اها ڪل ڪٽي ٻاهه ۾ اڇلائي. ڪل
اڃا ٿوري سڙي ته ان پريءَ ڀريل دلو ڪٽي يڪدم ان جي مٿان
وڌو ۽ لعل شهزادي کي چيائين ته: اي شهزادا! تو منهنجا
پر ساڙيا آهن، تو کي، ائين ڪرڻ نه گهربو هو، پر هاڻي
جيڪي ٿيو سو ٿيو؛ باقي مان وڃان ٿي، منهنجو نالو
”سبز پري“ آهي، مان چين ولايت جي وينل آهيان؛ جيڪڏهن
مونکي هٿ ڪرڻو هجئي ته هاڻي اتي اچي ڳولي لهجئين.
ائين چئي هن وٽي پڙڪو ڪاڍو ۽ اڏامي هلي وئي. لعل شهزادي
ويچاري جا طاق ٽي لڳي ويا، پوءِ پري ڏسندي ڏسندي سندس
نظر کان غائب ٿي وئي.

سڄي رات آنڌمانڌ ۾ گذاري ٻئي ڏينهن لعل شهزادو
هڪ ڀلو گهوڙو تيار ڪري، ناڻي سان خرزين ڀري، سبز پريءَ
جي ڳولا ۾ روانو ٿيو. منزلون ڪندي ڪندي آخر هڪڙي
هنڌ سندس گهوڙو بنهه ٿڪجي پيو ۽ هي لاچار لهي پيو.
گهوڙي کي اتي جهنگ ۾ ڇڏي، ناڻي سان ڀريل خرزين به
اتي لڪائي، پاڻ وري به پنڌ ڪاهي پيو ۽ هلندي هلندي اچي
هڪڙي سڄي باغ ۾ پهتو. اتي ڏسي ته هڪ ديو ستو پيو آهي،
جنهن کي ڳوڏن تائين ڍپ ڄمي ويا آهن. لعل شهزادي کوهه
تي اچي ٻوڪو ڪٽي باغ کي پاڻي ڏيڻ لڳو. پاڻي ڏيندي
ڏيندي هن کي اتي ڇهه مهينا گذري ويا. آخر باغ به ساوو
ٿيو ۽ ديو به ڇهن مهينن جي ننڊ ڪري اٿيو. لال شهزادو
ماما ماما ڪري وڃي ديو جي پيرن تي ڪريو. ديو چيس
ته: اي آدمزاد! جيڪڏهن ماما نه چئين ها ته سرنهن جيڏا
داڻا ڪري ڇڏيانءِ ها، پر هاڻي جيڪي گهرڻو اٿئي سو گهر.
تڏهن لعل شهزادي چيس ته: ماما! خدا جو ڏنو پيو سڀڪي

۾ ڀُهتو. هو پنهنجي راڻيءَ کي ملڻ لاءِ بيتاب هو سو انَ جي تلاش ڪرڻ لڳو. اڳڻ ۾ هن اچي ڏٺو ته سبز پريءَ جي ماءُ نوڪرن کي پٺي چوي ته: هي پاڻي هتي رکو، سبزپري ته ڪجهه ڪائي پٺي به ڪانه ٿي، آءٌ وڃان ٿي انَ جي جاچ ڪرڻ. اهو ٻڌي لعل شهزادي به انَ جي پٺ ورتي ۽ اچي ڏسي ته هڪڙي ڪوٺيءَ ۾ سبز پري اونڌي منهن پٺي آهي ۽ اهڙي ته ڳري وٺي آهي جو چري به نه ٿي سگهي. ماڻس وٽس ڀڇي چيو ته: ڌيءَ! اٿي ڪجهه کاءُ پيءُ، ڇو ٿي پنهنجي عمر ڳارين، تنهنجو لعل شهزادو هتي ڪيئن ايندو؟ سبز پريءَ جواب ڏنس ته: امان! منهنجي شادي لعل شهزادي سان ٿيل آهي، جيستائين هو هتي نه ايندو تيستائين منهنجي اهائي حالت رهندي. ماڻس هن کي گهڻوئي سمجهايو پر هن نه مڃيو. نيٺ هوءَ مايوس ٿي هلي وئي ۽ سبز پري اچي روئڻ ۾ ڇٽڪي. لعل شهزادو به اڳتي وڌي پاسو وٺي اچي سندس ڀرسان ويٺو ۽ سبزپريءَ کي سڏ ڪري، ٽوپي مٿي مان لاهي هن کي پنهنجي شڪل ڏيکاريائين. سبز پري، لعل شهزادي کي پاڻ وٽ ڏسي خوشيءَ مان اڇل ڏئي هن کي ڪٽي ڀاڪر پاتو. هن جي ڳالهائڻ تي ماڻس يڪدم ڊوڙندي آئي، پر لعل شهزادي يڪدم ٽوپي مٿي ۾ وجهي ڇڏي، جنهنڪري هو ڪنهن کي به ڏسڻ ۾ نه آيو. سبز پريءَ کي خوش ڏسي ماڻس چيس ته: ڪهڙو سبب آهي جو اوچتو ڏاڍو خوش پٽي نظر اچين؟ لعل شهزادو آيو آهي ڇا؟ سبز پريءَ چيس ته: هو ويچارو هتي ڪيئن اچي سگهندو؟ باقي هاڻي مون هن کي وسارڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هاڻي مونکي ڪجهه آٽي ڏي ته کان. پر ماڻس کي هن اوچتي تبديليءَ تي شڪ پئجي ويو، سو وري ڌيءَ کي چيائين ته: ڌيءَ! تو ضرور لعل شهزادي کي ڏٺو آهي تڏهن خوش ٿي آهين؛ مونکي حضرت سليمان جو قسم آهي ته آءٌ تنهنجي لعل شهزادي کي ڪجهه به نه ڪنديس، جيڪا ڳالهه هجي سا چئُي

ڏي. ماءُ جي قسم کڻڻ تي سبز پريءَ لعل شهزادي کي چيو ته: منهنجا مٺا لعل! اسان کي پاڻ ڏيکار. تڏهن لعل شهزادي ٽوپي لاٿي. سبز پريءَ جي ماءُ هن خوبصورت آدمزاد کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي. هن ٻنهي لاءِ ماني گهرائي کين کارائي ڍؤ ڪرايو. پوءِ پاڻ وڃي پنهنجي مڙس يعني سبز پريءَ جي پيءُ سان ڳالهه ڪيائين جو پڻ لعل شهزادي سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو.

ڪجهه ڏينهن خبر خوشيءَ جا گذريا ته هڪ ڏينهن سبز پريءَ جي پيءُ وٽ چار ديو آيا، جن کي هن سبز پريءَ جي سڱ ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو، انهن اچي سڱ گهريو. سبز پريءَ جي ماءُ پيءُ اچي لعل شهزادي سان ڳالهه ڪئي، جنهن کين دلاسو ڏنو ته: توهين ڪوبه فڪر نه ڪريو، آءٌ اڪيلو سيني سان وڙهندس ۽ کين ماري مڃائيندس. انهي ڏِي ملڻ تي سبز پريءَ جي پيءُ انهن ديون کي صاف جواب ڏئي ڇڏيو. ديون کي جو جواب مليو، سي ڪاوڙجي وڙهڻ لاءِ تيار ٿي اچي ميدان تي بيٺا، چي: ڪهڙو پهلوان ديو آهي جو اسان سان مقابلو ڪندو! لعل شهزادو به ٽوپي پائي اچي ميدان تي بيٺو ۽ 'پڪڙ ڏنڊا پڪڙ سيلهي' کي حڪم ڪيائين ته: وٺ هنن ديون کي، نه ڇڏ هنن مان هڪڙو! پوءِ ته اچي ديون ۾ ڪٽڪو پيو. ديو هي اوچتا ڏنڊا کائي مٿا ڪٽائي وٺي ڀڳا ۽ وري پوئتي به نه نهاريائون. بس پوءِ ته خوشيون ٿي ويون. پير تي ڏونڪو لڳي ويو. لعل شهزادو ۽ سبز پري هيڪر وري به خوش گذارڻ لڳا.

ڳچ ڏينهن رهڻ کان پوءِ لعل شهزادي آخر ڳوٺ ورڻ جو خيال ڪيو ۽ سبز پريءَ ۽ ان جي ماءُ پيءُ کي سموري ڳالهه ٻڌائي ڪانئن موڪل گهري، جن هن کي خوشيءَ سان موڪل ڏني. هلڻ وقت سبز پريءَ هن کي هڪ سڱ ۽ وارن جو وانگوڙو ڏنو ۽ چيائينس ته: جڏهن تو کي منهنجي سڪ لڳي تڏهن هن

سڀ سامان پاڻ سان کڻي، گهوڙي تي سوار ٿي اچي خير جو پنهنجي ڳوٺ اچي پهتو. پيءُ ۽ ڀائرن سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سموري حقيقت کين ٻڌايائين.

ٻئي ڏينهن هن محل کي سينگاري تيار ڪيو ۽ پوءِ سبزپريءَ کي گهرائڻ لاءِ وارن جي وانگوڙي کي ٻُوٽي ڏيئي وري سڱ کي ڦوڪ ڏني ته سبزپري سٺ سهيلين سان اچي پهتي. سڀئي پاڻ ۾ ملي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ پوءِ هميشه لاءِ گڏ گذارڻ لڳا.

# ۵. چانڊني چال پري *

هڪڙو هو بادشاهه، دنيا جي هر خوشي کيس حاصل هئي، پر رکيو اولاد نه هئڻ جو ڏک هئس. هر وقت اها ئي ڳڻتي هوندي هئس ته کانئس پوءِ هيڏي ساري بادشاهيءَ جو ڪير مالڪ ٿيندو؟ انهيءَ ڪري، هن ڇهه شاديون ڪيون. پر سندس دل جي مرادِ پوري ڪانه ٿي. نيٺ اميرن وزيرن کيس ستين شاديءَ ڪرڻ جي صلاح ڏني. پهرين ناڪار ڪيائين، پر جڏهن وزيرن اميرن گهڻو زور رکيس تڏهن هائوڪار ڪيائين. پوءِ ته چئني طرف چاري روانا ٿي ويا. آخر هڪڙي شاهوڪار جي هڪ سدا ملوڪ ڌيءَ جو سڱ بادشاهه لاءِ چڪايائون ۽ انهي سان بادشاهه شادي ڪئي. شاديءَ کان پوءِ بادشاهه جي دل ٻين ڇهن ئي راڻين تان کڄي وئي، ۽ سندس اڪثر وقت نئين ڪنوار وٽ گذرندو هو. مڃاڻ ته اهي ڇهه ئي راڻيون ڪي اميد سان هيون. بادشاهه کي انهي ڳالهه جي سڌ ئي ڪانه هئي؛ پر نئين راڻيءَ کي انهي ڳالهه جي ڪڙڪ پئجي وئي، سو انهن راڻين جي خلاف بادشاهه جا ڪن ڀرڻ لڳي. نيٺ بادشاهه ٻڌي ٻڌي ڪڪ ٿي پيو، سو حڪم ڏنائين ته: انهن ڇهني جون اکيون ڪڍي، کين انڌي کوهه ۾ وجهي ڇڏيو. بس حڪم جي دير هئي، بادشاهه جي ماڻهن ڇهن ئي راڻين جون اکيون ڪڍي، کين هڪڙي انڌي کوهه ۾ ڇڏي آيا. باقي ستين راڻي خوش ٿي ويهي بادشاهه تي حڪم هلائڻ لڳي.

هيڏانهن هي ڇهئي راڻيون، الله جي آسري، هڪ دائيءَ جي آسري تي پئي ٽڳيون؛ جو روز رکي سکي ماني اچي

* هيءَ ڳالهه آتر (تعلقي روهڙي) عبدالرزاق موهڻ کان ملي.

ڪين ڏئي ويندو هو، جنهن ڪري پاڻ ۾ وڻدي ورڇي پيون کائيندڀون هيون.

ڏينهن گذرڻ ۾ ڪا ويرم ٿي ڪانه ٿي، نيٺ هڪڙي راڻيءَ کي پٽ ڄائو. راڻين پاڻ ۾ خيال ڪيو ته هي معصوم ڇوڪرو اڳيئن ٿي ٻڪن ۾ مري ويندو، تنهنڪري ڇو نه انهيءَ کي کائي ڇڏجي. اها صلاح ٻيهاري، هڪٻئي ۾ فيصلو ڪيائون ته جنهن کي جيڪو ٻار ڄمندو، اهو کهي کائي ڇڏينديونسين. اهڙيءَ طرح پنجن ئي کي هڪٻئي پٺيان پٽ ڄاوا ۽ هنن انهن کي کهي کائي ڇڏيو. آخر هڪڙي ڏينهن ڇهين راڻيءَ کي پٽ ڄائو، تنهن تي سڀني چيو ته: ان کي کهي کائون. ڇهين راڻي چيو ته: ادي! آءٌ پنهنجو پٽ پنهنجن هٿن سان کهنديس. تنهن تي سڀني چيو ته: ڀلي جنهن ۾ تون راضي. هنن پنجن ئي راڻين کي گوشت مليو، سي کائي ڀي ماٺ ڪري ويهي رهيون. ڪا مهل ٿي ته اتي ٻار جي روئڻ جو آواز آيو، جنهن تي سڀني راڻين چيو ته: هي ڪير پيو روئي! ڇهين راڻيءَ وراڻيو ته: اهو منهنجو پٽ آهي. تنهن تي راڻيون عجب ۾ پئجي ويون ۽ چوڻ لڳيون ته: ادي! پوءِ اسان گوشت ڪنهن جو کاڌو؟ ننڍي راڻيءَ جواب ڏنو ته: اهو گوشت توهان جي ٻارن جو هو، جيڪو آءٌ گڏ ڪندي ويندي هئس. تنهن تي راڻين چيو ته: ڀيڻ! جي اها ڳالهه آهي ته هاڻي اهو ڀلي پيو جيئي، اسان ۾ جيڪو رت مت آهي، سو هن لاءِ آهي. پوءِ ته ڇهئي ڄڻيون انهيءَ ٻارڙي کي نپائڻ لڳيون.

هوڏانهن خدا جي ڪرڻي ائين ٿي جو ستين راڻيءَ کي به هڪڙو پٽ ڄائو. سڄي بادشاهيءَ ۾ شادمانا ٿي ويا، ٻڪريون پيون نچن، ڪجريون پيون ڪسجن. غريب غربو خوش ٿي ويو. هيڏانهن محل ۾ شهزادو پلجڻ لڳو، هوڏانهن ڪوهه ۾ به شهزادو پئي پليو. ٻئي ڀائر اڄ ننڍا، سڀان وڏا اچي همت ڀريا

جوان ٿيا. محلن جو شهزادو لاڏ ڪوڏ جو پليل، سو سڄو ڏينهن گهوڙي تي سوار، گزڪمان ڪلهي تي ڪنيو پيو شيل شڪار ڪندو هو، ۽ هي غريب شهزادو، ڪوهه مان نڪري سڄو ڏينهن بازار ۾ ڪُهر وڪڻي شام جو جيڪا اُپت ٿيندي هئس، تنهن مان مائرن لاءِ ڪاڌي جو سامان وٺي ويندو هو: اهڙيءَ طرح پيو سندن گذر سفر ٿيندو هو.

هڪڙي ڏينهن ڇا ٿيو جو شهزادو پنهنجن سنگتين ساٿين سان گهوڙي تي سوار ٿي، شهر جي وچان پئي لنگهيو ته ارچتو غريب شهزادو گهوڙي سامهون اچي ويس. بس، پوءِ ته شهزادي کي باهه وٺي وئي، لهندي سان ٺپ اٿ ڏهه ڇهڪ واهي ڪڍيئينس، چي: نياڳا، پڻهين جو راڄ آهي ڇا جو ائين سڄو سڄو رستو ٿو والاري هلين. ويچاري کي مار به ڪڍيائين ۽ ڪهر به هاري ڇڏيائينس. ويچارو ڇوڪرو ماٺڙي ڪري واپس موٽي آيو.

هڪڙي ڏينهن شهزادي کن بزرگن سان ويٺي ڪچهري ڪئي، ڪچهريءَ ۾ پرين جي حسن جي ڳالهه پئي هلي. ڳالهين مٿان ڳالهيون ڪندي هڪڙي ٻڍڙي چيو ته: سڀ پيا پرين جي تعريف ڪريو، پر چاندي چال پريءَ جو حسن ڏسو ته عقل چرخ ٿي وڃيو. اهو ٻڌي شهزادو پرپٺ چاندني چال پري تي عاشق ٿي پيو ۽ هڪدم وزير جي پٽ کي ساڻ ڪري، ماءُ پيءُ کان موڪلائي انهيءَ پريءَ جي ڳولا ۾ نڪتو. رستي تي وري به اهو ساڳيو ڪهرن وارو ڇوڪرو مليس. شهزادو هن کي ڏسي ڏاڍو ڪاوڙيو، چي: وري هي نياڳو سامهون آيو آهي، شل اسان کي پري ملي! تنهن تي ڪهرن واري ڇوڪري چيس ته: سائين! جيڪڏهن مونکي پاڻ سان وٺي هلو ته آءٌ توهان جي گهوڙن جي خدمت پيو ڪندس. شهزادي ته انڪار ڪيو، پر وزيرزادي جي چوڻ تي ڪيئي ساڻ ڪنيائونس. تنهن تي ڇوڪري شهزادي

هڪدم اٽڪل ڪري پنهنجي سِر تي هٿ هڻي شرط پڄائيندڙ جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي ان کي واڻڙو ڪري پنهنجو گهوڙو. اڳ ڪڏي ويندي هئي اهڙيءَ طرح وزيرزادي به هاريو ۽ گهيٽو ٿي باغ ۾ چرڻ لڳو.

هوڏانهن ڇوڪرو به هلندي هلندي اچي هڪڙي باغ ۾ پهتو. ڏسي ته سڄو باغ اجڙيو پيو آهي، ۽ پريان هڪڙو ديو ويٺو آهي. ڇوڪرو ماما ماما ڪري وڃي ديو جي پيرن تي ڪريو. ديو چيس ته: جيڪڏهن ماما ماما نه چئين ها ته آهر جيڏا داڻا ڪري ڇڏيئين ها. پوءِ هن ٻئي مهينا ديو جي خدمت ڪئي، جڏهن ديو راضي ٿيو تڏهن ان کان، چاندني چال پريءَ جو ڏس پڇيائين. ديو چيس ته: ان جي مونکي ڪابه خبر نه آهي، باقي منهنجو وڏو ڀاءُ رستي تي ويٺو آهي، شايد ان کي خبر هجي. موڪلائڻ مهل ديو ڇوڪري کي هڪڙو تعويذ ڏنو، جنهن جي ٻڌڻ سان انسان کي ٻن چئن مردن جيتري طاقت ٿي ويندي هئي. ڇوڪرو تعويذ ڪانئس وٺي موڪلائي اٿي پنڌ پيو ۽ نيٺ هڪڙي ڏينهن جي پنڌ کان پوءِ ٻئي ديو وٽ پهچي ويو ۽ ان کي به ماما ماما ڪري چنبڙي پيو ۽ سندس خدمت ۾ لڳي ويو. پر هتان به ڇوڪري کي پريءَ جو پار پتو ڪونه پيو ۽ ساڳيءَ طرح هن ديو به کيس پنهنجي ٻئي ڀاءُ جو ڏس ڏنو ۽ ڀاءُ ڏانهن روانو ڪيائينس. ڇوڪرو پنڌ ڪندو اچي ٽئين ديو وٽ پهتو ۽ ان جي به ڏاڍي خدمت ڪيائين ۽ پريءَ جو پار پتو پڇيائين. ديو ورندي ڏنيس ته: چاندني چال پريءَ جو اسان به فقط نالو ٻڌو آهي، باقي سندس وطن جي مونکي خبر نه آهي، شايد اسان جي وڏي ڀاءُ کي سڌ هجي. ڇوڪرو ديو کان موڪلائي اٿي هلڻ تي هو ته ديو چيس ته: اي ڇوڪرا! هيءَ ڳوٿري توکي سوکڙيءَ طور ٿو ڏيان، جنهن به وقت توکي رستي ۾ بک لڳي ته هن ڳوٿريءَ مان توکي چُوري ملندي. ڇوڪرو ديو کان اها

موڪڙي وٺي ڪانئس موڪلائي، چوٿين ديو وٽ آيو ۽ ان جي به ڏاڍي خدمت ڪيائين ۽ سندس ننڊن پائرن. جا سلام به ڏنائينس. ديو ڇوڪري جو حال احوال ٻڌي، کيس چيو ته: مون فقط چانڊني چال پريءَ جو پاڇو ڏٺو آهي، جنهن تي موهت ٿي سندس عشق ۾ ڦٿي ويٺو آهيان. باقي خبر امان جو اڳيون ڀاءُ ڏيندءِ. ڇوڪرو ديو کان موڪلائي اڳتي هليو، اهڙيءَ طرح وڃي ستين ڀاءُ وٽ پهتو، جيڪو انهن سڀني ۾ پيرسن هو. ڇوڪرو ۽ ديو پاڻ ۾ حالي احوالي ٿيا، جنهن تي ديو ڇوڪري کي هڪڙو ڪينهون ڏنو ۽ چيائينس ته: هن کي زور سان اڇلاءِ، پوءِ جتي به هي ڪينهون وڃي بيهي رهي، اتي تون سرنهه جي پوک وڃي ڪجانءِ، جڏهن پوک گل ڪندي تڏهن انهن گلن جي خوشبوءِ تي هڪڙو ديو ساموندي گهوڙي جي شڪل ۾ اچي ان پوک ۾ پوندو، پوءِ تون لڪي ڇپي ان گهوڙي تي چڙهجئين. اهو توکي سنڌس ملڪ کڻي ويندو. اتي چانڊني چال پري ايندي آهي، وڌيڪ حقيقت توکي اتان معلوم ٿيندي.

ڇوڪري ديو جي هدايت موجب ڪينهون اڇلايو ۽ جتي اهو وڃي ڪريو اتي سرنهه جي پوک ڪيائين. جڏهن سرنهه گل ڪيا تڏهن اهو ساموندي گهوڙو به اچي ڪڙڪيو، ڇوڪرو به لڪي لڪي ٽپ ڏيئي گهوڙي تي چڙهي ويٺو. گهوڙو وٺي آڏاٽو ۽ ايترو مٿي چڙهي ويو جو ڇوڪري کي اچي سير سان لڳي. اتي گهوڙي ڇوڪري کي چيو ته: تون بيگناهه مون تي سوار ٿيو آهين، هاڻي آءٌ توکي ڪيرائيندس ته تنهنجي ڪيل گناهه جي توکي سزا اچي. ڇوڪري ديو کي چيو ته: آءٌ تنهنجي مرشد جو پٽ آهيان، قسمت سان تو وٽ آيو آهيان، تون ڪيئن مونکي ڪيرائيندين؟ توکي خبر آهي ته آءٌ پنهنجي پيءُ سان ننڍي هوندي هڪڙو ڀيرو تنهنجي ڳوٺ ۾ آيو هوس، ۽ هاڻي وري منهنجي پيءُ جي مرڻ

ڇوڪري کٽي. پوءِ ته شهر ۾ وهواهه ٿي وئي. راڻيءَ به هار مڃي ۽ اعلان ڪيائين ته آءٌ هاڻي هن سان شادي ڪندس. اهڙيءَ طرح ڇوڪري جي ٻي به فتح ٿي. وري به هن قيد ٿيل همراهن کي آزاد ڪيو، جن ۾ سندس شهزادو به هو.

ٿي ڏينهن اتي گذارڻ بعد ڇوڪري ۽ راڻيءَ پوئتي موٽڻ جو ارادو ڪيو. ٻئي راڻيون ۽ ٽيئي دوست گڏجي هليا. جڏهن پنهنجي ملڪ جي حد ۾ پهتا، تڏهن شهزادي ۽ وزيرزادي پاڻ ۾ صلاح ڪري ڇوڪري کي مار ڪڍي، گهوڙا ۽ راڻيون کسي، گهوڙن تي چڙهي هليا ويا ۽ ڇوڪري کي اتي ئي ڇڏي ويا. شهزادو ۽ وزيرزادو ته يڪدم اچي پنهنجي شهر ۾ پهتا، پر ڇوڪرو ٽورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڪهندو ڪهندو اچي پنهنجي گهر پيڙو ٿيو.

هوڏانهن جڏهن چاند ني چال پري سجاڳ ٿي، ته ڏٺي ته ڪنهن اوپري ماڻهوءَ جي منڊي سندس ڇيچ ۾ پئي آهي ۽ چادر به ٻي رکي آهي. پريءَ دل ۾ ويچار ڪيو ته هي انسان ايڏو ته بهادر ۽ بانڪو آهي جو هيڏي ساري ٻهري ۽ طلسماتي مانداڻ مان بچي مون تائين پهتو آهي ۽ منهنجي بدن کي هٿ لائي ويو آهي، سو بيشڪ منهنجو مڙس ٿي چڪو، هاڻي بهتر ائين ٿيندو ته جيئن هو منهنجي پٺيان ڪوششون ڪري هتي پهتو آهي، تيئن آءٌ به کيس ڳولي لهان. اهڙيءَ طرح پري پنهنجو لشڪر پاڻ سان تيار ڪري منڊيءَ واري مهر جي نشاني تي ملڪ پڇائيندي پڇائيندي اچي انهيءَ بادشاهه جي باغ ۾ لٿي. ٻئي ڏينهن بادشاهه وٽ فرياد ڪيائين ته تنهنجي ملڪ جا ماڻهو اسان جي ملڪ ۾ آيا ۽ اتي چوريون ڪيون اٿن ۽ گستاخي ڪري چاند ني چال پريءَ جي محلات ۾ گهڙي ويا آهن.

ڇوڪرو به روزانو ڪهڻ جو ٽال پري بادشاهه جي باغ ۾ وڪڻڻ لاءِ ويندو هو. جتي چاند ني چال پريءَ جا

ماڻهو ڪانئس ڪهڙن جو ڪُنوئي ڪسي ڪائي ڇڏيندا هئا ۽ ڪيس ڪهڙن جي عيوض هڪڙي پائي به ڪانه ڏيندا هئا. ڇوڪرو به پيو روزُ روز اهڙو نقصان سهندو هو، پر واهُ سواءِ لهڻ لاءِ روزانو باغ ۾ ويندو هو. بادشاهه کي خبر هئي ته شهزادو ۽ وزيرزادو چانڊني چال پريءَ جي ڳولا لاءِ برابر ويا هئا، تنهنڪري انهن کي گهرايائين ۽ مليل فرياد لاءِ پڇاڳاڇا ڪيائين. شهزادو ۽ وزيرزادو ڇوڻ لڳا ته: اسين ته رستي تي روڪجي پيا هئاسون، باقي اسان سان هڪ ٻيو ڪهڙن وارو ڇوڪرو گڏ هو، اهو اوڏانهن ويو هو، ان کان انهيءَ ڳالهه جي پڇاڳاڇا ڪئي وڃي. لاچار تي چانڊني چال پري ڪٺهري ڇوڪري کي گهرايو ۽ پڇا ڪئي، ڇوڪري ڳالهه قبول ڪئي ته: برابر آءٌ محلات ۾ آيو هوس. اها منڊي ۽ چادر نشانيءَ طور پيش ڪيائين. جنهن تي چانڊني چال پريءَ ان ڪهري سان شادي ڪرڻ جو انجام ڪيو.

تنهن کان پوءِ ڇوڪري وار کي تو ڏنو ته ديو اچي حاضر ٿيو ۽ چانڊني چال پريءَ جي لشڪر گڏجي بادشاهه کي نظربند ڪيو، ۽ سڄي بادشاهيءَ پنهنجي قبضي ۾ ڪئي، پوءِ بادشاهه کي چيائون ته: تو بيگناهه ڇهن راڻين کي کوهه ۾ قيد رکيو، تنهنڪري تنهنجي بادشاهي هاڻي ختم ڪئي وڃي ٿي. ڇوڪري پوءِ حڪومت تي قبضو ڪري، ڇهني مائرن کي کوهه مان ڪڍي آڻي محلات ۾ ويهاريو. وزيرزادي ۽ شهزادي کي معافي ڏنائين ۽ اهي راڻيون، جي ڪانئس مار ڏئي رستي تان ڦري ويا هئا، سي کين بخشش طور ڏنائين. پوءِ سڄي عمر آرام سان گذاريائين.

## ٧٠ سوزان پري *

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي اولاد ٿيندو ئي ڪو نه هو، جنهن لاءِ هن ست شاديون ڪيون، نيٺ پوئينءَ زال مان هن کي هڪڙي نياڻي ڄائي. بادشاهه خدا جا لک لک شڪرانا ڪيا، ۽ ڏاڍا شادمانا ۽ خير خيراتون ڪيون. شهزادي اڄ ننڍي سڀاڻ وڏي نيٺ اچي جوان ٿي.

هڪڙيءَ رات شهزادي پنهنجي ست، ماڙ تي ويٺي قدرت جا لقاءَ ڏٺا ته اوچتو آسمان ۾ شعاع ۽ چمڪاٽ ڏسڻ ۾ آيس، شهزادي ڏاڍي حيران ٿي، ڇو جو اهو شعاع وڌندو ڏانهس پئي آيو، سو ڊپ ۾ ويچاري بيهوش ٿي وئي، گهڙيءَ کن کان پوءِ جڏهن هوش آيس تڏهن ڏسي ته سبحان الله! هڪڙو تمام سهڻو ڪنگڻ سندس پرسان پيو چمڪي. شهزادي يڪدم ڪنگڻ کنيو ۽ سڌي پنهنجي پيءُ وٽ آئي ۽ ان کي سمورو احوال ٻڌائي انگل ڪيائين ته، اهڙو پيو به ڪنگڻ مونکي ٺهرائي ڏيو. شهزاديءَ جو اهو انگل ٻڌي بادشاهه ويچار ۾ پئجي ويو ۽ پنهنجا وزير ۽ امير امراءَ گهرائي انهن کي اهو ڪنگڻ ڏيکاري چيائين ته: هڪدم ههڙو ٻيو به ڪنگڻ پيدا ڪريو. وزير ۽ امير ڪنگڻ ڏسي عبرت ۾ پئجي ويا ۽ هٿ ادب جا ٻڌي، عرض ڪيائون ته: جيئندا قبلا! ههڙو ڪنگڻ ٺاهڻ ته انسان ذات جي طاقت کان ٻاهر آهي، شايد ڪنهن پرستان جي پريءَ جو آهي. ڪيئي سـ نارا آيا پر اهڙو ڪنگڻ ٺاهي نه سگهيا، اتي بادشاهه ڏاڍو ششدر ٿيو ته هاڻي ڇا ڪريان.

هوڏانهن شهزادي ڪارو ويس ڪڍي ڍڪيو ۽ منجي اوندي ڪري ويهي رهي. بادشاهه جو شهزاديءَ جي اها حالت

---

* هي ڳالهه آتر (تعلقي ميروخان) مان غلام قادر کان مليي

ڏٺي، سو پاڻ جهلي نه سگهيو ۽ هڪدم ملڪن ۾ پڙهو گهمارايائين ته: جيڪو به هن جهڙو ٻيو ڪنگڻ آڻي ڏيندو، تنهن کي شهزاديءَ جو سڱ ۽ اڌ راڄ ڏنو ويندو. اهو پڙهو ٻڌي ٻري ٻري جا جوڌا جوان ڪٿي اچي گڏ ٿيا، پر ڪنگڻ ڏسڻ کان پوءِ ڪوبه هام هڻي نه سگهيو. اتي ٻهڻ نالي هڪڙو ڇوڪرو آيو، جنهن ڪنگڻ آڻڻ جو انجام ڪيو، جنهن تي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ کيس اهو ڪنگڻ، گهوڙو ۽ ناڻي جي خرزين ڏيئي روانو ڪيو. هلندي وقت ٻهڻ، بادشاهه کي چيو ته: جيئندا قبلا! هڪ ورهيه منهنجو انتظار ڪجو، آءٌ ان عرصي ۾ اميد ته ڪاميابيءَ سان موٽي ايندس. ائين چئي سفر تي روانو ٿيو.

هلندي هلندي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، ٻهڻ هڪڙي جهنگ ۾ وڃي پهتو، جتي رات پئجي ويس. سو گهوڙي تان لهي ان کي دستي هڻي، هڪڙي وڻ تي چڙهي چوڌاري نهارڻ لڳو. پري کان هن کي ڪا روشنائي ڏسڻ ۾ آئي، سو سمجهيائين ته ڪا پهر آهي. پوءِ يڪدم وڻ تان لهي گهوڙي تي چڙهي ساعت کن ۾ اچي اتي پهتو. ڇا ڏسي ته مار! هڪڙو آدوتي ديو آهي جنهن جون لاتون آسمان سان ٿيون لڳن ۽ مٿس ٻڍپ ڇمي ويا آهن ۽ سندس اکيون لاٽ جيان ٻيون ٻرن. هي ايندي شرط 'ماما ماما' ڪري وڃي پيرن تي ڪريس. ديو ڇرڪ ڀري اٿيو ۽ چيائينس ته: جيڪڏهن ماما ماما نه ڪرين ها ته سرنهن جيڏا داڻا ڪري ڇڏيانءِ ها. ٻڌاءِ ته تنهنجو هتي ديون جي ملڪ ۾ اچڻ ڪيئن ٿيو. هن ڪنگڻ ڪڍي ديو کي ڏيکاريو ۽ سموري ڳالهه ڪري ٻڌايائينس. ديو ڪنگڻ ڏسي ٿڌو ساهه کڻي چيو ته: ابا، اهو ڪنگڻ ته ٻتناطوش ديو جي ڌيءَ سوزان پريءَ جو آهي، جنهن جي سوز ۾ مونکي ڪيئي ورهيه ٿي ويا آهن ۽ مٿان ٻڍپ ڇمي ويا اٿم. اسان ديو به اوڏانهن وڃڻ جي هام نٿا هڻون، تون ته آدمزاد آهين! موٽ

پٽتي، ڇو پنهنجي جواني تان تنتو آهين. هيءُ پنهنجي ڳالهه تان نه لٿو ۽ ڪانئس ڏس پڇيو، جنهن تي ديو ڪيس چيو ته: هتان هڪڙي منزل تي منهنجو وڏو ڀاءُ وينو اٿئي، ان ڪان توکي پورو پورو ڏس ملندو. اٿين ڇٽي ٻهمڻ کي هڪڙي ٽوپي ڏنائين ۽ چيائين ته: جڏهن ٻه اها ٽوپي پائيندين ته جن، ڀوت يا ديو پري توکي ڏسي ڪونه سگهندو، پر تون سڀني کي پيو ڏسندين. آخرڪار هن کان موڪلائي ٻهمڻ وڃي هن جي وڏي ڀاءُ وٽ پهتو. هي ان کي به ساڳيءَ طرح ماما ماما ڪري وڃي پيرن تي ڪريو. ديو دانهن ڪري اٿيو ۽ چيائينس ته: جي ماماماما نه ڪرين ها ته سرنهه جيڏا داڻا ڪري ڇڏيئين ها، پر ڀائيجا شيئن کي ٻه پيارا آهن. هاڻي حقيقت ڪر، ڪيئن هن ڏيهه ۾ آيو آهين؟ جنهن تي ٻهمڻ يڪدم ڪنگڻ ڏيکاري ڪيس سموري احوال مان واقف ڪيو ۽ اڳتي جو ڏس پڇيو. ديو ڪنگڻ ڏسي غش ٿي ويو ۽ جڏهن سامت ۾ آيو تڏهن هن کي چيائين ته: ابا! اهو ڪنگڻ ته سوزان پريءَ جو آهي. جنهن جي سڪ ۾ سوين ديو پيا سڙن، منهنجو به هيڏو حال انهيءَ جي فراق ۾ ٿيو آهي. پر جيئن ته تو مونکي ماما چيو آهي، تنهنڪري توکي ڏس ٻڌايان ٿو، اڳتي ڪٿي تنهنجي قسمت. هتان هڪ منزل ڪان پوءِ، سوُ ڪوهن ۾ هڪ ٻر آهي، جنهن ۾ هڪڙو ڪارو جبل آهي، جنهن تي هڪڙي ڪانويلي رهندي آهي، جنهن جي وِٽ ۾ اهڙو اثر آهي جو سو ڪوهه تي ڪابه شيءِ هوندي ته ان کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيندي. اها هر وقت ننڊ پئي هوندي آهي، رڳو آسر جو اٿي وِٽ لاهي وڙي سمهي پوندي آهي. تنهنڪري گهوڙي تي اتان تنهنجو لنگهي وڃڻ محال آهي. ان لاءِ هيءَ اڌ ڏند ڪترلي سو ڪڙي ڏيئين ٿو. جنهن جي وسيلي اهو سڄ جو سفر لنگهي پار پوندين. اڳتي ويندين ته پيلي رنگ جي زمين ايندي، اتي پوک جي وچ ۾ وڏو تلاءُ آهي، سوزان پري ستر سهيلين

سان، انهن اٺين ڏينهن ان تلاءُ ۾ وهنجڻ ايندي آهي ۽ اهو سڄو ڏينهن اتي ڦلهار ۾ پيچي، سج لٿي جو واپس ڪوهه قاف ويندي آهي. جڏهن ان جي اچڻ جو ڏينهن ٿئي تڏهن ڪنهن به طرح سان تلاءَ جي پرسان وڃي سندس ڪپڙا پنهنجي قبضي ۾ ڪجئين اهي ايستائين ان کي نه ڏجئين جيستائين هن ڪان هٿ ۾ پيل ويندو نه وٺين. اهو ڏس ٻڌي يڪدم ديو ڪان موڪلائي، اڏندڪٽولي‌ءَ تي چڙهي انهي پاسي روانو ٿيو، ۽ اچي پيلي زمين تي لٿو. ان ميدان جي اوله طرف ڪيس ڦلهار ڏسڻ ۾ آئي جتي وڃي ڏسي ته سبحان‌الله وچ ۾ هڪڙو تمام سهڻو ۽ وڏو تلاءُ آهي، جنهن جي چوڌاري طرح طرح جا رنگ برنگي گل ٻوٽا بيٺا آهن! بهمڻ قدرت جا رنگ ۽ لقاءَ ڏسندو اچي هڪڙي جهڳٽي ۾ لڪي ويهي رهيو ۽ انتظار جون گهڙيون ڳڻڻ لڳو. ٻه چار ڏينهن گذريا ته اوچتو طوفان لڳو، جنهن مان هي سمجهي ويو ته سندس من جي مراد پوري ٿيڻ واري آهي. سو هڪدم پهرئين ديو واري ڏنل ٽوپي پائي ويهي رهيو. طوفان بس ٿيو ته مينهن جون ڪٽيون پيون ۽ گهڙي گذرڻ ڪان پوءِ ڏسي ته سوزان پري پنهنجين ستر سهيلين سان گڏ جواهرن سان جڙيل تخت تي ويٺي آهي ۽ چار ٻانهيون اٽس جي ان تخت کي ڪلهن تي کڻيون ڪيس اڏائينديون پيون اچن.

بهمڻ جو هن جو نٽ ۽ حسن ڏٺو سو هوش ڪان ٿي نڪري ويو، پر آخر پاڻ سنڀالي ويهي رهيو. پريون اچڻ شرط ڪپڙا لاهي تلاءُ ۾ وهنجڻ لڳيون. بهمڻ يڪدم سوزان پريءَ جي پوشاڪ قبضي ۾ ڪري طلسمي ٽوپي لاهي ظاهر ٿي بيهي رهيو. پرين جو آدمزاد کي ڏٺو سو پنهنجا پنهنجا ڪپڙا کڻي پڙڪو ڏينديون اڏامنديون ويون، تان جو فقط سوزان پري وڃي رهي، جا لاچار ٿي پئي. سا ڪيس منٿون ڪرڻ لڳي پر بهمڻ چيس ته: پهرين اهو هٿ ۾ پهريل ويندو



... ’سوزان پري ستر سهيلين سميت، جواهرن سان جڙيل تخت تي ويٺي هئي، جنهن کي چار پريون ڪنڌ آڌامنديون پئي آيون‘ ...
(ص ٩٩)

ڏينم ته پوءِ ڪپڙا ڏيندوسانءِ، نه ته آءٌ وڃان ٿو. اتي پري لاچار ٿي پئي ۽ ويندو لاهي ڪٺي ڪيس ڏنائين. ويندي هٿ ڪرڻ کان پوءِ ٻهڻ ڪيس پوشاڪ واپس ڏني، جا پهري هوءِ ٻاهر نڪتي ۽ ڪانئس اتي اچڻ جو سبب پڇيو، تنهن تي ٻهڻ ڪنگڻ ڪڍي ڪيس ڏيکاريو ۽ اهڙي ٻئي ڪنگڻ جي کهر ڪيائينس. سوزان پري ڪنگڻ ڏسي سڃاتو ۽ چيائينس ته: اهو ڪنگڻ برابر منهنجو آهي، جو ملڪن جو سير ڪندي واٽ تي ڪري پيو هو ۽ ٻاقي هڪ هيءُ منهنجي ٻانهن ۾ آهي، هاڻي جي اهو ويندو مونکي موٽائي ڏئين ته آءٌ توکي هيءُ ڪنگڻ ڏيان. ٻهڻ کي اها ڳالهه ڪپندي هئي، سو هائوڪار ڪيائين. پوءِ سوزان پري کيس ڪنگڻ لاهي سندس حوالي ڪيو، جو ته ويندي جي ڏيڻ ڪري سندس قبضي ۾ هئي، ڪنگڻ هٿ ڪري ٻهڻ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس ويندو ڏئي کيس آزاد ڪري ڇڏيائينس. سوزان پريءَ کي جو ويندو مليو سو پلڪ ۾ هن جي نظر کان غائب ٿي وئي. اتي ٻهڻ جي ڏنل وقت ۾ به ڪي ٿورا ڏينهن اچي رهيا هئا، سو هڪدم اڏند کٽولي تي چڙهي واپس وطن وريو.

واٽ تي جبان، جهنگلن ۽ ملڪن جي مٿان اڏامندو اڏامندو اچي پنهنجي وطن پهتو. ماڻهن جو ٻهڻ کي ڏٺو سو خبرن هڪدم اچي بادشاهه کي خبر ڪئي. بادشاهه خبر ٻڌندي ئي هڪدم تخت ڇڏي اچي ٻهڻ سان مليو، پوءِ هن ٻئي ڪنگڻ

بادشاهه جي حوالي ڪيا، جنهنڪري هو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ هڪدم پنهنجي لاڏلي ڌيءَ کي وڃي ڏنائين. شهزادي ڪنگڻ ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. بادشاهه به پنهنجي قول کي پاڙڻ ۾ دير ڪانه ڪئي، ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ ٻهڻ جي شاديءَ پنهنجي پياري ۽ لاڏلي ڌيءَ سان ڪرائي کيس ڏاج ۾ اڌ راڄ جو ڏنو. جنهن کان پوءِ هو سڄي عمر آرام سان رهيو.

## ٨. سيڄان پري *

هڪڙي بادشاھ کي هڪڙو پٽ هوندو هو، جو شڪار جو ڏاڍو ڪوڏيو هو. جنهن وقت ڏسبو هوس، تنهن وقت سنگتين ساٿين سان، شڪار تي پيو ويندو هو. هڪ ڏينهن شڪار ڪندي هن جي اک وڃي هڪ سونن سڱن واري هرڻ تي پئي. بس پوء ته همراھ گهوڙو ڪٽي هرڻ جي پٺيان چڙهيو. هرڻ گهوڙي کان اڳي نڪري، هڪڙي تلاء ۾ گهڙي گم ٿي ويو. شهزادي گهٽيءَ کولا قولها ڪئي پر وريو ڪي نه ڪين. اوچتو سندس ڪن تي پڙلاءُ پيو ته: هي سيڄان پريءَ جو تلاءُ آهي ۽ اهو هرڻ به سيڄان پري هئي؛ اها سال ۾ هڪ پيرو ايندي آهي، هاڻي وري سال کان پوء اچڃ. هن به چيو جو سڄي تلاء کي لوهي ڪوٽ ڏياري، هڪ ننڍڙو رستو نهرائي ڇڏيو ۽ سال گذرڻ جي انتظار ۾ وڃي ويهي رهيو.

ٻئي سال، شهزادي چيو جو هڪ لوهي پيتي نهرائي ان ۾ پاڻ کي بند ڪري، اچي تلاء تي لڪي ويهي رهيو. ڪجهه ڏينهن گذرڻ کان پوء، سيڄان پري پنهنجين ساهيڙين سميت اچي تلاء تي لٿي. ڪلندي ڪڏندي ڪپڙا لاهي سڀئي اچي پينگهن ۾ لڏڻ لڳيون. شهزادو اهو وجهه ڏسي پيتيءَ مان ٻاهر نڪري سيني جا ڪپڙا ميڙي سيڙي پيتيءَ ۾ وجهي مٿان چڙهي ويهي رهيو. پريون جڏهن راند روند ڪري وهنجي سهنجي ٻاهر آيون تڏهن ڏسن ڪٿي ته ڪپڙا نهن ئي ڪونه! گهڻوئي نهاريائون پر ڪپڙا هجن ته لهن. اوچتو هڪ پريءَ جي نظر شهزادي تي وڃي پئي. بس پوء ڪاوڙجي هن کي

---

* هيءَ ڳالهه لاڙ (تعلقي بدين) مان شيخ محمد سومار کان ملي.

ڊيڄارڻ لڳيون. پرين کي پڪ ٿي تہ لاشڪ اهي ڪپڙا انهي آدمزاد ڪنيا آهن. سو ڪيئي چالاڪيون ڪيائون پر شهزادي تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو. هڪ پريءَ چيس تہ: اسين پريون آهيون، توکي ڊپ ڪونہ ٿو ٿئي؟ شهزادي جواب ڏنو تہ: جي ڊڄان ها تہ اچان ئي ڪونہ ها. سيچان پريءَ جڏهن ڏٺو تہ شهزادو دل جو شينهن آهي تڏهن چيائينس تہ: ڀلا توکي ڇا گهرجي؟ شهزادي وراڻيو تہ: سيچان پري. هن چيو تہ: آءٌ حاضر آهيان، پر ڀينن کي تہ ڪپڙا ڏئي روانو ڪر. شهزادي يڪدم ڀينن پرين کي ڪپڙا ڪڍي ڏنا ۽ سيچان پريءَ کي پاڻ سان وٺي پنهنجيءَ محلات ۾ آڻي رهايو ۽ سندس ڪپڙا پاڻ وٽ سگها رکي ڪيس ٻيا ڪپڙا پهرڻ لاءِ ڏنا.

سيچان پريءَ کي محل ۾ تہ وٺي آيو پر هو نہ ڳالهائي نہ ٻولهائي، سڄو ڏينهن بيمارن وانگر هڪ هنڌ پئي هوندي هئي. شهزادو جڏهن سندس ويجهو ايندو هو تڏهن هيءَ ڊيري ٿي ڪري پوندي هئي. انهي حالت ۾ هن کي پورو سال گذري ويو. هڪ ڏينهن سيچان پريءَ شهزادي کي چيو تہ: اڄ وڃي هرڻ جو شڪار ڪري اچ تہ گڏجي کائون. اندو گهري الله کان هڪ اک، منڊو گهري ٽنگ. سو شهزادو هن کي راضي ڏسي، گهوڙي تي چڙهي هرڻن جي شڪار لاءِ هليو ويو. پٺيان سيچان پريءَ ٻانهيءَ کي چيو تہ: مونکي منهنجا اڳيان ڪپڙا ڏي تہ ڏيکيان ۽ در دروازا بند ڪري ڇڏ. ٻانهيءَ گهڻوئي نتايو پر پريءَ هن کي دٻائي ڊيڄاري ڪپڙا ورتا ۽ پهري مٿان منگهہ مان اڏامي هلي وئي ۽ ويندي وقت ٻانهيءَ کي چيائين تہ: شهزادي کي چئج تہ آءٌ ٻارهن مهينا سندس واٽ ڏسنديس، جي آيو تہ واهہ، نہ تہ ٻيو مڙس ڪنديس. شهزادو جڏهن واپس وريو تہ ڏسي تہ محلات ۾ ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا آهن. ٻانهيءَ کان خبر چار پڇيائين جنهن سربستي حقيقت ڪري ٻڌايس. اهو ٻڌي شهزادو يڪدم

پيءُ وٽ آيو ۽ سڄي ڳالهه ٻڌائي مدد گهريائينس، جنهن يڪدم ڪيس ٻيڙا ۽ غوراب، لالشڪر سون ۽ رپو ڏئي موڪل ڏني ۽ هو ٻيڙا هاڪاري روانو ٿيو.

هلندي هلندي جڏهن سندس غوراب اچي جنن ۽ ديون جي حد ۾ پهتا، تڏهن انهن هن جا ٻيڙا غوراب ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيا. شهزادي کي هڪڙو تختو هٿ اچي ويو، جنهن جي وسيلي ٽلڪي ٽلڪي اچي ڪناري تي پهتو. نيٺ اڪيلي سر گزگمان ڪٿي اڳتي هليو. واٽ تي هڪڙي هنڌ ڏٺائين ته هڪڙو ٻڪرار آهي جو سؤ کن ڇيلا، ڪاني ۾ ٻڌيو پيو پيو گهمي! شهزادو جڏهن سندس ويجهو ويو ته ان کي ٻه جهٽ هڻي، انهيءَ ڪاني ۾ ڪٿي وڌائين. سڄو ڏينهن انهي ڪاني ۾ قابو پيو هو، سج لٿي مهل پنهن ڇيلن سان گڏ هن کي ٻه وڃي پنهنجي گهر اچليائين. اتي ڏٺائين ته ڪيترا ماڻهو بنهه چرڻ ڦرڻ کان بس ٿيا ٻڌا ٻيٺا آهن، ۽ هرهڪ اڳيان هڪ هڪ وڏي چاڏي پئي آهي. هي ٻه وڃي انهن کي ويجهو ٿيو ۽ پڇيائين ته: ادا، ڪريو خبر توهان سان خير؟ هنن چيو ته: خبرون مڙيئي خير، هي آدمخور آهي، روزانو هڪ ماڻهو سندس قوت آهي. روز شام جو جيڪو ڪيس ٿلهو متارو ماڻهو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، ان کي سيخ ڪري ۽ کير جي ڪڙاهي ٻري، باهه تي رکي، سمهي پوندو آهي. اڌ رات جو جڏهن ماڻهو پچي ويندو آهي تڏهن اٿي کائيندو آهي. ۽ هنن چاڙين ۾ اسان کي کير ڏيندو آهي. شهزادي اهو ٻڌي، پنهنجي ڪنڌ ۾ ڪٿي ڳرهو وڌو ۽ يارن سان گڏ قطار ۾ ويهي رهيو. ايتري ۾ ٻڪرار به کير ڏهي، هر ڪنهن جي چاڏيءَ ۾ وجهندو ويو. شهزادي جي چاڏيءَ ۾ به وڌائين. شهزادي به زندگيءَ تان آسرو لاهي کير جي چاڏي ڪنئين. اوچتو سيچان پريءَ کي خبر پئجي ويئي ته شهزادو زهر وارو کير ڏنو پئي. سا يڪدم واچوڙو ٻڻجي، اچي اتي پهتي ۽ جهٽ هڻي سمورو کير هاري

ڏو وجي ان ڪاهيءَ ۾ ڪريو. هن ٻه وڏا وڏا پٿر ڪڍي، سنڌ سنڌ ڪٽيس ۽ هو ڦٽڪندو ڦٽڪندو مري ويو. هاڻي ڪيس انهن ماڻهن جي آزاد ڪرڻ جو اونو ٿيو ۽ انهن وٽ اچي سمورو احوال ڪيائين ۽ انهن کان پڇيائين ته: هاڻي خبر ڏيو ته اوهان خوش ۽ چرڻ پرڻ جهڙا ڪيئن ٿيندا؟ انهن وراڻيو ته: ڪير واري ڪڙاهيءَ ۾ اسان کي ٻڪري رڌي کاراءِ. هن ائين ڪيو ته هو سڀ چڱا ڀلا ٿي پيا. سڀني هن جا احسان ۽ ٿورا مڃيا. شهزادي هنن کي حصي آهر ٻڪريون ڏنيون، پنهنجي پنهنجي ڳوٺ روانو ڪيو، ۽ پاڻ سيجان پري جي ڳولا ۾ اڳتي روانو ٿي ويو.

هلندي هلندي ڇا ڏسي ته ست گهر آهن. جن ۾ ماڻهو چيٽو آهي ئي ڪونه! باقي انهي ٻڪرار جي ٻڪرين جهڙي هڪڙي ٻڪري بيٺي آهي ۽ ٽي گهر ڪلايا پيا آهن ۽ چار گهر پوريا پيا آهن. هي وڃي هڪڙي ڪليل گهر ۾ ويهي رهيو. ايتري ۾ ڏسي ته ٽي ڏائڻيون ٻڳيون پيون اچن. ۽ ايندي شرط اچي انهيءَ ٻڪري کي ڪهي، ٺاهي، ڪائي هڏا گڏا گڏ ڪري، پوءِ هڪڙيءَ چيو ته "تاڙ" ٻيءَ چيو ته "پتاڙ" ٽيءَ چيو ته "ٽپو" پر ٻڪريءَ ٽپو ڏنو ئي ڪونه. اها ٻڪري اصل ۾ ڪا انهيءَ ٻڪرار هنن کي ڏني هئي ۽ چيو هئائين ته، جڏهن ائين ڪرڻ سان ٻڪري ٽپو ڏئي نه اٿي ته ڄاڻجو ته مان مري ويو آهيان ۽ پوءِ اوهان منهنجي واهر لاءِ اچجو. ڏائڻن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته اڄ ٻڪري ڪانه اٿي. پڪ ٻڪرار مري ويو آهي. هاڻي سندس واهر ڪرڻ ضروري آهي. ايتري ۾ هڪڙي ڏائڻ چيو ته: هتي مونکي انسان جي بوءِ پئي اچي. ٻيءَ چيو ته: ڇري ته نه ٿي آهين، هتي انسان ڪٿان آيو؟ آخر سڀ صلاح ڪري، چراخن تي چڙهي، گم ٿي ويون. پٺيان شهزادي سڏ ڪري چين ته: ڪيڏانهن ٿيون وڃو؟ انهيءَ ٻڪرار جو مارينڌڙ ته آءٌ آهيان. اهو ٻڌي سڀ هن کي ڪائڻ ڪاڻ وريون ته ايتري ۾ سيجان پريءَ کي خبر پئجي وئي ته شهزادي جو

چاڻ ٽيون ساھ ڪين. سو جيڏين کي سڏ ڪري چيائين ته: اديون، منهنجي واهر ڪريو. پوءِ هڪڙيءَ واءُ ڪيو، ٻين مينهن وسايو. انهي مينهن واءُ ۾ اهي چراغ ٻتي وئي ٻهڳا ۽ شهزادو جان بچائي ڀڄي ويو.

سيڄان پريءَ ڏٺو ته شهزادو هاڻي ٺڪو آهي سو پيءُ کي چيائين ته: بابا سائين، منهنجو مڙس مونکي ڳوليندو اچي پهتو آهي. توهان انهيءَ کي گهوڙو موڪلي پاڻ وٽ گهرايو. بادشاھ جنن کي حڪم ڏنو، جي سوني سنج سان گهوڙو سنجي شهزادي کي وٺي آيا، جتي سندس وڏو آدرڀاءُ ڪيو ويو. هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ بادشاھ وڏي ڌام ڌوم سان ٻنهي جي شادي ڪرائي. سال کن کان پوءِ ڪين پٽ ڄائو.

هڪ سال کان پوءِ سيڄان پريءَ شهزادي کي چيو ته: اڄ آءُ سير تي ٿي وڃان. پر ياد رکجانءِ ته سامهون واريءَ ڪوٺيءَ ۾ نه وڃج. ائين چئي سيڄان پري اڏامي وئي. پٺيان هڪ پوڙهيءَ اچي شهزادي کي چيو ته: ابا، سيڄان جي ڀيڻ اهڙي ته سهڻي آهي جو ڏسندي ته سيڄان وسري ويندءِ ۽ اها هن سامهون واري ڪوٺيءَ ۾ بند آهي. اهو ٻڌي هن کي ڏسڻ جو حرص ٿيو ۽ لڪڻ ڪٽي انهيءَ ڪوٺيءَ ۾ ويو. حقيقت ۾ انهيءَ ڪوٺيءَ ۾ هڪ وڏو ديو پوريل هو جو سيڄان پريءَ جو عاشق هو. پر هن ڪيس ڪنهن فريب ۾ ڦاسائي، ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو هو. شهزادو ڪوٺيءَ ۾ ويو ته ڪيس هڪ طوطو نظر آيو. هن وڃي انهيءَ طوطي کي ٻاهر ڪڍيو ته يڪدم هڪ وڏو ديو ٻنجي پيو ۽ چوڻ لڳو ته: اي انسان، تون ٿو پريءَ سان شادي ڪرين. ائين چئي ڪيس ۽ سندس پٽ کي کڻي ڌرتي آسمان ڏانهن اڏاڻو. سيڄان ان وقت سير ڪيو پنهنجين يارهن ساهيڙين سميت اڏاڻي پئي آئي، تنهن جي نظر اوچتو وڃي ديو، مڙس ۽ پٽ تي پئي. هن کان رڙ نڪري وئي ۽ چوڻ لڳي ته: قهر ٿي ويو. ڀينر، منهنجي واهر ڪريو

منهنجو ٻچو ۽ مڙس بچايو. پوءِ ممورين ساهيڙيون هيٺ لهي بيٺيون ۽ سيجان وچي ديو کي رسي، اتي ٿي اچي مار متيلي سان وئيس. جو سنڌ چريس سو ڀڳيئيس. ايتري ۾ ٻار ۽ شهزادو ديو جي هٿ مان ڇڏائجي ويو، سو هيٺ ٻين پرين جهڙي ورتو هو. نيٺ ديو تي وري سنڌ چاڙهي طوطو بنائي ساڳيءَ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيائينس. اتان واندي ٿي، شهزادي وٽ آئي. تنهن سڄي حقيقت ڪري ٻڌايس. سيجان پريءَ ان پوڙهيءَ کي جيئري ئي گڏهه جي پيٽ ۾ وجهرائي درياهَ ۾ لوڙهائي ڇڏيو.

ڪن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ شهزادي کي اچي وطن جي سڪ لڳي. سو سڄي ڳالهه سيجان پريءَ سان اوريائين. تنهن چيس ته: ڀلي، ابي کان اجازت وٺ ته هلون. هن سيجان پريءَ جي پيءُ کان موڪل ورتي ۽ وڃڻ مهل ڪيس اڏام کٽولي، مار متيلو ۽ پکڙسيلهي ڏنا ۽ جنن ٻنا ٻيڙا ۽ غوراب ڀرائي، ڪري روانو ڪيو. شهزادو پاڻ، سيجان ۽ ٻار اڏام کٽولي تي چڙهي روانا ٿيا ۽ جنڙا سامان جا غوراب هاڪاري سنڌن پٺيان روانا ٿيا.

نيٺ هڪ ڏينهن شهزادو پنهنجي زال ۽ ٻار سميت اچي پنهنجي وطن ۾ پهتو. پر هتي ته قصوئي ٻيو لڳو پيو هو. سندس وڃڻ کان پوءِ ڇا ٿيو جو سندس پيءُ کي هڪ وزير تخت تان لاهي پاڻ بادشاهه بنجي ويٺو رهيو ۽ اصل بادشاهه کي قيد ڪري ڇڏيو هئائين. شهزادو جڏهن اتي پهتو، تڏهن اتي جا چڱا مڙس گڏ ڪري، انهن مان هڪ کي امين ڪري، فيصلي ڏيڻ لاءِ ڇڏيائين. وزير ڇا ڪيو جو انهيءَ امين کي ٻه چار هزار اشرفيون رشوت ڏئي پنهنجو ڪري ڇڏيو.

هيڏانهن جنڙا ٻه ٻيڙا ۽ غوراب ڪاهي اچي پهتا. انهن هتي جو هيءُ حالت ڏٺي ته جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا. پر، شهزادي کين صبر ۾ رهڻ لاءِ چيو، چو جو فيصلي ڪرڻ لاءِ ٽياڪڙ مقرر ٿيل هو. تنهن هوندي به شهزادي مار متيلي

کي حڪم ڏئي ڇڏيو هو ته: جيڪڏهن امين ڪوڙو فيصلو ڏي ته ڪيس موچڙا هنيا وڃن. آخر فيصلي ٻڌڻ لاءِ سڀ اچي گڏ ٿيا. امين فيصلو ڪيو ته: حڪومت ته وزير جي آهي. هن جو اهو فيصلو ڏيڻ ۽ مٿس موچڙن جو زيپٽ ٿيڻ. بس پوءِ ته سڀ وٺي ڀڳا ۽ فيصلو ڪِنه ٿيو. آخر قصو اتي وڃي بيٺو ته جنگ ۾ جيڪو کٽي اهو بادشاهه آهي. رات ٿي ته جنڙا ويا تن وڃي دشمنن جي ترارن جي جاءِ تي ڪک، ڪانا ۽ ڍالن جي بدران ڍڪڻ رکي آيا. صبح جو جنڙن به حملو ڪيو، وزير به جوابي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو، پر هڪ به هٿيار نه ڏسي لڪي ڀڄي ويو. بس پوءِ ته شهزادي پنهنجي پيءُ کي گهرائي تخت تي ويهاريو ۽ پاڻ ساڳئي تلاءَ تي اڏيل ماڙيءَ ۾ سيچان پريءَ سان گڏ آرام ۽ فرحت ۾ گذارڻ لڳو.

# ٩. گل پري *

هڪڙي بادشاهہ کي هڪڙو پٽ هو. شهزادي جي سونهن سوڀيا جي هر هنڌ هاڪ پکڙيل هئي. بادشاهہ حڪم جاري ڪري ڇڏيو هو تہ، جنهن ماڻهوءَ وٽ آرسي هجي، اها يڪدم اتيئي بند ڪري ڇڏي، نہ تہ منهنجو شهزادو آرسي ڏسي چوندو تہ مونکي مون جهڙي زال پرڻاءِ. پوءِ اسين انهيءَ جهڙي زال ڪٿان آڻنداسين؟ تنهنڪري ڪنهن وٽان بہ آرسي ظاهر ٿي، تہ ان کي ڦاسيءَ جي سزا ملندي.

شهزادو اڃ ننڍو سيان وڏو، اڇي جوان ٿيو، هڪڙي ڏينهن سهي سنيري شڪار تي نڪتو. شڪار ڪندي ڪندي اتفاق سان اچي سمنڊ جي ڪناري تي پهتو. اتي ڪن غورابن اچي پڳہ هنيو هو. شهزادي اتي پسار ڪندي ڏٺو تہ غوراب ۾ ڪو ماڻهو ڪا شيءِ سامهون رکيو، ان ۾ پنهنجو منهن ويٺو ڏسي. شهزادو وڃي ان وٽ ويو، ۽ ان کان اها آرسي ورتي، ان ۾ پنهنجو منهن ڏٺائين، ۽ انهيءَ ماڻهوءَ کان آرسيءَ جي قيمت هيڪوڻ جي ٻيڻ ڏئي اها خريد ڪيائين، ۽ دل ۾ ارادو ڪيائين تہ اڄ بابي کي چوندس تہ مونکي مون جهڙي سهڻي زال پرڻاءِ.

شهزادو يڪدم موٽي اچي پيءُ سان مليو ۽ پيءُ کي چيائين تہ: بابا! مونکي مون جهڙي سهڻي زال پرڻاءِ! جي نہ پرڻائيندين، تہ نہ آءٌ تنهنجو ۽ نہ تون منهنجو. بادشاهہ سڄي ڳالهہ سمجهي ويو تہ لاشڪ اڄ شهزادي کي سندس سونهن جي خبر پئي آهي... سو چيائينس تہ: پٽ! ڌيرج ڪر، آءٌ اڄ ئي چئني طرف ماڻهو روانا ڪريان ٿو، جيڪي تنهنجي

---

* هيءَ ڳالهہ ٿرپارڪر (تعلقي ساماري) مان رائچند کان ملي.

لائق ڪا ڪنوار ڳولي اچن. شهزادي کي اهو دلاسو ڏئي بادشاهه يڪدم چئني پاسن ماڻهو موڪليا.

هڪڙيءَ رات شهزادي خواب لڌو ته هڪڙو باغ آهي، جنهن جي وچ ۾ هڪڙو عاليشان شهر آهي، وري شهر جي وچ ۾ هڪڙو ڪوهه آهي، جنهن جي ڀرسان هڪڙي مالهيءَ جو گهر آهي، انهيءَ گهر ۾ هڪڙي سدا ملوڪ پري ويٺي آهي ۽ اهو مالهي اهڙو ته سٺو شراب ٺاهي ٿو، جو پيئندي ننڊ وٺيو وڃي. ٻئي ڏينهن، شهزادي بادشاهه کي چيو ته: مون رات خواب لڌو آهي، ڇهڙي پارين هڪڙي خوبصورت پري آهي، جي اها مون کي پرڻائيندين ته پرڻبس، نه ته ٻي زال آءٌ ڪڏهن ڪانه پرڻبس. بادشاهه فڪر ۾ پئجي ويو، سو وزير کي گهرايائين ۽ ان سان صلاح ڪيائين ته: هاڻي هيئن ڪر، جو هتان ڏهن پندرهن ڪوهن تي هڪڙو نئون شهر وڃي ٺهراءِ، جو ڇهن ستن مهينن ۾ تيار ٿي وڃي ۽ ان جي وچ ۾ هڪڙو محلات ٺهرائي، ان ۾ هن سڄيءَ بادشاهيءَ ۾ جيڪا سهڻي ۾ سهڻي ڇوڪري هجي، ته اها ويهاري ڇڏ، ته پوءِ ڪنهن نموني سان شهزادي کي اهو شهر گهمائي انهيءَ محلات واري ڇوڪري ڏيکارجيس، ته من اها قبول ڪري.

وزير صلاح موجب وڃي نئون شهر ٺهرايو، جو ڇهن مهينن اندر ٺهي راس ٿيو. ان بعد وزير، شهزادي کي اهو شهر ڏيکارڻ وٺي آيو. گهمندي گهمندي، اوچتو شهزادي جي نظر وڃي انهيءَ محلات تي پئي، ۽ اتي انهيءَ ڇوڪريءَ کي به ڏٺائين. شهزادي وزير کي چيو ته: هيءُ شهر ئي ٻيو آهي، ۽ هيءَ پري نه آهي. وزير هلندي شهزادي کي ريجهائڻ لڳو، جڏهن سڀ گڏجي اڌ پنڌ تي آيا، ته ڏسن هڪڙو سامين جو لڌو سامهون پيو اچي، جي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا پيا اچن ته، بادشاهه هيءُ خرچ اجايو ڪيو آهي. اهو شهر ۽ اهو ماڻهو هتي آيو ڪٿان! هاڻي پيا شهزادي کي

ڏُتارين. شهزادي سامين جو اهو پٽڪو ٻڌي ورتو ۽ وڏي
وڃي اڳيان ٻيٺي، ۽ کانئن پڇيائين ته: اهو شهر ڪٿي آهي؟
سامين ورندي ڏني ته: اهو شهر هتان گهڻو پري آهي. چڱو
آهي ته اتي وڃڻ جي سڌ نه ڪر. آخرڪار شهزادي سامين
کي ستايو ته: مونکي انهيءَ شهر ڏانهن وٺي هلو. سامين
واعدو ڪيو ته: جي اسان سان گڏجي هلندين ته اسين اهو
شهر توکي ڏيکاريندا سين. شهزادي وزير کي چيو ته: آءٌ هنن
سان گڏجي ٿو وڃان، توهين بادشاهه سلامت کي منهنجا
سلام ڏجو. شهزادي پنهنجو گهوڙو ڦيرائي سامين جي لڏي
سان ڪيو. وزير وڃي بادشاهه وٽ پهتو، وزير بادشاهه کي
صلاح ڏني ته: شهزادي کي اڪيلو ڇڏڻ نه گهرجي.
مونکي خزاني جون خرزينيون ڀرائي ڏيو، ته آءٌ ساڻس وڃي
گڏجان. بادشاهه وزير کي اجازت ڏني. سو پاڻ سان گهوڙا
ڀيڙا، نوڪر چاڪر ۽ خزانو کڻي شهزادي جي پويان پيو، ۽
نيٺ اچي شهزادي ۽ سامين جي لڏي کي پهتو. پوءِ اتان
سيئي گڏجي اٿي اڳتي هليا. هلندي هلندي، ڇهه بادشاهيون
ته اڪري پار پيا، آخر ستين بادشاهيءَ ۾ اچي پهتا. ڪن
ڏينهن کان پوءِ، انهيءَ بادشاهيءَ ۾ اتفاق سان ساڳئي انهيءَ
شهر ۾ اچي پهتا، جيڪو شهزادي خواب ۾ ڏٺو هو. سامين
وزير ۽ شهزادي کي چيو ته: بابا! توهان وارو شهر اهو اٿوَ
هاڻي اسان فقيرن کي موڪل ڏيو ته اسين پنهنجو منهن وٺون.
پوءِ جوڳي موڪلائي هليا ويا.

وزير ۽ شهزادو اچي شهر ۾ داخل ٿيا. سڄو ڏينهن
شهر جو گشت ڪري شهر جي گهٽين ڳلين جا واقف ٿيا.
نيٺ من جي مراد وارو ماڻهو به وڃي جاچيائون. هي سڀ
ڏسي وائسي رات جو پنهنجي مڪان تي آيا، رات جو وزير
شهزادي کي صلاح ڏني ته: صبح جو هتي جي بادشاهه جي
ملاقات تي هلنداسون توڻي وڃي بادشاهه سان گڏ ويهي رهجين،

آءٌ پاڻيهي اتي حال احوال ڏيندس ونندس. رات جو اها صلاح ڪري، صبح جو هي ٻئي ڄڻا اتي جي بادشاهہ جي ڪچهري ۾ آيا. دربار لڳي پئي هئي، ۽ بادشاهہ تخت تي ويٺو هو، وزير امير بہ پنهنجن پنهنجن لائق جاين تي ويٺا هئا. هي بہ ٻئي ڄڻا بادشاهي آداب بجا آڻي، شهزادو جتيءَ سوڌو ڪچهريءَ مان لنگهي وڃي بادشاهہ سان گڏ تخت تي ويٺو ۽ وزير پنهنجي مرتبي سارو وزيرن سان گڏ وڃي ويٺو.

بادشاهہ کي ڪجهہ عجب لڳو ۽ ڪجهہ ڪاوڙ بہ لڳي. پنهنجي وزير ڏانهن نهاري، اشاري ۾ چيائينس تہ، هنن کان خبرون وٺ. وزير ڪانئن پڇيو تہ: ادا! ڏيو خبر! ڪير آهيو؟ ڪٿي ويٺا آهيو؟ وزير چيو تہ: سائين! هو منهنجو بادشاهہ آهي، آءٌ سندس وزير آهيان ۽ فلاڻو اسان جو ملڪ آهي، اسين شراب جي خريديءَ لاءِ ٻاهر نڪري پيا آهيون. هتي هڪڙي مالهيءَ وٽ ڏس مليو آهي تہ اهڙو شراب ملي ٿو، جو پيئڻ سان دل جا سڀ ڏک دور ٿيو وڃن ۽ انسان کي ننڊ وٺيو ٿي وڃي، تنهنڪري اسين هتي آيا آهيون، ۽ اهو شراب وٺنداسين. جي اهڙو ڪو مالهي هتي هجي ۽ وٽس اهڙو ڪو شراب هجي، تہ ان کي گهرائي وٺندا، تہ اسين ان سان ڳالهيون ٻولهيون ڪنداسون. مالهي بہ ڪو انهيءَ ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو، تنهن چيو تہ: سائين! اهو مالهي آءٌ آهيان. وزير چيس تہ: اُچي ۾ اُچو شراب جيڪو هجي اهو ڪٿي اچ. مالهي ويو سو پنج ڇهہ شيشا ڪٽي آيو. وزير اهو شراب ڪجهہ پاڻ ۽ ڪجهہ شهزادي کي پياريو ۽ باقي شراب ٻين ڪچهريءَ ۾ ويٺل ماڻهن کي پياري ڇڏيائون، هڪڙو جام مالهيءَ کي بہ پياريئون. ٿوري وقت کان پوءِ شاهي ڪچهريءَ وارن کي اچي نشو ٿيو، سي اتيئي ننڊ ۾ سمهي پيا. وزير ۽ شهزادو ٻئي اتان نڪري سڌو مالهيءَ جي گهر آيا. اتان انهيءَ پري جنهن جو نالو "گل پري" هو، تنهن کي سڏيئون، جا نڪري

آئي، شهزادي کي ڏسي گل پري مٿس عاشق ٿي پئي. پوءِ شهزادي پنهنجي من جي مراد ٻڌائيس ۽ چيائين ته: اسان سان گڏ جي هل. گل پري سندس اها ڳالهه مڃي، ۽ ساڻن نڪري پئي. هلندا هلندا، چار بادشاهيون لنگهي، پنجينءَ ۾ اچي نڪتا، جتي ڪين بادشاهه جي محلات جي پرسان باغ ۾ ٽڪڻو پيو. شام ٿي ته وزير شهزادي کي چيو ته: هيءَ پرائي بادشاهي آهي، هتان نڪري ڪنهن ٻئي هنڌ هلي ٿا رات ڪٽون. شاهي محلات جي پرسان رات جو رهڻ چڱو نه آهي. پر شهزادي وزير جي اها صلاح نه مڃي، چي: هاڻي وري ڪهڙي تڪليف ڪريون، اسين اتيئي ٿا رهي پئون. لاچار وزير کي به رهڻو پيو.

اڌ رات ٿي ته اتي جي بادشاهه جي ماڻهن جي نظر وڃي باغ واري ڏيري تي پئي. انهن اها خبر وڃي پنهنجي بادشاهه سان ڪئي. بادشاهه هڪدم حڪم ڏنو ته: وڃي ڏسو ته ڇا آهي؟ نوڪر آيا ۽ هنن کي ڏسي وڃي بادشاهه سان خبر ڪيائون ته ٻه مرد ۽ هڪڙي تمام سهڻي عورت آهي، جي ستا پيا آهن. بادشاهه نوڪرن کي چيو ته: توهان آهستي آهستي ننڊ ۾ ئي اها خوبصورت عورت کڻي اچو. نوڪرن يڪدم حڪم جي تعميل ڪئي، ۽ گل پريءَ کي کڻي محل پيڙو ڪيائون. صبح جو گل پري پاڻ کي محلات ۾ ڏسي حيران ٿي وئي، چي: منهنجو شهزادو ڪٿي؟ پر سندس ٻڙڪ به محل کان ٻاهر نه نڪتي.

هوڏانهن شهزادو به اٿي ڏسي ته ڪاري وارا ڪک لڳا پيا آهن. سو ڏاڍو حيران ٿيو. تنهن تي وزير چيس ته: شهزادا! منهنجي صلاح مڃين ها، ته هوند اڏين ڪونه ٿئي ها، هاڻي ويٺو رو، پنهنجي الله واهي اٿئي. پر شهزادو چڙ ڏنس ٿي ته، چي: يار وزير! ميترن ڪشالن ۾ گڏ هئين. هاڻي تو کي پڇڻ مناسب ناهي، ڀرين هل ته هن ملڪ جي بادشاهه وٽ فريادي ٿي هلون، پوءِ ڪٿن نصيب. سو هي ٻئي چڙا بادشاهه

مقرر ڏينهن تي شهزادو هڪڙو پلو اُٺ وٺي آئي محلات جي پٺين دروازي وٽ بيهي رهيو، ڪيتري دير گذرڻ کان پوءِ خدا جي قدرت اهڙي ٿي جو شهزادي کي اچي ننڊ ورايو، سو اتي ئي ڪيس ننڊ ڪٽي وئي. اتفاق سان انهيءَ رات هڪڙو چور، جنهن جو نالو ڪاپرو چور هو، چوريءَ ڪرڻ لاءِ بادشاهه جي محلات ڏانهن پئي آيو. اوچتو سندس نظر وڃي اُٺ ۽ شهزادي تي پئي، سو دل ۾ چيائين ته: ايڏانهن وڃي ڏسان ته ڇا آهي. پير پير ۾ ڏئي اتي آيو ۽ وڃي ڏسي ته ڪو شخص اُٺ جي گوڏي تي ستو پيو آهي. چور ڏٺو ته اٺ پلو آهي، اهو ضرور هٿ ڪرڻ گهرجي. سو ڇا ڪيائين جو ڪهاڙيءَ سان ڏب وڍي، انهن ۾ مولهاٿو ٺاهي، شهزادي کي آهستي آهستي ڪري ان جو متو گوڏي تان لاهي انهيءَ مولهاٿي تي رکيو ۽ اٺ آهستي آهستي وٺي ٿورو پريرو وڃي ٻيهاريائين. شهزادو اهيئين مولهاٿي تي ننڊ ۾ پيو هو. چور اٺ وٺي دل ۾ خيال ڪيو ته هن بيگاهه وقت ۾ جو هتي سنيريل اٺ بيٺو آهي، سو انهيءَ ۾ ضرور ڪو حساب رکيل آهي، هاڻي گهڙي ساعت بيهي ڏسان ته ڇا ٿو ٿئي. گهڙي ڪن گذري ته ڏسي ته پريان هڪڙي سهڻي زال پئي اچي. راڻي به اٺ سينگاريل بيٺل ڏسي سمجهيو ته شهزادو بيٺو آهي، سو تنهن نڪي پڇيو نڪي ڳاڇيو، سڌو اچي اٺ تي چڙهي ويهي رهي، ۽ چور کي چيائين ته: هاڻي هل. چور کي لڳي وئي ساڃي، تنهن وٺي اٺ کي هڪليو. هلندا هلندا شهر کان ڪجهه پنڌ پريرو ويا ته اتي راڻيءَ چور کي چيو ته: تنهنجو گهوڙو ۽ وزير ڪٿي؟ اتي چور ورندي ڏنس ته: ڇا جو گهوڙو ڇا جو وزير، آءٌ ته ڪاپرو چور آهيان. تنهنجا وزير ۽ گهوڙا اتي رهيا. گل پريءَ دل ۾ چيو ته مون سان ويل ٿي ويو. پر هاڻي هن کان به جند ڇڏايان، سو چور کي چيائين ته: ميان ڪاپرو چور! هيس ته انهيءَ جي زال جنهن کان تون اٺ ڌري آيو آهين، پر هاڻي



... گُل پري اُٺ تي سوار ٿي ۽ چور، شهزادي کي آتي ئي ستل ڇڏي، اُٺ کي هڪليو ... (ص ١١٤)

ٺهيو هيٺر تنهنجي قبضي ۾ آهيان، سو تون ئي مونکي قبول آهين. هاڻي منهنجي صلاح آهي ته تون مونکي هتي ويهاري پنهنجا مٽ مائٽ وٺي ڄڃ ڪري اچ ته هتان شادي ڪري هلون... چو ته ائين تون مونکي وٺي هلندين ته چور ٿي پونداسين. اها ڳالهه چور کي دل سان لڳي، سو گل پريءَ کي اتيئي ويهاري، پاڻ اٺ تي چڙهي، پنهنجي ڳوٺ ڏانهن ڄڃ وٺڻ لاءِ روانو ٿيو. گل پري چور کي اماڻي، پاڻ واپس شهر ڏانهن رواني ٿي. هلندي هلندي اچي ڏسي ته ٻه ٻڪرار بيٺا آهن. ٻئي ڄڻا گل پريءَ کي ڏسي اچي پاڻ ۾ وڙهيا. هڪڙو چئي ته هن کي آءٌ پنهنجي زال ڪندس. ٻيو چوي ته هيءَ منهنجي زال آهي. هنن کي هڪٻئي ۾ اهڙيءَ طرح وڙهندي ڏسي گل پريءَ کين سڏي چيو ته: توهان وٽ ڪيتريون ٻڪريون آهن؟ هڪڙي چيو ته: سترڪن آهن. ٻئي کان پڇيائين ته: تنهنجون گهٽيون ٻڪريون آهن؟ جنهن چيو ته: شڪر آهي، مون وٽ اسي ڪن ٻڪريون آهن. گل پريءَ اهو ٻڌي هنن کي چيو ته: هاڻي توهين پاڻ ۾ وڙهي نه مرو. کهاڙيون نه توهان وٽ اهيئين آهن، توهين ٻئي ڄڻا انهن کهاڙين سان پنهنجون پنهنجون ٻڪريون مارڻ شروع ڪريو، پوءِ جيڪو توهان مان پنهنجون ٻڪريون اڳي ماري مون وٽ ايندو، آءٌ انهيءَ جي زال ٿينديس. ٻڪرارن اهو ٻڌي کهاڙيون هٿن ۾ کڻي اچي ٻڪرين ۾ ٻاڪر ڪٽيو وڌو. ٻڪرار لڳا ٻڪرين کي مارڻ ۽ گل پري وجهه ڏسي اڳتي رواني ٿي وئي.

هوڏانهن ڪاپرو چور خوشيءَ مان هلندو هلندو پنهنجي ڳوٺ ۾ آيو ۽ پنهنجا مٽ مائٽ گڏ ڪري کين چيائين ته: هڪڙي ڪنوار هٿ ڪري آيو آهيان، توهين پاڻ پينرڻ مون سان ڄڃ ڪري هلو ۽ منهنجي شادي ڪري اچو. تڏهن سندس مائٽن وڏي ڄڃ ڪٺي تاهي ۽ ڇم ڇم ڪندا ڏاڍا دهل دماما وڄائيندا اچي اتي پهتا، جتي ڪاپرو چور گل پريءَ کي

ويهاري ويو هو. ڇڄ کي ٻيهاري ڪاپرو چور هيڏانهن هوڏانهن
نهاريو، پر گل پري هجي نه ڏسجي. سو ڇڄ اڳيان اچي
منهن مٿو پٽيائين، چي هتي آءٌ پنهنجي ڪنوار ويهاري ويو هوس،
الاجي ڪيڏانهن گم ٿي وئي. تنهن تي ماڻهن ڏاڍي ڇٽ ڪيس
چي: عقل جا انڌا! ڪڏهن جهنگ ۾ ويهاريل ڪنوارون به
اٿو پرڻيا آهن؟ خير ڇڄ هن کي ڇٽ ڦٽ ڪري واپس وئي.
ڪاپرو چور ٻيهي پير نهارڻ لڳو، ته ايتري ۾ شهزادو به اُتِ
جو پيرو کڻي اچي اُتي پهتو. هڪٻئي کان احوال ورتائون
پڇڙين ڪاپرو چور پنهنجو احوال ڪيو. شهزادي سچي ڳالهه
ٻڌي کيس چيو ته: ادا! حيف اٿئي، اها منهنجي زال هئي. هاڻي
هل ته ٻئي ڄڻا پيرو کڻون. پوءِ هي ٻئي ڄڻا پير کڻندا انهن
ٻن ٻڪرارن وٽ اچي پهتا. ڏسن ته ٻڪرين جا ڍير ڪُٺا پيا
آهن ۽ ٻه ٻڪرار آهن جي ويٺا روئن. چور ۽ شهزادو ساڻن
حالي احوالي ٿيا، ٻڪرارن کين سچي حقيقت ڪري ٻڌائي.
جنهن تي شهزادي کين چيو ته: اسين به ساڳي عورت جي
ڳولا ۾ آهيون، جي اسان سان هلو ته صلاح آٿو. ٻڪرارن
چيس ته: هاڻي هتي ويهڻ ڪهڙو؟ اسين به توهان سان آهيون.
پوءِ چارئي ڄڻا پيرو کڻندا اڳتي هليا.

هوڏانهن گل پري ويچاري هنن ٻڪرارن کان جند ڇڏائي
اچي سمنڊ جي پرسان پهتي، رات ٿي وئي هئي سو ڪن وڻن
جي جهڳٽن ۾ زمين ٻُهاري ويهي رهي. اتفاق سان ڪناري تي
هڪڙي سوداگر جي غوراب اچي لنگر هنيو. سوداگر غوراب
مان لهي ڪناري تي چڪر هڻڻ لڳو. ٿورو جهنگل ڏانهن ويو
ته وڃي گل پريءَ تي نظر پيس، جنهن جي سونهن ڏسي سوداگر
حيران ٿي ويو. گل پريءَ کي جاڳائي خبرون چارون پڇڻ
لڳس ته: ڪير آهين ۽ هن جهنگل ۾ ڪيئن ويٺي آهين؟
جنهن تي گل پري ابتيون سبتيون خبرون ٻڌايس، جن تي سوداگر
کي ويساهه اچي ويو ۽ کيس پنهنجي غوراب ۾ وٺي آيو ۽

ڪيس شادي ڪرڻ لاءِ چيائين. تنهن تي گل پريءَ ساڻس هائوڪار ڪئي، ۽ چيائينس ته: جيڪڏهن تو وٽ ڪي مردانا ڪپڙا هجن ته مونکي ڏي. سوداگر چيو ته: ڪپڙا ته گهڻا پر تون انهن کي ڇا ڪندينءَ؟ جنهن تي گل پريءَ چيو ته: اهي ڪپڙا پائي آءٌ مردن جي شڪل ۾ توسان گڏجي هلنديس، متان غوراب وارا ٻيا ماڻهو منهنجي سونهن تي عاشق ٿي توکي درياءَ ۾ ٻوڙي مونکي هٿ ڪري نه وڃن. سوداگر کي اها صلاح دل سان لڳي، سو يڪدم وڃي مردانو لباس کڻي آيو. گل پري مردانو لباس ڍڪي، سوداگر کي سمجهائي ڇڏيو ته غوراب وارا ٻيا ماڻهو منهنجي خبر نوڪان پڇن ته تون ڪين ڇئجانءِ هي منهنجو سوٽ آهي جو هتي ويجهو رهي ٿو ۽ هتي مون سان انجامي هو. پوءِ هي ٻئي ڄڻا غوراب تي اچي چڙهيا. سوداگر پنهنجي همراهن کي گل پريءَ جي ميڪاريل خبر ڏئي بس ڪئي ته گل پريءَ کيس چيو ته: سوٽ! خبرون خير، آءٌ جتي اوهان کي گڏيو هوس اتي منهنجي سوني ڦٽي وسري وئي آهي، سا آءٌ کڻي ٿو اچان. سوداگر چيو ته: تون تڪليف نه ڪر، آءٌ ٿو کڻي اچان. پريءَ چيو ته: چڱو تون کڻي اچ. سوداگر هيٺ لٿو ۽ پٺيان پريءَ غوراب هلائڻ وارن ماڻهن کي چيو ته: هي مال اسان کي فلاڻي بادشاهيءَ ۾ ترت پهچائڻو آهي، سو يڪدم غوراب هاڪاريو. هنن چيو ته: وڏو سوداگر ته اچي: پريءَ چيو ته: يار! جهڙو اهو تهڙو آءٌ. آءٌ توهان جو پگهار ٻيڻو ڪندس، توهين هلو. غوراب هلائيندڙن پنهنجا ٻيڻا پگهار ٻڌي يڪدم ڪئي غوراب هاڪاريو. گل پري غوراب هاڪارائي اچي هڪڙي ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ پهتي. بندر تي لنگر هڻي شهر گهمڻ وئي. اچان بندر تان اڳيرو وڌي ته انهيءَ ملڪ جي بادشاهه جو لاش منهن ۾ مليس، جو اتفاق سان انهيءَ ڏينهن مري ويو هو. انهيءَ بادشاهه کي اولاد ڪونه هو، تنهنڪري وزيرن ۽ اميرن کي وصيت ڪري ويو هو ته

جڏهن منهنجي لاش کي دفن ڪرڻ لاءِ کڻي نڪرو، تڏهن جيڪو ماڻهو توهان کي پهرين منهن ۾ گڏجي انهيءَ کي آڻي تخت تي ويهارجو. خدا جي قدرت سان گل پري منهن ۾ مليس، سو اميرن ۽ وزيرن هن کي آڻي تخت تي ويهاريو. چي: تون هاڻي اسان جو بادشاهه آهين ۽ اسين تنهنجي رعيت آهيون. گل پري به حڪومت جون واڳون هٿ ڪري بادشاهه بڻجي ويهي رهي.

هوڏانهن شهزادو، ڪاپرو چور ۽ ٻه ڪرار پيرو کڻندا اچي درياءَ جي ڪپ تي سوداگر سان مليا. حالي احوالي ٿيڻ کان پوءِ چيائونس ته: يار سوداگر! اسين به ساڳي مٽيءَ جي پٺيان آهيون. هاڻي هل ته هلي ڳوليونس، جي قسمت ٿي ته ملي پوندي نه ته نه ئي. اهو فيصلو ڪري پنجئي ڄڻا رلندا رلندا نيٺ انهيءَ شهر ۾ پهتا جتي گل پريءَ جي حڪومت هئي. اتي سوداگر چيو ته: ادا! آءٌ پهرين بندر تي وڃي پنهنجو غوراب ته ڏسان، متان هتي لٿي هجي، توهين به ڀلي هلو پوءِ سڀئي بندرگاهه تي آيا. سوداگر جو غوراب بيٺو هو، سوداگر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مٿي چڙهي ويو ۽ ملاحن کان خبر چار ورتائين ۽ پنهنجو مال گهرايائين، پر انهن هن کي سڃاتو ئي ڪونه؛ چي: هل ڙي هل، ڇا جو مال! اسان کي تنهنجو سوٽ دوکو ڏيڻي هتي ئي ڦٽو ڪري ويو آهي. اسان جو حساب ڪتاب اسان کي مليو ئي ڪونهي، تون آيو آهين مال وٺڻ. سوداگر ويچارو جهڙو هو تهڙو هيٺ لهي آيو. اتي هنن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته هلو ته هلي هن ملڪ جي بادشاهه کي دانهن ڏيون، من اهو اسان جي مدد ڪري. سو هي پنجئي ڄڻا بادشاهه وٽ دانهن کڻي آيا، جا خود گل پري هئي. گل پري ان وقت بادشاهي ويس ۾ ويٺي هئي، سو هنن ان کي نه سڃاتو، پر راڻيءَ سڀني کي سڃاتو. پهرين سوداگر فرياد ڏنو، ۽ بادشاهه کي پنهنجي سڄي ماجرا بيان ڪري ٻڌائي، ۽ ڪيس عرض

ڪيائين تہ: سائين! مونکي غوراب وارن کان پنھنجو مال وٺي ڏيو. بادشاھ ڪوٽوال کي حڪم ڏنو تہ: شاھي خزاني مان غوراب جي مزورن کي سندن مزوري ڏئي، انھن کان ھن سوداگر کي سندس مال وٺي ڏي. سوداگر دعائون ڪندو روانو ٿي ويو. وري ٻڪرارن پنھنجي پنھنجي دانھن ڏني تہ جيڪڏھن بادشاھ سلامت انھيءَ عورت کي جھلائي اسان کي ڏئي تہ اسين پاڻھي ڪانئس حساب وٺنداسين. جنھن تي بادشاھ پنھنجي خاص ماڻھو کي حڪم ڏنو تہ: خزاني جو دروازو کوليو وڃي، ان مان جيترو ھي ٻڪرار ڪڍي راضي ٿين، اوترو خزانو ھنن کي ڏنو رچي. ٻڪرار بہ خزاني مان گھڻي دولت ڪڍي واپس روانا ٿي ويا. بادشاھ، ڪاپرو چور جي نالي حڪم جاري ڪيو تہ: ھن کي موت جي سزا ڏني وڃي. تنھن کي جلادن وٺي وڃي پورو ڪيو. باقي رھيو شھزادو، تنھن لاءِ حڪم ڏنائين تہ: ھن کي وھنجاري سھنجاري شاھاڻي پوشاڪ پھرائي مون وٽ وٺي اچو. نوڪر شھزادي کي ٻنائي ٺاھي پوشاڪون پھرائي بادشاھ وٽ وٺي آيا. بادشاھ کيس پنھنجي محلات ۾ رھايو.

ھفتي ٻن بعد بادشاھ، شھزادي کي چيو تہ: شھزادا! توھان جي بادشاھي بہ اسان جي بادشاھيءَ سان ڏنگئي آھي، ھاڻي ھلو تہ اوھان جي بادشاھي کھمي اچون. شھزادي چيس تہ: منھنجون اکيون ٽڏيون، جڏھن ڇٿو تڏھن ھلون. ٻئي ڏينھن بادشاھ سھي سنيري، لاءِ لشڪر سميت اچي شھزادي جي بادشاھي ۾ پھتو. جتي شھزادي جو پيءُ پنھنجي پٽ لاءِ سڪي مٺو ھو، تنھن کي ڇڻ نئين حياتي ملي. پوءِ تہ ڏاڍيون خوشيون ٿي ويون. بادشاھ ڏاڍيون خير خيراتون ڪيون. ٻن ڏينھن بعد گل پريءَ مردانا ڪپڙا لاھي، وھنجي سھنجي جھڙو گل پري نالو ھوس، تھڙي گل پري ٿي ناز سان ڇم ڇم ڪندي شھزادي جي اڳيان اچي لنگھي. شھزادي جو ھھڙي

ناز واري پري ڏئي سو غش ٿي ڪري پيو. گل پريءَ ۽ ٻه جهٽ پٽ سندس مٿو ڪٽي پنهنجيءَ ران تي رکيو ۽ سندس منهن تي گلاب هنيائين. اتي شهزادي اک کولي ۽ گل پريءَ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ گل پريءَ چيس ته: آءٌ اها ساڳي تنهنجي زال آهيان، ڏس ته هيترن ماڻهن کان پنهنجي عقل سان، پنهنجي عزت بچائي اچي توسان ملي آهيان، پوءِ ته هيڪاري خوشيون ٿي ويون. ان کان پوءِ بادشاهه شهزادي کي تخت ڏئي پاڻ وڃي ڌڻيءَ جي عبادت ۾ مشغول ٿيو ۽ پٺي بادشاهيون شهزادو ۽ گل پري سنڀالڻ لڳا.

## ١٠ عشق شهزادو ۽ پدما پري *

هڪڙو هو بادشاهه، بادشاهن جو بادشاهه پاڻ خدا آهي؛ پر هيءُ ڪوڙيءَ دنيا جي هڪڙي ٽڪريءَ جو بادشاهه هو. ڏٺيءَ جو ڏنو سڀڪجهه هوس. دنيا ۾ جي ڪو ڏک هوس، ته فقط اولاد جو. ڪيترائي پير فقير، حڪيم طبيب پڇيائين، پر وريو ڪجهه به ڪونه. نيٺ بادشاهه هڪڙي ڏينهن نااميد ٿي منجهي ڪٺي وڃي، وچ شهر ۾ ويهي رهيو. هرڪو ڪيس ڏسي هليو ويندو هو. نيٺ هڪڙو فقير اچي اتان لانگهائو ٿيو، تنهن هن ڪان دل جو حال پڇيو ته: اي خدا جا بندا! توسان ڪهڙي ويڌن آهي؟ بادشاهه چيس ته: فقير سائين! انهيءَ ڳالهه ڪي ڇڏي ڏي، جيڏي جو آهين تيڏي روانو ٿيءُ. پر فقير چيس ته: تڏهن به ٻڌاءِ ته سهي. تنهن تي بادشاهه سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس. ڳالهه ٻڌي فقير چيس ته: بس ايتري ڳالهه! پوءِ فقير هٿ کڻي ڪيس دعا ڪئي ۽ چيائين ته: اي بادشاهه! تو کي هڪڙو پٽ ٿيندو، پر ٽي ڳالهيون ياد رکج، جي انهن کي وساريندين ته تڪليف ڏسندين؛ اهي هي آهن ته پنهنجي پٽ جو نالو ”عشق شهزادو“ رکج، ٻي ته کيس هڪڙي اونداري کوٺيءَ ۾ تعليم ڏيارج، ۽ ٽي ته جوانيءَ ۾ سامونڊي گهوڙو نه وٺي ڏجانس. اهي هدايتون ڪري فقير رمندو رهيو. ۽ بادشاهه به خوش ٿي اچي محلات پيڙو ٿيو.

ڪن ڏينهن کان پوءِ فقير جي دعا سان بادشاهه کي پٽ ڄائو، ان جو نالو عشق شهزادو رکيائين، ۽ جڏهن سمجهه پريو ٿيو، تڏهن کيس استاد ڏئي، انداري کوٺيءَ ۾ رهايائين، جتي هي پڙهي قابل ٿيو.

---

* هيءَ ڳالهه آتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان ملي.

هڪڙي ڏينهن عشق شهزادي پنهنجي استاد کان پڇيو ته: اسان جو ملڪ فقط هيترو آهي يا ٻيو به ڪو ملڪ آهي؟ استاد جواب ڏنس ته: بابا! توهان جو ملڪ ٻيو به گهڻو ئي آهي. اهو ٻڌي شهزادي کي دل ئي دل ۾ پنهنجي ملڪ ڏسڻ جو شوق جاڳيو. ڪن ڏينهن کان پوءِ استاد کي بادشاهه گهرايو ۽ عشق شهزادي بابت پڇيو. جنهن تي استاد بادشاهه کي ٻڌايو ته: جيئندا قبلا! شهزادو هر طرح قابل آهي ۽ ڀلي هن کي هاڻي ٻاهر جو سير ڪرايو. بادشاهه عشق شهزادي کي انداري ڪوٺيءَ کان ٻاهر ڪڍيو، ۽ وزيرزادو همراهه ڪري ڏنائينس. شڪار ۽ گهمڻ لاءِ ڪين اٺ ڏنائين، جنهن تي چڙهي گهمندا وتندا هئا؛ پر ٿوري ئي وقت کان پوءِ هو اُٺ جي سواريءَ کان ڪڪ ٿي پيا، جنهن ڪري شهزادي بادشاهه کي چيو، جنهن وري ڪين هاٿي ڏنا، پر هاٿين به شهزادي کي مزو نه ڏنو. تڏهن وزيرزادي عشق شهزادي کي چيو ته: تون پنهنجي پيءُ کي چئه ته اسان کي ساوندي گهوڙا ڏئي ته مزي سان سير شڪار ڪريون. اها صلاح مڃي، عشق شهزادي پيءُ کان ساوندي گهوڙا گهريا. بادشاهه گهڻوئي نٽايو، چيو ته فقير جي منع هئي. پر شهزادي جي ضد ڪري لاچار ٿي پيو، سو ڪين به تمام ڀلا گهوڙا وٺي ڏنائين، جن تي هي ٻئي دوست پيا گهمندا هئا.

هڪڙي ڏينهن دستور موجب عشق شهزادو ۽ وزيرزادو گهوڙن تي چڙهيا پئي ويا ته، سامهون هڪڙو گهوڙو ايندو ڏٺائون، جنهن کي سونا سنج پيل هئا، پر مٿس سوار چڙهيل ڪونه هو. گهوڙو سڌو اچي هنن جي اڳيان بيٺو. شهزادي، وزيرزادي کي چيو ته: انهيءَ گهوڙي کي جهل. وزيرزادي گهوڙي تان لهي جيئن ئي ان کي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، تيئن گهوڙي هن کي وٺڻ نه ڏنو، ۽ ڀڄي ويو. شهزادي کي ڏاڍي چڙ لڳي ۽ چيائينس ته: تون گهوڙي کي وٺي

ٿئو سگهين. سو چڙ ۽ خار ۾ نڪا ڪيائين ۽ نڪا ته، گهوڙي تان لهي يڪدم وڃي گهوڙيءَ کي جهليائين ۽ ٽپ ڏئي مٿس چڙهي ويٺو. شهزادي جو چڙهڻ ۽ گهوڙي جو اڏامڻ؛ بس گهوڙيءَ ڪن ۾ شهزادي کي اڏاري الاجي ڪهڙي پاسي ڪٺي گم ٿي ويو، ۽ وزيرزادو اُتي جو اُتي بيٺو رهيو. ويچاري وزيرزادي کي اچي سر سان لڳي ته هاڻي بادشاهه کي ڪهڙو جواب ڏيندس. نيٺ ويچاري ويچاريءَ هڪڙو ڪوڙ ڳاهي اچي بادشاهه کي چيائين ته: جيئندا قبلا! شهزادو هرڻ جي ڪِڏ تلاءُ ڏانهن ويو ۽ گهوڙي تان ڪري پيو ۽ تلاءُ ۾ ٻڏي ويو. بادشاهه يڪدم ماڻهو موڪلي سڄي تلاءُ ۾ ڳولا ڪرائي، پر لاش هٿ نه آيو. تڏهن بادشاهه، وزيرزادي کي سچ ڳالهائڻ لاءِ زور رکيو، نيٺ وزيرزادي سچي ڳالهه ڪئي ته ڪهڙيءَ طرح سان شهزادو هڪڙو ازغيبي گهوڙو اڏائي ڪئي ويو. اها ڳالهه بادشاهه کي دل سان لڳي، جو فقير به منع ڪئي هئي. بادشاهه کي پٽ جي جدائيءَ جو ايترو ته ڏک ٿيو جو بادشاهي ترڪ ڪري محلات جي ڪنڊ وسائي ويهي رهيو ۽ حڪومت جون واڳون وزير جي حوالي ڪري ڇڏيائين. وزير جي دل ۾ اچي شيطان جاڳيو، ۽ خيال ڪيائين ته متان ڪنهن وقت عشق شهزادو موٽي اچي ۽ مون کان بادشاهي کسي وڃي، تنهنڪري ڳجهه ڳوهه ۾ پڙهو گهمائي ڇڏيائين ته جتي به عشق شهزادو ڪنهن کي ملي ته يڪدم قيد ڪري، مون وٽ آڻي ته کيس انعام ڏنو ويندو.

عشق شهزادو جنهن گهوڙي تي چڙهي اڏريو هو، اهو هڪڙو ديو هو، جو هن کي پنهنجي ملڪ تي کڻي آيو ۽ هن کي پنهنجو پٽ ڪري رکيائين. عشق شهزادو انهيءَ ديون جي ملڪ ۾ بيفڪر گهمندو وتندو هو. گهمندي گهمندي هڪڙي ڏينهن پرين جي ملڪ ۾ وڃي نڪتو. اُتي هڪڙي محلات ڏٺي ان ۾ گهڙي ويو. ڇا ڏسي ته سبحان الله! عجب

رنگ لڳو پيو آهي. محلات ۾ رکيل هر شيءِ سوني هئي. عشق شهزادي کي اڃ اُڃ لڳي، سو هڪڙي سوني دلي مان پاڻي پي، اچان پلنگ تي ليٽيو ته ننڊ اچي ويس.

اتفاق سان اهو محلات 'پدما پري' جو هو، جا ڪنهن ڪم سان ٻاهر نڪتي هئي؛ سا جڏهن پنهنجي سهيلين سان موٽي آئي، تڏهن هڪڙي آدمزاد کي پنهنجي پلنگ تي ستل ڏسي ڏاڍي حيران ٿي. اتي سندس سهيلين کيس چيو ته: اسان کي اجازت ڏي ته هن کي ڪُٺي اڇلايون ته سرنهن جيڏا داڻا ٿي وڃي. پر پدما پريءَ چيو ته: نه، هي ڪو مسافر آهي، پهرين هن کان حال احوال وٺڻ گهرجي. سو هوءَ پلنگ جي پرسان ويهي رهي. انهي ڳالهه تان سندس سهيلين کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، سو يڪدم موڪلائي هليون ويون. ڪجهه وقت کان پوءِ عشق شهزادو جاڳيو، پريءَ کي ويٺل ڏسي ڏاڍو عجب لڳس... اتي پدما پريءَ کانئس حال احوال ورتو. جنهن تي هن ٻڌايو ته: آءٌ فلاڻي ديو جو پٽ آهيان ۽ پلجي هت اچي پهتو آهيان. عشق شهزادو بادشاهي ٻار هو ۽ نهايت سهڻو هو، ان تي پدما پري اڳيئي موهت ٿي پئي هئي، سو ڳالهين ڪندي هڪ پاڻ ۾ اهڙا ٺهي ويا جو هڪٻئي سان شادي ڪرڻ جا انجام به ڪري ڇڏيائون.

عشق شهزادو پدما پريءَ کان موڪلائي پنهنجي پيءُ ديو وٽ موٽي آيو ۽ ان کي چيائين ته: مونکي پدما پريءَ سان شادي ڪراءِ! ديو چيو ته: مون ته ڪڏهن پدما پريءَ جو پاڇو به نه ڏٺو آهي، آءٌ توکي ڪيئن اها پرڻائيندس. تڏهن شهزادي کيس چيو ته: ڀلا جيڪڏهن هوءَ هتي اچي حاضر ٿئي ته پوءِ شادي ڪرائيندين؟ ديو اها ڳالهه قبول ڪئي. شهزادو ويو سو پدما پريءَ کي وٺي آئي حاضر ڪيائين، تڏهن ديو هنن ٻنهي جي شادي ڪرائي ۽ ٻئي مزي سان زندگي گذاريندا رهيا.

هڪڙي ڏينهن عشق شهزادي ديو کان پنهنجي وطن وڃڻ جي اجازت گهري. ديو ان کي موڪل ڏني ۽ پڻ هڪڙو ٻيڙو تيار ڪرائي ڏنو، جنهن ۾ سوار ٿي عشق شهزادو ۽ پدماپري پنهنجي وطن ۾ اچي پهتا. عشق شهزادي ميربحر کي چيو ته: اوهين هت ترسو ته مان پنهنجي گهوٽ مان واءُ سواءُ وٺي اچان ٿو. پدماپريءَ جي پارت ڪري، ان کي ميربحر جي حوالي ڪري گهوٽ ويو. ماڻهن، جو عشق شهزادو ڏٺو، تن يڪدم وڃي وزير کي خبر ڪئي، جنهن هن کي گرفتار ڪرائي، پاڻ وٽ قيد ڪري ڇڏيو. هوڏانهن ميربحر ڏٺو ته عشق شهزادو ڪونه موٽيو، تنهنڪري هن کي پدما پريءَ جي هٿ ڪرڻ جي نيت ٿي ۽ ساڻس گستاخي ڪرڻ لڳو، جنهن تي پدماپريءَ ميربحر کي هڪڙي چماٽ وهائي ڪڍي ۽ چيائينس ته: عشق شهزادو اچي ته ان کي ڇڏجانءِ ته مونکي قندار ملڪ ۾ اچي ملي. ائين چئي اڏري هلي وئي.

هوڏانهن ڪن ڏينهن کان پوءِ، عشق شهزادو ڪنهن نموني سان وزير جي قيد مان جند ڇڏائي، بندر تي آيو ۽ ميربحر کي هيڪلو ڏسي، پدماپريءَ جي پڇا ڪيائين. ميربحر چيو ته: هوءَ پنهنجي ابي ڏاڏي جي وطن هلي وئي. عشق شهزادو اهوئي ٻيڙو واپس ڪري، ساڳئي ديو پيءُ وٽ آيو ۽ قندار ملڪ جو ڏس پتو پڇيائين. ديو چيو ته: مونکي خبر ڪانهي، باقي منهنجو ڀاءُ اڳتئون رهي ٿو، ان کي خبر هوندي. عشق شهزادو ديو جي ڏس پتي تي ٻئي ديو وٽ پهتو. ان کي ماما ماما ڪري، راضي ڪيائين. ان به چيو ته: مونکي خبر ڪانهي، باقي اڳيان امان جي وڏي ڀيڻ رهي ٿي، اها ضرور خبر ڏئي سگهندي. عشق شهزادو نيٺ ان وٽ آيو ۽ ماسي ماسي چئي کيس راضي ڪيائين ۽ قندار جو پتو پڇيائينس. ان عورت نه رڳو پتو ڏنو، پر راضي ٿي کيس هڪڙي غائب ٽوپي به ڏني.

هوڏانهن پدما پري هڪڙي ڀوت سان مڱيل هئي ۽ پدما پريءَ پنهنجي هڪڙي ساهيڙي لعل ڪنياڻي سان انجام ڪيو هو ته هوءَ ڪڏهن به شادي ڪانه ڪندي. پر جڏهن پدما پريءَ جي عشق شهزادي سان شاديءَ جي ڳالهه هلي ته ماڻهن وڃي هن جي پيءُ جا ڪن ڀريا ته: پدما، آدمزاد سان شادي ڪئي آهي. سو جڏهن پدما پري پنهنجي پيءُ وٽ واپس آئي. ته هن ستن ڪوٺين ۾ ڪٺي بند ڪرايس. پدما پريءَ کي رات ڏينهن عشق شهزادو ياد هو. سو نه کائيندي هئي نه پيئندي هئي. ٻانهي روزانو ڪوٺيءَ اندر ماني ڏئي ويندي هيس، پر هوءَ هڪڙي جاري ۾ رکندي ويندي هئي.

شهزادو به جبل جهاڳيندو اچي قندار ملڪ ۾ پهتو. هن ڏٺو ته شهر جي ٻاهران کوهه تي، ڪي پريون بيٺيون هيون، جن پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه پئي ڪئي ته، پدما پري اهڙي خراب ٿي آهي جو آدمزاد جي ڪاڻ پاڻ کي ڪوٺين ۾ بند ڪرايو اٿس ۽ کائڻ پيئڻ بند ڪري ڇڏيو اٿس. ڪن چيو ته: هلو ته هلي ان جو حال ڏسون. اها گفتگو ٻڌي، عشق شهزادو انهن پرين جي پٺيان هلڻ لڳو. هن کي غائب ٽوپي مٿي ۾ پيل هئي. جنهنڪري هن کي ڪو به ڏسي نه سگهيو. هو عورتن جي پٺيان هلي اچي محل ۾ پهتو، هڪ ڪنڊ پاسو ڏئي ويهي رهيو. مانيءَ جي وقت، جڏهن ٻانهي ماني کڻي آئي ۽ دروازو لاهي اندر ويئي ته عشق شهزادو به ان جي پٺيان ويو ۽ اندر وڃي پاسو وٺي ويهي رهيو. ٻانهي ماني ڏئي موٽي وئي ۽ دروازو بند ڪندي وئي. پدما پريءَ ماني ڪانه کاڌي ۽ ٿڌي آهه ڀري چيائين ته: عشق شهزادا! ڪڏهن ملندين؟ عشق شهزادو جو اتي، موجود هو، تنهن چيو ته: اجهو آءٌ حاضر آهيان. پوءِ غائب ٽوپي لاٿائين ته سڄي جاءِ روشن ٿي وئي. ٻئي پاڻ ۾ ملي خوش ٿيا. اها ماني کاڌائون پر جاري ۾ سڪا ٽڪر پيا هئا، سي به کائي ڇڏيائون.

ٻئي وقت تي ٻانهي جڏهن ماني کڻي آئي ته پدما پريءَ هن کي ٻه ٽي ڇهڪ وهائي ڪڍيا، چي: هيتري ماني منهنجي لاءِ آندي اٿيئي؟ ٻانهيءَ پدما پريءَ جي رخ مان سهي ڪيو ته هن کي يار مليو آهي، جنهن جي خوشيءَ ۾ آهي. سو هن سڌو وڃي پدما پري جي پيءُ کي چيو: عشق شهزادو پدما پريءَ وٽ پهچي ويو آهي. پريءَ جو پيءُ اعتبار نه پيو ڪري چي: هوءَ ستن ڪوٺين ۾ بند پئي آهي، تنهن وٽ عشق شهزادو ڪيئن ايندو؟ ٻانهيءَ ضد ڪيو ته: عشق شهزادو ضرور پدما پري وٽ پهتو آهي؛ اوهين روبرو هلي ڏسو. پدما پريءَ جو پيءُ اتي آيو جتي هوءَ بند هئي. هن کان عشق شهزادي لاءِ پڇيائين، هن جي حڪ ۽ قرباني ڏسي نرم نموني ۾ پٽس چيو ته: جيڪڏهن عشق شهزادو تو وٽ آيو آهي ته تون سچي ڳالهه ڪر، ته هن سان تنهنجي شادي ڪرايون. پدما پري ورندي ڏني ته: نه، اوهين هن کي مارائي ڇڏيندا. جڏهن پٽس حضرت سليمان جو قسم کڻي خاطري ڏني تڏهن پدما پري، عشق شهزادي کي ظاهر ٿيڻ لاءِ چيو. شهزادي جڏهن ٽوپي لاٿي ته ڪوٺي روشن ٿي وئي. پدما پري جو پيءُ عشق شهزادي جي سونهن ڏسي حيران ٿي ويو، ۽ يڪدم چيائين ته: مون پنهنجي ڌيءَ پدما پري عشق شهزادي کي ڏني. پوءِ ٻيهر ٻنهي جي شادي ڪرائي، اهڙو سونو محل رهڻ لاءِ بخشي ڇڏيو جتي سندن ٻهرين ملاقات ٿي هئي.

شادي کان پوءِ پدما پريءَ جو اڳيون مڱيندو ديوت ۽ ساهيڙي لعل ڪتياڻي سندن دشمن ٿي پيا. انهن مان ديوت کي ته پدما پري جادو ڪري پوپٽ بڻائي پلنگ جي پائي سان ٻڌي ڇڏيو هو. پدما کي پنهنجي استاد جو حڪم هو ته هفتي ۾ هڪ دفعو سندس محفل ۾ ڳائڻ لاءِ ايندي ڪري، سو هڪڙي ڏينهن جڏهن اوڏانهن ٿي وئي تڏهن عشق شهزادي کي هوشيار ڪيائين ته، هي پوپٽ ڪڏهن به اتان نه ڇوڙجئين، جيڪڏهن

ڇوڙيندين ته تنهنجي منهنجي حياتي ختم ڪري. ڇڏيندو ائين ڇئي هوءَ ويندي رهي.

پنيان پوپٽ، عشق شهزادي کي منٿون، ايلاز ڪرڻ شروع ڪيا، تان جو الله جا نالا ۽ قسم وڌائين. عشق شهزادي کي پادشاهي غرور هو، تنهن دل ۾ چيو ته، جيتامڙو ڇا ڪندو. سو نيٺ هن پوپٽ کي ڇوڙيو ته اهو يڪدم پوت بڻجي پيو ۽ عشق شهزادي کي ڇنبن ۾ کڻي وڃي آسمان ڏانهن اڏاڻو. ان وقت پدما پري به سهيلين سميت واپس پئي آئي، تنهن جي نظر پوت تي پئجي وئي ته هو عشق کي کنيو پيو وڃي. سهيلين سان صلاح ڪيائين ته اوهين هيٺ ويهو ته مان ٿي وڃي پوت کي پيرن ۾ ڇهنبڙيون پايان ته من هن جي ڇنبن مان عشق ڇڏائجي وڃي. ۽ پوءِ اوهين هيٺان جهٽي وٺجو. پر سهيلين اها ڳالهه قبول نه ڪئي ۽ چيائونس ته: اسين وڃي تيون پوت کان عشق ڇڏايون ۽ تون هيٺ ان کي جهٽي وٺج! ائين چئي سهيلين وڃي پوت سان لڙائي ڪئي ۽ پدماپري هيٺ خبردار ٿي بيهي رهي. نيٺ عشق جي ڪرڻ تي هن کي جهٽي ورتائين، پر هن تي ڏادي ڪاوڙ هيس جو سندس چوڻ برخلاف پوپٽ کي ڇوڙيو هئائين، تنهنڪري هن کي ڪنهن گهاٽي جهنگل ۾ ڦٽو ڪري، پاڻ پنهنجي محلات ڏانهن موٽي آئي.

انهيءَ جهنگل ۾ عشق جا سڀ ڪپڙا ڦاٽي ويا ۽ ڏکن بکن هن کي ديوانو ڪري ڇڏيو. ڊپ ۽ وڻن جا پن کائيندو پئي هليو ته هڪ ڏينهن اهو ديو، جيڪو سندس پيءُ ٿيو هو، اوچتو اچي اتان لنگهيو، ۽ جنهن جي نظر عشق شهزادي تي پئجي وئي. هيٺ لهي اچي هن کي کنيائين ۽ اچي پنهنجي جاءِ تي پهتا ۽ هن کان حال احوال پڇيائين. هن سارو حال بيان ڪري ٻڌايس ته: پوت کي ڇڏائي پدما مونکي اتي اڇلايو هو. عشق شهزادو ساڳئي ديو پيءُ وٽ رهيو. هڪ ڏينهن ان کي

عرض ڪيائين ته: منهنجي شادي ڪراءِ. هن جو مطلب هو ته مون کي ضرور پدما پري ملائيندو. پر ديو چيس ته: لعل ڪنياٽيءَ سان شادي ڪرين ته اها توکي پرڻايان. پر هوءَ توکي فقط ماني پچائي پئي ڏيندي. عشق شهزادي اها ڳالهه به قبول ڪئي، جنهن تي هن جي شادي لعل ڪنياٽيءَ سان ٿي. لعل ڪنياٽي ماني ٺاهي تيار ڪري، عشق شهزادي کي کارائي پياري پنهنجي استاد وٽ راڳ ناچ لاءِ هلي ويندي هئي.

هڪڙي ڏينهن جيئن لعل ڪنياٽي نڪتي، تيئن عشق به هن جي پٺ ورتي ۽ وڃي ڏٺائين ته هڪڙو ٻڙ جو وڻ آهي، ان تي هوءَ چڙهي ويٺي ۽ اهو وڻ ڪيس کڻي اڏاڻو. اهو تماشو ڏسي عشق شهزادو موٽي اچي پنهنجي گهر ويٺو. ٻئي ڏينهن غائب ٽوپي پائي لعل ڪنياٽيءَ جي وڃڻ کان اڳ ئي ان وڻ تي چڙهي وڃي ويٺو. ٿوريءَ وقت کان پوءِ هوءَ به آئي ۽ ٻڙ تي چڙهي ويٺي ته ٻڙ وڻ اڏاڻو، ۽ اچي پرين جي ملڪ ۾ درياءَ جي ڪناري تي لٿو. لعل ڪنياٽي وڻ تان لهي درياءَ تان هٿ منهن ڌوئي محلات ۾ ويئي، جتي پدما پري ۽ ان جون ست سهيليون اينديون هيو ۽ راڳ ۽ ناچ ڪنديون هيون. عشق شهزادي به لعل ڪنياٽيءَ جي پٺ ڪانه ڇڏي ۽ وڃي اندر محفل ۾ ٽڪرائيءَ جي پرسان ويهي رهيو. پدما پريءَ ناچ پئي ڪيو ۽ پيا سڀ نشي ۾ مخمور هئا. عشق شهزادي ڏٺو ته ٽڪرائي به نشي ۾ جهوٽا پيو کائي، سو هن کي سيري پاڻ ٽڪر ويهي وڄائڻ لڳو. پدما پريءَ ڏاڍيءَ موج سان ناچ ڪيو، جنهنڪري سندس استاد مٿس ڏاڍو راضي ٿيو ۽ هڪ وينڊو لاهي، ڪيس ڏنائين. پدما وري اهو وينڊو کڻي عشق کي ٽوڪڙي سمجهي ڏنو. محفل پوري ٿيڻ تي عشق يڪدم اچي ٻڙ جي وڻ تي ويٺو ۽ اچي گهر پهتو.

لعل ڪنياٽيءَ ماني تيار ڪري رکي، پر ڏسي ته اڳئين ڏينهن واري ماني به جيئن جو تيئن رکي آهي، تنهنڪري هن

عشق شهزادي کي وچ ننڊ مان جاڳايو. هن جاڳندي ئي ٻه ٽي لکڻ لعل ڪنتياڻيءَ کي وهائي ڪڍيا ۽ چيائينس ته: آءٌ پدما پريءَ جي محفل ۾ ويو هوس ۽ ڏڪڙ پئي وڄايم جنهن تي هن مونکي هڪ وينڊو انعام ڏنو هو. اڙي، ڏس اهو منهنجي چيچ ۾ پيو آهي. ٻئي ڏينهن ٻه عشق ساڳيءَ طرح اتي ويو ۽ پدما پريءَ جي ناچ ۾ ڏڪڙ وڄايئين. محفل ڏاڍي لڳي ۽ استاد راضي ٿي پدما کي هڪ هار ڏنو، جيڪو هن وري عشق شهزادي کي ڏنو. اهڙيءَ طرح هو هار هٿ ڪري موٽي پنهنجي گهر آيو ۽ اهو هار ٻه لعل ڪنتياڻيءَ کي ڏيکاريائين، جنهنڪري لعل ڪنتياڻيءَ کي ڏاڍيا خار لڳا ۽ اهي ٻئي شيون کڻي استاد وٽ دانهين تي وئي ته پدما پري منهنجي مڙس تي عاشق ٿي پئي آهي ۽ هي شيون انهيءَ کي ڏنيون اٿس تنهن تي استاد پدما پريءَ کان ان بابت پڇا ڪئي. پدما چيو ته: اهو منهنجو مڙس آهي، اوهان ڀلي هن کي گهرائي پڇي ڏسو.

پرين جي استاد عشق شهزادي کي گهرايو. جنهن چيو ته: پدما پريءَ سان منهنجي گهڻي وقت کان شادي ڪيل آهي. استاد فيصلو ڪيو ته: پدما پريءَ کي سٺن سهيلين ۽ لعل ڪنتياڻيءَ سان گڏ قطار ۾ ٻهاريو، جيڪڏهن عشق، پدما کي سڃاڻي ويو ته پوءِ هن جي ڳالهه سچي، نه ته ڪوڙو آهي. پدما پري ۽ سندس سٺ سهيليون هار سينگار ڪري هڪ جهڙي پوشاڪ پهري اچي قطار ۾ ويٺيون. پدما پريءَ کي وچ ۾ ٻيهاريائون ۽ ٻيون هن جي پاسن کان ٻيٺيون. عشق آيو، جنهن ٻه چڪر لڳايا پر پدما پريءَ کي سڃاڻي نه سگهيو. ٽئين ڀيري جڏهن آيو پئي ته پدما پريءَ دل ۾ چيو ته هينئر عشق ڪوڙو ٿي پوندو. تنهنڪري پنهنجي چيچ ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين، جنهن ۾ وينڊو پيل هوس، اهو وينڊو عشق شهزادي جو ڏنل هوس. جنهن کي ڏسي يڪدم پدما پريءَ کي قطار مان ڪڍي ٻاهر ڪيائين. جنهن تي ٽيون دفعو استاد جي هٿن سان عشق شهزادي ۽ پدما پريءَ جي شادي ٿي.

ان کان پوءِ عشق شهزادو پنهنجي ديو پيءُ وٽ آيو ۽ ان کان ديون جي لشڪر جي مدد گهريائين، جنهن تي هن ديو ڪيس ديون جو لشڪر ساڻ ڪري ڏنو. عشق شهزاد و ديون جي لشڪر ۽ پدما پريءَ سميت پنهنجي ملڪ ۾ آيو ۽ اچي وزير سان جنگ ڪيائين. ديون جي لشڪر وزير جي لشڪر کي ماري مات ڪيو ۽ وزير کي قيد ڪيائين. ان کان پوءِ عشق شهزادو پنهنجي پيءُ ماءُ سان مليو، جي هن جي فراق ۾ روئي روئي انڌا ٿي پيا هئا. انهن جو عشق کي ڏنو ته، الله تعاليٰ جي قدرت سان هنن جون اکيون سڄيون ٿيون ۽ سڀ هڪٻئي سان ملي خوش ٿي رهڻ لڳا. شال! جوڙو ميڙو جملي جهان جو ٿئي!

گل شهزادو، اچي ۽ گاڏهي جون خرزينون پري هڪ ٻاسي سفر تي نڪتو. ڪهندي ڪهندي هڪڙي ڏينهن، هڪ باغ وٽ اچي پهتو. ڏسي ته، باغ سڪو پيو آهي ۽ هڪڙو جهور پوڙهو سامي آهي جو گهريءَ ننڊ ۾ ستو پيو آهي. شهزادي ويچار ڪيو ته جيستائين سامي اٿي، تيستائين ڇو نه هن باغ کي پاڻي ڏئي وٺان. سو يڪدم کوهه تي نار چاڙهي، ويٺو پاڻي ڏيڻ. ڪن ڏينهن پڄاڻا، باغ ساوو ٿيو، هن ۾ ساندهه ٻارنهن مهينا باغ جي خدمت ڪئي. نيٺ هڪڙي ڏينهن سامي ۾ پاسا ورائي، ڪر موڙي اٿي ڪڙو ٿيو. چئني طرف ڏٺائين ته حيران ٿي ويو. ايتري ۾ گل شهزادو، آديس گرو آديس گرو چوندو اچي پيرن ۾ پيس. سامي ڏسي چيس ته: اي آدمزاد! هي باغ تو ساوو ڪيو آهي؟ گل شهزادي چيس ته: گرو! ساوو ۽ سڪو ڪندڙ پاڻ ڌڻي تعالى آهي، مون رڳو هن کي پاڻي ڏنو آهي. اهو ٻڌي سامي هن کان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائينس ته: بچا! تو هن باغ جي تمام گهڻي خدمت ڪئي آهي، هاڻي جيڪي توکي گهرڻو هجي سو گهر. گل شهزادي جواب ڏنو ته: سائين! خدا جو ڏنو، اوهان جو ڏنو سڀڪجهه اٿم، باقي آءٌ گل پريءَ جو سڪايو آهيان. تنهن تي ساميءَ جواب ڏنس ته: پٽ! تون اتي پهچي ڪونه سگهندين. چڱو ائين آهي ته تون واپس موٽي پنهنجي وطن وڃ. گل شهزادي چيو ته: سائين! آءٌ موٽي ڪونه ويندس. ساميءَ چيس ته: چڱو، جي تون مڃين ته ڇهه مهينا ٻيا مون وٽ ترس ته توکي گل پريءَ وٽ پهچايان.

ڇهن مهينن گذرڻ کان پوءِ، گل شهزادو ساميءَ کي چيو ته: هاڻي مونکي گل پريءَ وٽ پهچايو. ساميءَ مٿس ٻتي ڦيٽا پڙهيا ته ڏسندي ڏسندي، شهزادي مان ڦري باز بڻجي پيو، ۽ کيس هٿ ۾ هڪ ڪاتي ڏئي چيائينس ته: اها ڪاتي وات ۾ وجهيو اڏامندو وڃ. ٻن پهرن تائين گل پريءَ جي ملڪ

پهچي ويندين. اتي ديون جي سخت چوڪي بيٺل آهي. تون اتي پهچي ڪو وڻ اکيان ڏٺي بيهي رهج. جڏهن چوڪي ختم ٿيندي ته اتي هڪڙو گنبذ ظاهر ٿيندو، تون گنبذ ۾ اندر هليو وڃج. جتي تو کي هڪ ڏاڙهونءَ جو وڻ نظر ايندو، جو ڪلف ڪنجيءَ سان ڏسندين. ان ۾ اندر گل پري آهي. تون ڪيڏ ڪري، ان کي ڪپ سان چنبيءَ کان وڍي، ثابت ڪٽي اچج.

شهزادو گل پنهنجي استاد کان موڪلائي وٺي اڏاٽو، اڏامندي اڏامندي پيهرن ڏاري اچي اتي گل پريءَ جي ملڪ پهتو. ساميءَ جي ڏس موجب هڪڙي وڻ ۾ لڪي ويهي رهيو. اتي ديون جي چوڪي لڳي پئي هئي، سا جڏهن ختم ٿي تڏهن شهزادو باغ ۾ اندر ويو. ڏٺي ته برابر هڪڙو گنبذ بيٺو آهي. گل شهزادو لُوهه ڪري اندر گهڙي ويو. اتي ڏٺي ته برابر هڪڙو ڏاڙهونءَ جو وڻ بيٺو آهي. هن بسم الله ڪري وڻ مان ڏاڙهون پٽيو ۽ وٺي اڏاٽو ۽ اچي ساميءَ وٽ ساهي کنيائين.

ڪجهه وقت کان پوءِ، گل پريءَ جي ملڪ ۾ گوڙ مچي ويو ته گل پري گم ٿي وئي آهي. اهو ٻڌي سندس پيءُ جنن، پرين ۽ ديون کي حڪم ڏنو ته: توهان يڪدم گل پري پيدا ڪريو، نه ته اوهان سڀني کي ماري ڇڏيندس. پوءِ ته گل پريءَ جي ڳولا ۾ جنن، پرين ۽ ديون جا هشام نڪري پيا. آخر اچي ساميءَ وٽ پهتا. انهن مان هڪ وڏو ديو ساميءَ وٽ ويو ۽ کيس چيائين ته: اسان جي بادشاهه جي ڌيءَ گل پري گم ٿي وئي آهي، تو وٽ هيءُ گهوڙو ۽ باز بيٺل آهن، جن مان اسان کي آدم جي بوءِ ٿي اچي، تنهنڪري اسان کي شڪ آهي ته گل پري هتي آهي، ان کي پيدا ڪر. تنهن تي ساميءَ چيس ته: ميان پنهنجي وڃ! ڪٿي اوهان جو ملڪ ڪٿي آءٌ. هتي ڪابه گل پري يا آدمزاد ڪونهي. ديو ساميءَ جو رکو جواب ٻڌي واپس هليو ويو. ٿوري دير کان پوءِ ساميءَ

گل شهزادي کي چيو تہ: پٽ، جيترو جلد تي سگهين هتان پنهنجي وڃي پنهنجي ملڪ رس. پر رستي تي هن ڏاڙهون ۽ سان ڪابہ هٿ چراند نہ ڪج. گهر وڃي پهچين پوءِ ڪنجيءَ سان کولج نہ تہ نقصان ٿيندءِ.

شهزادو گل، ڏاڙهون ڪٺي ساميءَ کي پيرين پئي موڪلائي اتي هليو. جڏهن اڌ رستي ۾ پهتو تڏهن دل ۾ خيال آيس تہ: آءٌ هيڏو سارو جبرو بادشاهہ آهيان، ۽ پنهنجو تخت بخت، گهر گهاٽ ڇڏي، ڏاڙهونءَ لاءِ در بدر ٿيو آهيان، سو ڏسان تہ ڏاڙهونءَ ۾ پري آهي يا نہ. پر جيڪڏهن منجهس پري نہ ٿي تہ دنيا کلندي. اهو خيال ڪري، ڪنجيءَ سان ڏاڙهونءَ جو ڪلف کوليائين تہ ان مان پري پڙڪو ڏئي نڪتي. پريءَ جي سونهن ڏسڻ سان هن کي ڏندڻ پئجي ويا. جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن پريءَ چيس تہ: اي انسان، تو مونکي سڄي دنيا ۾ بدنام ڪيو آهي تہ آءٌ گهران ڀڄي نڪتي آهيان. هاڻي تو مونکي هتي اُگهاڙو ڪيو آهي، سو تو جهڙي تڪڙي ماڻهو وٽ ترسڻ مون کان ڪونہ پڄندو، هاڻي پنهنجي الله واهي اٿئي.

اتي گل شهزادي ڏاڍو پڇتايو، ۽ پريءَ کي آزي نيزاري ڪندي چيائين تہ: گل پري مون برابر ڏوهہ ڪيو آهي، اُڳتي اهڙو بي ايمان ڪونہ ٿيندس، اهو گناهہ مونکي معاف ڪر. گل پريءَ کي مٿس رحم اچي ويو، سا وري بہ وڃي ڏاڙهونءَ ۾ ويٺي.

گل شهزادي، گل پريءَ کي ڏاڙهون ۾ بند ڪري ڪلف ڏئي، اتي پنهنجي ملڪ هليو. جڏهن پنهنجي شهر جي ويجهو پهتو، تڏهن اتي ٻڙ جي وڻ وٽ، جتي هڪڙو کوهہ بہ هو، گهوڙو جهليائين ۽ آرام ڪرڻ لاءِ اتي ترسي پيو. گل پريءَ کي چيائين تہ: تون ڏاڙهونءَ مان نڪري مونکي ٿورا زور ڏي. تنهن تي پريءَ چيس تہ: آءٌ انهيءَ ڪم لاءِ حاضر آهيان، پر اهو ڪم خراب تو ڪرين. پوءِ شهزادو سمهي رهيو، پري ويهي کيس زور ڏيڻ لڳي.

خدا جي قدرت سان هڪڙي عورت دلو کڻي ڪوهه تان پاڻي ڀرڻ آئي. گل پريءَ جو ڪيس ايندو ڏٺو سا يڪدم گل شهزادي جي حيرانديءَ ڪان پٽڪو ڏئي، پاڻ وڻ تي چڙهي لڪي ويهي رهي. پر ان عورت پريءَ جو پاڇو ڏسي ورتو، وري جو شهزادي تي اک پيس ته هوش ئي خطا ٿي ويس. سو وچاري جهڙي هئي تهڙي هٿين ٺلهي واپس گهر موٽي آئي. پر پاڻيءَ جي گهرج هئس سو وري اتي آئي. پريءَ ڪيس وري ايندي ڏسي چيو ته: مائي! تون هر هر ڇو پئي اچين، پرائي سونهن تي ايڏو حيران نه ٿي، ماڻڙي ڪري هلي وڃ. تنهن تي ان عورت چيس ته: آءٌ ته ڪوهه تان پاڻي ڀرڻ آئي آهيان، پر توهين هن هنڌ ڪيئن ويٺا آهيو؟ تنهن تي پريءَ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس. مڄاڻ اها عورت ڪا جادوگرياڻي هئي، سا گل شهزادي جو حسن ڏسي مٿس عاشق ٿي پئي. هوءَ هاڻي خيال ڪرڻ لڳي ته ڪنهن به طرح گل پريءَ کي ماري شهزادي کي هٿ ڪريان. اتي گل پريءَ کي اچي اڃ لڳي، تنهن هن کي چيو ته: تون ڪوهه مان پاڻي ڀري مونکي به پيار ۽ تون به دلو ڀري وڃ. اتي جادوگرياڻيءَ ڪجهه پڙهيو ته ڪوهه جو پاڻي پڳهه تائين مٿي چڙهي آيو. پوءِ گل پريءَ کي اشارو ڪيائين ته وڻ تان هيٺ لهي اچي پنهنجي مرضيءَ سان ڍؤ تي پاڻي پيءُ. هوءَ به خوش ٿي وڻ تان لهي اچي پاڻي پيڻ ويٺي.

گل پريءَ هڪڙو ڀڪ ڀري پيتو، اڃان ٻيو ڀڪ ڀري ٿي پيتائين ته جادوگرياڻيءَ ونءِ ڌڪو ڏنس. پري وڃي ڪوهه ۾ ڪري ۽ پاڻيءَ ۾ گل ٿي بيهي رهي. جادوگرياڻيءَ ڇا ڪيو جو يڪدم پاڙي واري ساهيڙيءَ جي گهران وهنجي سهنجي ڏاڍا عطر مکي جادوءَ جي زور تي گل پريءَ جهڙي شڪل ٺاهي اچي شهزادي سان ڀاڪر پائي سمهي رهي. جادوگرياڻيءَ جي مڙس ڏٺو ته زال اڃان نه موٽي، سو به ڪاوڙ وچان ڏندو

ڪلهي تي رکي ڪوهه وٽ اچي نڪتو. ڏنائين ته گل شهزادو ستو پيو آهي ۽ پنهنجي زال کي سمجهيائين ته گل پري آهي، جا گل شهزادو وٽ آيو آهي. ڀانيائين ته اها خوشخبري ڇونه بادشاهه زين الملوڪ کي اڳواٽ وڃي، ٻڌايان ته ڪجهه انعام ملي. سو وٺي ڀڳو ۽ وڃي بادشاهه کي گل پريءَ ۽ گل شهزادي جي اچڻ جي خوشخبري ڏنائين.

بادشاهه زين الملوڪ، جنهن کي ڪيتري وقت کان پٽ جو وڇوڙو هو، تنهن هيءَ خبر ٻڌي ڏاڍي خوشي ڪئي ۽ جادوگرياڻيءَ جي مڙس کي چيائين ته: هينئر اچي ڳاڙهي جو گهوڙو پيري ڏيانءِ ٿو، جي تنهنجي سچي خبر نڪتي، ته هن کان به وڌيڪ انعام ڏيندو سانءِ. بادشاهه پوءِ خاطريءَ لاءِ ٻيا ماڻهو موڪليا، انهن به اهائي خبر اچي ڪئي. پوءِ ته ڏاڍن لاڏن ڪوڏن سان گل شهزادي کي وٺي آيا ۽ جادوگرياڻي، جنهن کي ماڻهو گل پري سمجهيو ويٺا هئا، ان سان شادي لاءِ وناهه ٻڌائون. آخر ڌام ڌوم سان گل شهزادي جي شادي ٿي گذري.

گل شهزادي جادوگرياڻيءَ جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ اٿڻ ويهڻ مان سهي ڪيو ته هيءَ گل پري ڪانهي، پر ماڻهن جي خواريءَ کان لاچار ٿي جادوگرياڻيءَ سان شادي ڪيائين. حقيقت ۾ هن ويچاري سان ظلم ٿي ويو. خيال ڪيائين ته هيءَ مون سان ڪنهن فريب ڪيو آهي. ٻڙ واري ڪوهه وٽ مون ناحق گل پريءَ کي ڏاڙهون مان ٻاهر ڪڍيو. آخر صبر کان ڪم ورتائين، پر گل پريءَ جي وڇوڙي ڏاڍو پريشان ڪيس. ايتري قدر جو هن کي حياتي زهر ٿي پئي؛ محلات ڇڏي اوطاقن ۾ رهڻ لڳو ۽ اتي يار دوست گهرائي ڪچهريون ڪرڻ لڳو.

گل شهزادي جي يارن دوستن هن کي ويڳاڻو ڏسي، هڪڙي ڏينهن چيس ته: اي شهزادا! ڪشالا ڪري گل پري به آندئي ۽ ان سان شادي به ٿي، پر تو کي اڃان به اسين غمگين ٿا ڏسون، تنهن جو سبب ڇا آهي؟ گل شهزادي چيو ته ادا!؛

سڀ خير آهي، مگر طبيعت خوش نہ آهي. اتي سندس هڪڙو نديم جو دوست ميهار هو، جنهن ڪان شهزادي جي ڪابہ ڳالهہ لڪل ڪانہ هئي، تنهن ڪانئس خلاصو احوال پڇيو تہ: شهزادا! اندر جو حال جيڪو اٿئي سو ڪڍي مونکي ٻڌاءِ. اتي شهزادي سچي حقيقت ڪيس بيان ڪري ٻڌائي تہ مون سان ڪنهن فريب ڪري، پري جدا ڪري ڇڏي آهي. هوڏانهن وري جادوگرياڻي ڇا ڪيو جو ڪنهن ماڻهوءَ کي ٻہ چار سؤ روپيا ڏئي چيو تہ فلاڻي ٻڙ هيٺان کوهہ آهي، ان ۾ هڪڙو گل پيئو آهي، سو پاڙان پٽي اچي ڇڏيو. تنهن تي ان ماڻهو اهو گل پاڙ ڪان ڪپي. ٽڪر ٽڪر ڪري ڪنهن جاءِ تي اڇلائي ڇڏيو. خدا جي قدرت سان جنهن جاءِ تسي اهو گل جادوگرياڻيءَ ڦٽو ڪرايو هو، مينهن وسڻ تي ان هنڌان هڪڙو وڻ پيدا ٿي پيو، جنهن جي خوشبوءِ آسپاس واري هنڌ تي اهڙي ٻکرجي وئي، جو چڻ عطر عنبير ڇنڪاريل آهي. جادوگرياڻيءَ سهي ڪيو تہ اها خوشبوءِ انهيءَ پريءَ جي ٿي پائنجي. تنهن ان کي ڳولڻ لاءِ ماڻهو موڪليا، مگر انهن کي پتو ڪونہ پيو.

هڪڙي ڏينهن ٻانهيءَ گرميءَ جي سبب ڪان محلات تي چڙهي بازيگر تي ڪوليو تہ ڏسي تہ ڇت تي ڏاڙهونءَ جو وڻ بيٺو آهي. ٻانهيءَ اچي جادوگرياڻيءَ سان احوال ڪيو، جنهن چيس تہ: ماٺ ڪر. پوءِ جادوگرياڻيءَ پنهنجي نوڪرن کي گهرائي، انعام ڏئي چيو تہ: اهو وڻ پٽي ڪنهن جهنگل ۾ ڦٽو ڪري اچو. نوڪر انعام جي لالچ تي اهو وڻ ڪپي ڪنهن جهنگل ۾ ڦٽو ڪري آيا.

قادر جي قدرت سان گل شهزادي جي ميهار دوست جون مينهون، انهيءَ خوشبوءِ تي جهنگل ڏانهن وڃي پهتيون. ميهار بہ مينهن جو پيرو ڪڍندو اچي ڏسي تہ مينهون سڀ خوشبوءِ واري وڻ جا پن پيون چرن. اتي شڪ پيس تہ لاشڪ

هيءَ وڻ منهنجي دوست شهزادي وارو نه هجي. سو اهو وڻ سربستو کڻي زمين ۾ هڻي، پاڻي ڏئي ان کي ٻاڙڻ لڳو. وڻ وري ساڻو ٿيو ۽ خدا جي فضل سان ان ۾ ڪنجيءَ ڪلف سان هڪڙو ڏاڙهون پيدا ٿيو. ميهار سهي ڪيو ته گل شهزادي واري حقيقت سچي اچي اکين اڳيان بيٺي آهي، هاڻي آءٌ ڇا ڪريان! اڃان انهن ٿي ڳڻتين ۾ هو ته متان جمعي جي رات اچي ٿي. انهيءَ رات گل پري ڏاڙهونءَ مان نڪري ظاهر اچي بيٺي، جنهن جي حسن جي سوجهري کان رات به ڏينهن ٿي ويو. ميهار اهڙو حسن جو تجلو ڏسي حيران ٿي ويو. دل ۾ چيائين ته جهڙي ساراهه شهزادي کان ٻڌي هيم، بيشڪ گل پري اهڙي آهي. خير، پريءَ ميهار کي چيو ته: تون گل شهزادي جو ڇا ٿين؟ ميهار جواب ڏنو ته: آءٌ ان جو وزير آهيان. تنهن تي پريءَ چيس ته: ادا! گل شهزادي کي منهنجو پيغام ڏج ته جي تون سڀاڻڪي ڏينهن ۾ مونکي ملئين ته واهه، نه ته آءٌ پنهنجي ملڪ هلي وينديس. ميهار چيس ته: مائي! حاضر آءٌ سڀاڻي سان ڪيس وٺي ايندس.

صبح ٿيو ته ميهار گل شهزادي وٽ پهچي ويو. ان کي سچي حقيقت اچي ٻڌايائين. شهزادي يڪدم تياري ڪئي. اتي هڪڙي هاريءَ شهزادي کي اچي عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! منهنجي ٻنيءَ جو ريج سڪيو ٿو وڃي، مونکي پوکڻ لاءِ آهر جو ٿوڙو ملي. شهزادي خيال ڪيو ته اڳوپوءِ خير جو ڪم ڪري پوءِ گل پريءَ ڏانهن وڃان. اهر جي ڳولا ۾ شهزادي ماڻهو ڊوڙايا، جن اٺ ڏينهن کان پوءِ آڻي اهر حاضر ڪئي. هاريءَ کي اهر ملي وئي، جا کڻي روانو ٿيو. شهزادي کي اتي گهڻي دير ٿي وئي تنهن وچ ۾ جادوگرياڻي جنهن جي ننڊ رات ڏينهن ڦٽي پئي هئي، تنهن جادو هڻي ڏٺو ته گل تيار ٿي ويو آهي؛ ان ۾ گل پري به سرجي وئي آهي. سو ڇا ڪيائين جو جادوءَ سان هڪڙي اڏندڪٽولي ٺاهي، نوڪرن کي گهرائي،

ڳالهه شروع ڪئي ته: اما پري اڏند کٽوليءَ ۾ ڪجهي وئي، جنهن کي ساڙيائون ٿي، مگر قادر جي قدرت سان ان جو بچاءُ ٿي ويو. هوءَ ائين چوندي وئي ته: هاءِ ڙي گهوڙا، سڙان ٿي، ڪامان ٿي! هاڻي جيڪڏهن ان جو عاشق ان کي ڏوري وڃي ڏسندو ته طالب کان مطلوب پري نه آهي. ڏوريندئون ڏسن جڏهن ڪڏهن پرينءَ کي. پٽ! اڄ اما سيان بي. پکي ڳالهه ڪري اڏامي هليا ويا. شهزادو ۽ مهار پکيءَ جي ڳالهه ٻڌي ڪلمون پڙهي اٿيا. پاڻ ۾ چيائون ته: پري اڃان جيئري آهي، مولا ڪندو ته ڪڏهن نه ڪڏهن ميلو ٿي ويندو.

گل شهزادو هاڻي پريءَ جي ڳولا ۾ اچي ۽ ڳاڙهي جا گهوڙا ڀرائي روانو ٿيو. منزلون ڪندو ڪندو نيٺ اچي انهيءَ ساڳئي ساميءَ جي باغ وٽ پهتو. ڏسي ته سامي ستو پيو آهي ۽ باغ سڪو پيو آهي. هي ٻيهي باغ جي خدمت ڪرڻ لڳو، ڇهه مهينا باغ جي خدمت ڪيائين ته باغ سرسبز ٿي ويو. سامي به ننڊ ڪري اٿيو ۽ پنهنجو باغ بهاريءَ ۾ ڏسي هڪل ڪيائين ته: ڪير به هجين ته هڪدم اچي حاضر ٿيءُ، نه ته تنهنجو خير نه آهي. اتي گل شهزادو ڊوڙي اچي ساميءَ جي قدمن تي ڪريو. ساميءَ پڇيس ته: ڇا گهرجئي؟ گل شهزادي چيو ته: سائين جي سر بخت جو خير - مونکي الله جو ڏنو سڀڪي آهي. توهان مهرباني ڪري گل پريءَ مونکي هٿ ڪري ڏني هئي، مگر بدقسمتي ڪان مون کان هلي وئي هاڻي وري به توهين کو مون سان وڙ ڪندؤ ته واهه، نه ته آءٌ مري ويندس، اهو عرض آهي جو اڳهامي. ساميءَ چيو ته: تر جي ڪُٺي سؤ چوٿون ڪائي، مون تو کي ڪيترو سمجهايو به هو، مگر تو نه سمجهيو. هاڻي ڇهيو ڇهه مهينا مون وٽ ويهي علم پڙهه ته پوءِ آءٌ تو کي پريءَ تائين پهچايان. پوءِ ته گل شهزادو پڙهڻ کي لڳي ويو. جڏهن پڙهڻ سکڻ واري مدت پوري ٿي، تڏهن استاد کي چيائين ته: هاڻي مونکي گل پريءَ تائين پهچايو.

سامي چيس ته: تختي پيرمرد جي ۽ نقش سليماني پڙهي پنهنجي بدن تي ڦيٽو وجهه، ته ڏس پنهنجو رنگ. هن ائين ڪيو ته هڪڙو زبردست ديو بڻجي پيو. هاڻي وري پيو اسم اعظم جيڪو توکي سيکاريو اٿم، اهو پڙهي پاڻ تي ڦوڪار. هن اهو پڙهي پاڻ تي دم ڪيو ته جهڙو اڳي هو تهڙو ٿي پيو. پوءِ چيائينس ته: هاڻي وڃ، پري ساڳئي محلات ۾ رهي ٿي. هن تي ڪئين جن، ديو ۽ پريون پهرو پيا ڏين ۽ مٿس سڄو ڏينهن پاڻي پيا اوتين، ته به هوءَ ائين پئي چوي ته هاءِ گهوڙا ڙي ڪامان ٿي! تون جڏهن اتي پهچين، تڏهن پئي ڪنهن جن، ديو کان پاڻي مٿان گهرين، پر ان جي ڀيڻ شاهه بانو کي چئج ته مائي! اڄ ٿو مران، خدا جي نالي پاڻي پيار. پوءِ هوءَ توکي پاڻي ڏيندي. پوءِ تون منڊي چيچ مان لاهي اٽڪل ڪري گل پريءَ جي نائڻ واري پاڻيءَ ۾ وجهي ڇڏجاءِ. جڏهن اهو پاڻي گل پريءَ تي وجهندا، تڏهن ان کي باهه ڇڏي ويندي. پوءِ گل پري پنهنجي ڀيڻ کي گهرائي ان کان پڇندي ته پاڻي ڪنهن پيتو هو. هوءَ چوندي ته هڪڙي ديو پيتو هو، مگر هوءَ سهي ڪري ويندي ته ان ۾ ڪو راز آهي ۽ اهو ديو نه آهي. پوءِ آخر هوءَ توکي گهرائيندي ۽ تنهنجو مطلب ٿي ويندو.

گل شهزادو ساميءَ کان هدايت وٺي گل پريءَ ڏانهن روانو ٿيو. اتي پهچي ساميءَ جي چوڻ موجب هليو، جنهنڪري گل پريءَ کي باهه ڇڏي وئي. تنهن پنهنجيءَ ڀيڻ شاهه بانوءَ کي چيو ته: ادي! مونکي شڪ ٿو پوي ته جنهن ديو کي تو پاڻي پياريو هو، اهو ديو نه آهي، مگر آدمزاد آهي. تون هن کي مون وٽ وٺي اچ. شاهه بانو، گل شهزادي وٽ آئي ۽ هن کي چيائين ته: توکي گل پري سڏي ٿي. گل شهزادي چيو ته: مائي! آءٌ پرائي گهر ڪيئن وڃان؟ آءٌ ڊڄان ٿو ته متان مارجي نه وڃان. پريءَ چيس ته: تون تر جيترو به خيال نه ڪر، بيخوف

هن وٽ هليو وڃ. گل شهزادو به ديو جي صورت ۾ ٻيڏڙڪ وٽس هليو ويو. ڏسي ته اها منڊي جيڪا هن پاڻ پاڻيءَ ۾ وڌي هئي، سا گل پري پنهنجي چيچ ۾ وجهيو ويٺي آهي. اول ته گل پريءَ، گل شهزادي کي دڙڪا ڏئي پڇيو ته: تون ڪير آهين، جو هتي سون وٽ لنگهي آيو آهين؟ هن چيس ته: مونکي تنهنجي پيڻ تو وٽ موڪليو آهي. گل پريءَ چيس ته: چڱو ڀلا ويهه. گل شهزادو ويٺو، پريءَ چيس ته: هي منڊي سڃاڻين ٿو؟ هن هائوڪار ڪئي ته: اها منڊي گل شهزادي جي آهي. پريءَ چيو ته: گل شهزادو ڪٿي آهي؟ هن چيو ته: هو هتي ئي تنهنجي حاضريءَ ۾ ويٺو آهي. پريءَ چيو ته: هتي ته آءٌ هڪڙي ڪوجهي ديو کي پيئي ڏسان. اتي گل شهزادي پاڻ تي پيو قيٺو وجهي، ساڳيءَ صورت ۾ آيو. ته ٻئي سڪايل هڪٻئي کي چنبڙي ويا.

گل پريءَ پنهنجيءَ پيڻ کي چيو ته: ادي! تون بابي کي وڃي ٻڌاءِ ته جيڪو شهزادو مونکي هتان ڪٺي ويو هو، سو هتي آهي، هاڻي مونکي اجازت ملي ته آءٌ ساڻس شادي ڪريان. پيڻس وڃي پيءُ کي چيو. جنهن اها ڳالهه قبول ڪئي. گل پريءَ جي پيءُ شاديءَ جون خوب تياريون ڪيون. شادي خير سان گذري. پوءِ گل شهزادو، گل پريءَ سان عيش عشرت ۾ گذارڻ لڳو.

گل شهزادي کي شڪار ڪرڻ جو شوق هوندو هو، سو پنهنجي سهري کي چيائين ته: بادشاهه سلامت! مونکي شڪار جو شوق آهي، تنهنڪري اجازت ملي ته آءٌ وڃي شڪار ڪريان. بادشاهه چيو ته: ابا! بيشڪ، مگر شڪار تي ٽن طرفن ڏانهن ڀلي وڃ، پر اتر طرف ڏانهن نه وڃ. ائين چئي شهزادو اها اجازت وٺي شڪار ڪندو رهيو.

هڪڙي ڏينهن گل شهزادي کي ٽن طرفن کان شڪار هٿ نه لڳو، تنهنڪري هن خيال ڪيو ته اڄ چوٿين طرف به شڪار وڃي ڪريان، متان ڪو شڪار هٿ لڳي. اهو ڏينهن

جمعي جو هو ۽ هيءُ انهيءَ طرف روانو ٿي ويو. هلندي هلندي هڪڙي هنڌ ڏٺي ته هڪڙو ڇوڪرو آهي، جو نير سان ٻڌو پيو آهي؛ گل شهزادو ان وٽ پهتو ته هن نيزاري ڪري چيس ته: سائين! مونکي هن بند مان خدا ڪارڻ آزاد نه ڪرين! گل شهزادي کي قياس اچي ويو. سو هن جا نير ڇوڙڻ لڳو. جڏهن نيرن کان آزاد ٿيو، تڏهن هو ڇوڪر مان ڦري هڪڙو ديو بڻجي پيو ۽ گل شهزادي کي ڇنبن ۾ کڻي وٺي اڏائو.

گل پري ۽ سندس ساهيڙين جو دستور هو ته جمعي ڏينهن انهيءَ کنڊ تي هڪڙي تلاءَ ۾ اچي وهنجنديون هيون ۽ رانديون ڪنديون هيون. سو پريون به انهيءَ تلاءَ ۾ ڪپڙا لاهي پئي وهنتيون، ته انهن مان ڪنهن جي نظر وڃي ديو تي پئي، جو گل شهزادي کي ڇنبن ۾ کنيو اڏائو پئي ويو، تنهن دانهن ڪري چيو: اڙي مئيس! گل شهزادي کي ندورو ديو ڇنبن ۾ کنيو اڏائو پيو وڃي. سي سڀئي جهٽ پٽ ڪپڙا پائي، وٺي ان جي پٺيان اڏاڻيون ۽ ديو کي ڦري آيون. پوءِ ان کي جهلي، گل شهزادي سميت گل پريءَ جي پيءُ وٽ وٺي آيون. بادشاهه هن ديو کي سخت سزا ڏني ۽ کيس حضرت سليمان جو قسم کڻايائين ته آئيندي هو ائين مستي نه ڪندو. گل شهزادي جو طبيب کان علاج ڪرايائون، جو ڪجهه وقت کان پوءِ تندرست ٿيو. گل پريءَ چيس ته: ڏس تون جڏهن کڏهن اسان جو ڇوڻ ڪونه مڃين ۽ وڃو مصيبتن ۾ پوين، تنهنڪري اڳتي اهڙو ڪم نه ڪج.

گل شهزادي ڪجهه وقت اتي گذاري پنهنجي صهري کان ملڪ وڃڻ جي اجازت ورتي. سندس صهري خيال ڪيو ته ڌيءَ ٻي ماني بادشاهه وٽ به ڏکانهي. تنهن گل شهزادي کي اجازت ڏني. ڪئين سامان، لشڪر ۽ طنبو طولان گڏ ني ويا، وڏي تجمل سان هي اتان روانا ٿيا. هلندا هلندا آخر اچي پنهنجي ملڪ پهتا. گل شهزادي، جنن سپاهين اتي رهڻ

گهريو تن ڪي رهايو ۽ جن پنهنجي ملڪ ڏي وڃڻ گهريو، تن ڪي موڪل ڏني. پوءِ گل شهزادو ۽ گل پري ٻئي ڄڻا، بادشاهه زين‌الملوڪ سان اچي مليا، جنهن ڪي ڇهن مهني بدن ۾ ساهه پئجي ويو. وڏي اڪير سان ٻنهي ڄڻن ڪي ڀاڪر پائي مليو. واڌايون وري ويون، خير خيراتون ٿي ويون. ڪيترائي ڏينهن جشن پئي هليا. پوءِ گل شهزادي، ميهار دوست سان صلاح ڪئي ته: هن رن جادوگرياڻيءَ ڪيتري قدر نه اسان سان چڪري ڪاڏي آهي ۽ اسان ڪي مصيبتن ۾ وڌو آهي. تنهنڪري هن ڪي سندس ڪئي جي سزا ڏيڻ گهرجي. سو صلاح ڪري روز هن جو هڪڙو عضوو ڪپي، ڏينهن ٻه چڏي وري ٻيو عضوو وڍيندا هئا، اهڙيءَ طرح عذاب ڏئي ماريائونس. ان بعد گل شهزادو ۽ گل پري باقي حياتيءَ جا ڏينهن عيش آرام سان گذارڻ لڳا.

## ١٢. انيڏگ پري *

هڪڙي بادشاهہ کي اولاد ڪونہ هو، رات ڏينهن اهوئي ٻال هوندو هوس تہ خدا سائين ڪيس ڪو پٽ ڏئي جو سندس نالو روشن ڪري. انهيءَ لاءِ هن درويشن جا در پيٽيا پر ڪٿان بہ سندس من جي مراد پوري نہ ٿي. نيٺ هڪڙي ڏينهن هن کي خبر پئي تہ سندس ملڪ جي ٻاهران جهنگ ۾ هڪڙو فقير اچي ويٺو آهي، جيڪو ملڪان ملڪ مشهور آهي. بادشاهہ بہ سهي سنيري ان درويش وٽ سوالي ٿي ويو. درويش بادشاهہ کي دعا ڪئي ۽ چيائينس تہ: اي بادشاهہ! توکي هڪ پٽ ڄمندو، پر جڏهن چوڏهن ورهين جو ٿئي، تڏهن ڪيس اتر واري جهوني محل ڏانهن اصل نہ وڃڻ ڏجئين. بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ درويش کان موڪلائي واپس محلات ۾ آيو.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ، فقير جي چوڻ موجب بادشاهہ کي پٽ ڄائو. بادشاهہ انهيءَ خوشيءَ ۾ سڄي شهر ۾ جشن ڪرايو. شهزادو اڄ ننڍو سيان وڏو، نيٺ اچي چوڏهن ورهين جو ٿيو. بادشاهہ شهزادي جي تعليم ۽ تربيت جو ايترو خيال رکيو جو ننڍڙي ڄمار ۾ هو سڀڪنهن فن ۾ قابل ٿي ويو. هڪڙي ڏينهن بادشاهہ شهزادي کي گهرائي نصيحت ڪئي تہ: پٽ! ٻين سڀني پاسن ڏانهن وڃجئين، پر اتر پاسي جيڪو جهونو محل آهي ان ڏي ڪڏهن بہ نہ وڃجئين. شهزادي اوڏيءَ مهل تہ بادشاهہ کي پڪ ڏني تہ آءٌ انهيءَ پاسي ڪونہ ويندس پر ڪيس انهيءَ پاسي ڏسڻ جو ڏاڍو شوق

---

* هيءَ ڳالهہ حيدرآباد شهر مان زمرد شيخ ۽ محمد اقبال شيخ کان ملي.

ٿي بيٺو. سو هو ٻئي ڏينهن تيرڪمان کڻي شڪار جو بهانو ڪري انهيءَ طرف روانو ٿيو، جنهن طرف وڃڻ جي منع ٿيل هئس. هلندي هلندي جڏهن انهيءَ محلات جي ويجهو پهتو، تڏهن ڏٺائين ته هڪڙي ڏوڏيائي ڏُڌ جي چاڏي زمين تي رکيو بيٺي آهي. شهزادي کي ايندو ڏسي ڏوڏيائيءَ هڪل ڪري چيس ته: ڇوڪرا! مونکي هيءَ چاڏي ته کڻاءِ. شهزادي ڏوڏيائيءَ کي ڏسي چيو ته: آءٌ تڪڙو آهيان، تنهنڪري تون پاڻ کڻ. اتي ڏوڏيائيءَ چيس ته: واهه ميان اهڙي تڪڙ اٿئي، ڄڻ ته انينگ پريءَ سان شادي ڪرڻ پيو وڃين. شهزادي کي اها ٽوڪ ڏاڍي ڏکي لڳي. سو سڌو پنهنجي محلات ۾ آيو ۽ پيءُ کي چيائين ته: بابا، آءٌ وڃان ٿو انينگ پريءَ جي ڳولا ۾. بادشاهه جو اهو نئون نالو ٻڌو سو عجب ۾ پئجي ويو ۽ پٽ کي چيائين ته: تو هي نالو ڪٿان ۽ ڪيئن ٻڌو؟ جنهن تي شهزادي پيءُ کي سموري حقيقت ڪري ٻڌائي. بادشاهه اها ڳالهه ٻڌي پريشان ٿيو ۽ شهزادي کي ڏاڍو سمجهايائين ته: پٽ، اها اجائي ڳالهه آهي. پر شهزادو پنهنجي ضد تان نه لٿو ۽ مرڳو کائڻ پيڻ ئي ڇڏي ڏنائين. نيٺ بادشاهه ويچاري لاچار ٿي پٽ کي انينگ پريءَ جي ڳولا لاءِ موڪل ڏني ۽ ساڻس همراهيءَ لاءِ ڪجهه لشڪر، وزير ۽ تمام گهڻي دولت به ڏنائين. شهزادو پنهنجي اتالي سميت منزلون ڪندو ڪندو اچي هڪڙي شهر ۾ پهتو. اتي پهچي هن پنهنجي سڄي لشڪر کي واپس ملڪ روانو ڪيو ۽ باقي پاڻ سان گڏ وزير رکيائين. پوءِ ٻئي ڏينهن تڪ ٽڪڻ جي ارادي سان ان شهر ۾ رهي پيا. هڪڙي ڏينهن جيئن شهزادو ۽ وزير ان شهر ۾ پئي گهميا، تيئن ڏٺائون ته ڪي سپاهي هڪڙي ماڻهوءَ کي هٿڪڙيون هنيو وٺيو پيا وڃن. شهزادي سپاهين کان پڇيو ته: هن ماڻهوءَ کي ڪيڏانهن پيا وٺيو وڃو؟ سپاهين ورندي ڏني ته: هيءُ چور آهي ۽ هن جي

ڏمي پنج هزار رپيا آهن، جنهنڪري هن کي وٺيو پيا وڃون. شهزادي کي ان شخص تي قياس پئجي ويو، سو انهن سپاهين کي پنج هزار رپيا ڏئي، ان شخص جي جند آزاد ڪرائي، پاڻ ۽ وزير ٻئي مسافريءَ تي نڪتا. اڃان اڳتي ويا ته اهو شخص به اچي گڏين ۽ چيائين ته: منهنجو نالو دلبر چور آهي، توهان مون تي احسان ڪري منهنجي جند آزاد ڪرائي آهي، ان لاءِ آءٌ به اوهان سان گڏ ٿو هلان ۽ جيستائين اهو اوهان جو ٿورو نه لاهيندس تيستائين اوهان کان جدا نه ٿيندس. شهزادي چور کي گهڻوئي سمجهايو پر هو پنهنجي ضد تان نه لٿو ۽ شهزادي ۽ وزير سان گڏجي اٿي هليو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ شهزادي، وزير کي به واپس پنهنجي ملڪ روانو ڪيو ۽ پوءِ هي ٻئي ڄڻا اٿي سفر تي هليا.

ڪيترا ڏينهن هنن کي مسافري ڪندي گذريا، مگر رستي تي ڪوبه ڳوٺ يا شهر هنن کي ڏسڻ ۾ نه آيو، جتان هي ڪو ڏس پار پڇن؛ نيٺ هڪڙي ڏينهن هڪڙي باغ ۾ اچي پهتا. هڙئي برپٽ بيابان ۾ باغ ڏسي هنن کي ڏاڍو ڊپ ٿيو ۽ عجب لڳو، مگر هي ٻئي ڄڻا دل جهلي باغ ۾ گهڙي ويا. اندر وڃي ڏسن ته هڪڙو ديو ولڻ جي هيٺان ستو پيو آهي. شهزادي ۽ دلبرچور پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته هن ديو جي خدمت ڪجي ته هن کان ڪو پتو پار پئجي وڃي. سو ٻئي ڄڻا ديو جي ۽ باغ جي خدمت ۾ لڳي ويا. ڪجهه مهينن کان پوءِ جڏهن ديو پنهنجي ننڊ پوري ڪري اٿيو تڏهن ڏسي ته باغ سڄو سر سبز ٿيو پيو آهي ۽ به آدمزاد پيا باغ جي صفائي ڪن. هو اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ته: آءٌ اوهان جي خدمت ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان، ٻيو ڪو هجي ها ته ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيانس ها، پر اوهان جيڪا منهنجي ۽ منهنجي باغ جي خدمت ڪئي آهي، تنهن جي عوض جيڪي گهرڻو اٿو سو گهرو. اتي شهزادي چيو ته: اي ديون جا بادشاهه! اسين انينگ پريءَ

حي ڳولا ۾ نڪتا آهيون، سو اسان کي ان جو ڏس ڏي. ديو شهزادي کي گهڻوئي سمجهايو ته: ٻچا! اهو مشڪل ڪم آهي، تنهنڪري ان ڳالهه تان لهي وڃ ۽ واپس پنهنجي ملڪ موٽي وڃ. پر شهزادو ۽ دلبرچور پنهنجي ڳالهه تان نه لٿا، ۽ ضد ٻڌي بيٺا ته: اسان کي انينگ پريءَ جو ڏس ڏي. نيٺ ديو مجبور ٿي هنن کي چيو ته: چڱو هيءَ منهنجي جُتي پائي، اکيون ٻوريندئو ته ڪن پل ۾ اوهان کي اتي هلي ڇڏيندي، جتي منهنجو ڀاءُ آهي. ان کي منهنجا سلام ڏجو ۽ پنهنجو حال به ٻڌائجو، اميد ته چڱي ٿي پوندي. شهزادي ۽ دلبر چور اوڏيءَ مهل ئي ديو جي ڏنل جُتي پائي، اکيون ڪٽي ٻوريون ته يڪدم اڏامڻ لڳا. ڪجهه دير ڪان پوءِ هنن جا پير زمين تي لڳا، تڏهن اکيون کوليائون، ڏسن ته ساڳيءَ طرح هڪڙو باغ آهي ۽ هڪڙو ديو ستو پيو آهي، جنهن جي چوڌاري ڏڀ ڄمي ويا آهن. وري به ٻنهي ڄڻا ساڳيءَ طرح محنت ڪرڻ لڳي ويا ۽ باغ به آباد ڪيائون ۽ ڏڀ وغيره وڍي، صاف ڪري ديو جي جاڳڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا. آخر ڪن مهينن بعد ديو ننڊ مان سجاڳ ٿيو، ۽ باغ کي سائو ۽ آباد ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. وري هنن ٻنهي ڄڻن تي نظر پيس ته هڪدم هڪل ڪري چيائين ته: اي آدمزاد! اوهين ڪير آهيو. هو ٻئي ڄڻا يڪدم وڃي سندس پيرن تي ڪريا، ۽ کيس ڀاءُ جا سلام ڏنائون؛ تنهن تي ديو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ سندن ڳالهه ٻڌي کين چيائين ته: بابا! اوهين پنهنجي انهيءَ ضد تان لهي وڃو. انينگ پريءَ تائين رسڻ انسان جو ڪم ناهي. انهيءَ پريءَ کي سواءِ دلبر چور جي ٻيو ڪوبه ڪٿي نه سگهندو. دلبرچور جو اهو ٻڌو سو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ يڪدم ديو کي چيائين ته: اڙي ديو! اهو دلبر چور آءٌ آهيان. اهو ٻڌي ديو چيو ته: بابا! جي تون دلبر چور آهين ته هاڻي اوهين هتي ترسو. انينگ پريءَ جا ڀائر هر ٻارهين مهيني، چنڊ جي يارهين ڏينهن هتي ايندا آهن، ۽ انهيءَ

ڏينهن پٺيان انينگ پري ڪان سواءِ ٻيو ڪيرئي ڪونه هوندو آهي. پوءِ آءٌ توکي سوپاريون پڙهي ڏيندس جي وچي سمنڊ ۾ اڇلائج ته سمنڊ سڪي ويندو... پوءِ تون محل ۾ هليو وڃج ۽ انينگ پري، جا پيتيءَ ۾ بند هوندي سا پيتيءَ سوڌي ڪڍي هليو اچج. شهزادو ۽ دلبر چور اها ڳالهه ٻڌي اتي ويهي رهيا ۽ انهي ڏينهن جو انتظار ڪرڻ لڳا.

نيٺ خدا خدا ڪري اهو ڏينهن آيو ۽ ديو هنن کي سوپاريون پڙهي ڏنيون، جي کڻي هي اڳئين انهيءَ سمنڊ ڏانهن روانا ٿيا، جنهن ۾ انينگ پريءَ جو محلات هو. رستي تي هنن گهڻ جهڙا ڪيلا ٻه ٽاهي پاڻ سان کنيا ته متان انهن جي ضرورت پئجي وڃي. نيٺ اچي سمنڊ جي ڪپ تي پهتا. دلبر چور بسم الله ڪري هڪڙي سوپاري سمنڊ ۾ اڇلائي ته سمنڊ سڪي ويو. پوءِ ته اڪيلي سر هيٺ لهي ويو ۽ وڃي محلات وٽ پهتو. اتي، پهچڻ تي ڏٺائين ته محلات کي نه در آهي نه دريون، سو يڪدم ڪيلا ڪڍي پٽ ۾ کوڙيندو، انهن تي مٿي چڙهي ويو. ڇت ۾ ڏٺائين ته برابر هڪڙو سوراخ آهي، جنهن مان هي لهي هيٺ ويو. اندر پهچڻ تي ڏٺائين ته برابر هڪڙي وڏي بند پيتي رکي آهي. هن ٻه ٽڪا ڪئي هم ٽڪا ڪئي تم، کڻي پيتيءَ کي ڪنيائين ته پيتيءَ مان آواز آيو ته: اي جوان! جيڪڏهن تون دلبر چور آهين ته پلي پيتي کڻ، جي نه ته ڇڏي ڏي. دلبر چور هڪل ڪري چيو ته: انينگ پري! اهو دلبر چور آءٌ آهيان. پوءِ انينگ پري کڻي ماٿ ڪئي ۽ هي پيتي کڻي محلات مان ٻاهر نڪتو ۽ اچي شهزادي کي چيائين ته: پيچ نه پڇون، ڇو ته ديو جو چوڻ هو ته جيستائين پرين جي سرحد نه ٽپو، تيستائين پيتي نه کولجو. پر شهزادي کي اچي وسوسو ٿيو ته پيتي ٺلهي آهي، سو دلبر چور کي چيائين ته: پيتي کول ته ڏسون ته خالي ته نه آهي. دلبر چور شهزادي کي گهڻوئي سمجهايو ته: انينگ پري پيتيءَ ۾ آهي، تون پڪ رک،

پيو ته ديو جو چوڻ نه مڃيوسين. ته ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسي پونداسين. پر شهزادي دلبرچور جي ڳالهه تي ڪان نه ڏني. آخر دلبرچور پيتيءَ کي کوليو. اڃا پيتي مس کلي ته پريءَ جو اهڙو تجلو ٿيو جو هڪدم هن جي پاڙن کي خبر پئجي وئي ته اڄ انينگ پري محلات کان ٻاهر نڪري وئي آهي، سو اهي اُٿئين وٺي اڏاڻا. دلبرچور جو پريءَ جي پاڙن کي ايندو ڏٺو سو شهزادي کي لڪائي پاڻ ظاهر ٿي بيٺو. جڏهن پريءَ جا پاڙ اتي پهتا تڏهن دلبرچور کي بيٺل ڏسي چيائون ته: جيڪڏهن ڪو ٻيو انسان هجي ها ته اڄ ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيونس ها، پر هاڻي تون دلبرچور آهين تنهنڪري توکي هي گناهه معاف آهي. هاڻي جيڏانهن جو آهين تيڏانهن وڃ. ائين چئي پريءَ جا پاڙ انينگ پريءَ کي کڻي واپس هليا ويا.

هنن جي وڃڻ کان پوءِ دلبرچور شهزادي کي چيو ته: شهزادا! مون پنهنجو فرض پورو ڪيو، هاڻي تون ڄاڻ تنهنجو ڪم ڄاڻي، آءٌ هلان ٿو. شهزادو اتي ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ دلبرچور کي آزيون نيزاريون ڪرڻ لڳو ته: مونکي معاف ڪر، آئينده اهڙي غلطي نه ڪندس. نيٺ گهڻين منٿن کان پوءِ دلبرچور راضي ٿيو ۽ وري ساڳئي ديو وٽ آيا ۽ ديو کي سڄي حقيقت ٻڌايائون. ديو اها حقيقت ٻڌي ڏاڍو ارمان ڪيو ۽ دلبرچور کي چيائين ته: وري ٻارهن مهينا ترسڻو پوندو. لاچار دلبرچور ۽ شهزادو ٻارهن مهينن لاءِ اتي ترسي پيا.

جڏهن اهو ڏينهن آيو تڏهن اڳوڻي وانگر شهزادو ۽ دلبرچور سمنڊ تي آيا ۽ سوپاري اڇلائي سمنڊ سڪائي، دلبرچور اندر محلات ۾ گهڙيو. اڃان پريءَ جي پيتيءَ ۾ هٿ مس وڌائين ته اندران آواز آيو ته: اي دلبرچور! جيڪڏهن مونکي کڻين ته ڀلي کڻ، پر تنهنجو شهزادو ته بنهن بي صبر آهي. تنهن تي دلبرچور پريءَ کي چيو ته: انينگ پري! هاڻي هو ائين اصل ڪونه ڪندو. آخر دلبرچور انينگ پريءَ کي پيتيءَ سوڌو کڻي اچي



... 'انينگ پريءَ جو سونو پادر درياءَ ۾ ڪري پيو، جيڪو
هڪڙي مڇي جي پيٽ ۾ وڃي پيو'... (ص ۱۵۷)

شهزادي وٽ نڪتو. پوءِ دلبر چور شهزادي کي چيو: سائين، پيٽي حاضر آهي، ڏسو متان خالي نه هجي. پر شهزادي چيو ته: دلبر! خالي هجي يا ڀريل، جيستائين هن حد سان نه نڪتا آهيون تيستائين پيٽي نه کولبي. آخر هي ٻئي ڄڻا اتان پيٽي کڻي سڌو ديو وٽ آيا ۽ ڪجهه ڏينهن اتي رهڻ بعد موڪلائي اتي پنهنجي وطن ڏي رخ رکيائون. ڪجهه ڏينهن جي مسافريءَ بعد هي هڪڙي شهر ۾ اچي پهتا. اتي خيال ڪيائون ته ڪجهه ڏينهن آرام ڪجي، سو هڪڙي جڳهه مسواڙ تي وٺي اتي رهڻ لڳا. اتي دلبر چور، شهزادي ۽ انينگ پريءَ جي شادي ڪرائي.

هڪڙي ڏينهن جيئن شهزادي ۽ انينگ پري هڪڙي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي، درياءَ جو سير پئي ڪيو، تيئن اتفاق سان پريءَ جو هڪڙو پادر، جو سچو سونو هو، سو پاڻيءَ ۾ ڪري پيو جو هڪڙي مڇيءَ جي پيٽ ۾ وڃي پيو. مڇيءَ جي پيٽ ۾ پريءَ جو سونو پادر ڏيو، سا ڏاڍي خوبصورت ٿي پئي. اها مڇي هڪڙي مهاڻي جي ڄار ۾ ڦاٿي. اهڙي سهڻي مڇي ڏسي مهاڻي دل ۾ خيال ڪيو ته چو نه اها وڃي بادشاهه سلامت کي ڏيان، ته جهجهو انعام ملي. سو مڇي کڻي سڌو دربار ۾ آيو ۽ اچي بادشاهه سلامت کي پيش ڪيائين. بادشاهه اهڙي سهڻي مڇي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مهاڻي کي جهجهو انعام ڏئي روانو ڪيائين، ۽ مڇي محل ڏي ڏياري موڪليائين. ٻورچي مڇيءَ کي وڍي ته اندران اهو پريءَ جو سونو پادر نڪري آيو. ڏاڍو حيران ٿيو، سو اهو کڻي وڃي بادشاهه کي ڏنين. بادشاهه اهو پادر ڏسي عجب ۾ پئجي ويو ۽ چيائين ته: مار! جنهن جو پادر سونو آهي، سا پاڻ ڪهڙي سهڻي هوندي! اوڏيءَ مهل بادشاهه سان گڏ سندس پٽ به ويٺل هو، جو هڪڙيءَ اک کان ڪاڻو هو، تنهن جو اهو پادر ڏٺو سو چيائين ته: بابا! آءٌ جي شادي ڪندس ته انهيءَ عورت سان، تيستائين نڪي کائيندس نڪي پيئندس. بادشاهه ڪيس دلداري ڏني ۽ پوءِ سڀني

شهر جون ڏُوتيون گهرائي انهن کي چيائين تہ: هن سوني پادر واري عورت جيڪا ڏوتي پيدا ڪندي، تنهن کي ٿالهہ سونين مهرن جو ڏيندس. انهن ڏوتين مان هڪڙي ڏوتيءَ انهي جي هام پري ۽ ٻيڙا سنيرائي، سامان ۽ ماڻهو وٺي انهيءَ سوني پادر واري عورت جي ڳولا ۾ اوپارو رواني ٿي.

ڏوتي هلندي هلندي نيٺ اچي انهيءَ شهر ۾ پهتي، جتي انينگ پري ٽڪيل هئي. ڏوتي ڇا ڪندي هئي جو صبح جو اٿي نوڪريءَ ڳولڻ جي بهاني سان گهرن ۾ گهڙي ويندي هئي ۽ واءُ سواءُ بہ پئي لهندي هئي. هڪڙي ڏينهن هي جيئن انينگ پريءَ جي گهر ۾ گهڙي آئي تيئن سندس نظر وڃي جاري تي پيل هڪڙي پادر تي پئي. پادر ڏسڻ سان سڃاڻي وئي تہ برابر اها ساڳي آهي جنهن جي ڳولا ۾ آءٌ نڪتي آهيان. پوءِ انينگ پريءَ کي چيائين تہ: آءٌ تمام غريب آهيان ۽ ٻيو ڪوبہ ڏٿي سائين ڪونہ اٿم، جي مونکي نوڪريءَ ۾ ٻيهاريو تہ وڏي مهرباني. انينگ پريءَ کي ڏوتيءَ تي رحم اچي ويو، سو کيس پاڻ وٽ نوڪريءَ ۾ ٻيهاري ڇڏيائين.

ڪن ڏينهن پڄاڻا دلبر چور، جو ٻاهر ويل هو، سو جڏهن گهر ۾ آيو تڏهن هڪ ڏارئين عورت کي ڏسي حيران ٿي ويو. شهزادي کان پڇيائين تہ: هيءَ عورت ڪير آهي؟ شهزادي چيو تہ: انينگ پري ڪم ڪار جي لاءِ نوڪرياڻي رکي آهي. دلبرچور شهزادي کي چيو تہ: ڪم ڪار جي لاءِ آءٌ ٻي عورت ٿو آڻيان، ۽ هن رن کي جواب ڏئي ڇڏيو، ڇو تہ پس پيش هن رن مان چڱائي نہ ٿيندي. پر شهزادو ۽ پري چون تہ: هيءَ ويچاري غريب، سا اسان جو ڪهڙو نقصان ڪندي؛ پئي ڪم ڪار ڪري. ويچارو دلبرچور ماٺ ڪري سور پي ويو.

ڪجهہ ڏينهن بعد دلبر بہ پنهنجي ڪم سان ٻاهر مسافريءَ تي ويو هليو ۽ شهزادو بہ شهر ڏي ويو، اتي ڏوتيءَ موقعو ڏسي چيو تہ: انينگ پري! ڪلهہ پريان درياءَ جي ڪناري تي

ڪڙو وڏو بزرگ شخص آيو آهي، جو دل جون مرادون پوريون ٿو ڪري، تو کي به جيڪڏهن ڪا مڃتا باسڻي هجي ته مون سان ڳڏجي هل. انينگ پري اهو ٻڌي خوش ٿي، ۽ ڏوتيءَ کي چيائين ته: آءٌ هلي ٿي اولاد لاءِ دعا پنان. پوءِ هوءَ سنڀري تيار ٿي ڏوتيءَ سان رواني ٿي ۽ اچي درياءَ تي پهتي، جتي ڏوتيءَ جا ٻيڙا بيٺا هئا. اک ڇنڀ ۾ ماڻهن کي اشارو ڪيائين، جن پريءَ کي کڻي ڪٽي جهاز ۾ هنيو ۽ جهاز هاڪاري روانا ٿي ويا. ڪن ڏينهن جي مسافريءَ بعد جهاز اچي ڪاٺي شهزادي واري ملڪ وٽ لنگر هنيو ۽ ڏوتي انينگ پريءَ کي وٺي بادشاهه وٽ پهتي. بادشاهه پري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪاٺي شهزادي سان سندس شاديءَ جا سانباها ٿيڻ لڳا. پر انينگ پري چيو ته گهٽ ۾ گهٽ مونکي ڇهه مهينا ته ڇڏيو پوءِ ڀلي شادي ڪجو. بادشاهه اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ پنهنجي ملڪ ۾ اعلان ڪري ڇڏيو ته ڇهن مهينن تائين روز هر گهر ۾ جشن هجي.

هوڏانهن جڏهن شام جو شهزادو موٽيو ۽ انينگ پريءَ کي ڪونه ڏٺائين، سو منهن مٿو پٽي اونڌي منجي ڪري ويهي رهيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جو دلبرچور موٽي گهر اچي ڏسي ته شهزادو اونڌي منجي ڪيو پيو آهي. هن کي پڪ ٿي ته خير ڪونهي. وري جو گهر ۾ انينگ پري ۽ اها ڏوتي نه ڏٺائين سو پڪ ٿي ويس ته ضرور ڪجهه ڳڙٻڙ آهي. پوءِ شهزادي کان حال احوال پڇيائين. جنهن ٻڌايس ته: ڪيترن ڏينهن کان انينگ پري ۽ نوڪرياڻي ٻئي غائب آهن. دلبرچور چيو ته: تو منهنجي ڳالهه ڪانه مڃي انهي جو نتيجو ڏٺئي، پري پاڻ ته وڃڻي ڪانه هئي، ضرور اها رن برغلائي وٺي وئي آهيس، هاڻي تون ڄاڻ تنهنجو ڪم، پاڻ وڃون ٿا. اتي شهزادي دلبرچور کي منٿ ڪري چيو ته: ڀيلي! جيئن هيتري مهرباني ڪئي اٿئي تيئن هيءَ به ڪر، منهنجو تو کان سواءِ هتي ڪو

اوهي نڪو واهي، هاڻي جيئن وٽئي تيئن ڪر. شهزادي جون آزيون نيزاريون ڏسي نيٺ دلبرچور جي دل نرم ٿي ۽ انينگ پريءَ جي ڳولڻ جو انجام ڪيائين.

هُئي ڏينهن شهزادي کان موڪلائي مسافريءَ تي روانو ٿيو. ويندي وقت شهزادي کي چيائين ته: ٻارهن مهينن تائين منهنجي واٽ ڏسجئين، جي انهي وچ ۾ نه موٽيس ته سمجهجئين ته مري ويس. ائين چئي موڪلائي اتي روانو ٿيو. ڪيترن ڏينهن جي مسافريءَ بعد هي اچي انهيءَ شهر ۾ پهتو جتي انينگ پري قيد ۾ هئي. انسي ڏسي ته گهر گهر ۾ پيا صبح جو دهل وڄن. هن کي ڏاڍو عجب لڳو نيٺ هڪڙي ماڻهوءَ کان پڇيائين ته: ادا، هي ڪهڙو اسرار آهي، جو هر گهر ۾ دهل پيو وڄي؟ ان شخص ٻڌايس ته: ادا، ڪاٿي شهزادي جي سوني پادر واري راڻيءَ مان شادي ٿيڻي آهي، جا ڪا ڏوتي الاجي ڪٿان وٺي آئي آهي، تنهن جي خوشيءَ ۾ دهل ٿا وڄن. دلبرچور اها ڳالهه ٻڌي ته سيس پڪ ٿي ته اها انينگ پري آهي. سو انهي ڏوتيءَ رن جا پار پتا پڇيائين، جنهن مان خبر پيس ته ان ڏوتيءَ کي هڪڙو پٽ جوان هو، جو ڪيڏانهن مسافريءَ تي ويو هو، جتي مري ويو هو. پوءِ دلبرچور ويس بدلائي، ان ڏوتيءَ جي گهر ويو. اتي پهچي هن گهر جو دروازو کڙڪايو. اندران آواز آيس ته: ڪير آهين؟ دلبرچور چيو ته: اما! آءٌ تنهنجو پٽ آهيان. مائيءَ جو پٽ جو ٻڌو سا هڪدم ٻاهر نڪري آئي ۽ پٽ کي ڀاڪر پائي اندر وٺي وئي، جتي دلبرچور ٻڌايس ته: اما آءٌ رلندو رلندو وڃي چورن جي ور چڙهيس، جتان مس مس جند ڇڏائي آيو آهيان. پوڙهي رن اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي ۽ پوءِ پٽ کي سڄي انينگ پريءَ واري ڳالهه ڪري ٻڌايائين. دلبرچور اها ڳالهه ٻڌي ماءُ کي چيو ته: اما! تون ڀين لاءِ پئي زالون آڻين، مونکي ۾ ته شادي ڪراءِ. ڏوتي اها ڳالهه ٻڌي هڪدم بادشاهه وٽ

وٺي ۽ وجي عرض ڪيائين تہ: سائين! منهنجو پٽ جيڪو گم ٿي ويو هو سو خير سان موٽي آيو آهي، هاڻي مهرباني ڪري ان جي شاديءَ جو ڪو بلو ڪريو. بادشاهہ يڪدم پوڙهيءَ ڏوتيءَ جي پٽ جي شاديءَ جو بندوبست ڪيو ۽ سڄي شهر مان سهڻي ۾ سهڻي ڇوڪري ڳولي، ان سان دلير چور جي شادي ڪرائي. دلبرچور اتي مزي سان رهڻ لڳو.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ هڪڙي ڏينهن ڏوتيءَ کي چيائين تہ: اما! اها پري آءٌ بہ تہ ڏسان جنهن جي ڪري تون هيڏا ڪشالا ڪري وٺي هئينءَ. ڏوتيءَ چيس تہ: پٽ! تون اندر محلات ۾ ڪيئن ويندين؟ دلبرچور چيو تہ: اما! اهو تہ تمام سولو آهي، تنهنجي ننهن اندر ايندي ويندي آهي، آءٌ هن جا ڪپڙا ڪري اندر هليو ويندس، ڪير ٿي ڪونہ شڪبو. ڏوتيءَ رن کي اها صلاح ڏاڍي وٽي سو بہ ڏينهن دلبرچور کي پنهنجي ننهن جا ڪپڙا پارائي پاڻ سان محلات ۾ وٺي وئي. جڏهن محلات ۾ اندر آئي، تڏهن پري ڪان هن کي انينگ پريءَ جي جاءِ ڏيکاري پاڻ گهر موٽي آئي ۽ دلبرچور کي سمجهائي وٺي تہ ماٺ ڪري ڏسي هليو اچج، ڳالهائج ٻولهائج نہ متان ڳالهہ کلي پوي. دلبرچور ماٺ ڪري پريءَ جي جاءِ ۾ آيو، ۽ منهن تان برقعو ڪنيائين، پر پريءَ ڪونہ سڃاتس. پوءِ هن ٻڌايس تہ: آءٌ دلبرچور آهيان ۽ تنهنجي ڳولا ۾ نڪتو آهيان. اتي پريءَ بہ کيس سڃاتو ۽ اچي روئڻ ۾ چنڪي. دلبرچور دلداري ڏنس ۽ چيائينس تہ: تون هاڻي بيفڪر رهہ، تنهنجا ڏک اچي پورا ٿيا آهن. هاڻي تون رڳو هيئن ڪر جو سڀاڻي بادشاهہ کي چئو تہ ٻلي .منهنجي شادي ڪريو. پوءِ هو لڳندا خوشين ۾، ۽ تون سڀاڻي رات جو اتر واري دروازي ڪان ڪنهن اتڪل سان نڪري اچجئين، جتي آءٌ هڪ ٻلو اٺ بيهاريو بيٺو هوندس. اها صلاح بيهاري هي موٽي ڏوتيءَ جي گهر آيو.

شام جو پريءَ باد شاهه کي چوائي موڪليو تہ: بادشاهہ سلامت! مون هاڻي گهڻو ڏک ڪيو، پر وريو ڪجهه بہ ڪونہ. هاڻي اوهين ڀلي شاديءَ جو سانباهو ڪريو، آءٌ تيار آهيان. باد شاهہ اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سڄي شهر ۾ جشن ملهائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيائين. ٻئي ڏينهن انجام موجب دلبرچور هڪڙو ڀلو اٺ وٺي، اترئين دروازي کان اچي بيهاريو ۽ پري بہ پهريدارن کان پاڻ لڪائي، هيرا جواهر ۽ ٻيا قيمتي زيور پاڻ سان کڻي ٻاهر نڪتي، جتي اڳئين دلبرچور اٺ سنيرايو هڪيو بيٺو هو. پوءِ تہ ٻئي ڄڻا اٺ تي چڙهي راتو واهه اٺ هڪليندا ۽ منزلون ڪندا اچي واپس پنهنجي گهر پهتا. جتي شهزادو ۽ پري پاڻ ۾ ملي ڏاڍا خوش ٿيا. صبح جو اتان سامان کڻي واپس پنهنجي ابائي ملڪ ڏي ڪوچ ڪيائون.

هلندي هلندي منزلون ڪندي هڪڙي رات ڪنهن جهنگ ۾ اچي منزل ڪيائون. شهزادو ۽ انينگ پري تہ سمهي رهيا پر دلبر چور پهري تي ويهي رهيو. ڪجهه دير کان پوءِ جنهن وڻ هيٺ هي ستا پيا هئا ان وڻ تي بہ پکي پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳا. هڪڙي ٻئي کي چيو تہ: نانا! ڪا ڳالهہ ٻڌاءِ. تڏهن ٻئي چيو تہ: آبا! وڏن جون ڳالهيون وري کهڙيون هونديون، اهي مڙيئي اونڌيون ابتيون هونديون. تنهن تي ننڍو پکي چوڻ لڳو تہ: نانا! وڏن جون وڏيون ڪلائون آهن. تنهن تي ناني چيو تہ: چڱو ٻچا! هاڻي ٻڌ. هن وڻ هيٺ جيڪي بہ ڄڻا ستا پيا آهن، انهن تي اڄ رات هڪ بلا ايندي جا هنن جو ساهه پي ويندي ۽ هي مري ويندا. اتي ننڍي چيو تہ: جيڪڏهن اتان بچن تہ؟ تنهن تي ناني چيو تہ: جي اتان بچن تہ صبح جو هتان هڪ ڏوڏياڻي لنگهندي جنهن جي ڏڌ ۾ زهر هوندو، اهو پيئندا تہ مري ويندا، پر جيڪڏهن اتان بچندا تہ رستي تي هڪ ٻير بيٺل آهي جنهن جا ٻير پڪا ڳاڙها ٿيو بيٺا آهن، پوءِ اهي ٻير کائيندا تہ مري ويندا، پر جيڪڏهن اتان بہ بچيا تہ پوءِ محلات

تنهن تي دلبر چور چيو ته: هائو! ضرور ڪائبو. پوءِ جهڙو ڏوڏياڻيءَ جي مٿي تان چاڏي تي لهرايائين تهڙو هٿ نڪري ويس ۽ چاڏي رجي پٽ تي ڪري ۽ سڀ ڏڌ مکڻ خراب ٿي ويو. اتي ڏوڏياڻي وني گهوڙا گهوڙا ڪيئي ته: منهجو ڏڌ مکڻ زيان ٿي ويو. تنهن کي پئسا ڏئي جند ڇڏائي هي مسافريءَ تي روانا ٿيا. ڪجهه پند ڪرڻ کان پوءِ رستي تي ڏٺائون ته هڪڙي ٻير آهي جا ٻيرن سان گاڙهي ٿي پئي آهي. اتي شهزادي ۽ پريءَ، دلبر چور کي چيو ته: اسين آهستي آهستي هلون ٿا، تون اتان ٻئي ٻير ته پٽيو اچجانءِ. اتي دلبر چور، جو اڳئي انهيءَ لاءِ تيار هو سو توبرو ڪڍي، اچي ٻيٺو ٻير پٽڻ. پر توبري ۾ اڳئي ٽنگ ڪري ڇڏيو هئائين، سو جيڪي ٻير وجهي سي سڀ وچو پٽ تي ڪرن. نيٺ ماٺ ڪري خالي توبرو آڻي شهزادي کي ڏنائين. شهزادو توبري ۾ ڏسي ته هڪ به ٻير نه آهي، سو دلبرچور کان پڇيائين ته: ڇو، هن ۾ هڪڙو به ٻير ڪونهي. دلبرچور چيو ته: مٿان توبري ۾ سوراخ ته ڪونهي. ڏسن ته برابر توبري ۾ هڪ شاهي ٽنگ ٿيو پيو آهي. بس پوءِ ته ماٺ ڪري اٿي پنهنجي پند پيا. نيٺ هلندي هلندي اچي پنهنجي شهر ۾ پهتا ۽ پنهنجي محلات ڏي هليا. اچا پهتائي مس ته دلبرچور ڏسي ته برابر اهو ڪتو ڊوڙندو پيو اچي. دلبر چور به نڪا ڪئي هم نڪا ڪئي تم، يڪدم ڪيڏندي ئي تلوار ڪتي جي سسي لاهي ڇڏيائين. اتي سيني ماڻهن چيو ته: سائين! انهيءَ ڪتي کي ڇو ماريو؟ دلبر چور چيو ته: مون سمجهيو ته چتو ڪتو آهي، ان ڪري ماري ڇڏيومانس.

ان بعد شهزادو ۽ پري ٻئي پنهنجي محلات ڏي ويا. اجان ٿورو پريرو ئي هئا ته دلبرچور هڪدم وڏي وجي در جي مٿئين چائنٽ کي تلوار هنئي ته در جي چائنٽ اچي هيٺ ڦهڪو ڪيو. اتي شهزادو اچي ڪاوڙيو، چي: تون ته رڳو اجايو نقصان پيو ڪرين، اتي دلبرچور شهزادي کي چيو ته:

شهزادا! اسان ۾ اهو رواج آهي ته نئون گهوٽ ڪنوار اچي ته در جي چائنٺ ڪيرائي ويندي آهي. هاڻي اها وري سياڻي نئين نهي ويندي، اوهين دلجاءِ ڪريو. پوءِ شهزادو ۽ پري محلات ۾ وڃي آرامي ٿيا ۽ ويچارو دلبرچور اگهاڙي ترار هٿ ۾ ڪري پهري تي ويهي رهيو. ڪيس ننڊ به ڏاڍي هئي پر ڇا ڪري، سر تي جا پري آئي هيس سا ڪيڏانهن ٽاري. نيٺ اڌ رات جي مهل ڏسي ته برابر نانگ آهي جو مٿان ڇت مان لهندو شهزادي ۽ پريءَ ڏي پيو اچي. دلبرچور به الله کي ياد ڪري هڪدم ترار ڪڍي وٺي نانگ کي هنئين. نانگ ته به ٽڪر ٿي پيو، پر هڪڙو رت جو ڦڙو اچي سنئون پريءَ جي ڳل تي پيو. هن اتي به همت نه هاري، ترار جي منهن کي ڪپهه ويڙهي پاڻيءَ ۾ پسائي، ان سان هَري هَري ڪري رت اگهيائين، پر پريءَ کي جو ٿڌاڻ لڳي سا هڪدم سجاڳ ٿي پئي ۽ اکيون کولي ڏسي ته دلبرچور بيٺو آهي. اتي پريءَ کي شڪ پيو دلبرچور مونکي چمي ڏني آهي، سو ڪاوڙجي چيائين ته: ادا! توکي ائين واجب نه هو ۽ هيءُ تو ڇا ڪيو. اتي دلبرچور چيو ته: انينگ پري جيڪي ٿيو سو ٺيڪ ٿيو ۽ انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃ. پر پري چئي ته: نه! تون ٻڌاءِ ته ائين ڇو ڪيئي؟ اتي گوڙ تي شهزادو به سجاڳ ٿي پيو ۽ جڏهن اها حقيقت ٻڌائين تڏهن دلبرچور کي حقيقت ٻڌائڻ لاءِ چوڻ لڳو. دلبر چور چوڻ لڳو ته: مون توهان جي هيتري ساري خدمت ڪئي آهي، ان جي عوض اها ڳالهه نه پڇو. پر شهزادو ۽ پري ضد تان نه لٿا. نيٺ دلبرچور مجبور ٿي سڄي پکين واري ڳالهه ڪري ٻڌائي ۽ آخر ۾ جڏهن نانگ واري ڳالهه تي پهتو تڏهن چيائين جي پڪ نه ٿئيوَ ته هو وڃي ڏسو، نانگ مئو پيو آهي. شهزادي ۽ پريءَ جو وڃي نانگ کي ڏٺو ته دلبرچور هڪدم پنڊ پهڻ ٿي ويو. اتي شهزادي ۽ انينگ پريءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو ته اسان هي ڇا ڪيو. پر هاڻي ڳالهه هٿن کان ٻاهر نڪري وئي.

آخر قدرت ۾ آسرو ڪري ويهي رهيا. ڪجهه ڏينهن بعد انهيءَ پريءَ کي پٽ ڄائو. تڏهن ڇا ڪيائون جو ننڍڙي شهزادي کي انهيءَ پنڊ پهڻ جي مٿان ٻيهاري ان جي هڪڙيءَ آڱر کي ٽُڪو ڏئي رت جو ڦڙو ان پهڻ تي وڌائون ته دلبرچوز وري جيئرو ٿي پيو. بس پوءِ ته ڏاڍيون خوشيون ٿي ويون. پوءِ شهزادو ۽ پريءَ، هن کي گهڻئي مال متاع ڏئي خوش ڪري پنهنجي ڳوٺ روانو ڪيو.

## ١٣. ڏنڍ وچوڙو ۽ پريون *

هڪڙو هو بادشاهه. بادشاهه ته پاڻ ڏٺي آهي، پر هيءُ به زماني جو هڪڙو بادشاهه هو. هن کي چار زالون هيون، پر اولاد ڪونه هوس. سو انهيءَ غم کان رستي تي اوندي منجي ڪري وچي سمهي رهيو. هڪڙي ڏينهن فقيرن جي هڪڙي ٽولي اچي اُتان لنگهي ۽ بادشاهه کي اهڙي حالت ۾ ڏسي پڇيائونس ته: بادشاهه سلامت! توهان پنهنجي ههڙي حالت ڇو بنائي آهي؟ بادشاهه هنن کي ورندي ڏني ته: بابا! انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڏيو ۽ پنهنجو رستو وٺي هايا وڃو. فقير هليا وياه وري ٻئي ڏينهن فقيرن جي ٻي ٽولي آئي جن به بادشاهه کان ساڳيءَ ريت پڇيو ۽ بادشاهه به ساڳيءَ طرح جواب ڏنو. وري ٽئين ڏينهن فقيرن جي ٽي ٽولي آئي جن به بادشاهه کان ساڳي ريت سوال ڪيو ۽ بادشاهه به اڳوڻي وانگر انهن کي جواب ڏئي روانو ڪري ڇڏيو. نيٺ چوٿين ڏينهن فقيرن جي چوٿين ٽولي اچي لنگهي جن به ساڳيءَ طرح بادشاهه کان پڇيو ۽ بادشاهه به اڳوڻي وانگر جواب ڏنو، مگر انهن فقيرن بادشاهه کي چيو ته: اي بادشاهه! اسين توکي ههڙي حالت ۾ ڏسي، هتان اٿين ڪونه ويندا سين، توکي اسان سان پنهنجو حال ضرور ڪرڻو پوندو. بادشاهه انهن کي چيو ته: مونکي جي انجام ڏيو ته منهنجي مراد پوري ٿيندي، ته پوءِ آءٌ اوهان کي احوال ڏيان. فقيرن بادشاهه سان اهو واعدو ڪيو ته اسان تنهنجي مراد پوري ڪنداسين، جنهن تي بادشاهه کين پنهنجو احوال ٻڌايو. فقيرن چيو ته: بادشاهه سلامت! الله ڪندو ته توکي پٽ ٿيندو، پر هڪڙو شرط آهي، جو توکي قبول ڪرڻو پوندو. اهو هي

* هيءَ ڳالهه آتر (تعلقي روهڙيءَ) مان عبدالرزاق کان ملي.

آهي ته توکي هڪڙي راڻيءَ مان نانگ ڄمندو، ٻيءَ مان طوطو، ٽئينءَ مان گابو ۽ چوٿينءَ مان پٽ ڄمندو. بادشاهه خيال ڪيو ته پٽ ته ٿئي، پوءِ ٻيو جيڪي ٿيو سو ٺهيو. سو يڪدم اهو شرط قبول ڪيائين. پوءِ فقير ڪيس دعا ڪري هليا ويا ۽ بادشاهه موٽي محلات ۾ آيو.

ٿوري گهٽين ڏينهن راڻيون اميدواريون ٿيون ۽ ڏهن مهينن کان پوءِ فقيرن جي قول موجب، هڪڙيءَ راڻيءَ کي نانگ، ٻيءَ کي طوطو، ٽئينءَ کي گابو ۽ چوٿينءَ کي پٽ ڄائو. نانگ ته بروقت ئي رستو وٺي هليو ويو. طوطو به وڏو ٿي اڏامي ويو. گابو جڏهن وڏو ٿيو، تڏهن بادشاهه رسو وجهي ٻڌي ڇڏيس، باقي شهزادو ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پالڻ لڳا.

خدا جي قدرت سان بادشاهه جون چارئي راڻيون مري ويون، تنهنڪري بادشاهه ٻي شادي ڪئي. بادشاهه کي جيڪو پٽ ڄائو هو، تنهن کي 'ڏڻوڇوڙو' ڪري سڏيندا هئا ۽ اهو پنهنجي مائيجي ماءُ جي حوالي ڪيو ويو. ڏڻوڇوڙو جڏهن ڪجهه وڏو ٿيو، تڏهن روز شڪار ڪري پنهنجي مائيجي ماءُ کي آڻي ڏيندو هو، جا اهو شڪار رڌي پچائي پاڻ به کائيندي هئي ۽ هن کي به کارائيندي هئي.

هڪڙي ڏينهن دستور موجب ڏڻوڇوڙو شڪار تي ٿي ويو ته واٽ تي ڪن ٻارن کي راند ڪندي ڏٺائين ۽ هيءُ به انهن سان وڃي راند ڪرڻ لڳو، جنهنڪري شڪار تي نه وڃي سگهيو. شام ٿي وئي سو هي بنا شڪار جي گهر واپس آيو. مائيجي ماءُ پڇيس ته: اڄ ڇا ماري آيو آهين؟ هن چيو ته: ڪجهه به نه. جنهن تي مائس ڪاوڙجي هن کي جون جي ماني آڻي ڏني. اهڙيءَ طرح ڏڻوڇوڙي کي ٻارن سان راندروند ڪندي مزو اچي ويو هو، سو شڪار جو بهانو ڪري نڪرندو هو، ۽ ٻارن سان راندروند ڪري هٿين ٺالهو واپس موٽي ايندو هو. انهي ڪري مائيجي ماءُ به کيس رڳو

جَون جون مانيون پٽي ڪارايون، تنهنڪري ويچارو ڏڻ وڇوڙو ضعيف ٿي ويو.

ڏڻ وڇوڙو ڏهاڙي پنهنجي ياءُ ڳابي کي جهنگ ڏانهن چرڻ لاءِ اماڻي ايندو هو. ڳابو پري پري ملڪن مان طاقت واريون ٻوٽيون، نانگيليءَ جي ول وغيره ڳاهه ڪائي شام جو موٽي ايندو هو، انهيءَ ڪري متارو ۽ جڙ ڏاند ٿي پيو. ڳابي جو پنهنجي ياءُ ڏڻ وڇوڙي کي روز بروز اٻرو ٿيندي ڏٺو سو هن کان پڇيائين ته: ادا! خير ته آهي، تون ڏهاڙي اٻرو ٿيندو ٿو وڃين. ڏڻ وڇوڙي ماٽيجي ماءُ جي جَون جي ماني ڏيڻ واري ڳالهه ڪري ٻڌايس، ۽ ٻڌايائينس ته: ادا! آءٌ رڳو انهيءَ سبب ڪري ضعيف ٿي ويو آهيان. ڳابي چيو ته: ادا! آءٌ جو روز چرڻ ويندو آهيان ۽ پري پري کان اهڙيون طاقت واريون ٻوٽيون ۽ ڳاهه ڪائي ايندو آهيان، جو جيڪر ماڻهو ڪائي ته اهو به شينهن ٿي پوي. اڳتي تون روز شام جو منهنجي موٽڻ وقت واٽ تي اچي بيهندو ڪر، ۽ مونکي هڪڙي ڪک ۾ ٽپڪي هڻندين، ته اتان ڪاڏو نڪري ايندو، تون اهو ڪائي ڇڏيندو ڪر، ۽ ٻيءَ ڪک ۾ ٽپڪي هڻندين ته اتان پاڻي نڪري ايندو، اهو پي ڇڏيندو ڪر ته تون به مون وانگر زور وٺي ويندين. ان بعد ڏڻ وڇوڙو ائين ڪرڻ لڳو ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ زور وٺي ويو.

شهزادي ڏڻ وڇوڙي جي ماٽيجي ماءُ جو هن کي مچندو ڏٺو. تنهن کي اچي حسد جاڳيو ته هيءُ ڇوڪرو زور ڪيئن وٺندو وڃي. انهي ڳالهه جي انت لهڻ لاءِ هن پنهنجي ڌيءَ کي سمجهائي ڇڏيو ته شام جو شهزادو ڏڻ وڇوڙو ڳابو وٺڻ ويندو آهي، اڄ تون به هن سان گڏجي وڃ، ۽ ڏس ته هو ڇا ٿو ڪري. شام جو ڏڻ وڇوڙي کي ڀيڻس اچي چنبڙي، چي: ادا! اڄ آءٌ به توسان گڏجي هلنديس. هن گهڻوئي ٽاريو، پر ڇوڪري پڪي پڙهايل هئي، تنهن هن جي پٺ نه ڇڏي. لاچار شهزادو ڏڻ وڇوڙو هن کي ساڻ وٺي ويو. جڏهن ڳابو آيو،

تڏهن شهزادو ڏڻ وڇوڙو دستور موجب ان جي ڪکن مان ڪاڏو ڪڍي ڪاڻڻ لڳو. اهو ڏسي ڇوڪريءَ پڇيس ته: ادا! ڇا ٿو ڪائين؟ مونکي به ته ڏي. تڏهن تي هن ڇوڪريءَ کي به ڪجهه ڪاڏو ڏنو. ڇوڪريءَ ان مان ڪجهه ڪاڏو، ۽ ڪجهه لڪائي ڇڏيائين. شهزادو ڏڻ وڇوڙو ۽ سندس ڀيڻ جڏهن گهر پهتا، تڏهن شهزادي اهو لڪايل طعام ماءُ کي وڃي ڏنو، ۽ چيائين ته: اما! ادو اجهو هيءَ ڪاڏو ڳابي ماڙ ڪڍي روز ڪائيندو آهي. راڻيءَ سهي ڪيو، ته اهو زور هن کي ڳابي وٺايو آهي.

هاڻي راڻيءَ کي اچي پيٽ ۾ سور پيو ته ڪنهن به حيلي اهو ڳابو کهائجي. نيٺ ويچاري سيچاري هن هڪڙي رٿ رٿي. ڇا ڪيائين جو ڳچ خزانو پنهنجي ٻانهين کي ڏنائين ته هي ڪٺي شهر ۾ جيڪي حڪيم آهن تن کي ورهائي ڏيو ۽ انهن کي سمجهائي ڇڏيو ته بادشاهه جڏهن ڪاڻڻ منهنجي تندرستيءَ بابت پڇا ڪري ته توهين کيس اها صلاح ڏجو ته راڻيءَ کي حساب آهي، ۽ جيستائين اهو ڳابو نه کهندا تيستائين راڻيءَ کي آرام نه ايندو. ٻانهيون حڪم موجب ويون ۽ شهر جي حڪيمن کي اهو خزانو ڏئي انهن کي راڻيءَ واري ڳالهه سمجهائي پڪو ڪري آيون.

راڻيءَ ٻئي ڏينهن مڪر ڪري پاڻ کي بيمار ظاهر ڪيو. چي: پيٽ سور مران، پيٽ سور مران. بادشاهه کي يڪدم خبر ڏني وئي. بادشاهه يڪدم حڪيم گهرايا. جن دوائون ۽ ستيون ڦڪيون ڏيڻ شروع ڪيون. پر هجي سور ته ستي ڦڪي به اثر ڪري، اهو ته هو ڪوڙ سو راڻي جي رڙ هيٺ رڙ مٿي لڳي پئي هئي. اتي بادشاهه چيو ته: آخر ڪنهن قولين سور لهندو به يا نه؟ جنهن تي هڪڙي حڪيم چيس ته: بادشاهه سلامت راڻيءَ کي ڪو حساب آهي، تنهنڪري کيس ڪنهن ٿلهي ڳابي جو گوشت ڪارايو، ته سور ڇڏيندس نه ته ڪڏهن به سور نه لهندس. ٻين حڪيمن به انهي حڪيم جو سر جهلايو، اتي

نه مڃيو، هاڻي آءٌ توکي هن شرط سان انسان بڻائيندس ته
تون وري ايذانهن نه ويندين. هن قبول ڪيو. ان کان پوءِ
ڳبي ڪجهه پڙهي هن تي ڇوڪاريو ته وري اصل شڪل ۾
اچي ويو. جنهن ڏينهن هن کي پرين گڏهه بڻايو هو انهيءَ
ڏينهن پرين مان هڪڙيءَ جي حسن همراهه کي موهي وڌو
هو، جنهن جي ياد ۾ هن کي کائڻ پيئڻ وسري ويو ۽
ڏينهون ڏينهن ايرو ٿيندو ويو. ڳابي سهي ڪيو ته هن جو
ڪنهن سان نينهن لڳي ويو آهي. سو شهزادي ڏڻ وڇوڙي کان
ان جي حقيقت پڇيائين. جنهن ٻڌايس ته: ادا! ان ڏينهن انهن
پرين مان هڪڙي اهڙي سهڻي هئي، جنهن کي ڏسڻ سان آءٌ
دل ڦرائي ويٺو آهيان. هاڻي جي اها پري مونکي نه ملندي،
ته آءٌ مري ويندس. ڏڻ وڇوڙي جو اهو احوال ٻڌي ڳابي
چيو ته: چڱو، هاڻي هيئن ڪر جو هڪڙي لٺ ڪٽي، ان جي
هڪڙي پاسي کي سنهون ڪري ڇهنب ٺاهه. اها ڪٺي جتي اهي
پريون ايندڙيون آهن، اتي لڪي وڃي ويهه، جڏهن اهي پريون
وهنجڻ لاءِ اتي اچن ۽ ڪپڙا لاهي تلاءَ ۾ گهڙن ته تون اتان
نڪري انهيءَ پريءَ جي ڪپڙن تي چڙهي ويهي رهجئين، جنهن
سان تنهنجي دل آهي. ۽ هيءَ لٺ اتي ڪوڙي ڇڏجئين، پوءِ
ان پريءَ جو جادو توتي اثر ڪونه ڪندو ۽ پري توسان اچي
ملندي. شهزادو ڏڻ وڇوڙو لٺ ٺاهي وڃي تلاءَ جي پرسان
لڪي ويهي رهيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ پريون آيون ۽ ڪپڙا
لاهي تلاءَ ۾ وڃي گهڙيون. هي به لٺ کڻي انهيءَ پريءَ
جي ڪپڙن تي چڙهي، لٺ ڪوڙي ويهي رهيو. پرين جو هن
کي ڏٺو سي يڪدم ٽڙ تڪڙ ۾ پنهنجا ڪپڙا پائي
وٺي اڏاڻيون. باقي هن واري پري رهجي وئي. پريءَ شهزادي
ڏڻ وڇوڙي تي ڪيترائي جادو هلايا، پر هن کي ڪجهه ڪونه
ٿيو. پريءَ لاچار ٿي هن کي چيو ته: اي آدمزاد! تو ڇو مونکي
تنگ ڪيو آهي؟ تنهن تي شهزادي ڏڻ وڇوڙي کيس چيو ته:



... 'ڏڻ وڇوڙو لٺ کڻي پري جي ڪپڙن تي چڙهي، لٺ
ڪوڙي ويهي رهيو...' (ص ١٧٢)

پري! تون مون سان شادي ڪر، نه ته آءٌ توکي اصل ڪونه ڇڏيندس. پري به هن جي همت ۽ بهادري تي موهت ٿي پئي هئي، تنهن شادي ڪرڻ قبول ڪئي. پوءِ ڏڻ وچوڙي هن کي ڪپڙا ڏنا. پري ڪپڙا پائي هن سان گڏ جي اٿي هلي، ۽ اچي پنهنجي گهر پهتا. شهزادو ڏڻ وچوڙو ان سان شادي ڪري عيش آرام سان گذارڻ لڳو.

ڪن ڏينهن کان پوءِ شهزادي ڏڻ وچوڙي کي وري به اهو خيال اچي ٿيو ته هاڻي هن ٻئي طرف به وڃي ڏسان ته ڇا آهي؟ سو هي هڪڙي ڏينهن ٻئي طرف ڏانهن روانو ٿيو. هلندو وڃي، جڏهن گهڻو پنڌ ڪري ويو تڏهن ڏٺائين ته هڪڙو عاليشان محلات آهي. هي سوچي اندر لنگهي ويو. وڃي ڏسي ته هڪڙي خوبصورت پري ويٺي آهي. پري هن کي ڏسي چيو ته: اي آدمزاد! تون هتي ڪيئن آيو آهين؟ هن چيو ته: تو لاءِ آيو آهيان. تنهن تي پريءَ چيس ته: آءٌ هڪڙي ديو جي قبضي ۾ قاتل آهيان. جي ان کان مونکي ڇڏائين ته پوءِ آءٌ تنهنجي آهيان. شهزادو ڏڻ وچورو اتان واپس وريو، ۽ پنهنجي گهر پهچي روٺي شڪل ڪري ويهي رهيو، ۽ کائڻ پيئڻ به بند ڪري ڇڏيائين. سندس زال پري اهو حال ڏسي گابي سان وڃي احوال ڪيو. گابي پنهنجي ڀاءُ کي چيو ته: ادا! خير ته آهي. توکي وري ڇا ٿي ويو؟ هن ورندي ڏني ته: ادا! خير کهڙو آهي. پوءِ سڄي حقيقت ڪري ٻڌايائينس. گابي چيس ته: ڏس ادا آءٌ توکي جهليم به ته ايڏانهن نه وڃ، پر تون منهنجو چوڻ ئي نٿو مڃين. وري وري وڃيو مصيبت ۾ پوين. آخرڪار گابي سوچ ويچار ڪري هن کي چيو ته: تون انهيءَ پريءَ کان ٻه ٽڪا ڪات ۽ زهه، جون نوڙيون وٺي اچ ته پوءِ هني اهو ديو ماريون. اهو ٻڌي هي خوش ٿي وري به انهيءَ پريءَ وٽ ويو. ان کان اهي شيون وٺي آيو. ٻئي ڏينهن گابي چيس ته: هاڻي اهي ڪات هنن نوڙين سان منهنجي سڱن کي

ٻڌ. شهزادي اهي ڪاٺ سڳن سان چڪي ٻڌا. پوءِ هي ٻئي ڄڻا اوڏانهن روانا ٿيا. ڳاٻو ديو جي ڳس تي وڃي ويٺو ۽ شهزادو به لڪي هڪڙي پاسي کان ويهي رهيو. ڪجهه دير کان پوءِ ديو جي اچڻ جي مهل ٿي. اول ته اچي مينهن وسڻ شروع ٿيو. آخر مينهن وسڻ بند ٿيو. ديو آيو ۽ سڌو اچي ڳاٻي تي ڪريو؛ ڳاٻي پنهنجو ڪنڌ اهڙي اٽڪل سان جهليو جو ديو جي پيٽ ۾ اهي ڪاٺ هليا ويا، جنهنڪري هيءُ ڳاٻي جي ڪنڌ تي ڪري پيو ۽ ڳاٻي جو ڪنڌ قابو ٿي ويو. ڇوڪرو جو ويٺو هو، تنهن يڪدم ڳاٻي کي پڇ سان جهلي ڇڪي هن جو ڪنڌ ٻاهر ڪڍيو. اهڙيءَ طرح هي ديو ماري انهيءَ پريءَ وٽ آيا. پري هنن سان گڏجي هنن جي جاءِ تي آئي. ڏٺوڇوڙو هن سان به شادي ڪري خوش گذارڻ لڳو.

ٿوري ڳهٽي ڏينهين شهزادي ڏٺوڇوڙي جا سڀ غم لهي ويا. هن کي وري به خيال ٿيو، ته هاڻي هن ٽئين ڀاءُ به وڃي ڏسجي ته ڇا آهي! اهو خيال ڪري هي انهيءَ ٽئين ڀاسي نڪري پيو. ڪجهه پنڌ ڪيائين ته ڏسي ته هڪڙو عاليشان شهر لڳو پيو آهي. هي شهر ۾ وڃي گهمي ڦري وري پنهنجي آستان تي آيو. شام جو جڏهن ڳاٻو چري موٽي آيو، تڏهن ان کي چيائين ته: ادا! اڄ آءٌ هن ٽئين ڀاءُ به ويو هوس، ته ڏٺم ته هڪڙو عاليشان شهر لڳو پيو آهي. هاڻي اسين جو هن جهنگل ۾ پيا آهيون، تنهن کان بهتر آهي ته سڀ هلي انهيءَ شهر ۾ پنهنجي جاءِ ٺهرائي رهون. ڳاٻي هن کي سمجهايو ته: ادا! هتي آرام سان ويٺا آهيون. تون انهيءَ ڳالهه نان لهي وڃ. مگر شهزادو ڏٺوڇوڙو ضد ڪري ويٺو. آخر لاچار ڳاٻي سندس ڳالهه مڃي ۽ اتي پنهنجون جايون ٺهرائي اچي انهيءَ شهر ۾ ويٺو.

هڪڙي ڏينهن شهزادي ڏٺوڇوڙي ڳاٻي کي چيو ته:

ادا! منهنجي مرضي آهي ته آءٌ هن شهر جي بادشاه وٽ نوڪري ڪريان. گابو ڏاهو هو، تنهن سوچي ويچاري هن کي جواب ڏنو ته: ادا! بادشاه جي نوڪري تنهنجي واسطي چڱي نه ٿيندي، ٻيو ڪو ڌنڌو ڪر. پر ڏڻ وڇوڙي چيو ته: آءٌ نوڪري ڪندس ته بادشاه جي، نه ته، نه. لاچار گابي چيس ته: ادا! جيڪا تنهنجي مرضي. ٻئي ڏينهن شهزادو ڏڻ وڇوڙو اٿي جي بادشاه وٽ ويو. جنهن حال احوال وٺڻ کان پوءِ چيس ته: تون ڪهڙو ڪم ڪندين؟ هن چيو ته: جيڪو مشڪل ڪم هوندو، اهو آءٌ ڪري ايندس. بادشاه هن کي پاڻ وٽ نوڪري ڏني.

هڪڙي ڏينهن هڪڙي وزير جي نظر وڃي ڏڻ وڇوڙي جي جاءِ ۾ ويٺل پرين تي پيئي انهن جو حسن ڏسي هو حيران ٿي ويو ۽ يڪدم اچي بادشاه سان حقيقت ڪيائين ۽ ڪن پرڻ لڳس ته: فلاڻي ولايت ۾ هڪڙو نانگ رهي ٿو، جنهن جي اکين مان اُلا پيا نڪرندا آهن. ڪوهه پنڌ تي انهن جو تؤ ماڻهن کي ساڙيو ڇڏي، سو هن ڇوڪري کي حڪم ڏيو ته انهيءَ نانگ جون کلون ڪٽي اچي، پوءِ هيءُ نانگ تائين پهچي ڪونه سگهندو ۽ اڌ واٽ تي ئي مري ويندو ۽ اسين اهي پريون هٿ ڪري وٺنداسين. بادشاه کي اها صلاح وڻي سو ڏڻ وڇوڙي کي گهرائي اهو حڪم ڏنائين.

ڏڻ وڇوڙو اهو حڪم ٻڌي اچي گهر ويٺو. شام جو گابو آيو، تنهن سان حال ڪيائين. گابي چيس ته: فڪر نه ڪر، تون هتان هلندو وڃ، ڪجھ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ نانگ واري مڪان جي اوريان هڪڙو تلاءُ ايندو، تون ڀريائين گهوڙي سميت انهيءَ تلاءَ ۾ ٽٻي هڻي غسل ڪجئين، پوءِ توتي انهيءَ نانگ جون ڇٽڪون اثر ڪونه ڪنديون. نانگ توڏانهن اوري وڌندو ايندو، جڏهن ويجهو اچي تڏهن ان کي چئجانءِ ته: آڏي گابي سلام ڏنا اٿئي. اها صلاح وڻي، شهزادو گهوڙي

تي چڙهي، نانگ ڏانهن روانو ٿيو ۽ انهيءَ ٽلاءَ تائين اچي پهتو. يڪدم ٽپ ڏئي لهي پيو. گهوڙي سوڌو ووهنجي سهنجي ٻاهر نڪتو. نانگ ٻه ڀريان چٽگون ڪيندو هن ڏانهن ڀڄي آيو، جڏهن هن جي ويجهو آيو، تڏهن شهزادي ڏڻ وڇوڙي چيس ته: ادي گابي سلام ڏنا اٿئي. نانگ اهو ٻڌي ٺري ويو ۽ پڇيائينس ته: تون ڪير آهين؟ هن چيو ته: آءٌ فلاڻي بادشاهه جو پٽ آهيان ۽ گابي جو ڀاءُ آهيان. تڏهن نانگ چيس ته: تون منهنجو ٻه ڀاءُ آهين. پوءِ ڪلون ٻه آڻي ڏنائينس ۽ چيائينس ته: ترس نه ته ڪي هن ملڪ جي بادشاهه جي ڌيءَ سان شادي ٻه ٿو ڪرايان. پوءِ نانگ ان ملڪ جي بادشاهه ڪي چوائي موڪليو ته هتي منهنجو ڀاءُ مون وٽ آيل آهي، تون پنهنجي ڌيءُ جو سڱ منهنجي ڀاءُ کي ڏي، نه ته تنهنجو سارو ملڪ ساڙي ناس ڪري ڇڏيندس. بادشاهه اهو ٻڌي خيال ڪيو ته هو ڇوڪرو ٻه آخر شهزادو آهي، تنهنڪري هن کي شهزادي پرڻايائين. آخر شهزادو ڏڻ وڇوڙو، شهزادي پرڻجي ڪلون ڪٺي واپس پنهنجي ملڪ ڏي وريو. شهزاديءَ کي انهن پرين وٽ ماڙيءَ تي ويهاري، ڪلون آڻي بادشاهه جي اڳيان رکيائين. جيڪي ڏسي بادشاهه ۽ وزير حيران ٿي ويا.

ان کان پوءِ بادشاهه هن جي مارائڻ لاءِ وري ٻي سٽ سٽي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ بادشاهه، شهزادي ڏڻ وڇوڙي کي وري ٻيو حڪم ڏنو ته: فلاڻي ملڪ ۾ هڪڙو طوطو آهي، جنهن جا کنڀ اسان کي کپن ٿا، آهي آڻي ڏي. اهو طوطو ايڏو ته طاقتور هو جو ڪوبه ماڻهو سندس ويجهو ويندو هو ته اڏامي چنبن سان ان جون اکيون ڪڍي ڇڏيندو هو. شهزادو ڏڻ وڇوڙو اهو حڪم ٻڌي گابي وٽ آيو ۽ ان کان صلاح پڇيائين؛ جنهن چيس ته: تون بلاشڪ اوڏانهن وڃ. طوطو جڏهن توکي ويجهو اچي، تڏهن چئجئينس ته ادي گابي سلام ڏنا اٿئي پوءِ هو پنهنجا کنڀ توکي ڏيندو، جي کڻي هليو اچج.

شهزادو گابي کان اها صلاح وٺي طوطي واري ملڪ ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن طوطي کي ويجهو آيو، تڏهن طوطو هن کي ڏسي کيس مارڻ لاءِ وريو، پر شهزادي ڏن وچوڙي چيس ته: ادي گابي سلام ڏنا اٿئي. اهو ٻڌي طوطو هٽيو ۽ پريان هڪڙي وڻ تي ويهي هن کان پڇيائين ته: تون ڪير آهين؟ هن چيس ته: فلاڻي بادشاهه جو پٽ آهيان ۽ گابي جو ڀاءُ آهيان. طوطي اهو ٻڌي هن کي چيو ته: تون ته منهنجو ڀاءُ ٿئين.... هاڻي ڇا کپئي؟ هن چيو ته مونکي تنهنجا کنڀ گهرجن. طوطي چيس ته: منهنجا کنڀ تو کي جيترا گهرجن، ڪتري وٺ. پاڻ ٻي به هن ملڪ جي سو ڪڙي وٺي تو ڏيئين، اها به وٺيو وڃ. پوءِ طوطي انهيءَ ملڪ جي بادشاهه کي چوائي موڪليو ته اسين فلاڻي بادشاهه جا پٽ آهيون، هتي منهنجو ڀاءُ مون وٽ آيل آهي. تون منهنجي ڀاءُ کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏي، نه ته تنهنجي ملڪ جا ماڻهو سڀ انڌا ڪري ڇڏيندس. بادشاهه اهو ٻڌي پنهنجي ڌيءَ شهزادي ڏن وچوڙي کي پرڻائي ڏني. ڏن وچوڙو اها شهزادي ۽ کنڀ وٺي پنهنجيءَ جاءِ تي آيو، شهزاديءَ کي پنهنجي جاءِ تي ڇڏي کنڀ آڻي بادشاهه جي اڳيان رکيائين.

بادشاهه ۽ وزير اتان به هن کي سلامت موٽندو ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا، ڇو: مارجي ته نٿو وڃي، اٽلو پاڻ سان واري واري سان هڪڙي شهزادي پرڻجو اچي. سو هنن کي ڏن وچوڙي سان هيڪاري وڌيڪ بغض ٿيو. ان سبب ڪري هن کي گهرائي وري هيءُ حڪم ڏنائون ته: شهر جي ٻاهران جيڪا گند جي ڍنڍ آهي، اها ڪٽائي وڃي فلاڻي ملڪ ۾ ڇڏ ۽ اتي جيڪو باغ آهي، سو آڻي انهيءَ ڍنڍ واريءَ جاءِ تي ڇڏ، نه ته تو کي مارائي ڇڏينداسين. اهو حڪم ٻڌي هيءُ ويچارو وائڙو ٿي ويو. دل ۾ چيائين ته: اڳيان هنن جا حڪم جيئن تيئن ڪري گابي جي مدد سان پورا ڪيم. هاڻي هيءُ حڪم هنن جو ڪيئن پورو ڪريان. هتي ته گابي جي به جاءِ ڪانهي، سو ڪٽنين ۾ گهر اچي ويڙهجي سيڙهجي سمهي رهيو.

زالون هن کي منجهيل ڏسي، ڪيس چوڌاري ڦري آيون ۽ پڇيائونس ته: تو سان خير ته آهي؟ هن چيو ته: هاڻي خير ڪونهي. پوءِ بادشاهه واري سڄي ڳالهه هنن کي ڪري ٻڌايائين. اهو ٻڌي جنهن پريءَ کي ديو ڪان ڇڏايو هئائين، اها جادوءَ ۾ هوشيار هئي، تنهن چيس ته: آءٌ جادوءَ جي زور تي اهو ڪم ڪري سگهنديس. بس پوءِ ته پريءَ جادوءَ وارا اسم پڙهي، ڍنڍ کڻي ٻئي ملڪ جي باغ وٽ ڇڏي، ۽ اهو باغ جادوءَ جي زور تي اتان کڻائي آڻي ڍنڍ وٽ ڇڏيو.

انهيءَ باغ جو مالڪ هڪڙو ديو هو، جو ان وقت ٻاهر ڪيڏانهن سير تي ويل هو. اهو جڏهن واپس آيو، تڏهن ان باغ کي انهيءَ جاءِ تي نه ڏسي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ ڳوليندو ڳوليندو جتي پريءَ باغ آڻي ڇڏيو هو اتي اچي نڪتو. ان وقت باغ ۾ هيءُ ظالم بادشاهه ۽ وزير به سير تي نڪتا هئا. ديو ايندي شرط بادشاهه کان اچي پڇيو ته: تو هيءُ باغ ڇو چورايو آهي؟ بادشاهه ديو کي ڏسي ڊڄي ويو ۽ ڏڪندي ڏڪندي ٿي چوڻ لڳو ته: اي ديو! هيءُ ڪم مون نه ڪيو آهي؛ پر منهنجي هڪڙي نوڪر ڏڻ وڇوڙي جو ڪيل آهي. ديو چيو ته: اهو ڪٿي آهي؟ بادشاهه هن کي ان جي جاءِ ڏيکاري. مڃاڻ جو تلاءَ واري پري ان ديو جي ڌيءَ هئي، تنهن جو پنهنجي پيءُ کي ڏٺو سا بابا بابا ڪري اچي هن سان ملي. ديو به ڏاڍيءَ سڪ مان پنهنجي ڌيءَ کي گڏيو ۽ ان کان حال احوال پڇڻ لڳو. پريءَ ڳالهيون ڪندي پنهنجي پيءُ ديو کي چوڻ لڳي ته: بابا! منهنجي قسمت ۾ اجهو اهو آدمزاد هو، جو هڪڙي بادشاهه جو پٽ آهي؛ مگر هن ملڪ جي ظالم بادشاهه اسان جي مڙس واسطي ظلم ٻاري ڏنو آهي، هن جي مارڻ لاءِ هن کي اهڙا اهڙا ڏکيا ڪم ٻڌائي ٿو، جنهن ۾ انسان ذات جي حاجت نه آهي. هيءُ تنهنجو باغ هتي آيو آهي، سو به انهيءَ ظالم بادشاهه جي حڪم تي. هاڻي تون هن کي ڪو دڙڪو ڏي،

ته اسان جي مڙس جي جان بچي، نه ته هيءُ ظالم ڪونه ڪو بهانو ڳولي اسان جي مڙس کي مارائي ڇڏيندو.

اهو ٻڌي ديو يڪدم انهي بادشاهه وٽ آيو ۽ هن کي ڌمڪائي خوب چنڊ ڪڍيائين، ۽ چيائينس ته: جي اڳتي شهزادي ڏڻ وڇوڙي کي تڪليف ڏني اٿئي ته تنهنجي سر جو خير ڪونهي. ديو هن کي ڌمڪائي هليو ويو.

ان کان پوءِ بادشاهه، شهزادي ڏڻ وڇوڙي کان ڊڄڻ لڳو ۽ خيال ٿيس ته متان اڳين مصيبتن جو بدلو وٺي، تنهنڪري چونه هن کي پنهنجي ڌيءَ پرڻائي کيس پنهنجو ڪري ڇڏيان. اهو خيال ڪري ڏڻ وڇوڙي کي گهرايائين، ۽ هن کي پنهنجي ڌيءَ سان شادي ڪرايائين. اهڙيءَ طرح وزير به خوف وچان هن کي ڌيءَ ڏئي هن سان دوستي ڳنڍي. ڏڻ وڇوڙي اهي ٻه زالون به وٺي وڃي ٻين زالن سان گڏ ويهاريون.

پوءِ ته سڀ زالون ۽ پاڻ گڏبو وٺي پنهنجي ملڪ موٽيو جتي سندس پيءُ سندس جدائيءَ ۾ روئي روئي انڌو ٿي پيو هو. شهزادو ڏڻ وڇوڙو پيءُ سان مليو، جيڪو کيس ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سڄي بادشاهي سندس حوالي ڪري وڃي الله جي عبادت ۾ مشغول ٿيو. شهزادي ڏڻ وڇوڙي پنهنجن ٻن يارن، نانگ ۽ طوطي کي پاڻ وٽ گهرايو، جيڪي اتي رهي ملڪ جي حفاظت ڪندا هئا، جنهنڪري ڪنهن به بادشاهه کي همت ڪانه ٿيندي هئي ته ڏڻ وڇوڙي تي ڪاهي اچي. پوءِ باقي سڄي عمر آرام سان گذاريائون.

## ١٤. شهزادو ۽ پنج پريون *

ڪنهن ملڪ جي بادشاهہ هڪڙيءَ رات خواب ۾ ڏٺو ته سبحان الله هڪ وڏو صاف ميدان آهي، جنهن جي وچ ۾ هڪ وڻ بيٺل آهي، جنهن جو ٿڙ چانديءَ جو، ڏار ۽ ٽاريون سون جون، پن زمرد جا، ڦر نيلم ۽ گل ياقوت هئا. قدرت سان ان وڻ جي ڀسانگيءَ جي وچ ۾ چنڊ بيٺل آهي جنهن جي روشني هيڪاري نُور ڪيو بيٺي آهي. بادشاهہ ههڙو جنسار ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو. اڃان ننڊ ۾ ئي هو ته اوچتو اک کلي ويس. ڇا ڏسي ته نڪو اهو وڻ نڪو اهو جنسار. وري ڪوڙ ڪري اکيون ڪٽي بند ڪيائين ته اهو خواب وري ڏسڻ ۾ اچي، پر پيو ٿيو خير. نيٺ باقي رات پاسا اٿلائيندي گذاريائين.

صبح جو بادشاهہ سهي سنيري درٻار ۾ آيو جتي سڀ امير وزير ۽ سندس ست پٽ حاضر هئا. آخر سڀني کي بادشاهہ چيو ته: رات مون خواب لڌو آهي جنهن ۾ هڪڙو وڻ ڏٺو اٿم، جنهن جا پن زمرد جا، سونا ڏار، چانديءَ جو ٿڙ، ڦر نيلم ۽ گل ياقوتي آهن ۽ ان جي ڀسانگيءَ جي وچ ۾ چنڊ چمڪي رهيو آهي. هاڻي اهو ساڳيو جنسار آءٌ سچو پچو ڏسڻ گهران ٿو. جيڪڏهن ڪير به مونکي اهو اسرار آڻي ڏيکاريندو ته آءٌ ان کي مالا مال ڪري ڇڏيندس. سڀني ماڻهن جو اها خواب جي حقيقت ٻڌي سو وائڙا ٿي ويا، ڇو ته هنن سڄي ڄمار ۾ ههڙو واقعو ڪونه ٻڌو هو. نيٺ ڪجهه دير بعد ڇهني ڀائرن پاڻ ۾ صلاح ڪري پيءُ کي چيو ته: بابا سائين! اسين ڇهئي

---

* هيءَ ڳالهہ وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي محمد طاهرزادي کان ملي.

پائر ڳولا تي وڃون ٿا ۽ انشاءالله انهيءَ اسرار کي هٿ ڪري پوءِ اوهان وٽ حاضر ٿينداسون. بادشاهه اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهن کي اجازت ڏنائين. بادشاهه جو ستون پٽ به هو جو سڀني کان ننڍو هئڻ سبب مٿس بادشاهه ۽ راڻيءَ جو ڏاڍو پيار هو ۽ هڪ پل لاءِ به کيس پاڻان ڌار نه ڪندا هئا. ان کي جو هن واقعي جي خبر پئي ته سندس پائر خواب جو تعبير لهڻ لاءِ وڃن ٿا ته اهو به ضد ٻڌي بيهي رهيو ته آءٌ به پائرن سان وڃان. بادشاهه ۽ راڻيءَ کيس گهڻو سمجهايو پر هو نه مڙيو. آخر بادشاهه ۽ راڻي لاچار ٿيا ۽ هن کي به پائرن سان گڏ وڃڻ جي اجازت ڏنائون.

هي ستئي پائر پاڻ سان گڏ ڀلا گهوڙا، نوڪر چاڪر، سيڌا سامان ۽ وڏو اثالو وٺي هڪ طرف روانا ٿيا. هي ستئي جوان شڪار ڪندا، گهوڙا هڪليندا، ڪٿي ڏينهن ڪٿي رات منزلون ڪندا، جهر جهنگ جهاڳيندا ستن ڏينهن جي مسافريءَ بعد هڪ اهڙي شهر ۾ اچي پهتا، جنهن ۾ اندر گهڙڻ سان هنن جي طبيعت خوش ٿي وئي. هي جوان به شهر ۾ گهمندي گهمندي هڪڙي اهڙي هنڌ اچي پهتا جتي ماڻهن جا ميڙا لڳا پيا هئا. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿين ته هتي هڪ تمام خوبصورت عورت رهي ٿي، جنهن جي حسن جي هاڪ ملڪان ملڪ مشهور آهي. ان جي هٿ ڪرڻ لاءِ پري پري جا امير، سوداگر ۽ شهزادا پنهنجو داءُ لڳائي ويا آهن، مگر ڪاميابي ڪنهن جي به نه ٿي آهي. جن مان ڪيترا ته فقير ٿي شهر ۾ ڦرندا وتن ته ڪيترا دربدر ٿي جهنگلن ۾ ڌڪا ڪائيندا وتن. هن جو شرط آهي ته جيڪو هن کان چوپڙ راند کٽيندو تنهن سان هوءَ شادي ڪندي. پر اڄ ڏينهن تائين ڪوبه هن کان بازي کٽي نه سگهيو آهي. ڇهن ئي شهزادن، جي پڻ چوپڙ راند جا ماهر هئا، تن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته اسين ضرور هن کي جيتينداسون، ائين چئي انهي ئي ترسي پيا ۽ پير تي ڏونڪو هڻي مقابلي جو

اعلان ڪيائون، يڪدم ٻانهي نڪتي جنهن هنن کي ڏاڍيءَ عزت سان محلات ۾ وچي مهمانن واري جڳهه ۾ رهايو ۽ خوب خاطريون ڪرڻ لڳي.

هوڏانهن ستين شهزادي ڏٺو ته ٻائر هتان اڳتي چرڻ ئي ڪونه ٿا، تڏهن انهن کي سمجهائڻ لڳو ته: ادا! هي فريب آهي ۽ هلو ته پاڻ جنهن ڪم سان نڪتا آهيون ان ڏي هلون. پر سندس ڀائرن چيس ته: توکي وڻيو آهي، ته وڃ، اسين ڪونه هلنداسون. ننڍي ڀاءُ جو اهو جواب ٻڌو سو ماٺ ڪري پنهنجو منهن ونئي اٿي پنڌ پيو. اڳان ۾ منزلون مس ڪيون هئائين ته تمام پري کان هڪڙو زبردست شعاع ڏٺائين. ننڍو شهزادو عجب ۾ پئجي ويو ته هي الاجي ڪهڙو اسرار آهي، جنهن رات کي ڏينهن بنائي ڇڏيو آهي! جڏهن اڌ رات گذري ته اهو شعاع ڪم ٿي ويو ۽ اوندهه اندوڪار ٿي وئي. شهزادو به هڪڙي وڻ تي چڙهي سمهي رهيو. جڏهن صبح ٿيو ته هي وڻ تان لهي اٿي ان طرف هليو جنهن طرف شعاع ڏٺو هئائين. ڪجهه جهڙو پنڌ مس ڪيائين ته هڪ ڳوٺ ڏسڻ ۾ آيس. دل ۾ خيال ڪيائين ته ڇونه ان ڳوٺ ۾ ڪجهه وقت ساهي ڪٽان ۽ انهيءَ اسرار جي به حقيقت وٺان. سو اهو ويچار ڪري ان ڳوٺ ڏي رخ رکيائين. جڏهن ڳوٺ ۾ پهتو تڏهن ڳوٺ جي ماڻهن سندس خوب خاطريون ڪيون. شهزادي هنن کان رات واري شعاع بابت خبر پڇي، جن ٻڌايس ته: اسين پنهنجن وڏن کان ٻڌندا اچون ته اتر طرف سؤ ڪوهن جي پنڌ تي پنجن پرين جا پنج ڪوٽ بيٺل آهن ۽ ايرندي طرف پنجاهه ڪوهن تي هڪڙي ڍنڍ آهي جنهن ۾ هڪ جهوڙ نانگ رهي ٿو. اهو نانگ هر جمعي رات پنهنجي مڻ ڪڍي ڍنڍ جي ڪناري تي رکندو آهي. اهو سوجهرو جو تو ڏٺو هو سو انهيءَ مڻ جو هو. اهي پنجئي پريون ان مڻ جي سوجهري تي اچي گڏ ٿي راند روند ڪنديون آهن. ڪا مرلي وڄائي ته ڪا سر آلاپي ته

نيڪ آھي پر ھاڻي اوھين منھنجي رڳو ھڪڙي مدد ڪريو، اميد تہ آءٌ ان نانگ جو خاتمو ڪري ڇڏيندس. ڳوٺاڻن شھزادي کان پڇيو تہ: توکي ڪھڙي مدد جي ضرورت آھي؟ شھزادي چيو تہ: مونکي ھڪڙي مضبوط لوھہ جي پيٽي ٺھرائي ڏيو، جنھن ۾ آءٌ پورو ٿي سگھان، پر انھيءَ پيٽيءَ جي ڇتي پاسن کان ٻاھران تمام تيز پالا ۽ ڇريون لڳل ھجن ۽ ان ۾ ساھہ کڻڻ لاءِ سوراخ بہ ھجن. ڳوٺاڻن يڪدم ڳوٺ جا لوھار ڪري ويھاريا جن ٿورن ڏينھن ۾ ھڪ اھڙي پيٽي تيار ڪري شھزادي جي حوالي ڪئي. شھزادي اھا پيٽي گاڏيءَ ۾ رکي ٻين ڳوٺاڻن سميت ڍنڍ ڏانھن روانو ٿيو ۽ نيٺ ٻئي ٽئين ڏينھن اچي ڍنڍ وٽ پھتا. ھاڻي شھزادو جمعيرات جو انتظار ڪرڻ لڳو تہ پلي نانگ بہ ڍنڍ مان نڪري ميدان تي مڻ رکي تہ پوءِ سندس خبر وٺجي. آخر اھا رات بہ آئي. شھزادو پاڻ ان پيٽيءَ ۾ گھڙي ويٺو ۽ ڳوٺاڻن کان اھا پيٽي ڪناري ڍنڍ جي ويجھو رکائي انھن کي اجازت ڏنائين تہ اوھين پريرو ويھي تماشو ڏسو.

دستور موجب رات جو نانگ ڍنڍ مان ٻاھر نڪتو ۽ مڻ ڪڍي ڪٺي ڪپ تي رکيائين. ٿوري ويرم ٿي ڪانہ گذري تہ پريون بہ اتي اچي پھتيون ۽ ناچ راڳ ڪرڻ لڳيون. شھزادي بہ چيا ڪيو جو ڍڳن کي آواز سان ھڪليندو ڍنڍ ڏي رخ رکيو. اجان اڳتي مس وڌيو تہ نانگ جي نگاھہ ايندڙ گاڏيءَ تي پئي. ھڪدم پنھنجو ھڪ پيچ ڪڍي وڪوڙيائين پر پيچ ڪپجي ٽڪر ٽڪر ٿي پيو. وري ٻيو پيچ ھنيائين جو بہ ٽڪر ٽڪر ٿي ٻيو. اتي خار وچان بہ ٽي پيچ ڪڍي ڪوڙيائين پر اھي بہ ڪپجي ويا. آخر سخت ڪاوڙ مان سڄي پڇن سان حملو ڪيائين پر اھي بہ سڀ ڪپجي ويا، جو تہ جيڪي بہ پيچ صندوق کي ويڙھيا ٿي سي ڪپجي ٿي ويا. آخر نانگ کي تمام سخت جوش اچي ويو سو وٺي جو پيٽيءَ تي چال ڏنائين تہ



... ’نانگ، ڍنڍ مان نڪري مڻ ٻاهر ڪڍي رکي، ويرم ٿي
ڪانه گذري تہ پنج پريون آتي اچي ناچ ڪرڻ لڳيون،‘ ...

(ص ١٨٥)

ڪپجي اڌو اڌ ٿي پيو. پوءِ ته شهزادو انهيءَ پيٽيءَ مان نڪري آيو، پهريائين ان نانگ جي سسي ۽ پڇ وڏي گاڏيءَ ۾ وڌائين پوءِ مڻ ڪٺي ڪيسي ۾ وڌائين ۽ واپس ورڻ لڳو. هوڏانهن جو اوندهه ٿي ته سڀ پريون غائب ٿي ويون. هي سڌو گهوٽاڻن وٽ آيو ۽ انهن کي اها خبر ٻڌايائين ته: نانگ کي ماري آيو آهيان. پوءِ ته ڏاڍيون خوشيون ٿي ويون.

ٻئي ڏينهن شهزادو پاڻ سان مڻ ڪٺي اُتر طرف ڏس ڏنل ڪوٺن ڏي ويو ۽ نيٺ ڪيترن ڏينهن جي منزل بعد اچي هڪڙي لوهي ڪوٽ وٽ پهتو. ڪوٽ وٽ ڏسي ته نڪو دروازو نڪا دري. پوءِ ڪڍنديئي ڪيسي مان مڻ، ڪوٽ کي هنيائين ته يڪدم پٽ ۾ هڪ دروازو ٿي پيو. شهزادو يڪدم اندر ويو ڏسي ته باغ باغيچا ۽ طرح طرح جا تماشا لڳا پيا آهن، اندر چانديءَ جي ڀتين سان هڪڙو محلات ڏسڻ ۾ آيس. هي محلات ۾ گهڙي ويو. ڇا ڏسي ته چانديءَ جي پلنگ تي نهايت خوبصورت پري ويٺل آهي. پريءَ جو شهزادي کي ڏٺو سا اٿي کڙي ٿي ۽ شهزادي کي پاڻ سان گڏ تخت تي ويهاريائين. پوءِ شهزادي کان حال احوال ورتائين. شهزادي ڪيس سمورو حال احوال ڪري ٻڌايو ته ڪهڙيءَ طرح منهنجي پيءُ هڙو خواب لڌو جنهن جي ڳولا ۾ اچي نڪتو آهيان. پريءَ چيو ته: منهنجو نالو "چاندنا پري" آهي، اسين پاڻ ۾ پنج ڀيڻون آهيون، هاڻي جيستائين اسين پنج ئي ڀيڻون پاڻ ۾ نه گڏبيونسين، تيستائين انهيءَ خواب جي تعبير پورو ڪونه ٿي سگهندو. هاڻي تون پنهنجي منزل تي پهچي ويو آهين، تنهنڪري تون اڄ هتي آرام ڪر ته: سڀاڻي توکي "سونا پريءَ" وٽ وٺي هلنديس. شهزادي رات اتي آرام ڪيو ۽ صبح جو چاندنا پري هن کي ڪلهي تي کڻي اڏاڻي ۽ آڻي سونا پريءَ جي ڪوٽ وٽ لاٿو، وڃڻ مهل پنهنجي مٿي مان وار ڇني شهزادي کي ڏنائين ته جيڏيءَ مهل به مونکي گهرائڻو هجئي تيڏيءَ مهل هن وار کي سيڪ ڏج ته آءٌ اک ڇنڀ ۾ تو وٽ پهچي ويندس. هوءِ پوءِ شهزادي

ڪان موڪلائي واپس هلي وئي ۽ شهزادي ڪيسي مان مڻ ڪڍي ڪوٽ ڪي لڳائي ته پٽ ۾ وري ٻه دروازو نظر آيس. هي ٻه اندر لنگهي ويو ۽ گهمندو ڦرندو وڃي هڪڙي محلات وٽ پهتو. ڇا ڏسي ته محلات سڄو سونو آهي. دروازي مان اندر لنگهي ته ڏسي ته سون جو تخت تي هڪ سهڻي پري ويٺي آهي. پڪ ٿيس ته اها سونا پري آهي. پري هن کي ڏسي تخت تان اٿي ۽ هن کي هٿ کان وٺي وڃي تخت تي ويهاريائين ۽ حال احوال ورتائين. پوءِ انهيءَ پريءَ هڪڙي رات مهماني ڪري صبح جو هن کي "زمرد پريءَ" وٽ چڏي آئي، ۽ مٿي مان هڪ وار ڇني ڏنائينس ته جنهن وقت ٻه ضرورت پوئي ته سيڪ ڏجئين ته آءٌ تو وٽ پهچي ويندس. شهزادو پوءِ اهڙيءَ ريت "زمرد پري"، "نيلم پري" ۽ "ياقوت پري" سان مليو، جن سڀني هن جي ڏادي خاطري ڪئي ۽ سڀني ڪيس مٿي مان هڪ هڪ وار ڇني ڏنو. شهزادو هنن پرين جي صحبت ۾ ڪجهه ڏينهن رهي پوءِ پنهنجي وطن ڏانهن روانو ٿيو.

شهزادو هلندو هلندو اتي اچي پهتو جتان پنهنجي ڀائرن کان موڪلائي روانو ٿيو هو. خيال ڪيائين ته خبر وٺان ته منهنجا ڀائر هتان ڪيڏانهن ويا سو لڳو شهر ۾ ڳولا ڪرڻ ته من ڪو اهڙو ماڻهو ملي جنهن کان خبر پڇان. هي اچان هڪڙي گهٽي مان پئي ويو ته ڏسي ته ڇهه ڄڻا پيا اچن جي ڏسجن ته فقير ٿا، مگر منهن مان فقيري ڪانه ٿي بکين. جڏهن اهي ڇهه ئي ڄڻا ويجهو آيا تڏهن سڃاتائين ته مارا! هي ته منهنجا ڇهه ئي ڀائر آهن. پوءِ ته پاڻ ۾ ڳراٽڙيون پائي گڏيا ۽ شهزادي کان سفر جو حال احوال وٺڻ لڳا. شهزادي هنن کي سمورو قصو ٻڌايو، پر پرين جو قصو ئي ڪونه ٻڌايائين. پوءِ ته سندس ڀائرن ڏاڍيون مبارڪون ڏنس ته تون نيت ڪامياب ٿي آئين. پوءِ سڀ ڀائر گڏجي پنهنجي ملڪ ڏي پنڌ پيا. رستي تي ڇهن ئي ڀائرن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته بابي جي خواب جو تعبير اها

منڻ آهي، سو چوڻ اها هن کان ڦري پنهنجي قبضي ۾ ڪريون ته پوءِ ڦڪو نه ٿيڻو پوي. اهي خيال دل ۾ پڪو ڪري سيئي نندي ڀاءُ کي ڦري آيا ۽ ڏاڍي مار به ڏنائونس ۽ منڻ به ڦريائونس: شهزادي به بنا ڪنهن حجت جي منڻ هنن جي حوالي ڪئي ۽ پاڻ انهن جي پٺيان نوڪرن وانگر ٻانهون ٻڌي هلڻ لڳو. هلندي هلندي هڪ اهڙي شهر ۾ اچي منزل ڪيائون جتي ٻئي ڏينهن، اتي جي بادشاهه جي ڌيءَ کي پنهنجو مڙس چونڊڻو هو. ٻئي ڏينهن سڄي شهر ۾ اهو ڍنڍورو ڦريو ته شهزادي ان شخص کي پنهنجو مڙس ڪندي، جنهن تي سندس ڇڏيل باز ويهندو. شهزادن جو اهو ٻڌو سو انهن جو به اچي خيال ٿيو ته اسين به اتي قسمت آزمائي ڏسون. سو هڪڙي پوڙهيءَ عورت جي گهر اچي ترسيا ۽ نندي شهزادي کي سامان جي سنڀال لاءِ ڇڏي پاڻ اوڏانهن روانا ٿيا. هنن جي وڃڻ کان پوءِ ننڍو شهزادو به ماٺ ماٺ ڪري سامان پوڙهيءَ جي حوالي ڪري پاڻ شهر کان ٻاهر نڪري ڇڏو جهنگ ۾ آيو ۽ چاندنا پريءَ وارو ڏنل وار ڪڍي ان کي سيڪ ڏنائين. ته اک ڇنڀ ۾ چاندنا پري اچي پهتي. چيائين ته: حڪم ڪر! شهزادي چيو ته: مونکي شاهاڻي پوشاڪ ۽ هڪڙو عمدو گهوڙو کپي جو آءٌ شهزاديءَ جي شاديءَ جي مجلس ۾ ويندس. چاندنا پري هڪدم هن کي هڪ اڇو چانديءَ جي رنگ جهڙو وڳو آڻي ڏنو ۽ پاڻ زمين تي ليٽي پيٽي گهوڙو ٿي پئي. شهزادي هڪدم اهي ڪپڙا پاتا ۽ گهوڙي تي چڙهي انهيءَ پاسي ويو جتي تماشو ٿيڻو هو. اتي پهچڻ سان ڏسي ته مارا! هتي ته شهزادن جو انت ئي ڪونهي. هن پنهنجن ڀائرن کي به ڏٺو جي هڪڙي پاسي کان بيٺا هئا. سيني جو هن کي ههڙي پوشاڪ ۾، ۽ هڪڙي اچي عجيب نموني جي گهوڙي تي چڙهيل ڏٺو، سي حيران ٿي ويا. گهوڙو هيڏي اٽالي کي ڏسي مستيءَ کان پيرئي نه پيو کوڙي. نيٺ باز اڏائڻ جي مهل آئي ۽ شهزاديءَ خود پنهنجن

هٿن سان باز وني اڏايو. باز اڏامندي اچي ننڍي شهزادي جي مٿي تي ويٺو. ماڻهن جو وات عجب کان ڦاٽي ويو. هوڏانهن باز جو شهزادي جي مٿي تي ويهڻ هيڏانهن شهزادي جو گهوڙي کي اڙي هڻڻ. ڪن ساعت ۾ سڀني جي اکين اڳيان غائب ٿي ويو. بادشاهه جي ماڻهن هن کي ڪيتروئي ڳوليو پر هي ڪونه لڌو. ننڍي شهزادي اتان موٽي اهي ڪپڙا لاهي، پنهنجا اصلوڪا ڪپڙا پائي پريءَ کي موڪل ڏني ۽ پاڻ سڌو پوڙهيءَ جي گهر موٽي آيو ۽ ماٺڙي ڪري سمهي رهيو.

هوڏانهن جڏهن بادشاهه جا ماڻهو شهزادي کي ڳولي ڳولي ٿڪا ۽ پتو ڪونه پين، تڏهن وري چنڊ جي ٻي تاريخ مقرر ڪيائون. جڏهن ڇهه ئي ڀائر موٽي گهر آيا، تڏهن ننڍي شهزادي ڪائڻ حال احوال پڇيو، جنهن تي ڇهن ئي ڄڻن ان کي دڙڪا ڏئي چيو ته: تنهنجو ڇا وڃي، تون ماٺ ڪري پنهنجو ڪم ڪر. انهيءَ تي پوڙهيءَ چيين ته: ڀلا مونکي ته ٻڌايو. شهزادن سمورو احوال ڪري ٻڌايو ته وري چنڊ جي ٻي تاريخ مقرر ڪئي اٿن.

ٻئي چنڊ تي شهزادي وري سونا پريءَ کي طلب ڪيو. جنهن وري سوني پوشاڪ ۽ سونو گهوڙو ڏنس. هن دفعي هرهڪ شهزادي کي هڪ کينهوڙو ڏنائون ته اهو اڇليو، جنهن جو کينهوڙو شهزاديءَ جي جهولي ۾ پيو اهو شهزاديءَ جو حقدار ٿيندو. انهيءَ تي سڀني شهزادن پنهنجي قسمت آزمائي ڪئي پر نيٺ ننڍي شهزادي جو کينهوڙو وڃي شهزاديءَ جي جهوليءَ ۾ پيو. وري به شهزادو اک ڀُور پُٽ ۾ غائب ٿي ويو ۽ اچي ڇهنجي گهر ويهي رهيو. اهڙيءَ طرح چار دفعا شهزادي بازيون جيتون مگر شهزادو هٿ نه آيو. آخر ۾ پنجين دفعي شهزاديءَ کي هار ڏنائون ته جنهن شهزادي کي قبول ڪري ان کي ڳچيءَ ۾ پائي. شهزادِي هار هٿ ۾ ڪٽي سڀئي صفون ڇيريندي اچي ننڍي شهزادي جي ڳچيءَ ۾ وڌو

۽ پوءِ ڪيس ڇنبڙي پئي تہ: هاڻي مونکي ڇڏي نہ وڃ. شهزادي هن کي انجام ڏنو تہ: ڇهن مهينن کان پوءِ توسان شادي ڪندس، حال مونکي ڇڏ. پوءِ شهزادو اک ڇنڀ ۾ غائب ٿي ويو ۽ اچي پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ ويهي رهيو. اڄ واپس گهر اچڻ سان ڇهن ئي ڀائرن هلڻ جي سنبت ڪئي.

ٿوري گهٽي ڏينهن سڀئي ڀائر پنهنجي وطن اچي پهتا. جڏهن بادشاهہ کي خبر پئي تڏهن انهن جي مرحبا لاءِ هڪڙي وڏي جشن جو انتظام ڪرايائين. رات جو بادشاهہ سڀني پٽن کي گهرايو ۽ ڪائڻ رستي جي خبرچار ۽ خواب جي تعبير بابت پڇيائين. ڀيرين ڇهني ڀائرن، چيو تہ انهن کي پڪ هئي تہ جيڪا ڪرامت آهي سا انهيءَ مڻ ۾ آهي، سو ڏاڍا مرچ مصالحا ڳنڍي جهوڙ نانگ کي مارڻ جي حقيقت ۽ مڻ جي هٿ اچڻ جي حقيقت پيش ڪئي. بادشاهہ اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ: اها مڻ سڀاڻي عام دربار ۾ پيش ڪجو تہ ڀلي سڄي خلق منهنجي خواب جو تعبير ڏسي. وري ننڍي شهزادي کان خبر پڇيائين. جنهن تي ننڍو شهزادو ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. جنهن تي بادشاهہ سندس ڀائرن کان پڇيو، جن ٻڌايو تہ: بابا سائين! هي نڪار هتان هلي هڪڙي شهر ۾ هڪڙيءَ عورت وٽ سڀ مال متاع ڦرائي ويهي رهيو. جتان اسان هن کي واپس ايندي هيڏانهن وٺيو آيا آهيون. بادشاهہ کي اهو ٻڌي ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ ننڍي شهزادي کي برو ڀلو چيائين. شهزادو اهڙو ڪچي جهڙي پيٽ، پر دل ۾ چوڻ لڳو تہ پاڻهي سڀاڻي دربار ۾ خبر پوندي.

جڏهن صبح ٿيو تڏهن دربار ۾ سڀ ماڻهو گڏ ٿيڻ لڳا تڏهن بادشاهہ بہ شهزادن سميت دربار ۾ آيو. اتي شهزادن کان خواب جو پڇاڻو ٿيو. ڇهن ئي ڀائرن اها جهوڙ نانگ واري مڻ ڪڍي ڪٿي ٻاهر رکي ۽ پوءِ هٿ ٻڌي ويهي رهيا، ڇو تہ سچي حقيقت جي تہ انهن کي خبر بہ ڪانہ هئي. نيٺ ڪجهہ

ڏير ڪان پوءِ ننڍي شهزادي بادشاهه کي چيو ته: قبلا! جيڪڏهن حڪم ٿئي ته آءٌ به حقيقت پيش ڪريان. بادشاهه ڪاوڙ ۾ چيس ته: ٻڌاءِ! پوءِ هن پريءَ دربار ۾ پنهنجي ڏاڪڙن ۽ جهوڙ ٽانگ کي مارڻ، مڻ هٿ ڪرڻ، شهزادن جو عورت وٽ ڦاسڻ، پرين کي ڳولي لهڻ، وري شهزاديءَ جي مڙس چونڊڻ جي تماشي ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ ٻانرن جو ڪانئس مڻ ڦرڻ جي سڄي حقيقت ڪري ٻڌائي، جا ٻڌي سڀئي ماڻهو عجب ۾ پئجي ويا. پوءِ حڪم ڪيائين ته هڪڙو ميدان صاف ڪرايو ته هاڻي اوهان جي خواب جي تعبير ٿئي. يڪدم هڪ ميدان صاف ٿي ويو ۽ جڏهن مير اونداهيءَ جو وقت ٿيو تڏهن شهزادي يڪدم ڪيسي مان پنجئي وار ڪڍي انهن کي ٿورو سيڪ ڏنو ته پنجئي پريون اچي سهڙيون. شهزادي پرين کي چيو ته: اڄ بادشاهه سلامت کي خواب جو تعبير ڏيکارڻو آهي. هڪدم پرين حڪم جي تعميل ڪئي. چاندنا پري ٿڙ، سونا پري ڏار، زمرد پري پن، نيلم پري ڦر، ۽ ياقوت پري گل بنجي وڻ ٿاهيو، تنهن جي وچ ۾ شهزادو هٿ ۾ مڻ کڻي چڙهي ٻهي رهيو. سڀني ماڻهن اهو تماشو ڏٺو ۽ واهواهه ڪئي ۽ سڄي جڳ ننڍي شهزادي کي آفرين چئي. پوءِ شهزادي سڀني پرين کي موڪل ڏني ۽ ٿوري گهڻي ڏينهن وڏي شان شوڪت سان: وڃي ڪتيل شهزاديءَ سان شادي ڪري آيو ۽ باقي حياتيءَ جا ڏينهن ڏاڍي مزي ۾ گهارڻ لڳو.

# ١٥. پَرين جون ساريُون*

هڪڙي ڏينهن، هڪڙو بادشاهه ۽ هندس راڻي، پنهنجي محلات ۾ ويٺا هئا، ته اوچتو راڻيءَ جي نگاهه وڃي ٻاهرئين تلاءَ تي پئي، جنهن ۾ هڪڙو ڪانءُ پئي تريو. اهو ڏسي راڻيءَ چيو ته: اهو ڪانءُ مئل آهي. بادشاهه چيو ته: نه اهو ڪانءُ جيئرو آهي. راڻي هڪڙي ڳالهه تي ۽ بادشاهه ٻي ڳالهه تي. آخر پاڻ ۾ شرط رکيائون ته جيڪڏهن ڪانءُ مئل هوندو ته بادشاهي راڻيءَ کي ملندي ۽ بادشاهه ملڪ ڇڏي هليو ويندو، پر جيڪڏهن ڪانءُ جيئرو هوندو ته راڻي محلات ڇڏي هلي ويندي. بادشاهه يڪدم پنهنجي وزير کي گهرائي چيو ته: مون ۽ اڻيءَ پاڻ ۾ هھڙيءَ طرح شرط رکي آهي. هاڻي تون وڃي ڏسي اچ ته اهو تلاءَ ۾ پيل ڪانءُ، مئل آهي يا جيئرو. وزير اها ڳالهه ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو. بادشاهه کي هٿ ادب جا جوڙي عرض ڪيائين ته: سائين! آءٌ ڪانءُ ته ڏسي اچان ٿو پر ڪنهن خسيس ڳالهه تي ايڏي شرط رکڻ عقلمندي نه آهي، منهنجو عرض مڃو ته انهيءَ شرط تان لهي وڃو. بادشاهه جواب ڏنس ته: وزير باتدبير! جيڪو ٿيڻو هوندو سو اوس ٿيندو، تون وڃ ۽ ڏسي اچ ته ڪانءُ جيئرو آهي يا مئل. وزير حڪم جو ٻڌو، سو ڪنڌ هيٺ ڪري اچي تلاءَ تي پهتو. اچي ڏسي ته ڪانءُ برابر مئو پيو آهي. راڻيءَ جي ڳالهه ته سچي ٿي ۽ شرط موجب بادشاهه کي بادشاهي ڇڏڻي پوندي. هاڻي ڳالهه ته ڏاڍي ڳري ٿي. سو ڇا ڪيائين جو هڪ وڏو پٿر کڻي ان ۾ نوڙي ٻڌي، ان سان ڪانءُ ٻڌي کڻي تلاءَ ۾ ڦٽو ڪيائين، جنهن

---

* هي ڳالهه حيدرآباد شهر مان زمرد شيخ ۽ فهميده مرزا کان ملي.

وچي تر ورتو. ڀاڻ موتي اچي ٻڌايائين ته: جيئندا قبلا! ڪانءُ جيڏرو هو ۽ منهنجي وچڻ تي هڪدم آڏامي ويو. راڻيءَ شرط موجب پنهنجي شرط هارائي سا سڀڪجهه ڇڏي، ڪنهن پاسي منهن ڪري نڪتي.

راڻي هلندي هلندي شهر ڪان پريرو نڪري وئي. اوچتو رستي تي هڪ پيرسن ٻنارو ڏٺائين، جنهن ڳڏهن تي سيرُون پٽي ڪنيون. ٻناري هڙي جواڻ جماڻ زال کي اڪيلي سر ويندو ڏسي ڪانئس پڇيو ته: ڌيءَ! تون ڪير آهين ۽ هن وقت اڪيلي ڪيڏانهن پئي وڃين؟ راڻيءَ ڀريائين ته ڪجهه به نه ٻڌايو، پر آخر ٻناري جي زور رکڻ تي روئي چيائين ته: چاچا! منهنجو حال نه پڇين ها ته چڱو هو. مون پنهنجي پير تي پاڻهي ڪهاڙو هنيو آهي. پوءِ جيڪا حقيقت هئي سا سموري کولي ٻڌايائينس، جنهن تي ٻناري چيو ته: اما، تون منهنجي نياڻي آهين، آءٌ ۽ منهنجي گهر واري اڪيلا آهيون، جيڪڏهن تون اسان وٽ رهندينءَ ته اسين توکي پنهنجي نياڻيءَ برابر سمجهنداسون. راڻيءَ ٻناري جون ڳالهيون ٻڌي وٽس رهڻ مڃيو ۽ پير مرد ٻناري کي قسم ڏئي جهلي ڇڏيائين ته اهو راز ڪنهن کي به نه ٻڌائيج. پوءِ ساڻس ڳڏجي گهر وئي. ٻناري پنهنجي گهر واريءَ سان راڻيءَ جو سربستو حال ڪيو، جا ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي ۽ راڻيءَ کي به پنهنجي ڌيءَ ڪري سنڀالڻ لڳي. راڻي هئي ڪا پيٽ سان سو ڏهن مهينن ڪان پوءِ ڪيس هڪڙو چنڊ جهڙو سهڻو پٽ ڄائو. پٽ جي ڄمڻ ڪري راڻيءَ کي ڇاڻي وندر تي پئي ۽ سندس ڏک البت گهٽيو. هوڏانهن ٻنارو ۽ سندس گهر واري به هڙي سدا ملوڪ پٽ جي ڄمڻ ڪري ڏاڍ و خوش ٿيا.

ڳالهيون سڳهيون نبرن ۽ ڏينهن پنهنجي مداء تي گذرن. راتين پٺيان ڏينهن ۽ ڏينهن پٺيان راتيون گذرنديون ويون،

تان جو ڇوڪر ٻہ اچي پنجن ڇهن سالن جو ٿيو. سڄو ڏينهن پيرسن ٻناري سان پيو ڪم ڪار ۾ مدد ڪندو هو. چوندا آهن تہ ’بندي جي من ۾ هڪڙي صاحب جي من ۾ ٻي‘. سو هڪڙي ڏينهن ڇا ٿيو، جو بادشاهہ جا جهاز ڪنهن ٻئي ملڪ ڏانهن وڃڻا هئا. پر اسرار الاهي اهڙو جو جهاز اتان هلن ئي نہ. گهڻئي حيلا وسيلا ڪيائون ۽ زور لاتائون، مگر جهاز نہ هلڻا هئا سي نہ هليا. نيٺ جهاز وارن اچي بادشاهہ کي ٻڌايو تہ: سائين! جهاز بندر تان اصل چُرن ئي ڪونہ ٿا. حيلا وسيلا گهڻئي هلايا اٿئون پر خبر نہ آهي تہ ڪهڙو اسرار آهي جو جهاز هڪ هنڌ ڄمي بيهي رهيا آهن. اها ڳالهہ ٻڌي بادشاهہ پنهنجي وزير کي گهرايو ۽ ساڻس سڄي حقيقت ڪيائين. وزير بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ: جيئندا قبلا! مونکي تہ ڪابہ خبر نٿي پئي، پر ڪنهن نجومي کان انهي ماملي جي پروڙ پئجي سگهندي. بادشاهہ کي وزير جي اها ڳالهہ وڻي، سو هڪدم حڪم ڪيائين تہ: نجومين کي حاضر ڪيو وڃي. بادشاهہ جي حڪم تي نجومي اچي دربار ۾ گڏ ٿيا. ڪائن هن حقيقت جو راز پڇيو. نجومي اها ڳالهہ ٻڌي ويچار ۾ پئجي ويا. هڪڙن رمل ۽ ڏارا ڪڍيا، ٻين جفر ۽ جوتش جا ڪتاب کوليا. سڀئي هڪ ٻند ٿيل جاءِ ۾ ويهي سبب ڳولڻ لڳا. گهڻي مٿاڪُٽ کان پوءِ سڀني گڏجي اچي دربار ۾ عرض ڪيو تہ: جيسين پنجن ڇهن ورهين جو هڪڙو سلڇڻو ۽ خوبصورت ڇوڪر ڪُهي، سندس رت جهازن تي نہ هاربو، تيسين هي جهاز هتان اصل ڪين چرندا. نجومين جي اها ڳالهہ ٻڌي، بادشاهہ اهڙي ڇوڪر جي ڳولا لاءِ ماڻهن کي روانو ڪيو. دربار ۾ گهڻئي ماڻهو اچي گڏ ٿيا. سڀڪنهن پئي خوبصورت ڇوڪرن جا نالا ورتا. اتي هڪڙي ٻناري عرض ڪيو تہ: سائين! منهنجي گهر جي ڀرسان هڪ پوڙهو ٻنارو رهي ٿو، جنهن وٽ اهڙين نشانين جو نينگر رهي ٿو. اهو ٻڌي يڪدم انهي پوڙهي ٻناري وٽ

پهتا ۽ ڌن دولت جي لالچ ڏيئي نينگر جي ٻانهن گهرياڏون. پوڙهو ٻه سچي عمر محنت ڪري اچي ٿڪو هو، سو يڪدم ڪٽي آچ قبوليائين، ۽ پيسا ڏوڪڙ وٺي نينگر ڪٽي سندن حوالي ڪيائين، مگر رائيءَ کي اهو ٻڌايائين ته سندس پٽ کي بادشاهه پاڻ سان سفر تي وٺي ويو آهي.

هوڏانهن ڇوڪرو جڏهن جهازن تي پهتو، تڏهن ڪپتان هڪ نوڪر کي ڪاتي آڻڻ جو حڪم ڏنو. ڪاتيءَ جو ٻڌي ڇوڪري کي اچي ڊپ لڳو ۽ پڇڻ لڳو ته: اوهين ڪاتي ڇا جي لاءِ گهرايو ٿا؟ تنهن تي هن جواب ڏنو ته: ڪاتيءَ سان توکي ڪهي، تنهنجو رت جهازن تي هاربو ته جهاز هلندا. تنهن تي ڇوڪر چيو ته: اوهان کي جهازن هلائڻ سان ڪم آهي يا مونکي مارڻ سان؟ خلاصين جواب ڏنو ته: اسان کي فقط جهازن هلائڻ سان ڪم آهي. اها ڳالهه ٻڌي ڇوڪري ڇا ڪيو جو ڇيچ جي هڪ ٻُل کي زور سان سڳو ٻڌائين ۽ جڏهن ڏنائين ته ڇيچ جو ٻُل رت جي ڳڌ ٿيڻ سبب ڳاڙهو ٿي ويو آهي، تڏهن ڇاقوءَ سان آڱر کي ڇهڪ ڏيئي سيني جهازن تي رت جو ڦڙو ڦڙو هاريندو ويو. خداجي قدرت، جو جهاز اتي هليا. ڪپتان ۽ خلاصي سڀ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ هن کي خوش نصيب ۽ ڏاهو سمجهي پاڻ سان وٺي ويا. جهازن کي هلندي هلندي ڏهه پندرهن ڏينهن ٿي ويا، نيٺ ٻيءَ ڪنهن بادشاهيءَ جي هڪڙي بندر تي اچي لنگر هنيائون. سيني جي صلاح ٿي ته نئين شهر ۾ هلي گهمي ڦري اچجي، ۽ ڪو سودو واپار لڳي ته اهو به ڪجي. اهو خيال ڪري سڀ خلاصي لهي شهر ڏانهن روانا ٿيا، باقي ڇوڪري ۽ هڪ پيرسن خلاصيءَ کي جهازن جي سنڀال لاءِ ڇڏي ويا. خلاصين جي وڃڻ کان پوءِ ڇوڪري پيرسن خلاصي کي چيو ته: چاچا! مونکي گهمڻ جو شوق آهي، جي موڪل ڏين ته آءٌ به شهر مان گهمي چڪر هڻي اچان. پوڙهي چيس ته: ابا! وڃ ڀلي، پر

-گهو موٽج، متان خلاصي مون تي نہ ڪاوڙجن. ڇوڪرو موڪلائي شهر ڏي روانو ٿيو. اڃان شهر ۾ گهڙيوئي ڪين تہ رستي تي هڪ سوار ڏٺائين، جو گهوڙي ڪي تمام تکو ڪاهيندو پئي آيو. اوچتو گهوڙو ڪنهن ڪتل ڪاٺيءَ سان ٽڪرجي ڪري پيو ۽ سندس ڪنڌ ڀڄي پيو. هيءُ بہ ڊوڙي وڃي اتي پهتو. ڏسي تہ گهوڙي آهي، گهوڙيءَ جو سوار حيران ٿيو بيٺو آهي، هن کي ڏسي چوڻ لڳو تہ: ڀائو! گهوڙي بادشاهہ جي هئي ۽ ڏاڍي ڀلي هئي، هاڻي ڏٺي پيو خير ڪري، الاجي ڇا ٿيندو! اهو ٻڌي ڇوڪري چيس تہ: ادا! تو کي گهوڙيءَ جو ارمان آهي پر مونکي وري گهوڙيءَ جي پيٽ واري ڦر جو ارمان آهي. جيڪڏهن اهو پيدا ٿئي ها تہ ڀلو ساموندي گهوڙو ٿئي ها. سوار چيس تہ: ڦر وري ڪٿان آيو؟ هن گهوڙيءَ تہ ڪڏهن گهوڙو ڪونہ ڏٺو هو. پوءِ ڦر وري ڪيئن پيدا ٿيندو؟ سوار هڪ ڳالهہ تي، ڇوڪرو ٻيءَ تي. نيٺ اهو فيصلو ڪيائون تہ هلي بادشاهہ جي سامهون اهو فيصلو ڪجي. سو سوار ڇوڪري کي بادشاهہ وٽ وٺي آيو ۽ ڪيس سموري ڳالهہ ڪري ٻڌايائين. بادشاهہ ڇوڪري کان پڇيو تہ: اي نينگرا! تون ڪيئن ٿو چئين تہ گهوڙيءَ جي پيٽ ۾ ساموندي گهوڙي جو ڦر آهي، ان جي ثابتي ڪهڙي آهي؟ ڇوڪري عرض ڪيو تہ: بادشاهہ سلامت! ثابتيءَ لاءِ توهين گهوڙيءَ جو پيٽ چيرائي ڏسو. بادشاهہ چيس تہ: جي تون ڪوڙو نڪتين تہ پوءِ؟ ڇوڪر ورائيو تہ: جيئندا قبلا! پوءِ منهنجا چار جهاز اوهان جي بندر تي بيٺا آهن. جيڪڏهن مون شرط هارايو تہ پوءِ اهي چار ئي جهاز اوهان جا ٿيا. پر جيڪڏهن منهنجي ڳالهہ سچي نڪتي تہ پوءِ اهڙا چار جهاز، ايتري ئي مال سان ڀريل سائينجن کي ڏيڻا پوندا. بادشاهہ شرط مڃي ۽ گهوڙيءَ جي پيٽ چيرڻ جو حڪم ڏنائين. ڏسن تہ برابر گهوڙيءَ جي پيٽ ۾ ساموندي گهوڙي جو ڦر پيو آهي. بادشاهہ جا

ٽپ ڏئي ٽري ويا. پر بادشاهي زبان، سو شرط جو پوراءُ ڪيائين ۽ ڇوڪري اهي ڪتيل جهاز هاڪارائي پنهنجن جهازن سان گڏيا. جڏهن ٻيا خلاصي شهر مان گهمي واپس آيا، تڏهن ڏسن ته مار، چار وڏيڪ جهاز بيٺا آهن! هنن پيرمرد کان انهن جي پڇا ڪئي، جنهن ڪين ساري ڳالهه ڪري ٻڌائي. اها ڳالهه ٻڌي خلاصي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ڇوڪري مان به ڏاڍا خوش ٿيا.

هو ٻئي ڏينهن اٺئي جهاز هاڪاري اچي ڪنهن ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ پهتا. اڳيئين وانگر سڀ خلاصي، ڇوڪر ۽ پيرمرد کي ڇڏي، پاڻ گهمڻ ڦرڻ لاءِ شهر ڏانهن هليا ويا. پويان ڇوڪرو به پيرمرد کان موڪل وٺي شهر ۾ گهمڻ لاءِ ويو. گهمندي گهمندي جڏهن بازار جي چوڪ تي پهتو ته اتي هڪڙو ماڻهو بيٺل ڏٺائين، جنهن جي هٿ ۾ هڪڙو ڏيکيل ٿالهه هو، ۽ ڳالهائي ٻنهه، نه پيو. ڇوڪري انهيءَ شخص کان پڇيو ته: ادا! خبر ڏي، هن ٿالهه ۾ ڇا ڪنيو اٿئي؟ پر اهو ماڻهو اهڙو ڪچي جهڙي پت. ڇوڪري ڪانئس ٻئي دفعا پڇيو، پر هن ڪوبه جواب نه ڏنس. نيٺ ڇوڪري ڪاوڙجي هڪڙي چماٽ وهائي ڪڍيس. هن جو چماٽ هڻڻ ۽ انهيءَ شخص جو ميڙجڻ. چي: شرم نٿو اچئي جو بيگناهه مونکي ڌڪ هنيو اٿئي. ڇوڪري چيس ته: پوءِ تو منهنجي ڳالهه جو جواب ڇو ڪونه ڏنو؟ ان شخص چيو ته: منهنجي مرضي تون ڪير ڇوڻ وارو آهين. هاڻي جي منهنجي سوال جو جواب ڏيندين ته واهه، نه ته ڇڪيئين ٿو بادشاهه وٽ. ڇوڪري چيو ته: آءٌ تنهنجي سوال جو جواب بادشاهه جي سامهون ڏيندس، پلي بادشاهه وٽ هل. بادشاهه وٽ ان شخص سڄو قصو ڪري ٻڌايو. بادشاهه چيو ته: تنهنجو سوال ڪهڙو آهي؟ ان شخص چيو ته: جيئندا قبلا! هن ٿالهه ۾ هيرا، جواهر ۽ موتي آهن، انهن مان ٻڌائي ته ڪهڙو سچو، سٺو ۽ قيمتي آهي. بادشاهه ڇوڪري کي حڪم ڏنو ته: تون ڪو هيرو چونڊ. ڇوڪري

هڪڙو هيرو ڪٽي چيو ته: بادشاهه سلامت! هي آهي اهو هيرو. بادشاهه ٻيو هڪڙو هيرو چونڊي چيو ته: نه، اهو نه آهي، پر هي آهي. ڇوڪري چيو ته: بادشاهه سلامت! آءٌ چوان ٿو ته هي هيرو سچو آهي، اوهين چئو ٿا ته اهو آهي. هاڻي رکون ٿا شرط، جيڪو ڪٽي. بادشاهه ڪلي چيس ته: ڇوڪرا! تون شرط ۾ لڳائيندين ڇا؟ ڇوڪري جواب ڏنس ته: جيئندا قبلا! اوهان جي بندر تي منهنجا مال سان ڀريل جهاز بيٺا آهن، جي اوهان ڪٽيو ته اهي ملڪيت اوهان جي، پر جي نه، ته مونکي اهڙا اٺ جهاز ڀرائي ڏيڻا پوندو. بادشاهه شرط قبولي. يڪدم شاهي جوهري ڪي سڏايو ويو، جنهن ٻئي هيرا ڏسي فيصلو ڏنو ته ڇوڪري وارو چونڊيل هيرو وڏيڪ قيمتي ۽ سچو آهي. ڇوڪري شرط کٽي. بادشاهه اٺ جهاز مال سان ڀرائي ڇوڪري جي حوالي ڪيا، جيڪي هن هاڪارائي وڃي پنهنجن اٺن جهازن سان گڏيا. هاڻي سندس سورهن جهاز ٿي پيا. پيرمرد ۽ ٻيا سڀ خلاصي ڇوڪري جو بخت ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ کيس ڏاڍو پيار ڪرڻ لڳا.

ٻه چار ڏينهن اتي رهي، جهاز هاڪاريائون ۽ وڃي ڪنهن ٻيءَ ولايت ڪان نڪتا. دستور موجب خلاصي شهر ۾ گهمڻ لاءِ هليا ويا. ڇوڪرو به هنن جي پويان نڪتو ۽ ڇا ڪيائين جو دلالن جي پڇا ڳاڇا ڪري سورهن ئي جهازن جي مال جو سود و ڪري، نفعو وٺي، روڪڙن پيسن جا جهاز ڀرائي، ٻي اونو ٿي ويهي رهيو. خلاصي جڏهن گهمي ڦري آيا، تڏهن سورهن ئي جهاز ناڻي سان ڀريل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته هاڻي واپس وطن ڏانهن هلڻ گهرجي، جو مسافري ڪندي گهڻا ڏينهن گذري ويا آهن ۽ پيسو به چڱو ڪمايو اٿئون. سڀ انهيءَ ڳالهه تي راضي ٿيا، پوءِ هڪ ٻه ڏينهن آرام ڪري جهازن جا لنگر ڪنيائون.

واٽ تي واري واري سان جهازن تي پهرو ڏيندا آيا. هڪڙي

رات، آڌيءَ کان پوءِ ڇوڪري جي پهري جو وارو آيو. ڪا مهل گذري تہ اوچتو ڏٺائين تہ پرِيان ڪناري وٽ سوجهرو لڳو پيو آهي، ڄڻ تہ ڪا بجلي پئي ٻري! اهو نظارو ڏسي، ڇوڪرو هڪڙي ننڍڙيءَ ٻيڙي ۾ چڙهي، سوجهري واري جاءِ ڏانهن ويو. اُتي وڃي ڏسي تہ رات مان ڏينهن لڳو پيو آهي، ۽ سوجهري تي ڪي پريون ناچ پيون ڪن ۽ ڪي وري راند پيون ڪن. جڏهن ڇوڪرو اڳتي وڌيو، تڏهن اوچتو پرين کيس ڏسي ورتو. آدمزاد کي ڏسي وٺي اُڏاڻيون پر پنهنجي راند جون ساريون تڪڙ ۾ اتي ڇڏي ويون. ڇوڪري ڊوڙي اهي ساريون وڃي هٿ ڪيون. پريون تہ ڪٿان جون ڪٿي وڃي نڪتيون، ۽ ڇوڪرو اهي ساريون کڻي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي وري اچي جهاز تي ويٺو. جڏهن صبح ٿيو تڏهن اهي ساريون پيرمرد خلاصي کي ڏيئي چيائين تہ: هي چڱيءَ طرح قابو ڪري رک.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هو اچي پنهنجي شهر ۾ پهتا، خلاصين ڇا ڪيو جو هن ڇوڪري کي ڌڪا ڏئي جهاز تان لاهي ڇڏيائون ۽ چيائون تہ: هي سمورو مال اسين وڃي بادشاهہ کي ڏينداسون، جيئن اسان جو نالو ٿئي ۽ بادشاهہ جو راضپو بہ اسان تي ٿئي. ڇوڪرو ويچارو ماٺڙي ڪري هليو ويو ۽ وڃي پنهنجي ماءُ سان مليو، جيڪا هن سڪيلڌي پٽ جي جدائيءَ ۾ روئي روئي اکين کان ويهي رهي هئي. پير مرد ٻڍارو بہ ڇوڪري کي صحيح سلامت ڏسي ڏاڍو سرهو ٿيو، ۽ پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو پشيمانُ ٿيو.

هوڏانهن خلاصي بہ جهازن مان خزاني جون گاڏيون ڀرائي اچي بادشاهہ وٽ حاضر ٿيا. بادشاهہ اهو خزانو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کين انعام اڪرام ڏئي روانو ڪيائين. پير مرد خلاصي بہ اتي حاضر هو، جنهن پئي مال سان گڏ ڇوڪري واريون ساريون بہ بادشاهہ جي حوالي ڪيون. بادشاهہ اهي ساريون وڃي پنهنجيءَ راڻيءَ کي ڏنيون. راڻي ساريون ڏسي ڏاڍو خوش ٿي

۽ بادشاهه کي چيائين تہ: هنن سارين جي چوپڙ بہ مونکي گهرائي ڏيو. راڻيءَ جو راض ڏسي بادشاهہ، پير مرد خلاصيءَ کي گهرائي کانئس پڇيو تہ: هنن سارين جي چوپڙ ڪٿان ملندي؟ جنهن تي پير مرد خلاصي جواب ڏنو تہ: مونکي چوپڙ بابت ڪابہ خبر ناهي، باقي اهي ساريون انهيءَ ڇوڪري ڪان هٿ آيون آهن، جنهن جي رت جي زور تي اسان جا جهاز هتان روانا ٿيا هئا. اهو ڇوڪرو وڏو ڪو نصيب وارو آهي، هيءُ جيڪو خزانو آندو اٿئون اهو سڀ ان ڇوڪري جو ڪمايل آهي. هنن خلاصين سائينجن وٽ جيڪي پٽاڪون هنيون آهن، سي سڀ ڪوڙيون آهن. هاڻي جيڪڏهن سارين واري چوپڙ ڪو آڻيندو تہ اهو ڇوڪرُئي آڻيندو؛ ڇاڪاڻ تہ اسان مان ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي تہ هي اهي ساريون ڪٿان ۽ ڪيئن آنديون آهن. تنهنڪري سائينجن انهيءَ ڇوڪري کي گهرائي، متس اهو ڪم رکن. مونکي پڪ آهي تہ اهو سدورو ڇوڪرو هيءُ ڪم ڪري ايندو. بادشاهہ هڪدم پنهنجي وزير کي حڪم ڏنو تہ: اي وزير باتدبير! انهي ڇوڪر کي ڳولي هڪدم حاضر ڪيو وڃي، جنهن جي رت جي برڪت سان، اسان جا جهاز بندر تان روانا ٿيا هئا. بادشاهہ جي حڪم تي وزير، پير مرد بناري ۽ ان ڇوڪري کي ساڻ وٺي، بادشاهہ جي ڪچهريءَ ۾ اچي حاضر ڪيو. بادشاهہ خبرون چارون وٺندي، ڇوڪري کي چيو تہ: تون وڏي بخت وارو ٿو ڏسجين، هاڻي جيڪي ساريون تو آنديون آهن، انهن جي چوپڙ بہ مهرباني ڪري اسان کي آڻي ڏي! بادشاهہ جي اها ڳالهہ ٻڌي ڇوڪري عرض ڪيو تہ: جيئندا قبلا! اهو ڪم تمام ڏکيو آهي، هن لاءِ پهريائين گهڻا ڏاڪڙا ڪاٽڻا پوندا، پوءِ جي قسمت چڱي هوندي تہ چوپڙ ملي سگهندي. تنهن تي بادشاهہ چيس تہ: ڇوڪرا، توکي اهو ڪم ڪيئن بہ ڪرڻو آهي. مال خزاني جي ڪمي اسان وٽ ڪانهي، نوڪر چاڪر هزارين توکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. ڇوڪري جواب ڏنو تہ:

حاضر... هڪڙو شرط آهي، جي اهو قبول ٿئي ته پوءِ آءٌ اها چوپڙ هٿ ڪري اچان. بادشاهه چيو ته: اهو ڪهڙو شرط آهي؟ ڇوڪري جواب ڏنو ته: چار ماڻهو جيئن ڏينهن ۾ جيڪو خزانو ڪٺي سگهن اهو شاهي خزاني مان ڏنو وڃي. تنهن کان سواءِ رستي جي سفر لاءِ مونکي چار ماڻهو، چار گهوڙا ۽ ٻيو راهه خرچ به ڏيندا. بادشاهه ڇوڪري جا سڀ شرط قبول ڪيا. ٻئي ڏينهن کان ڇوڪري خزانو ڏيڻ شروع ڪيو. نه رڳو پير مرد ٻڍاري جو گهر پريائين، پر ٻين ٻڍارن کي به ڪافي خزانو ڏنائين. تنهن کان سواءِ جن ڪيس اهو خزانو ڪٺايو تن به پنهنجا گهر خزاني سان پري ڇڏيا.

هفتي کن کان پوءِ ڇوڪرو بادشاهه کان موڪلائي چار ماڻهو ۽ چار گهوڙا وٺي روانو ٿيو. ڇوڪري جو پاڳ سڌائو ٿيو ٻيٺو هو، سو منزلن تي منزلون ڪندو ڪيترن ڏينهن جي مسافريءَ بعد هڪڙي بيابان ۾ اچي پهتو. ڏسي ته هڪڙو ننڍو باغ آهي، جنهن ۾ هڪ آديسي فقير دونهين دکايو ويٺو آهي. سندس اکين تي ڇپر وري ويا آهن ۽ اڪيلوٽي اڪيلو ويٺو آهي. ڇوڪري ڪيس نئڙت سان سلام ڪيو ۽ پنهنجي سفر جو سمورو احوال ٻڌايو. فقير ڏاڍي آدر ڏيندي ڪيس چيو ته: ابا! ڏاڍي ڏکئي ڪم لاءِ نڪتو آهين. هن ڪم ۾ جان جو جوکو ۽ حياتيءَ جو خطرو آهي، پر ڇڱو، ڏٺي مڙئي ڇڱي ڪندو. هاڻي ٻڌ، هتان ڏهن ڏينهن جي پنڌ تي هڪڙو ڪوهه ايندو، جنهن کي ڪارو ڪوهه چوندا آهن، جتي ڪا پهر به ڪانه هوندي، تون اتي وڃي منزل ڪج. پوءِ رات جو لوڪ سُتي رهيءَ جي آڌار تي ڪوهه ۾ هيٺ لهي وڃج. ڪوهه جي تري ۾ هڪڙي ڏاکڻ آهي، جنهن تان هيٺ لهي وڃج، جتي تو کي وڏو ميدان ڏسڻ ۾ ايندو. اتي هڪڙو محلات آهي، ان محلات ۾ ٽي پريون رهنديون آهن، جن مان هڪڙي منڍي هوندي، اهي تنيئي پاڻ ۾ ڀيڻون ٿين. انهن ٽنهي مان هرهڪ

تي نانگ، شينهن ۽ ديو جو قبضو آهي. اهي ٽيئي آفتون توکي مارڻيون پونديون، جنهن کان پوءِ اهي پريون تنهنجي مدد ڪنديون ۽ توکي چوپڙ ملندي. فقير کان اهو ڏس وٺي، سلام ڪري ڪانئس موڪلائي اڳتي روانو ٿيو.

ساڻس جيڪي سنگتي گڏ هئا سي سڀ اچي ڊنا ۽ واپس ورڻ جو ارادو ڪيائون، پر ڇوڪري جي دلداريءَ تي اٿي پنڌ پيا. نيٺ منزلون ڪندا اچي انهيءَ ڪوهه وٽ پهتا. ماني تيار ڪري پيا ته ڪائي ٻي سمهڻ جي تياري ڪرڻ لڳا ته ڇوڪري انهن کي چيو ته: ياڙو! اڄ رات مونکي هن ڪوهه ۾ گهڙڻو آهي. اوهين رسو جهليو ته هيٺ لهان ۽ جڏهن آءٌ رسو لوڏيان، تڏهن اوهين هڪدم مونکي ڇڪي ٻاهر ڪڍجو. هنن سڀني اها ڳالهه قبول ڪئي. ڇوڪرو رسي تي هيٺ لهندو ويو، تان جو ڪوهه جي تري وٽ پهتو. اتي پهچڻ کان پوءِ هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ته پاسي کان ڏاڪڻ ڏسڻ ۾ آيس. بسم الله ڪري هيٺ لهي ويو ته ڏسي ته برابر هڪڙو عاليشان محلات لڳو پيو آهي، جنهن ۾ باغ باغيچا گل گلزار لڳا پيا آهن. لنگهي محلات اندر داخل ٿيو. اندر ڏسي ته دريءَ وٽ هڪڙي خوبصورت پري ويٺي آهي، جنهن جي گوڏي تي هڪڙو زبردست نانگ ستو پيو آهي. پريءَ هن آدم جي ٻچڙي کي ايندو ڏسي اشارو ڪيو ته: هتان هليو وڃ، نه ته نانگ ڪائي ڇڏيندءِ. پر هن همت نه هاري ۽ الله جو آسرو ڪري، پوري زور سان تلوار نانگ تي وهائي ڪڍيائين. نانگ هڪ ڌڪ سان ئي پورو ٿي ويو. اهو حال ڏسي پري ڏاڍي خوش ٿي ۽ ڇوڪري کي ٻاکر پائي چيائين ته: توکي جس هجي جو هن نانگ کان منهنجي جند ڇڏائي اٿئي. هاڻي جيڪي گهرڻو هجئي سو گهُر. ڇوڪري پريءَ کي چيو ته: مونکي الله جو ڏنو سڀڪجهه آهي، ڌن دولت جو طلبگار نه آهيان، مونکي فقط هنن سارين جي چوپڙ گهرجي. پريءَ اها ساري ڏني، جا هن

ڪانئس وٺي ڏٺي ۽ ڏسي چيائين ته: برابر هي ساريون اسان جي چوٽڙ جون آهن. بيشڪ تون اهوئي آهين، جنهن اسان کي راند ڪندي ڏٺو هو. ڇوڪري هائوڪار ڪئي. تنهن تي پريءَ چيس ته: اها چوٽڙ منهنجي ڀيڻ وٽ آهي، جا هتان ٽين ڪوٺيءَ ۾ رهي ٿي. هن جي ڳوڏي تي هڪڙو ديو ستل هوندو. توکي ڀريائين هن ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾ ويٺو پوندو، جتي ٻن منهنجي ڀيڻ رهي ٿي، هن جي ڳوڏي تي وري شينهن ستو پيو هوندو. تو ۾ جي ايتري طاقت هجي ته ڀريائين شينهن کي مار، پوءِ ديو کي مار. پوءِ جي تون ڪامياب ٿئين ته چوٽڙ حاضر ڪري ڏينديس. ڇوڪري کيس دلداري ڏيندي چيو ته: تون ڪوبه خيال نه ڪر، رڳو مونکي اهي آفتون هلي ڏيکار. ڇوڪري جي همت ڏسي پري خوش ٿي ۽ کيس وٺي ٻيءَ ڪوٺي ۾ آئي. اتي ڏسي ته برابر شينهن هڪڙي خوبصورت پريءَ جي ڳوڏي تي ڪنڌ رکيو ستو پيو آهي. ٻيءَ پريءَ جڏهن آدمزاد ڏٺو تڏهن حيران ٿي وئي، پر پوءِ ڀيڻس اشارو ڪيس، سو ڪٽي ماٺ ڪيائين. ڇوڪري پوريءَ طاقت سان تراز شينهن تي وهائي ڪڍي. هڪڙي ئي ڌڪ سان شينهن ٻه اڌ ٿي پيو. ان ڪان پوءِ هي ٽئين ڪوٺيءَ ڏي ويو، اتي به تراز جي هڪ ئي ڌڪ سان ديو کي ماري پورو ڪيائين. هي ٽئي آفتون جڏهن ختم ٿيون، تڏهن پريون ڏاڍيون خوش ٿيون ۽ هن تان نثار ٿيڻ لڳيون. هنن کيس چوٽڙ ته ڏني، پر ميني ڪان ننڍي ۽ سهڻي پريءَ ساڻس شادي ڪرڻ به قبول ڪئي. پوءِ پرين ڇوڪري کي ٻه سڳا ڏني چيو ته: هنن ۾ اها حڪمت آهي، جو تون هيءُ سڳو ڳچيءَ ۾ پائيندين ته پيرسن ٿي پوندين. وري جي هيءُ سڳو ڳچيءَ ۾ پائيندين ته نوجوان ٿي پوندين. ڇوڪري اهي ٻئي سڳا وٺي کيسي ۾ وڌا، ۽ پرين کي چيائين ته: هاڻي آءٌ رسو ٿو لوڏيان منهنجا ساٿي ٻاهر بيٺا آهن، اوهان مان هڪ هڪ ٿي مٿي چڙهي هلي. جڏهن

اوهين سڀ مٿي پهچو تڏهن مونکي ڇڪي ٻاهر ڪيجو. پرين ڇوڪري کي چيو ته: پهريائين تون ٻاهر نڪر، پوءِ اسين ٻاهر نڪرنديونسين، تون ٻاهر هوندين ته چڱو آهي، اسين اڳي چڙهي فيالحال وڃي ڏارين ماڻهن جي حوالي ٿينديونسين، سو چڱو نه آهي. تنهن تي ڇوڪري چيو ته: اهي ڏاريا ڪونه آهن، پر منهنجا ساٿي آهن. اوهين ڪوبه خيال نه ڪريو. نيٺ پريون هڪ هڪ ٿي مٿي چڙهڻ لڳيون. تنهن کان پوءِ قيمتي سامان ۽ چوپڙ به ٻاهر ڪڍيائون. باقي ڇوڪرو اندر رهجي ويو. اتي سندس ساٿين کي دل ۾ اچي بي ايماني پيدا ٿي ته، ههڙيون سهڻيون پريون ۽ ٻيو قيمتي سامان سڀ مٿي اچي ويو آهي، باقي ڇا گهرجي! سو صلاح ڪيائون ته ڇوڪري کي اندر ڇڏي هلڻ گهرجي. اهو فيصلو ڪري هن کي اندر ڇڏي، سامان سڄو ٻڌي گهوڙن تي رکي، پرين کي وٺي، منزلون ڪندي اچي بادشاهه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. بادشاهه جو هنن جي انتظار ۾ ويٺو هو، سو ڏاڍو خوش ٿيو. کين ڏاڍا انعام ڏئي ڇوڪري بابت پڇا ڪيائين. جنهن تي هنن چيو ته: سائين! ڇوڪرن جي زبان تي ڪهڙو ڀروسو؟ ٻار ويچارو ڊپ جو ماريو، واٽ تان ئي ڀڄي ويو. اسان ڏاڍا ڏک ڏاکڙا ڏسي چوپڙ ۽ پريون هٿ ڪيون آهن. بادشاهه هنن جي ڳالهه کي سچ سمجهي چوپڙ آڻي راڻيءَ کي ڏني، جا ڏاڍي خوش ٿي.

پرين جو حسن ڏسي بادشاهه کين پاڻ سان شادي ڪرڻ لاءِ چيو، جنهن تي هنن چيو ته: اسان جو مڙس ڇوڪرو آهي، جنهن سان اسان جو واعدو ٿيل آهي؛ تنهنڪري ٻارهن مهينا ترسو. جيڪڏهن انهيءَ وقت ۾ هو موٽي نه آيو ته پوءِ جيئن چوندين تيئن ڪنديونسين. اهو جواب ٻڌي بادشاهه ماٺ ٿي ويو ۽ انتظار ڪرڻ لڳو. نيٺ اهي ڏينهن به آيا. بادشاهه شاديءَ جو سعيو ڪيو. ڏاڍا بندوبست ٿي ويا، سڄو شهر سينگارجي

ويو. سڀني اوطاقن ۽ محلن ۾ ماڻهن راڳ ڳائي ڏنا؛ مطلب ته هرڪو خوشيءَ ۾ ٻڏي ويو.

هوڏانهن ويچارو ڇوڪرو لاچار ۽ بيوس کوهه ۾ پيو هو. ڪوبه ڪڍڻ وارو نه هو. قادر جي قدرت سان انهيءَ کوهه وٽ هڪڙو قافلو اچي لٿو. قافلي وارا رڌڻ پچائڻ ۽ پيئڻ لاءِ پاڻي ڀرڻ واسطي انهيءَ کوهه تي آيا، ۽ ٻوڪو اندر وڌائون. ڇوڪري به صحيح ڪيو ته اج ڪو انسان هت آيو آهي ۽ پاڻي تو ڀري. سو جڏهن ٻوڪو اندر آيو تڏهن هڪدم ڪيس چنبڙي پيو. قافلي وارن ڏٺو ته هڪڙو خوبصورت ڇوڪرو ٻوڪي ۾ ويٺو آهي. ڇوڪري کين چيو ته: حيران ٿيڻ جي ڪابه ڳالهه ڪانهي. مون سان اجهو هيءَ طرح سنگتين فريب ڪيو آهي. پوءِ پنهنجي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائين. قافلي وارن هن تي رحم ڪائي هڪ سانوندي گهوڙو هن کي ڏنو، جنهن تي چڙهي هو پنهنجي ملڪ روانو ٿيو. نيٺ اچي پنهنجي ڳوٺ ڪان نڪتو. گهوڙي کي ٻاهر ڇڏي، پاڻ آزمودي لهڻ لاءِ پرين ڪان مليل سڳو ڳچيءَ ۾ پاتائين ته يڪدم سؤ ورهين جو جهور پوڙهو ٿي پيو، پوءِ لٺ هٿ ۾ ڪري ان جي ٽيڪ تي شهر ڏانهن روانو ٿيو. واٽ تي ڏٺائين ته جا بجاءِ ماڻهن جا ميڙا لڳا پيا آهن. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيس ته سياڻي بادشاهه جي شادي ٿيڻي آهي. هن چيو ته: ابا، آءٌ مسافر بڪايل آهيان، مونکي به اتي وٺي هلو ته ڪائي پي توهان جي ٻچن کي دعائون ڪريان. ماڻهو هن پيرمرد کي وٺي اوڏانهن هليا. ڪاڏو پئي هليو، ديڳيون چڙهيون پيون هيون. جتي ٻين پئي ڪاڌو اتي هن به ڪائي ڇڙهه ڪيو.

شام جو بادشاهه وٽ عام ڪچهري هئي، پيرمرد به ٺڏنديءَ لمندي ڪچهريءَ ۾ اچي نڪاءُ ڪيو. بادشاهه جي نظر مٿس پئجي وئي، جنهن گهرائي پنهنجي ويجهو ويهاريس ۽ چيائينس ته:

پريا مڙس! هن خوشيءَ جي موقعي تي ڪا ڳالهه ٻڌاءِ. تون به ڪو زمانو سڻيرين. بادشاهه جو خيال ڏسي ٻين به سڀني هڪ آواز سان پنهنجي راءِ ڏني. پيرمرد بادشاهه جو راضپو ڏسي ڳالهه شروع ڪئي ۽ چوڻ لڳو ته: بادشاهن جو بادشاهه پاڻ خدا آهي، پر زماني جو هڪڙو بادشاهه هو، جو هڪڙي ڏينهن پنهنجيءَ راڻيءَ سان گڏ محلات ۾ ويٺو هو. پريان تلاءَ ۾ هڪ ڪانءُ پئي ترڪيو. ڪانءَ کي ترندو ڏسي بادشاهه راڻيءَ کي چيو ته اهو ڪانءُ جيڏو آهي ؟ راڻيءَ چيو ته اهو ڪانءُ مثل آهي. نيٺ بادشاهه هڪ ڳالهه تي ته راڻي ٻيءَ ڳالهه تي... پيرمرد ايتري ڳالهه ڪئي، ته بادشاهه ڪن ڪڙا ڪيا. ٻيا ماڻهو، جن کي انهيءَ ڳالهه جي خبر هئي، سي سڀ حيران ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا ته هيءَ اسان جي بادشاهه جي ڳالهه پئي هلي. سڀئي اها ڳالهه خيال سان ٻڌڻ لڳا. بادشاهه ڳالهه ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺڻ لڳو. پيرمرد ڳالهه کي ٿورو هلائي بند ڪيو ته بادشاهه کيس سونين مهرن جون مٺيون ڏئي وڌيڪ ڳالهه ٻڌڻ لاءِ شوق ڏيکاريو. اتي پيرمرد به رنگ ڍنگ سان ڳالهه ڪندو ويو. ڪچهريءَ ۾ اهو پيرمرد خلاصي ۽ ٻيا خلاصي به ويٺا هئا. سڀني ڪن لايو پئي ڳالهه ٻڌي. پيرمرد به اڌ اڌ ڪلاڪ بعد پئي انعام ورتو. ڳالهه ڏاڍو رس ڏيکيو بيٺي هئي. نيٺ پيرمرد سموري ڳالهه ٻڌائي وچي ختم ڪئي. تڏهن بادشاهه رڙ ڪري چيس ته: پيرمرد! ڀلا اهو ڇوڪرو ڪٿي آهي؟ تنهن تي هن يڪدم سڀو ڪولي ٻيو سڳو ٻڌو، جنهنڪري اصلي حالت ۾ اچي ويو ۽ چيائين ته: بادشاهه سلامت! اهو آءٌ آهيان اوهان جو پٽ. بادشاهه کيس سڃاڻي ڀاڪر پائي مليو ۽ پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو پشيمان ٿيو. يڪدم راڻيءَ کي آڻڻ جو حڪم ڏنائين ۽ جن خلاصين ۽ ٻين ساٿين هن سان بي ايماني ڪري ساڻس دغابازي ڪئي هئي، تن کي گهرائي ڏاڍي ڇٽ ڪيائين. پوءِ ته ڏاڍيون خوشيون ٿي ويون، سڀ وڇڙيل پاڻ ۾ مليا. هن شهزادي

انهن پرين مان نئديءَ پريءَ سان شادي ڪئي ۽ سڄي عمر آرام سان گذاريائون. جهڙو ميلو انهن جو ٿيو، تهڙو شل جڳ جهان جو ٿئي.

## ١٦ . شهزادو بخت ڪمال ۽ نيٽان پري *

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي چار زالون هيون، جي چارئي سونهن سوڀيا ۾ هڪٻئي کان سرس ۽ پنهنجو مٽ پاڻ هيون. اهي پٽ راڻيون روز تيل ڦليل ڪري، نوَلکا هار پهري، مٿي شيش محل تي چڙهي ويهنديون هيون، جتي بادشاهه جي ڏاريل مئنا سوني پڃري ۾ ويٺي هوندي هئي. راڻيون سڀئي مئنا وٽ اينديون هيون، ڏاڍي وڏائي ۽ الپيلائيءَ سان مئنا کان پڇنديون هيون ته: اي ڪاري مئنا! تو به گهڻا مُلڪ ۽ گهڻا سهڻا ماڻهو ڏٺا هوندا، پر اسان جهڙيون ڪي سهڻيون صورتون ڪٿي ڏٺئي؟ مئنا ويچاري راڻين جي دل خوش ڪرڻ لاءِ چوندي هئي ته: نه راڻيون، مون توهان جهڙيون حورون ڪٿي ڪونه ڏٺيون. انهيءَ تي راڻيون ڏاڍيون خوش ٿينديون هيون ۽ مئنا کي چوڳو ڏئي هيٺ لهي وينديون هيون.

هڪڙي ڏينهن دستور موجب جيئن راڻين اچي مئنا کان پنهنجي حسن جي باري ۾ پڇيو، مئنا به روز روز ساڳي ڳالهه ٻڌي ڪڪ ٿي پئي هئي، سو ڪاوڙجي چيائين ته: راڻيون! اوهين آهيو ڇا! جي نيٽان پري ڏسو ته عقل چرخ تي وڃيوَ، توهين ته هن جي پير جهڙيون به نه آهيو. اهو ٻڌي راڻيون ڪاوڙ ۾ تپي باهه ٿي ويون، ۽ خار ۾ مئنا کي مارڻ لاءِ پڃري کي ڪولي اُن کي ٻاهر ڪڍيائون ته مٿان بادشاهه اچي سهڙيو، تنهن ڪانئن مئنا کي پڃري مان ڪڍڻ جو سبب پڇيو. جنهن تي چئني هن کي مئنا جي چيل ڳالهه سربستي ڪري ٻڌائي. بادشاهه مئنا کان به پڇيو، جنهن چيو ته: جيئندا قبلا! برابر مون ائين چيو آهي ۽ اِهو سچ آهي ته جيڪڏهن ڪو

---

* هيءَ ڳالهه آتر (تعلقي وارهه) مان غلام رسول جتوئي کان مليي.

نيٺان پري ڏسي ته هوش ئي خطا ٿي وڃنس. بادشاهه اهو ٻڌي ٿيءَ ۾ پئجي ويو ۽ گهڙيءَ دير کان پوءِ مئنا کي چيائين ته: مائي مئنا! جي اِهو سچ آهي ته ڪيئن به ڪري ثابت ڪر، نه ته تنهنجي سزا موت ٿيندي. ويچاري مئنا اچي منجهي ته ڇا ڪريان ۽ اها ڳالهه ڪيئن ثابت ڪريان؟ آخر گهڙي دير کان پوءِ مئنا چيو ته: بادشاهه سلامت! آءٌ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پر اوهان کي خبر هئڻ گهرجي ته نيٺان پري ڪوهه قاف جبل تي، غيبي ڀيري هيٺ ۽ طلسمي باغ منجهه رهندي آهي، اُتي هلڻ لاءِ پرَ گهرجن. هاڻي انهيءَ جي هڪ صورت آهي ته اهڙو ڪو جانور هٿ ڪريون، جنهن تي چڙهي اُڏامي هلي اتي پهچون، تنهنڪري مونکي موڪل ملي ته آءٌ وڃي اهڙي جانور کي هٿ ڪريان. بادشاهه کيس انهيءَ جي اجازت ڏني، پڃرو کولي اُڏائي ڇڏيائينس.

مئنا اُڏامندي اُڏامندي ڪيئن ملڪ ۽ ميدان لتاڙي ڇڏيا، پر کيس اهڙو جانور مليو ئي ڪونه جنهن تي بادشاهه کي وٺي وڃي نيٺان پري ڏيکاري. آخرڪار هڪڙي ڏينهن ٿڪجي ٽٽجي، جتان ڪٿان نااُميد ٿي واپس پنهنجي ملڪ پئي وڃي ته اوچتو درياءَ جي ڪنٺي تي هڪڙي ڌوٻيءَ جي ڪُراڙي گهوڙيءَ تي وڃي سندس نظر پئي، جنهن جي پيٽ ۾ ساموندي گهوڙو ڏسجڻ ۾ آيو. اتي مئنا ڏاڍي خوش ٿي ۽ يڪدم اُڏامندي اُڏامندي اچي بادشاهه کي انهيءَ بابت ٻڌايو، جنهن تي بادشاهه هڪدم ان ڌوٻيءَ کي گهرائي اُن کان اُها گهوڙي خريد ڪئي، ۽ پوءِ اُن کي پنهنجي ڪڙهه ۾ خاص طرح سان پلجڻ لڳي. نيٺ وقت پوري ٿيڻ تي گهوڙيءَ کي وڇيرو ڄائو جو ننڍي هوندي کان ئي هلڻ جو تکو هو. آخرڪار گهوڙو اچي وڏو ٿيو ۽ سواريءَ ڪرڻ جهڙو ٿيو. سنجهه صبح سئس مٿس سونا سنج وجهي پيا گهمائيندا هئا، ڪنهن اڃا مٿس لانگ به نه ورائي هئي.

بادشاهه کي هڪڙو سڪيلڌو پٽ هو، جنهن جو نالو بخت ڪمال هو، جو سونهن سوڀيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هڪڙي ڏينهن جيئن شام جو سائيس گهوڙو وٺيو پئي آيو تيئن شهزادي جي وڃي مٿس اک پئي، پوءِ نه ڪيائين هم نه تم، ٽپ ڏئي گهوڙي تي چڙهي ويٺو ۽ سائيس کان واڳون کسي گهوڙي کي جو ڇپي ڏنائين ته گهوڙو وٺي اڏاٽو ۽ گهڙيءَ ۾ وڃي عرش سان لڳو. اهو حال ڏسي نوڪر ڊوڙندا ڊوڙندا بادشاهه وٽ ويا، جنهن ان وقت مئنا سان ڪوهه قاف ڏي وڃڻ بابت ڳالهيون پئي ڪيون. سائيس هٿ ٻڌي سڄي ڳالهه بادشاهه کي ٻڌائي، جو ڪاوڙ ۾ باهه ٿي ويو. اتي مئنا بادشاهه کي چيو ته: بادشاهه سلامت! ڳالهه ته خراب ٿي، پر هاڻي آءٌ وڃان ٿي شهزادي جي پٺيان. ائين چئي هوءَ اڏامي وئي ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ وڃي شهزادي بخت ڪمال جي ڪلهي تي ويٺي ۽ چيائينس ته: شهزادا! تو هي ڪهڙو ڪلور ڪيو، هي گهوڙو ته بادشاهه، نيٽان پريءَ کي ڏسڻ لاءِ ڌاريو هو. شهزادي چيو ته: مئنا! هاڻي نيٽان پريءَ سان پاڻ خبر چار ڪنداسون. قصو ڪوتاهه، گهوڙو اڏامندو اڏامندو اچي ڪوهه قاف جي ويجهو پهتو؛ اتي مينا کي پريان ٽي نيٽان پريءَ جو طلسمي باغ ڏسڻ ۾ آيو، جنهنڪري شهزادي کي چيائين ته: شهزادا! نيٽان پري هڪ طلسمي باغ ۾ رهندي آهي، جتي ڪيترن جنن ڀوتن جو غيبي پهرو آهي، ڪنهن کي به مجال نه آهي جو ان باغ ۾ پير پائي سگهي. سو مهرباني ڪري ناحق سر نه وڃاءِ هل ته موٽي هلون، نه ته خير ڪونه ٿيندو. پر شهزادي مئنا جي هڪ به نه مڃي ۽ سڌو وڃي نيٽان پريءَ جي باغ ۾ لٿو. مئنا ويچاريءَ کي اچي سر سان لڳي ته هاڻي اجهو ٿو شهزادو مري. ان وقت سج لهي ويو هو، جنهنڪري نيٽان پري دستور مطابق پنهنجي ستر سهيلين سان گڏ، تلاءَ ۾ وهنجڻ لاءِ آئي هئي، اوچتو سندس نظر وڃي شهزادي تي پئي، جنهنڪري

هوءَ پنھنجن سمورين سھيلين سميت ڪبوتر جو روپ وٺي اڏامي هلي وئي. اتي مئنا وري بہ شھزادي کي چيو تہ: شھزادا! هاڻي تہ نيٽان پري ڏٺئي، چڱو ائين آهي تہ موٽي هلون. پر شھزادي ڪيس ڪوبہ جواب نہ ڏنو ۽ اکيون کپايو تلاءَ ۾ پئي ڏٺئين.

شھزادي جو اھو حال ڏسي مئنا کي پڪ ٿي وئي تہ هاڻي شھزادو ڪونہ موٽندو، سو نيٽان پريءَ جي خبرچار وٺڻ لاءِ ان جي شيش محل ڏي وئي، جتي نيٽان پري رهندي هئي. مئنا اتي ڏٺو تہ نيٽان پري بہ شھزادي جي سڪ ۾ ويٺي لڙڪ ڳاڙي ۽ سھيلين کي پئي چئي تہ: ڪيئن بہ ڪري اھو آدمزاد مون سان ملايو. اھو احوال ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي ۽ يڪدم اچي شھزادي کي خوشخبري ٻڌايائين. هي اڃان انھن ئي ڳالھين ۾ بيٺا هئا تہ اوچتو هڪڙو اڇو ڪبوتر اڏامندو اچي هنن جي سامھون ويٺو ۽ ليٽي پيٽي پري ٿي، هن کي نيٽان پريءَ جو پيغام ٻڌايائين تہ: اي آدمزاد! اسان جي شھزادي نيٽان پري تنھنجي اچڻ تي ڏاڍي خوش ٿي آهي، هاڻي تون نيٽان پريءَ جو مھمان آهين. سڀاڻي هن تلاءَ تي تنھنجي مھماني آهي. ائين چئي پري وري بہ ڪبوتر جو روپ وٺي واپس هلي وئي، شھزادو خوش ٿي ٻئي ڏينھن جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ٻئي ڏينھن شام جو ڪبوترن جو ولر اچي تلاءَ تي لٿو. ويرم ڪانہ ٿي تہ اهي سڀئي ڪبوتر سھڻين پرين جي شڪلين ۾ ٿي بيھي رهيون، شھزادو بخت ڪمال وڌيو ۽ وڃي نيٽان پريءَ جي ٻانھن ۾ هٿ وڌائين. شھزادو ۽ نيٽان پري هڪٻئي سان ملي ڏاڍو خوش ٿيا. نيٽان پري، شھزادي کي وٺي تلاءَ ۾ گھڙي وئي باقي ٻيون سڀئي پريون ٻاهر ئي بيھيون رهيون. شھزادو اندر وڃي ڏسي تہ سبحان الله! هڪڙو شاهي محلات آهي جيڪو سڄو سون جو ٺھيل آهي، منجھس قسمين قسمين ٻوليندڙ پکي هئا، جن شھزادي کي نيٽان پريءَ سان گڏ ايندو ڏسي سندس آجيان ڪئي. قصو ڪوتاهہ، هي ٻئي هڪڙي سوني پلنگ



... 'نيٺان پري، شهزادي کي وٺي تلاءَ ۾ ٽٻي هڻي' ...

(ص ۲۱۲)

تي اچي ويٺا. شهزادو حيران هو ته هن تلاءَ ۾ هيڏو منڊل ڪيئن منڊيو ويو آهي! ايتري ۾ نيٽان پريءَ تاڙي وڄائي ته اڪ ڇنڀ ۾ سونين ٿالين ۾ قسمن قسمن جا طعام اچي حاضر ٿيا. وري تاڙي وڄايائين ته سوين پريون اچي حاضر ٿيون جي نچڻ لڳيون. اهو لقاءُ ڏسي شهزادو ڏاڍو خوش ٿيو. آخرڪار طعام ڪلام کان پوءِ اهي سڀ پريون ڪم تي ويون ۽ نيٽان پري ۽ شهزادو پاڻ ۾ رهاڻ ڪرڻ لڳا. نيٽان پريءَ هن کي چيو ته: شهزادا! منهنجي پيءُ جو مون تي سخت پهرو آهي، تون آهين جو هتي اچي پهتو آهين. ڪالهه بابي وٽ ديون جي هڪ خاص گڏجاڻي هئي، نه ته هوئڻ هتي ڪنهن نر پکيءَ کي به اچڻ جي اجازت نه آهي. انهيءَ ڪري توکي هن محلات ۾ رهڻو پوندو، ڇو جو هن محلات ۾ مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به اچڻ جي اجازت نه آهي. هتي توکي ڪابه تڪليف نه رسندي. شهزادي بخت ڪمال چيو ته: آءٌ هڪڙو بادشاهه آهيان، تنهنجي حسن جي هاڪ ٻڌي هت آيو آهيان ۽ هاڻي سواءِ توکي حاصل ڪرڻ جي آءٌ مور نه موٽندس. نيٽان پريءَ چيو ته: شهزادا! تون ڪوبه خيال نه ڪر، سڀ لکيي جو ڪم آهي. وسئون آءٌ ڪين گهٽائيندس، اڳتي ڪنن اسان جا ڀاڳ. مونکي بابو ڪيتري وقت کان شاديءَ جو چوندو پيو اچي، پر مون ڪيس جواب ڏئي ڇڏيو آهي، هاڻي جيڪڏهن ڪو وجهه مليو، ته ائين ضرور چونديسانس ته آءٌ شادي ان سان ڪنديس، جنهن جي ڳچيءَ ۾ آءٌ چندن هار وجهنديس. آءٌ اهو هار تنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهنديس. قصوڪوتاهه، نيٽان پري اهو وعدو ڪري روانی ٿي وئي. شهزادو اتي ئي رهي پيو.

نيٽان پري جي پيءُ جو اهو دستور هو ته روز صبح جو پنهنجي ڌيءَ کي سوني ساهميءَ ۾ گلن سان توريندو هو. هڪڙي ڏينهن ٻٽس جڏهن ڪيس توريو ته سندس تور وڌيل

هئي. جنهنڪري هن کي شڪ پيو ته مڙئي ڪا خاص ڳالهه ٿي آهي. سو يڪدم باغ جي سيني پهريدارن کي سڏائي ڪانئن پڇيائين ته: سچي ڪريو، هتي ڪير آيو آهي؟ پهريدارن چيو ته: اي ديون جا سردار! هتي ڪنهن جي مجال آهي جو اچي سگهي! ديو ته موتيءَ وبا پر هن جي دل ۾ آنڌ مانڌ لڳي پئي هئي. نيٽان پريءَ جي تور به ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وئي، ۽ سندس پيءُ کي به پڪ ٿي ويئي ته ضرور نيٽان پري ڪنهن سان ملي آهي. تنهنڪري ڪيس سڏائي هڪدم چيائين ته: هاڻي تون شادي ڪر. نيٽان پريءَ چيس ته: حاضر بابا! توهين ديون جو ميڙ ڪوٺايو، آءٌ پنهنجو ور پاڻ چونڊيندس. ديون جو سردار اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم ديون کي انهيءَ جي نينڊ ڏني، جنهن تي پري پري جا ديو اچي اتي حاضر ٿيا.

ٻئي ڏينهن هڪڙي وڏي ميدان ۾ سڀ ديو اچي گڏ ٿيا. ايتري ۾ هڪڙي پاسي کان شهزادو بخت ڪمال به اچي اتي بيٺو. سڀ هن کي ڏسي حيران ٿي ويا ۽ ڪاوڙ ۾ پنهنجي پنهنجي جاين تان اٿي کڙا ٿيا ۽ هڪٻئي کي چوڻ لڳا ته: هي آدمزاد ڪٿان آيو آهي؟ ايتري ۾ نيٽان پري به چندن هار کڻي، ٽي ڦيرا ڏئي وڃي شهزادي جي ڳچيءَ ۾ وڌو، تڏهن سڀ آيا ٿي بيهي رهيا ۽ شهزادي کي مارڻ لاءِ اڳتي وڌيا، پر ديون جي بادشاهه رڙ ڪري چيو ته: خبردار جي ڪنهن هن آدمزاد کي هٿ لاتو آهي. سردار جو حڪم ٻڌي سڀ بيهي رهيا. بادشاهه وري چيو ته: منهنجي ڌيءَ جو ور هاڻي اهوئي آدمزاد آهي. اهو حڪم ٻڌي سڀ ديو هليا ويا.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ شهزادي بخت ڪمال ۽ نيٽان پريءَ جي شادي ڏاڍي ڌام ڌوم سان ٿي ۽ ممورو طلسمي باغ کين ڏاج ۾ مليو. شهزادو ۽ نيٽان پري خوشي سان حياتي گذارڻ لڳا. ڇهن مٿن مهينن کان پوءِ شهزادي بخت ڪمال کي پنهنجو ملڪ ياد پيو. تنهن پنهنجي زال کي اها حقيقت ٻڌائي، جنهن

پڻ هن جي ڳالهہ مڃي. جڏهن نيڻان پريءَ پنهنجي پيءُ سان اها ڳالهہ ڪئي، تڏهن هن چيو تہ: ٻاپي، پر جي هتي رهو تہ بہ ٺهي پنهنجو گهر آٿو، جي نہ تہ آءٌ اوهان کي روڪيندس ڪونہ، ڇو جو ڌيءَ پرائو ڌن ٿيندي آهي، منهنجي طرفان اوهان کي وڃڻ جي موڪل آهي. آخر هڪڙي ڏينهن هو پنهنجي ساهوندي گهوڙي تي چڙهي وطن ڏانهن روانا ٿيا. ديون جي بادشاهہ هنن جي حفاظت لاءِ ديون جو لشڪر بہ ڇڏيو هو، جيڪو هنن کي ڪوهہ قاف جي حد ٽپائي موٽي آيو. منزلون ڪندي هڪڙي ڏينهن اچي پنهنجي وطن پهتا. انهي عرصي ۾ مٺنا، نيڻان پريءَ کي ٻڌايو تہ: مون هيءَ شرط ٻڌي هئي، هاڻي تون راڻين کي چئج تہ توهان جي هٿن جو پاڻي ڪين پيئندو! آخر هي محلات ۾ آيا، جتي بادشاهہ ۽ راڻيون نيڻان پريءَ کي ڏسي حيران ٿي ويون ۽ نيڻان پريءَ، مٺنا جي چوڻ موجب ڪيو، جنهن تي راڻيون ڏاڍيون لڄي ٿيون، ۽ وري ڪڏهن بہ پنهنجي حسن جي ڳالهہ ڪانہ ڪيائون. ڪالهہ ڏاسين تہ سيئي پاڻ ۾ راس پاس تي محلات ۾ وينا رهائيون ڪن.

وٺي ڀر ڀوءِ دل جهلي ساهيڙپ لاءِ هائوڪار ڪيائين. آخرڪار ٻئي ڄڻيون پاڻ ۾ هاڻيون ماڻيون ٿينديون ويون. نيٺ هڪڙي ڀيري حسنا پريءَ چيس ته: ادي! تنهنجي ساهيڙپ ۽ حسن جي ڳالهه مون پنهنجي ماءُ ۽ ڀينرن سان ڪئي آهي، جي پڻ توکي ڏسڻ لاءِ آتيون آهن، جي تون مون سان گڏجي منهنجي گهر هلين ته توکي ڏسي منهنجا مائٽ ڏاڍو خوش ٿيندا. شهزاديءَ پهرين ته انڪار ڪيو، مگر حسنا پريءَ جي گهڻي زور ڀرڻ تي هائوڪار ڪيائين. ان ڏينهن کان وٺي روزانو ٻئي ڄڻيون اڌ ڏينهن تخت جي وهيلي باغ مان اڏامي پرستان ۾ وينديون هيون ۽ اتي دل وندرائي وري به باغ ۾ موٽي اينديون هيون.

شهزادي اڄ ننڍي سڀاڻ وڏي، نيٺ اچي لائق ٿي. بادشاهه وٽ شهزاديءَ جي سڱ لاءِ منٿيون مائٽيون اچڻ لڳيون، پر هو شهزاديءَ جو راضي نه ڏسي انهن کي جواب ڏئي ڇڏيندو هو؛ جنهن تي ٻين بادشاهن کي اچي ڪاوڙ لڳي ۽ هن کي چوائي موڪليائون ته: جيڪڏهن تون ڌيءَ جو سڱ اسان کي نٿو ڏين ته هڪدم جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيءُ! بادشاهه اهو پيغام ٻڌي اچي ٻڏو ته هاڻي ڇا ڪجي؟ سو انهيءَ غم کان اونڌي منجي ڪري وڃي رستي تي سمهي پيو. خدا جي قدرت سان اتان اچي سؤ سامي مڙيا، جن مان نوانوي سامي بادشاهه جي منجي اورانگهي ويا، باقي هڪڙو سامي جو تمام جهور پيرسن هو ۽ سندس پاپڙيون پئي ڏڪيون، سو ضد ڪري بيهي رهيو ته: اي آدمزاد! جي نه اٿندين ته آءٌ ڪڏهن به تنهنجي منجي نه اورانگهيندس. جنهن تي بادشاهه جواب ڏنس ته: جيئن ٻيا نوانوي سامي هتان منٿي ويا آهن، تيئن تون به منٿي وڃ. پر ساميءَ نه ٻڌس ۽ چيائينس ته: تون ڇا جي ڪري هن نموني اونڌي منجي ڪري اچي رستي تي پيو آهين؟ ان تي بادشاهه پنهنجي مصيبت جي ساري حقيقت ٻڌايس ۽ چيائينس ته: مصيبت ۾ گرفتار آهيان، ان ڪري ٿي هتي اچي ستو آهيان. ان تي ساميءَ

بادشاهه کي ٻانهن کان جهلي اُٿاريو ۽ چيائينس ته: اي بادشاهه! تنهنجي نياڻيءَ جي حسنا پريءَ سان ساهيڙپ آهي، تنهن کي وڃي ٻڌاءِ ته هوءَ پنهنجو ديون جو لشڪر وٺي اچي تنهنجي دشمنن کي ماري، تنهن کان پوءِ تو کي جيڪو ٻه شهزادو وڻي، ان سان شهزاديءَ کي پرڻائي ڇڏج. هينئر جيڪڏهن مڱ، ڏيندين هڪڙي کي ته، وري ٻيا تو تي ڪاوڙبا ۽ لڙائي ڪري تو کي، ماري تنهنجو ملڪ هٿ ڪندا. بادشاهه ساميءَ جي ڳالهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ رهتي تان اٿي سڌو پنهنجي گهر ويو ۽ وڃي پنهنجي نياڻيءَ جي پڇا ڪيائين، معلوم ٿيس ته شهزادي باغ ۾ آهي. بادشاهه پنهنجي راڻيءَ کي موڪليو ته تون وڃي ٻڌائينس ته بادشاهه تو وٽ باغ ۾ اچي ٿو. راڻي حڪم ملندي اٿي باغ ۾ وئي، مگر ڳولا ڪرڻ تي به شهزادي کيس نه ملي، ڇاڪاڻ ته هوءَ حسنا پريءَ سان گڏ ويل هئي، تنهنڪري واپس اچي بادشاهه کي حقيقت ڏنائين. بادشاهه ڪٿي مات ڪئي ۽ پنهنجي نياڻيءَ جي ملڻ لاءِ انتظار ڪرڻ لڳو.

ٿوري دير مس گذري ته شهزادي به پرستان کان واپس آئي. باغ ۾ پهچندي ئي کيس بادشاهه جو پيغام مليو، سا سڌو پنهنجيءَ ماءُ وٽ آئي، جا وري کيس بادشاهه وٽ وٺي آئي. بادشاهه پنهنجي ڌيءَ کي پيار ڪري چيو ته: آءٌ توسان اڄ تنهنجي باغ ۾ هلي ڳالهائيندس. پوءِ هو ٻئي گڏجي باغ ۾ آيا. جيئن باغ ۾ اندر گهڙيا تيئن بادشاهه جي نظر وڃي حسنا پريءَ تي پئي. فقير جي ٻڌائڻ موجب بادشاهه کيس سڃاتو ۽ پوءِ ٽئي ڄڻا شهزاديءَ جي ويهڻ واري ٿلهي تي اچي ويٺا. اتي بادشاهه، حسنا پريءَ کي پنهنجي پير ۾ ويهاري کيس حقيقت ٻڌائي، جنهن وڏيءَ خوشيءَ سان مدد جو دلاسو ڏنو. بادشاهه مدد جو ٻڌي نهايت خوش ٿيو ۽ واپس پنهنجيءَ دربار ۾ اچي، پنهنجي ماڻهن هٿان ٻين بادشاهن کي پنهنجي جنگ ڪرڻ جو اطلاع ڪيو.

ٻين بادشاهن کي جڏهن اها خبر ملي تڏهن هو سڀئي گڏجي وڏا لشڪر وٺي چوگرد ڦري آيس، هيڏانهن حسنا پري ديون جي مدد وٺي آئي ۽ انَ جي حڪم ڏيڻ سان ديون يڪدم وٺي طوفان کڙو ڪيو، اڃان طوفان بند ٿي مس ٿيو ته وري ڳڙن جو مينهن وسڻ شروع ٿيو، طوفان ۽ ڳڙن جي مينهن اهڙو ڪم ڪيو جو دشمن جو لشڪر وٺي ڀڳو. اها حالت ڏسي بادشاهه به پنهنجي لشڪر کي حڪم ڪيو ته جيڪي بادشاهه چڙهي آيا آهن تن سڀني کي قيد ڪريو، بس پوءِ ته ڪاهي آيل بادشاهن کي ڪٺي قيد ڪيائون ۽ ٻئي ڏينهن بادشاهه انهن کي پنهنجي درٻار ۾ گهرايو، جن سڀني آڻ مڃي جيئدان گهريو ۽ جيڪي منڊن هٿن ۾ ملڪ هئا، سي سڀئي هن جي حوالي ڪيائون.

جڏهن ڳالهه سموري نري وئي، تڏهن بادشاهه سڀني پاڙيسري بادشاهن جا شهزادا گهرايا، جن جي اڳڻ تي بادشاهه انهن مان هڪ شهزادو چونڊيو ۽ ان کي چيائين ته: جي تون منهنجو گهرناٺي ٿي رهين ته آءٌ توکي پنهنجي ڌيءَ پرڻايان. شهزادي پنهنجن مائٽن سان صلاح ڪئي ۽ پوءِ هائوڪار ڪيائين. شادي ڏاڍيءَ ڌام ڌوم سان ٿي. شادي ڪرڻ کان پوءِ شهزادو به پنهنجي سهري جي در تي پنهنجو نئون محلات ٺهرائي رهڻ لڳو. بادشاهه ڏٺو ته آءٌ تمام پيرسن ٿي ويو آهيان، سو هڪڙي ڏينهن پنهنجا وزير امير گهرائي انهن جي روبرو پنهنجي تخت ۽ تاج جو مالڪ پنهنجي ناٺيءَ کي ڪري ڇڏيو. ڪالهه ڏٺا سين ته ڏاڍا خوش ويٺا هئا.

# ١٨. آگهُور ديو*

هڪڙي وڏي جهنگل ۾ ”اگهور“ نالي مشهور ۽ ظالم ديو پنهنجو زور ڄمايو ويٺو هوندو هو. ڪوبه مسافر ڀلجي جيڪڏهن انهيءَ جهنگل جي ڀرسان اچي لنگهندو هو ته هن ظالم ديو جو شڪار بڻجي ويندو هو. ماڻهوءَ کي ماري آتانءُ جو ڏڙ هڪڙيءَ کڏ ۾ اڇلي ڇڏيندو هو، ۽ ان جو سِرُ هڪڙي وڏي وڻ ۾ ٽنگي ڇڏيندو هو. ڪيترن ئي ماڻهن کي هن ائين ماري ڇڏيو، جنهنڪري ماڻهن جا هزارين سر انهيءَ وڻ ۾ لٽڪيا پيا هوندا هئا. ٿوريئي وقت ۾ هن جي قهر جي خبر ملڪن ۾ پکڙجي وئي ۽ ڪوبه ماڻهو ڀلجي به انهي پاسي ڪونه ويندو هو.

ان زماني ۾ هڪڙو بادشاهه هوندو هو، جو ڏاڍو سخي هو ۽ سخاوت جي ڪري ملڪن ۾ مشهور هو. پنهنجي سڄي بادشاهي ڏانءَ جي نالي تي ڏئي، فقط پنهنجي زال، جيڪا ان وقت اميدواري هئي، پاڻ سان وٺي اٿي هليو. هلندي هلندي انهيءَ جهنگل جي ڀرسان اچي نڪتا، جتي اگهور ديو رهندو هو. بادشاهه پنهنجي زال کي انهيءَ جهنگل ۾ هڪڙي ٻڙ هيٺان جهوپڙي ٺاهي، ان ۾ ويهاري پاڻ جهنگل ۾ شڪار تي ويو ۽ انهي وڻ وٽ وڃي پهتو، جتي ماڻهن جون سِسيون ٽنگيل هيون. اوچتو روئڻ ۽ ٿوريءَ دير بعد کلڻ جو آواز ٻڌائين، بادشاهه وائڙو ٿي ويو ۽ ٽهڪ تي مٿي نهاريائين. وڻ ۾ هزارين انساني سسيون ڏسي بادشاهه دهلجي ويو. سسيون پهريائين روئڻ لڳيون، پوءِ وري کلڻ لڳيون. اتي بادشاهه دل جهلي انهن کان پڇڻ لڳو ته: توهين روئو ڇو ٿيون ۽ کِلو

---

* هيءَ ڳالهه آتر (تعلقي ميرو خان) مان غلام قادر کان ملي.

ڇو ٿيون؟ هنن جواب ڏنس ته: اسين روئون ۽ کلون انهيءَ
ڪري ٿيون جو تو کي هن اڳهور ديو جي خبر ڪانهي.
روئون انهيءَ لاءِ ٿيون ته تنهنجي جواني هھڙي عذاب جي
لائق نه هئي ۽ کِلُون انهيءَ لاءِ ٿيون ته اجهو تون به گهڙيءَ
پلڪ ۾ اسان جهڙو ٿي ويندين. ايتري ۾ اول اچي طوفان
ڇُٽڪيو، ان کان پوءِ ڪجهه مينهن جون بوندون پيون، گجگوڙ
ڪندي مٿان اڳهور ديو به اچي ڪڙڪو ڪيو. بادشاهه
ويچارو به هن ظالم جي چنبي ۾ اچي ويو، جنهن سندس سسي
لاهي، ٻين سسين سان گڏ ٽنگي ڇڏي ۽ ڌڙ کي وجي انهيءَ
کڏ ۾ اڇليائين. ڪافي انتظار ڪان پوءِ راڻي ويچاري ڏاڍي
حيران ٿي. اتي سڄ به اچي لٿو پر بادشاهه نه موٽيو، اهڙيءَ
طرح ڏينهن ڪان پوءِ هفتا گذري ويا، پر بادشاهه جو پتو
ڪونه پيو. راڻي ويچاري انهيءَ جهوپڙيءَ ۾ ويٺي هوندي
هئي، جنهن کي قدرتي روز پئي مليو.

توري گهٽي ڏينهين راڻيءَ کي پٽ ڄائو. شهزادو ڏکيو
سکيو اتي پئي نپنو. جڏهن اٺن ڏهن ورهين جو ٿيو، تڏهن
قدرت هن کي اهڙي طاقت ڏني جو انهيءَ عمر ۾ به جهنگل
۾ وڃي، شينهن جي ٻچن سان راند روند ڪندو هو ۽ شڪار
ڪري ماءُ کي آڻي ڏيندو هو.

هڪڙي دفعي جهنگ مان شينهن جو ٻچو ڪٺي راند
لاءِ پنهنجي گهر ڏنهن ٿي آيو ته شينهن گجڪار ڪري هن
جي پٺيان ڪاهجي پئي، واٽ تي اتفاق سان هن جي پير ۾
هڪ ڪانيءَ جو ٽڪر لڳو، ايذاءَ کان شينهن دانهن ڪري
اتي ڪري پئي. شهزادو پٺيان نهاري ڏسي ته شينهن ويچاري
مصيبت ۾ ڦاٿي پئي آهي. هن کي ان تي ڏاڍو رحم آيو، سو
واپس موٽي اچي، هن جي پير مان اهو ڪانيءَ جو ٽڪر
ڇڪي ڪڍيائين. جنهن تي شينهن ڏاڍي راضي ٿي ۽ ڪيس
پنهنجو ٻچڙو ڏئي، اُن کي چيائين ته: اڄ کان تون هن شهزادي

جي ملڪيت آهين، جي حلالي ٻچو هوندين ته هن سان ساري عمر وفاداري ڪندين. ائين چئي شينهڻ جهنگ ڏانهن هلي وئي. شهزادو پوءِ اهو شينهن جو ٻچو کڻي ماءُ وٽ آيو. مائس کي شينهن ٻچي آڻڻ کان ڏاڍو اچي خوف ٿيو پر شهزادي هن کي اها سچي حقيقت بيان ڪري ٻڌائي. اهڙيءَ طرح جهنگ ۾ راند روند ڪندي شينهن جو ٻچو ۽ شهزادو اچي جوان ٿيا.

هڪڙي ڏينهن شهزادي ڳالهين ڪندي ماءُ کان پڇيو ته: اما! منهنجو پيءُ ڪٿي آهي ۽ اسين ڪهڙي سبب ڪري هن جهنگ ۾ رهون ٿا؟ تنهن تي سندس ماءُ کيس اول کان آخر تائين سچي ڳالهه ڪري ٻڌائي شهزادي کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ماءُ کان پيءُ جي وڃڻ وارو طرف پڇي، اوڏانهن روانو ٿيو. مائس گهڻو ئي روڪيس پر هيءُ نه مڙيو. هلندي هلندي شهزادو اچي انهن سيسين واري وڻ وٽ پهتو. هن اچاڻ اهو اسرار پئي ڏٺو ته ديو ٻه مينهن واءُ ڪري اچي ڪڙڪيو. شهزادي کي پڪ ٿي ته منهنجي پيءُ کي مارڻ وارو اهوئي آهي. سو ڪاوڙ ۾ ديو کي ڦيرائي ڦيرائي وٺي جو اڇليائين ته الاجي ڪهڙي طرف گم ٿي ويو. ديو جي مرڻ سان اهو سڄو سنبل طلسم ٽٽي پيو، جهنگ مان ڦري ميدان ٿي ويو. ديو کي ماري شهزادو پنهنجي ماءُ وٽ موٽي آيو ۽ کيس سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائين.

پوءِ ته ٻئي ماءُ پٽ اتي پنڌ پيا، ۽ هلندا هلندا هڪڙي محلات وٽ اچي پهتا. محلات جي دروازي تي نه ڪو هو پهريدار ۽ نه وري ڪو ماڻهو هو. هي ٻه ماٺ ميٺ ڪري اندر هليا ويا، ليڪن کين ڏاڍو عجب لڳو جو ڏٺائون ته اتي ڪا پهر ٻه ڪانه هئي، پوءِ ته هي اتي پنهنجو گهر ڄاڻي ويهي رهيا. شهزادو روز هرڻ جو شڪار ڪري ايندو هو، جنهن مان پاڻ ڪائي پيا باقي جيڪي بچائيندا هئا، سو محلات جي پٺيان هڪڙي کڏ هئي، ان ۾ ڦٽو ڪندا ويندا هئا. مڇاڻ جو

انهيءَ ڪڏهن شهزادي جو اهو اڏ مٿو ڪيل اڳهور ديو وجي ڪريو هو، سو هنن جو روزانو ٻچايل ۽ ڦٽو ڪيل گوشت کائي پٺي ٿڳيو، آخر اتي هلڻ چلڻ جهڙو ٿيو.

هڪڙي ڏينهن شهزادو جهنگ ڏانهن شڪار جي سانگي نڪري ويو، ديو جو هاڻ نئون بنو ٿيو هو، سو گهمندڙ گهمندو محلات ۾ آيو، جتي هڪڙي زال ڏسي ان تي عاشق ٿي پيو. نيٺ ٿوري گهٽي ڏينهين هيءَ مائي به ديو سان ٺهي وئي ۽ هن جي واسطي به ڪاڏي جو خيال ڪرڻ لڳي. پوءِ پٽ کي چيائين ته: ابا! هڪڙي هرڻ مان ٻنهجي پورت نٿي ٿئي سو اڳتي جيڪر ٻه هرڻ آڻين ته ڏاڍو چڱو. شهزادو ماءُ جو حڪم مڃي روز ٻه ٿي هرڻ ماري ايندو هو. شهزادي جي ماءُ هڪڙو هرڻ پاڻ لاءِ ۽ هڪڙو هرڻ ديو کي ٿاهي لڪ چوريءَ ڪارائيندي هئي. راڻي جا روزانو ديو سان چوريءَ ملاقات ڪري بيزار ٿي چڪي هئي، سو اڳهور ديو کي چيائين ته: تون جيڪر منهنجي پٽ کي ختم ڪري ڇڏين ته پوءِ پاڻ ٻئي آزادي سان مزا ماڻيون. اڳهور ديو جي شهزادي اڳيان ته هلي نه سگهندي هئي، تنهن هن کي صلاح ڏني ته: تون پيٽ جي سور جو ٻهانو ڪري، کيس چئو ته گرڙ پکي جون ونيون آڻي ڏي. پوءِ نڪي اهي آڻي نڪي وري موٽي، پاڻهي اتي ختم ٿي ويندو. اها صلاح ڪري راڻيءَ يڪدم وٺي رڙيون ڪيون، ڇي: پيٽ سور مران. پيٽ سور مران. شهزادي ماءُ جو اهو حال ڏسي ڪانئس پڇيو ته: اما! آخر ان جو علاج به آهي يا نه؟ ماڻس چنگهي چيس ته: ابا! مونکي گرڙ پکيءَ جون ونيون آڻي ڏي. اڳي به جڏهن اٿين سور ٿيندو هئم ته پڻهين اهي ونيون گهرائي ڏيندو هئم. جنهن جي ڦڪي پريندي هئس، ته سور ڇڏي ويندو هئم. شهزادي چيو ته: اما! تون فڪر نه ڪر، آءٌ توکي ڪيئن به ڪري ونيون آڻي ڏيندس. ٻئي ڏينهن شهزادو سهي سنيري شينهن کي ساڻ ڪري ونين آڻڻ لاءِ

روانو ٿيو. ٿوري گهڻي ڏينهن، هي اچي گرڙ پکيءَ واري هنڌ پهتا. گرڙ پکيءَ جو آکيرو هڪڙي وڏي ٻڙ تي هو. هي ٻہ انهيءَ ٻڙ جي هيٺان اچي ويهي رهيا.

انهي ڏينهن گرڙ پکي پنهنجن ٻچن کي چڻي ويو هو تہ جيڪڏهن شڪار نہ لڳم تہ توهان کي اچي کائيندس. سو ويچارا ٻچا انهيءَ ڊپ ۾ ويٺا هئا تہ اوچتو هڪڙي ازدها بلا وڻ تي چڙهندي ڏٺائون، سو وٺي رڙيون ڪيائون. هيٺان شهزادو ويٺو هو، تنهن جو بلا کي ڏٺو سو يڪدم ترار سان ان بلا کي ماري، ٽڪر ٽڪر ڪري، انهن ٻچن جي آکيري ۾ وجهي ڇڏيائين. ٻچا بہ بکايل هئا، تن کائي کيو ڍؤ، ۽ ٻيو بہ ڪيترو حصو بچائي رکي ڇڏيائون. ڪجهہ وقت کان پوءِ گرڙ پکي بہ واڪا ڪندو اچي پنهنجي آکيري تي اڏن وانگر ڪريو. ٻچا هن کي ڏسي ڏڄي پکڙي پري وڃي ويهي رهيا، ۽ گرڙ پکي اهي بچيل ٽڪر کائي جڏهن ڍؤ ڪيو، تڏهن رڙ ڪري چيائين تہ: ڪو ٻچيو بہ آهي يا سڀ کائي ڇڏيم! تنهن تي سيئي ٻچا ڦري آيس. انهن کان پڇيائين تہ: پوءِ مون هي ڇا کاڌو هو؟ تنهن تي ٻچن سڄي ڳالهہ ڪري کيس ٻڌائي.

گرڙ پکي ٻچن جي اها ڳالهہ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ شهزادي کي چيائين تہ: شهزادا! تو اسان تي مهرباني ڪئي آهي، هاڻي جيڪي گهرڻو اٿئي سو گهر. شهزادي چيو تہ: مونکي تنهنجون وکيون گهرجن. گرڙ پکي يڪدم وکيون آڻي ڏنس ۽ هڪڙو ٻچو بہ کيس آڻي ڏنائين. جنهن کي چيائين تہ: مون توکي شهزادي جو خدمتگار ڪيو آهي، جي حلالي هوندين تہ شهزادي سان وفادار ٿي رهندين.

شهزادو اهي وکيون ۽ گرڙ پکيءَ جو ٻچو وٺي پنهنجي گهر پهتو، ۽ وکيون آڻي ماءُ کي ڏنائين. ماڻس هن کي جيئرو جاڳندو ڏسي سڙي وئي. وکيون وٺي لڪ چوريءَ هڪڙي پاسي اڇلي ڇڏيائين، ۽ اگهوردو کي سڏي چيائين تہ:

اڳتي ويندئو ته پوءِ وري سائي ڌرتي ايندي. اها به پار ڪري ويندئو ته پوءِ ڪاري زمين ايندي. اتي شهزادي ۽ شينهن کي بيهاري تون هيءَ ٽانءُ کڻي وڃج، انهيءَ ڪاريءَ زمين تي آبحيات جو کوهه آهي، ان مان هن رهيءَ جي وسيلي پاڻي ڀري آڻي پنهنجي ساٿين کي ڏجانءِ، پر خبردار! هن کي ڪاريءَ زمين تي نه وٺي وڃجئين، نه ته ٽئي ڄڻا ڳر ٿي ويندئو.

شهزاديءَ کان اهو ڏس وٺي هي ٽئي ڄڻا روانا ٿيا. ڳاڙهي ۽ سائي زمين اڪري اچي ڪاري زمين جي حد تي پهتا. اتي شهزاديءَ جي ڏس موجب شهزادو ۽ شينهن بيهي رهيا. گرڙ پکي ڇهنب سان رسو ۽ ٽانءُ کڻي وٺي اڏاڻو، ۽ کوهه مان آبحيات ڀري کڻي آيو. پاڻي هٿ ڪري هي ٽئي ڄڻا وري پوئتي وريا. واٽ تي شهزاديءَ وٽان به ٿيندا آيا ۽ هلڻ مهل شهزاديءَ گرڙ پکيءَ کي چيو ته: اهو شهزادو جمعي ڏينهن مرندو، پر اوهين هن جي سسي زمين تي ڪرڻ نه ڏجو، سسيءَ کي مٿان ئي مٿان جهٽي، ڌڙ سميت مون وٽ کڻي اچجو. اهو احوال شهزادي سان به نه ڪجو. گرڙ پکي شهزاديءَ کان اهي خبرون وٺي، پنهنجي سنگتين وٽ آيو. هي اتان نڪري خير سان پنهنجي گهر اچي پهتا. شهزادي آبحيات آڻي ماءُ کي ڏنو. ماڻس ڏسي وري به جلي وئي ۽ ديو سان هن جي صحيح سلامت موٽڻ جو احوال ڪيائين. ديو هاڻي ڀيو ڪوبه رستو نه ڏسي، راڻيءَ کي چيو ته: هاڻي شهزادي جي مارڻ لاءِ ٻيو ته ڪوبه چارو ڪونهي، باقي ڪنهن طرح سان شهزادو ۽ ان جا ساٿي ٻڌي قابو ڪر ته پوءِ آءٌ شهزادي کي ماري وجهان. راڻيءَ چيو ته: اهو ڪم منهنجو.

ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ راڻيءَ شهزادي کي چيو ته: پٽ! رات جو مونکي هنن تنهنجي سنگتين، شينهن ۽ گرڙ پکي جي خوف کان ننڊ اصل ڪانه ٿي اچي، تنهنڪري رات جو

هميشه هنن کي ٻڌي ڇڏيندو ڪر. شهزادي چيو تہ: اما! حاضر. ان ڏينهن ڪان پوءِ شهزادو، شينهن ۽ گرڙ پکيءَ ڪي رات جو ٻڌي ڇڏيندو هو.

ٻن ڇئن ڏينهن ڪان پوءِ شهزادي جي ماءُ، ديو سان صلاح ڪئي تہ: اڄ آءٌ شهزادي کي ٻڌي ڇڏينديس، تون وجهہ وٺي شهزادي کي پورو ڪري ڇڏ جئين. اها صلاح ڪري انهيءَ رات راڻيءَ مڪر ڪري پٽ کي پنهنجي گوڏن تي سمهاري هن کي مٿ مروڙ ۽ تڏڙا ڪيڻ لڳي، جنهنڪري شهزادي کي ننڊ ڪٺي وئي. پوءِ هن آهستي آهستي گوڏا سرڪائي ڪيي، سندس وار پلنگ سان قابو ٻڌي ڇڏيا. پوءِ ديو کي اشارو ڪيائين، جنهن اشاري ملڻ تي ٽڪاءُ جو ترار ڪئي تہ شهزادي جي سسي پونيٽ ڪري وٺي اڏاڻي. گرڙ پکيءَ ۽ شينهن جو اهو حال ڏٺو، سو گرڙ پکيءَ زور سان پنهنجا رسا ٽوڙي ٻڪدم شهزادي جو سر جهٽي ورتو ۽ چنبن ۾ ڏڙ ڪٽي وٺي اڏاڻو. شينهن بہ پنهنجا رسا ٽوڙي گرڙ پکيءَ جي پٺيان ڀڳو.

هوڏانهن شهزادي روز محلات تي چڙهي شهزادي جي واٽ پئي نهاريندي هئي. جڏهن گرڙ پکيءَ تي اک پيس تڏهن ڏاڍي خوش ٿي. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ گرڙپکيءَ شهزادي جو سر ۽ ڌڙ آڻي شهزاديءَ جي اڳيان رکيو، جنهن يڪدم اهو آبحيات ڪٺي، سر ڌڙ سان ملائي ان تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هنيا تہ شهزادو ڪلمون پڙهي اٿيو، ۽ چيائين تہ: اما ڪٿي آهي؟ تنهن تي گرڙپکيءَ ڪيس سموري ڳالهہ ڪري ٻڌائي. هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ يڪدم ماءُ کي مارڻ جي ارادي سان اٿي کڙو ٿيو. شهزاديءَ هن کي گهٽو روڪيو، پر هن چيس تہ: آءٌ انهن کان وير وٺي، پوءِ اچي توسان ملندس.

پوءِ شهزادو پنهنجن ساٿين کي پاڻ سان وٺي پوئتي وريو. ٿورن ڏينهن ڪان پوءِ ساڳئي محلات وٽ اچي پهتو،



... 'شهزاديءَ محلات جي دريءَ مان ڏٺو ته ڳرڙ پکي، شهزادي
جي سمهي ءَ ڌڙ کنيو اڏامندو پيو اچي'... (ص ٢٢٨)

اندر وڃي ڏسي تہ سندس ماءُ اگھور ديو جي ھنجھہ ۾ پئي آھي. اگھور ديو جي جڏھن ھن تي نظر پئي سو ھن جي دھشت کان اٿي ڪين سگھيو، شھزادي بہ ڪڏندي ئي ترار ھنھي کي پورو ڪري ڇڏيو. اتان واندو ٿي وري بہ پنھنجن سنگتين سان گڏجي اچي شھزاديءَ کي مليو، جا ھن سان ملي ڏاڍي خوش ٿي. ٻن ٽن ڏينھن کان پوءِ ھنن ٻنھي جي شادي ٿي. ٿورن گھڻن ڏينھن کان پوءِ شھزاديءَ جي پيءُ پنھنجي حڪومت جون واڳون نانيءَ جي حوالي ڪري پاڻ وڃي ڌڻيءَ جي بندگيءَ ۾ مشغول ٿيو ۽ شھزادو پنھنجيءَ راڻيءَ ۽ سنگتين سان گڏ آرام سان حياتي گذارڻ لڳو.

## ١٩. گل جنگي ديو ۽ چوڙول راڻي *

ڪنهن زماني ۾ ”ڏوپال“ نالي هڪڙو مشهور ديو هوندو هو، جنهن پنهنجي حياتيءَ جا ٻارنهن سؤ سال گذاريا، خدا جي قدرت سان ڪيس اولاد ڪونه هو. جنهنڪري ڏاڍو غمگين رهندو هو ته مون کان پوءِ منهنجي دولت ۽ جادوءَ جو ڪير مالڪ ٿيندو. نيٺ انهيءَ سوداءَ ۾ گهمندو ڦرندو، فقيرن کان دعائون پنندو اچي هڪڙي چوواٽي تي ڪارا ڪپڙا ڪري ۽ اونڌي منجي ڪري ويهي رهيو. ڏوپال ديو کي ان چوواٽي تي ويٺي ڪيترو وقت گذري ويو ۽ ڪيترائي فقيرن جا ٽولا پيا ايندا ويندا هئا. نيٺ هڪڙو نانگو اچي اتان لنگهيو، جنهن ڏوپال ديو کان چوواٽي تي ويهڻ جو سبب پڇيو، ڏوپال ديو نانگي کي چيو ته: نانگا! تون به ٻين فقيرن وانگي پنهنجي واٽ وٺي هليو وڃ، ڇو ته منهنجي درد جي دوا ڪنهن وٽ ڪانهي. نيٺ نانگي گهڻي ريڙهه پيڙهه بعد هن کان سبب پڇيو. جنهن تي ڏوپال ديو چيو ته: نانگا! جيڪڏهن منهنجي ويهڻ جو مقصد پڇين ٿو ته انجام ڪر ته تون منهنجو ڪم ڪندين. جنهن تي نانگي هن سان انجام ڪيو ته: ڪهڙو به ڪم هوندو آءٌ ضرور پورو ڪندس. نانگي جي انجام تي ڏوپال ديو هن سان سچي حقيقت ڪئي ته: مونکي ٻارنهن سؤ سال گذري چڪا آهن، خدا جي مهرباني سان دولت ۽ جادوءَ جي مون وٽ ڪمي ڪانهي، پر جيڪڏهن ڪمي آهي ته اولاد جي، جو مون کان پوءِ منهنجي دولت ۽ جادوءَ جو وارث ٿئي. تنهن تي نانگي چيس ته: بس! ان لاءِ گهر گهاٽ ڇڏي اچي هتي ويٺو آهين! هاڻي وڃ تو کي اولاد ضرور ٿيندو. نانگي جي، اهڙي تسلي تي

---

* هيءَ ڳالهه اُتر (تعلقي ڏوڪري) مان غلام نبي کان ملي.

ڏوپال ديو اُٿي ڪـڙو ٿيو. تورن گهڻن ڏينهن بعد ڏوپال ديـو جي گهر اميدواري ٿي، جنهن تي هيءُ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان ڏينهن ڪان وٺي هن خير خيرات شروع ڪيو. تان جو ڏينهن اچي پورا ٿيا ۽ هن کي هڪڙي نياڻي ڄائي، جنهن تي به هن ڏاڍا شادمانا ڪيا ۽ ڪيئي ڏينهن راڳ ۽ ناچ لڳا پيا هئا، ۽ قسمين قسمين طعام ۽ ڪلام ٿيڻ لڳا. نيٺ گهڻي سوچ ويچار بعد هن پنهنجي نياڻيءَ جو نالو ”ڇڄوبول“ رکيو.

ڇڄوبول شهزاديءَ جي پالڻ لاءِ ڪيتريون ٻانهيون مقرر ٿيون. وقت گذرندي ويرم ئي ڪانهي، تـورن گهڻن ڏينهن گذرڻ بعد هوءَ هلڻ چلڻ جهڙي ٿي، ننڍي هوندي ئي هن جي حسن جي هاڪ هرهنڌ پئجي وئي. ڇڄوبول شهزادي پنهنجو مٽ پاڻ هئي. ڏوپال ديو هن جي رهڻ لاءِ هڪ طلسمي شيش محل هڪڙي وڏي تلاءَ جي تري ۾ ٺهرايو، جتي ڇڄوبول کي هرشيءِ حاضر ٿي پئي ملندي هئي ۽ هن جي خدمت چاڪريءَ لاءِ ستر پريون مقرر ٿيون، جي هن سان راند روند ڪري دل وندرائيندڙيون هيون.

ڇڄوبول اڄ ننڍي سيان وڏي، نيٺ اچي جوان ٿي. هن کي پنهنجي پيءُ ڏوپال جو چوڻ هو ته: هن تلاءَ کان ٻاهر ڪڏهن به نه نڪرج. ڇو جو هن کي ڊپ ٿيو ته متان ڪو ٻيو ديو کڻي وڃي، پر هن تلاءَ ۾ ڪنهن کي به همت نه هئي جو اندر وڃي سگهي.

نيٺ هڪڙي ڏينهن ڇڄوبول جي اچي دل ٿي ته ڇونه ٻاهر نڪري پسار ڪجي اهو خيال ڪري هوءَ پنهنجي ستر سهيلين سميت ٻاهر نڪتي، ڇا ڏسي ته مار، قدرت جو جهان ئي هتي آهي! ان ڏينهن کان پوءِ هر روز شام جو پنهنجن ساهيڙين سميت مٿي اچي تلاءَ جي ڪناري تي غسل ڪندي هئي ۽ ڪجهه ڪناري تي سير به ڪندي هئي.

هڪڙي ڏينهن دستور موجب هوءَ جيئن تلاءَ ۾ غسل ڪرڻ لاءِ گهڙي ته اوچتو هڪڙو وڏو مڪنو هاٿي اچي هن

جي چيلهه ۾ پنهنجي شاهي سونهري وجهي پٽيءَ تي ڪٽي رهندو رهيو؛ پر اهڙو ڏکڙو ويو جو هن جي رڳي به ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. چوُٻول جي ڪچي وچڻ تي سندس ساهيڙين کي اچي ڏپ ورتو، ته اجهو ٿي ڏوپال ديو کي خبر پوي، اتي خيال ڪيائون هلو ته بر منهن ڪري هلون نه ته ڏوپال جيئرو ڪونه ڇڏيندو، ائين چئي هنن سڀني ڪٽي بر منهن ڪيو.

ڏوپال ديو پنهنجي ڌيءَ کي ڏسڻ لاءِ جمعي جمعي ڏينهن ايندو هو. چوُٻول جي ڪچي وڃڻ بعد ٻئي ڏينهن جمعو هو. ڏوپال دستور مطابق آتي آيو ته چا ڏسي ته ڪاريءَ وارا ڪڪ لڳا پيا آهن. هي منهن مٿو پٽيندو ٻاهر اچي ميدان تي بيٺو ۽ وڏي آواز سان رڙيون ڪرڻ لڳو، جنهن تي هزارين ديو، پريون، جن، ڀوت اچي ڪٺا ٿيا. ڏوپال هر هڪ کي چوُٻول جي ڪچي وڃڻ جو ٻڌايو، ليڪن ڪنهن به ائين ڪونه چيو ته اسان کي خبر آهي. ڏوپال ڪاوڙ ۾ ڀرجي سڀني ڀوتن کي چيو ته: خبردار، هڪدم منهنجي ڌيءَ منهنجي حوالي ڪريو نه ته سڀوُ ننگر تو ناس ڪريان، اتي ڪن ديون ٻاهر نڪري عرض ڪيو ته: سائين! اوهان خاطري ڪريو، اسين هر طرح ڪوشش ڪري اوهان کي پنهنجي ڌيءَ ملائيندا سين. آخرڪار اسان ديون ڪان ڪير لڪائيندو ۽ اوهان جي ڌيءَ ڪيڏانهن ويندي. ائين چئي سڀئي ديو، جن، ڀوت ۽ پريون ڪاوڙ ۾ ٻاهر ٿي اڏامڻ لڳا ۽ سڄي آسمان ۾ پکڙجي ويا. هنن سالن جا سال ڪوشش ڪئي پر پتو ڪونه پيو، آخر اچي ڏوپال کي پنهنجي ناڪاميابيءَ جي خبر ٻڌايائون، جنهن تي ڏوپال غصي ۾ اچي سڀني ديون، پرين، جنن ۽ ڀوتن کي جادو هٿي پنڌ ٻهڻ ڪري ڇڏيو. ڏوپال ديو به وڏا وس ڪيا ليڪن سڀ بيڪار. نيٺ بيوس ٿي ڌيءَ جي جدائيءَ کان هن اعلان ڪيو ته جيڪو مونکي چوُٻول ملائيندو ان کي پنهنجي دولت، جادو، راڄ ڀاڳ ۽ چوُٻول راڻي سڀ ڏيندس.

ان اعلان کي ڪجهه وقت گذريو ته ٻه ديو ”گل جنگي“ ۽ ٻيو ”گل خيرو“ اچي هن وٽ حاضر ٿيا، جي پڻ ان زماني جا مشهور پهلوان ديو هئا. انهن ٻنهي ڀائرن اچڻ سان ڪيس عرض ڪيو ته: سائين! اسان اوهان جو ڪيل اعلان ٻڌو آهي. جيڪڏهن پنهنجي قول تي قابو رهو ته اسين اوهان جي ڌيءَ جي ڳولا ڪري اوهان سان ملايون. ڌوپال هنن جي بهادري اڳئي ٻڌندو هو، تنهنڪري ڪجهه پڪ ٿيس ته هاڻي ڌيءَ ملندي ۽ هي جوڙا جوان ضرور پاڻ ملهائيندا. اِهو خيال ڪري هنن کي چيائين ته: بابا! آءٌ پنهنجي ڪيل انجام تي پختو آهيان؛ اسان وڏا وس ڪيا آهن ۽ سالن جا سال حيلا هلايا ليڪن ڪٿان به پتو نه پيو آهي، هاڻي خدا جي واسطي دير نه ڪريو، جلد وڃو. آءٌ پنهنجي قول تي قابو آهيان ۽ اوهان جي ڪجهه مدد به ڪري سگهان ٿو. ائين چئي هن يڪدم ٻه طلسمي گهوڙا هنن جي حوالي ڪيا ۽ چيو ته: هي گهوڙا هڪ ئي ڏينهن ۾ اوهان کي سڄي دنيا جو سير ڪرائيندا. اتي ٻئي ڀائر ٽپ ڏئي گهوڙن تي چڙهي ويا ۽ ديو کي چيائون ته: جيڪڏهن ٻارنهن مهينن اندر موٽي آياسين ته وهواهه، نه ته سمجهجو ته مري وياسين.

ٻئي جوان گهوڙن کي هڪليندا هڪليندا اچي هڪڙي وڏي برپٽ ۾ پهتا، هيڏانهن هوڏانهن نظر ڪيائون ته ڪا وسئون نظر اچي، پر ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه آيو، لاچار ٿي آٿيٽي سمهي پيا. اڃان اک ئي مس لڳي ته اوچتو ’ڌُو ڌُو‘ جو آواز هنن جي ڪن تي پيو. هي ٻئي ڄڻا يڪدم ٽاريون ڪڍي ويهي رهيا. ڏسن ته هڪڙو پيرسن، اڇي ڏاڙهي، درويشاڻي لباس ۾ پيو اچي؛ هي ٻئي ڄڻا يڪدم وڌي اچي اُن درويش جي پيرن تي ڪري پيا ته خدا جي واسطي اسان کي دڳ لاءِ! فقير هنن کان پڇيو ته: ٻچا! اوهين هن رڻ پٽ ۾ ڪيئن آيا آهيو؟ شايد اوهان کي خبر نه آهي ته هي رڻ پٽ هڪڙي

وڏي واسينگ نانگ جو آهي، جنهنڪري هتي اوهان جو رهڻ خطري کان خالي نہ آهي ۽ اوهين جنهن ڪم لاءِ نڪتا آهيو، سو اوهان کان زور آهي. اوهان جي ڀلائي ان ۾ آهي تہ اوهين واپس هليا وڃو. پر هنن جوانن باادب ٿي عرض ڪيو تہ: فقير سائين! اسين انجام ڪري نڪتا آهيون، هاڻي ڪٿي اسان کي سر ڏيڻو پوي، پر مڙنداسين ڪڏهن بہ نہ، ۽ پنهنجو ڪيل انجام ضرور پورو ڪنداسين. درويش ڏٺو تہ هي جوان اڻ ڏر آهن ۽ مڙندا ڪونہ، تنهنڪري هنن جي ڪجهہ مدد ڪرڻ گهرجي. اهو خيال ڪري درويش ہنهي ڀائرن کي چيو تہ: جي وڃو ٿا تہ ٻڌو، اها چؤ ٻول راڻي هڪڙي مڪني هاٿيءَ جي قيد ۾ آهي، جو هتان ڪان پنج هزار ڪوهہ اولهہ طرف کان هڪڙو وڏو رڻ پٽ آهي، جو ٻہ هزارين ڪوهن ۾ آهي، ان رڻ پٽ جي وچ ۾ هڪڙو وڏو تلاءُ آهي، ان تلاءُ جي وچ ۾ هڪڙو وڏو ٻڙ جو وڻ آهي، جنهن جي جڙين ۾ چانو آهي. ان ٻڙ جي چوٽيءَ ۾ هڪ شاهي ڏرڙ آهي، ان ڏرڙ ۾ مڪني هاٿي، چؤ ٻول کي قيد ڪري مٿان هڪڙو ڀاري پٿر ڏئي ڇڏيو آهي. اهو هاٿي چؤ ٻول جي عشق ۾ گرفتار آهي، جنهنڪري هن چؤ ٻول کي پاڻ وٽ رکيو آهي. پر هڪڙي ڳالهہ ياد رکو تہ اهو ملڪ ان مڪني جي قبضي ۾ آهي ۽ اتان جا سمورا جانور ان هاٿيءَ جو راج آهن. جنهنڪري مٿان اوهان تي ڪو حملو ڪن، ان لاءِ هي ٿي ٽڪريون اٿو، جي اوهان کي مشڪل ۾ ڪم اينديون. اوهين جنهن مهل چؤ ٻول شهزاديءَ کي ڪٺي گهوڙن تي سوار ٿيندا تہ هڪدم مڪني کي خبر پوندي، پوءِ هو هاٿين جي لشڪر سان اوهان تي حملا ڪندو. پوءِ جنهن وقت سمجهو تہ هاٿي هاٿي اچي پهتا آهن تہ يڪدم ڀورين ٽڪري اڇلائيندا تہ هڪڙو وڏو سمنڊ ٿي پوندو، جنهن ۾ ڪيترا هاٿي لڙهي ويندا، پر اچان گهڻا هاٿي اوهان جي پٺ ڪين ڇڏيندا، وري جڏهن اوهان کي سوڙها

پون ته ٻي ٽڪري اچلائيندا ته وڏو جهنگل ٿي پوندو، جنهن ۾ سڀ هاٿي وچڙي ويهي رهندا، پر هڪڙو هاٿي وڏا وڏا وڻ سونڍ سان پاڙئون پٽيندو اوهان جي پويان پيو ايندو، وري جڏهن ڏسو ته هڪڙو اچي ويجهو پهتو آهي ته ٽئين ٽڪري اچلائيندا ته زمين آسمان ٻاهه ٿي ويندو، جنهن ۾ اهو هڪڙو سڙي خاڪ ٿي ويندو. هاٿي اوهين ٻلي وڃو، خدا توهان جي مدد ڪندو. ائين چئي اهو پيرمرد بزرگ جيڏانهن جو هو اوڏانهن روانو ٿي ويو. اتي ٻنهي ڀائرن ڪي ٻڪ ٿي ته اجهو ٿا چؤٻول راڻيءَ کي هٿ ڪريون. ائين چئي ٽاپ ڏئي گهوڙن تي سوار ٿي، اولهه طرف روانا ٿيا ۽ ٿورن ڏينهن بعد اچي ان تلاءَ جي مٿان بيٺا. ڏسن ته برابر هڪ شاهي ٻڙ جو وڻ تلاءَ جي وچ ۾ آهي. پر هنن کي ان ٻڙ تي ڪجهه به نظر نه پئي آيو، باقي ان تلاءَ جي ڪناري تي لکن هاٿين جا پير هئا. اهو رات جو پوئين پهر هو، هنن خيال ڪيو ته هاڻي انهيءَ ٻڙ مٿان چڙهي ڏسجي ته برابر چؤٻول راڻي آهي يا نه؟ اهو خيال ڪري يڪدم گل جنگي ديو ٽپ ڏئي ان تلاءَ ۾ گهڙيو ۽ ترندو ترندو وڃي ان ٻڙ وٽ پهتو، مٿي چڙهي ڏسي ته برابر هڪڙو وڏو پٿر آهي جيڪو هڪ وڏي ڏرڙ جي منهن مٿان ڏنل آهي. هن يڪدم ان پٿر کي سيري ڏٺو ته برابر اندر شهزادي ويٺل ڏسڻ ۾ آيس. هن چؤٻول کي ڏٺو، چؤٻول هن کي ڏٺو ۽ ڏسڻ شرط عاشق ٿي پئي ۽ زار زار روئڻ لڳي. جنهن تي گل جنگي ديو هن کان روئڻ جو سبب پڇيو. چؤٻول چيو ته: هينئر هڪڙو هاٿي اچڻ وارو آهي، سو توکي ڏسندو ته جيئرو نه ڇڏيندو. گل جنگي ديو چيو ته: مونکي مارڻ وارو هڪ خدا آهي، باقي هاٿيءَ ۾ ڪا به طاقت ڪانهي، تون ڪو به فڪر نه ڪر، اسان کي تنهنجي پيءُ ڏوپال ديو موڪليو آهي. اتي چؤٻول راڻي وري اچي زار زار رني ۽ گل جنگي ديو کيس دلداري ڏئي پڇيو ته: هڪڙو هينئر ڪٿي آهي؟ چؤٻول



... 'گل جنگي ديو ۽ چوٻول شهزادي اڳئين گهوڙي تي، ۽ گل خيرو ديو پوئين تي ۽ سندن پٺيان مڪنو، هاٿي ڪاهيندو پٺي آيو' ... (ص ٢٣٨)

چيو ته: مڪنو ڏينهن جو سڄو وقت موٽ وٽ هوندو آهي ۽ رات جو پنهنجا فيصلا وغيره ڪرڻ ويندو آهي، هاڻي مڪني جي اچڻ جو وقت آهي، تون وڃ وري رات جو اچجانءِ ته وڌيڪ احوال ڪنداسين. ائين چئي چوُٻول اندر ڏرڙ ۾ لهي وئي ۽ گل جنگي ديو هن جي مٿان ساڳيو پٿر ڏئي، پاڻ ٻڙ تان لهي، تلاءَ مان ٽري اچي ڀاءُ سان مليو. اتي اوچتو ڪيهه ٿي، جنهن مان هنن سمجهيو ته مڪنو هاٿي اچي پيو، تنهنڪري ٽري ڪجهه پاسو ڪجي. اهو خيال ڪري پريان جهنگل ۾ وڃي لڪا، ايتري ۾ هڪڙو وڏو هاٿي رڙيءَ سان زمين آسمان هڪ ڪندو اچي تلاءَ ۾ گهڙيو ۽ ان ٻڙ جي هيٺان ٻيهي پنهنجي وڏي سونڊ سان اهو پٿر لاهي، چوُٻول کي سونڊ ۾ کڻي تلاءَ کان ٻاهر نڪري، ڪناري تي پنهنجي سيني تي چوُٻول کي رکي، سندس اڳيان قسمين قسمين ميوا رکيا ۽ دستور مطابق ڏينهن گذاري، وري چوُٻول کي سونڊ سان کڻي ان ڏرڙ ۾ وجهي، مٿان پٿر ڏئي هليو ويو. اتي سج به لهي ويو، جنگي ۽ خيري ديون خيال ڪيو ته چوُٻول کي کڻڻ جو هاڻي وجهه آهي. ائين چئي گل جنگي ديو تلاءَ ۾ گهڙيو، ٻڙ تي چڙهي وڃي چوُٻول کي ڪڍيو ۽ ڪلهن تي کڻي اچي ڪناري تي رسيو، پوءِ يڪدم گهوڙن تي سوار ٿي روانا ٿيا.

اڃان هنن ٿورو پنڌ مس ڪيو ته اوچتو چوطرف رڙيون ٿيڻ لڳيون. پريان ڏسن ته مڪنو پنهنجي هاٿين جي لشڪر سان ٽٽو اچي، هاڻي گل جنگي ديو ۽ چوُٻول اڳئين گهوڙي تي ۽ گل خيرو پوئين تي. هوڏانهن مڪنو به اچي هنن جي ويجهو ٿيو، گل خيري پهرين نڪري اڇلي ته وڏو سمنڊ ٿي پيو، جنهن ۾ ڪيترا هاٿي لڙهي ويا، پر اڃا گهڻا هاٿي ساڻ ڪيو مڪنو ڪاهيندو آيو. وري جڏهن ويجهو پهتو ته ٻي نڪري اڇلائين ته وڏو جهنگل ٿي پيو، جنهن ۾ سڀ هاٿي

وچڙي پيا، پر مڪنو راڙيون ڪندو وڻ سونڌ سان پٽيندو، هنن جي پويان پئي آيو. اچان ويجهو مس آيو ته ٽنئين ٽڪري ته هن اڇلي ته زمين آسمان ٻاهه تي ويو، جنهن ۾ مڪنو هاڻي سڙي خاڪ ٿي ويو. پوءِ هي ٻه اچي ڪنهن آباديءَ جي ويجها پهتا. اتي هنن خيال ڪيو ته هن سان ڪير شادي ڪري؟ جنهن تي گل خيري چيو ته: ادا گل جنگي! تون وڏو آهين ۽ تون ئي شادي ڪر. نيٺ اهي صلاحون ڪري گهوڙن تي سوار ٿيا ۽ ٿورن ڏينهن بعد اچي ڏوپال ديو وٽ پهتا.

ڏوپال ديو جو ڏيءَ لاءِ سڪيو پئي، سو هن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان خوشي ۾ پنڌرهن ٿيل ديو، پريون سڀ آزاد ڪيائين. پوءِ وڏي شان سان گل جنگي ڏيو کي چوٻول سان پرڻايو، جنهن تي ڪيترن ديون کي ساڙ ٿيو، پر ڏوپال ڄجابر ديو هو، تنهنڪري ساڻس ڪوبه پڇي نٿي سگهيو. آخر ڏوپال شاديءَ بعد دولت، جادو ۽ راڄ جو مالڪ گل جنگيءَ ديو کي بنائي، پاڻ باقي حياتي بندگيءَ ۾ صرف ڪئي. پوءِ هنن ٻنهي ڀائرن سالن جا سال ڪوهه ڪاف ۾ پئي حڪومت هلائي.

## ٢٠. ديو ۽ شهزادو*

هڪڙو بادشاهه هو، جنهن کي ڇهه پٽ هئا. خدا جي قدرت جو ستئين کي اولاد ڪونه هو. گهڻيئي پير ڏوريائين، فقير پڇيائين ته مون کي پونئير پيدا ٿئي، پر پنهنجي وس ۾ ڪونه هئس، رات ڏينهن ڏٽيءَ در پيو ٻاڏائيندو هو ته مون کي اولاد ٿئي. خدا جي قدرت ڪن سالن پڄاڻا هڪڙي پٽ جي گهر ۾ اميد واري ٿي. ڏهه مهينا پورا ٿيا ۽ چنڊ جهڙو شهزادو ڄائو. خوشيءَ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! شاهي خزاني جا در کلي ويا، غريب غربا سڀ ڍاپجي ويا.

اڃا شهزادي کي ڄائي اٺ ئي ڏينهن مس ٿيا هئا ته هڪڙي ديو، فقير جو روپ بنائي، دروازي تي نم جا پن ٻڌل ڏٺي اچي سڏ ڪيائين. ٻانهي خيرات کڻي آئي پر فقير نه ورتي، چي: تنهنجي هٿ جي خيرات نه وٺندس، پر آءٌ شهزادي جي ماءُ جي هٿان خيرات وٺندس. ٻانهي وڃي اندر راڻيءَ کي ٻڌايو. راڻي اڃا پوري چاق به نه ٿي هئي، متي تي پاڻي به ڪين وڌو هئائين. پر سڪي ٻچو مليو هوس، تنهن فقير کي رنج ڪرڻ مناسب نه ڄاتو ۽ پاڻ خيرات کڻي در تي آئي.

فقير هن جي هٿ مان خيرات وٺي ڪجهه پڙهي شوڪارو هنيس ته هوءَ ٻڪري ٿي پئي. پوءِ اڳيان پاڻ پٺيان ڪري، هلندا هلندا هڪڙي شهر ۾ اچي پهتا. شهر جي ٻاهران هڪڙو گنبذ هو، جنهن تي هوءَ متن جي ڇپ رکيل هئي، جا رڳو ديو لاهيندو هو ۽ ديو چاڙهيندو هو، ڪنهن ٻئي کي ان جي لاهڻ جي طاقت ڪانه هئي. ديو اها ڇپ لاهي ٻڪري کي به وٺي اندر ويو ۽ ڇپ ڏئي گس بند ڪري ڇڏيائين. ٻڪري تي ڪجهه

---

* هيءَ ڳالهه وچولي (تعلقي هالا) مان قاضي نور محمد ڪان ملي.

پڙهي ان کي اصلي شڪل ۾ آندائين، ۽ راڻيءَ کي چيائين ته:
مون سان شادي ڪري هتي سگهي ٿي ويهه. هاڻ ڪڏهن به وري
پنهنجن جو منهن ڏسڻ ته ڇهيو پر ٻاهر جي هوا به ڪانه لڳندي.
راڻي به ڪجهه وقت روئي پٽي رضا تي راضي رهي ديو سان
ڪٽي شادي ڪئي.

هوڏانهن ٻانهيءَ ڏٺو ته راڻيءَ خيرات ڏيڻ تي دير ڪئي،
سا سڌ سماءَ لاءِ در تي آئي، ڪا ٻهر نه ڏسي هيڏانهن هوڏانهن
ڳوهون ڏنائين پر ڪٿي به راڻي ڏسڻ ۾ ڪانه آيس، سو وڃي
دانهون ڪيائين. سڄي محلات ۾ روج راڙو لڳي ويو، چڙهيل
ڪڻا لهي ويا. سڀئي پائر سڪ ڦڻائي ڳولا ۾ لڳي ويا. لشڪر،
رعيت مطلب ته هڪڙي ماڻهو ڳولا ڪئي، پر راڻيءَ
جو پتو نه پيو. پڇا مان فقط اها خبر پئي ته ڌهڙن اهڃاڻن وارو
فقير برابر شهر مان نڪتو، جنهن جي پٺيان هڪڙي ٻڪري لڳي
وئي. پائرن کي پڪ ٿي ته اهو فقير ڪو ديو هو جو راڻيءَ
جو روپ مٽائي ڪيس ٻڪري بنائي وٺي ويو آهي. پوءِ ته سڀئي
پائر قسم کڻي گهوڙن تي چڙهي نڪتا ته جيستائين راڻي نه
ڳولي ايندا سين تيستائين اسان کي ڪاڏو پيتو حرام آهي.

سڀئي ڄڻا پڇائيندا پڇائيندا هڪڙي شهر ۾ اچي پهتا. اتي
هنن کي رات پئجي وئي، سو پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته رات
هتي گذارجي، صبح جو اٿي وري ڳولا ڪجي. شهر جي ٻاهران
هنن کي هڪڙي جهوپڙي ڏسڻ ۾ آئي، هي لنگهي اندر ويا
ته هڪڙي پوڙهي ڏٺائون. پوڙهيءَ کين ڪپڙن مان سڃاتو ته
هي ڪي وڏ گهراڻا آهن، سو سندن چڱيءَ طرح آڌر ڀاءُ ڪيائين
۽ جهڙو جهوپڙيءَ جو حال هو، سو سندن اڳيان حاضر ڪيائين.
خبرن چارن کان پوءِ وڏي ڀاءُ پوڙهيءَ کي خبر ٻڌائي ته اسان
جي ڀاڄائي، هڪڙي فقير کي در تي خيرات ڏيڻ وئي پر وري
نه وري. خبر پئي آهي ته ان فقير جي پٺيان هڪڙي ٻڪري
لڳي وئي، جنهن مان انومان ڪيو سين ته اهو فقير ڪو ديو

هو جو راڻيءَ کي ٻڪريءَ جي شڪل ۾ وٺي ويو آهي. ان جي ڳولا ڪندي هتي اچي پهتا آهيون، رات هتي ترسنداسون صبح جو اٿي اڳتي وينداسون. پوڙهيءَ چيو ته: ابا! جنهن لاءِ تڪليفون سٺيون اٿوَ ۽ جيڪي اهڃاڻ ڏنا اٿوَ تن مان سمجهان ٿي ته توهان جي پاڇائي هتي آهي، جا مون پاڻ فقير جي پٺيان ويندي ڏٺي هئي. برابر اهو فقير ڪونهي، هڪڙو ديو آهي جو شهر جي اُتر پاسي هڪ گنبذ ۾ رهندو آهي. گنبذ جو دروازو سؤ مڻن جو پٿر آهي، جو پاڻ لاهيندو ۽ پاڻ چاڙهيندو آهي. روز صبح جو اٿي ماڻهوءَ جي شڪل ۾ ٻاهر نڪرندو آهي ۽ در چاڙهي شهر ۾ چوپڙ راند ڪرڻ ويندو آهي ۽ سڄ لٿي وري گنبذ ۾ ايندو آهي. پر ابا! هو ديو آهي تنهنڪري خيال ڪجو، تڪڙ نه ڪجو. ٻاڌرن سڄي رات پاسا ورائيندي گذاري. ننڊ غائب ٿي وئي ۽ سڄي رات پيچ گهڙ ڪرڻ لڳا ته ڪهڙي نموني هن سان مقابلو ڪجي. نيٺ صلاح بيٺن ته صبح جو پلي هو نڪري وڃي ته هلي گنبذ کي چئني طرفن کان جاچيون ۽ لڪي ويهون. جڏهن سڄ لٿي مهل هو موٽي اچي تڏهن ڪيس مقابلي لاءِ للڪاريون ۽ ڪانئس ٻانهن جي گهر ڪريون. جي سنوٺ نه ڏي ته پوءِ پنهنجي سٺن تلوارن کان ڏاڍو ڪونه ٿيندو! اها صلاح سٽي پوڙهيءَ کان موڪلائي اٿي روانا ٿيا. پوڙهيءَ وڃڻ مهل ٻنهي کين هوشيار رهڻ جو تاڪيد ڪيو.

هلندي هلندي هي سنئي پاڌر اچي گنبذ وٽ پهتا. اُنهي مهل ديو چوپڙ راند ڪيڏڻ لاءِ شهر ڏي روانو ٿي ويو هو. هنن گنبذ کي چئني طرفن گهمي ڦري ڏٺو. پر ڪابه ڳڙکي ڪانه ڏٺائون، جو اندر جو احوال وٺي سگهن. گهڻئي راڻيءَ کي سڏ ڪيائون، پر پيو ٿيو خير. هي لڪي ويهي رهيا. سڄ ٻه اچي اندر ٻاهر ٿيو ته ديو به آيو. هي جوان به ٽپ ڏئي اُٿي کري آيا. ديو هنن کي ڏسي ڪونه ڊنو، هنن ايندي شرط

ديو کي چيو ته: اسان جي جيڪا ٻانهن ڪٽي آيو آهين سا يڪدم ڏي، نه ته سؤ ٽڪرا ڪري ڇڏينداسونءِ. ديو هڪل سان کين چيو ته: ٻانهن برابر مون وٽ آهي پر آءٌ اوهان کي اصل نه ڏيندس. اجان هي الر ڪرڻ جي تياريءَ ۾ هئا ته ديو هنن تي اهڙو ڪو منتر پڙهي شوڪاريو جو سڀئي ڀائر پنهنجن ستن گهوڙن سميت پنڊ پهڻ ٿي پيا. پوءِ ديو ڇپ لاهي اندر هليو ويو.

ٻئي سال گذري ويا پر ڀائر وطن نه وريا. محلات ۾ رات ڏينهن روڄ راڙو لڳو پيو هو. شهزادو اڄ ننڍو سڀاڻ وڏو، ڇڏهن ٻارهن سالن جو ٿيو، تڏهن همجيڏن جون ٽوڪون کيس ٿهڪائڻ لڳيون. سڀڪو ٿوريءَ گهڻيءَ تي ڦهڪايو ڏيندو هوس ته: تون اهڙو ته نياڳو آهين جو ڄمندي ماءُ وڃائي، پوءِ پيءُ ۽ ڇهه چاچا گم ڪيئي. همجيڏن جا طعنا مهڻا سهي هڪ ڏينهن ڪاوڙ ۾ گهر آيو ۽ چاچين کي چيائين ته: سڀڪو مونکي نياڳو ٿو سمجهي. هاڻي آءٌ وڃان ٿو، جي حياتي هونديم ته اما، بابا ۽ چاچن سان گڏيو ايندس نه ته آءٌ به انهن سان گڏ. اجان اڳوٽا ڦٽ ڇتائي ڪين ها، هي ته اندن اڳيان لٺ هو سو چاچيون هن کي چنبڙي پيون، پر هيءُ مڙس پنهنجيءَ تي چڙهيو بيٺو هو ۽ هڪ به نه ٻڌي، چاچين کي روئندو ڇڏي گهوڙي تي چڙهي الله توهار ڪيائين. سڌ ٻڌ وارو هو، سو پڇڻا نه منجهڻا، پڇائيندو پڇائيندو هڪڙي ڏينهن اُنهيءَ شهر ۾ اچي نڪتو جتي ديو رهندو هو. شهر جي منهن ۾ پوڙهيءَ جي جاءِ ڏٺائين، ناني ناني ڪري لنگهي وٽس ويو. پوڙهيءَ کي سڀ حال ڏنائين ۽ رات رهڻ جي موڪل گهريائين. ڳالهين ڪندي ۽ حال وٺندي پوڙهيءَ چيس ته: ابا! برابر تنهنجي ماءُ ديو وٽ آهي. ديو تنهنجن چاچن کي گهوڙن سوڌو پنڊ پهڻ ڪري ڇڏيو آهي، جي گنبذ جي چوڌار بيٺا آهن. تون ننڍڙو آهين، آءٌ ڊڄان ٿي ته تون به نه ديو جي ور

چڙهي وڃين. شهزادي چيو ته: آءٌ حلالي هوندس ته ميني کي ڇڏائيندس، نه ته سر تان آسرو آءٌ به کڻي آيو آهيان. پوءِ پوڙهيءَ کي پيسا ڏنائين جا شهر مان ميڙو سامان وٺي آئي. رات جو ڪاٽي پئي سمهي رهيو.

صبح جو اٿيو ۽ پوڙهيءَ کان پڇيائين ته هاٿي کهڙي پاسي وڃان. پوڙهيءَ کيس ڏس ڏئي چيو ته: ديو هاٿي چوپڙ راند ڪرڻ ويو هوندو، تنهنڪري خبر چار وٺڻ لاءِ هيءَ مهل چڱي اٿئي. شهزادو يڪدم گهوڙي تي چڙهي گنبذ وٽ آيو، چوڌاري ڦريو پر اندر وڃڻ جي واهه هٿ نه آيس. گهڻئي سڌ واڪا ڪيائين پر پيو ٿيو خير. خيال آيس ته گنبذ جي هيٺان سرنگهه هڻي اندر وڃان. اهو خيال ڪري پوڙهيءَ وٽ موٽي آيو ۽ ڪانئس اچي اهڙا اوزار گهريائين. پوڙهي وئي تنهن پاڙي مان رنبو ۽ ڪوڏر وٺي آڻي هن کي ڏني. جي کڻي شهزادو وري گنبذ وٽ آيو ۽ هڪ جاءِ رٿي کوٽڻ شروع ڪيائين. ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ، نيٺ هڪڙي ڏينهن سندس محنتون ساب پيون، ۽ سرنگهه وڃي گنبذ ۾ چاڙهيائين. هيءُ اندر گنبذ ۾ داخل ٿيو. سبحان الله! ڇا ٿو ڏسي ته گنبذ ناهي، پر محل آهي سندس ماءُ هڪڙي هندوري ۾ پئي جهولي. راڻيءَ مدت پڇاڻان جو آدمزاد ڏٺو سو چيائين ته: اي انسان! توکي موت هتي وٺي آيو آهي، خدا جي واسطي واپس موٽي وڃ. پر هو اما اما ڪري اچي پيرن تي ڪريس. راڻيءَ کي پاڻ سڃاڻايائين، جنهن تي راڻيءَ چيس ته: ابا! هيءُ ديو زوراور آهي، تون هن سان وڙهي ڪونه سگهندين، ماٺ ڪري موٽي وڃ. مونکي سمجهو ته مري وئي. شهزادي چيس ته: اما! هيستائين پهچي ويو آهيان، خدا گهريو آهي ته ديو کي ماري توکي پاڻ سان وٺي ويندس. اتي ديو جي اچڻ جي مهل اچي ٿي، راڻيءَ پٽ کي چيو ته: ابا! هاڻ مُئي جي اچڻ جي مهل ٿي آهي، توکي هتي ڏسندو ته آهر جيڏا داڻا ڪري ڇڏيندو، تنهنڪري هاڻي وڃ.

شهزادي چيس ته: اما! سائجهيءَ ديو کان پڇج ته سندس ساهه ڪٿي آهي؟ آءٌ هاڻي وڃان ٿو. تون اندران سوراخ بند ڪري ڇڏ. آءٌ ٻاهران بند ڪري ٿو وڃان، وري سياڻي ايندس. شهزادو سرنگهه بند ڪري موٽي پوڙهيءَ وٽ آيو.

سج لٿي ديو ’آدم بوءِ آدم بوءِ‘ ڪندو اندر آيو. راڻيءَ چيس ته: تنهنجي ڪوٽ ۾ آدم ته ڇهيو پر هوا به ڪانه ٿي اچي سگهي، تنهنجو مغز خراب ٿي پيو آهي ڇا؟ وري جو ڪٿي مٺڙيون ڳالهيون ڪيائين ته ديو کي ڳالهه ئي وسري وئي. رات جو راڻيءَ چٽ ڏئي پڇيس ته: ساهه تي ڀروسو ڪونهي، اڄوڪو سج سياڻي به ڏسبو يا نه، تنهنڪري منهنجي صلاح آهي ته پنهنجو ساهه اهڙي هنڌ لڪائي رک، جو ڪو ڪوسو واءُ به نه لڳي. ديو چيس ته: منهنجي ساهه جو فڪر نه ڪر، اهو اهڙي هنڌ قابو آهي جو آدم ته ڇهيو پر جنن کي به طاقت ڪانهي جو ان تي نظر ڪن. راڻيءَ چيس ته: اهو ڪهڙو هنڌ آهي، مونکي به ته ٻڌائي ڇڏ. ديو راڻيءَ جي ڏاڍي ۾ اچي ويو ۽ ٻڌايائينس ته: منهنجو ساهه هڪڙي ڪبوتر ۾ آهي جو ستن سمنڊن جي وچ ۾ منهنجي پاءُ اجگرديو جي محلات ۾ سوني پڃري ۾ آهي. راڻيءَ چيس ته: برابر هاڻي منهنجو ڌپ لٿو، اهو سوگهو آهي. اڃان به مٺيون مٺيون ڳالهيون ٻڌائي، ديو کان سڀ گس پنڌ پڇي ڇڏيائين.

صبح جو ديو روزاني عادت موجب راند ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري ويو. شهزادو به نيرن پاڻي ڪري سرنگهه تي آيو ۽ سرنگهه کولي ماءُ وٽ پهتو. ماءُ پٽ کي ڏسي خوش ٿي ۽ چيائينس ته: ابا! شل خدا ڪري تنهنجو وار به ونگو نه ٿئي، مون ديو کان پڇيو پر هن جو ساهه اهڙي هنڌ سوگهو آهي جو تنهنجي پهچڻ جي اتي طاقت ڪانهي، ماڻڙي ڪري موٽي وڃ، مونکي مٺو سهسائي ڇڏ. شهزادي گهڻو زور لاتس، نيٺ سڀ حال ٻڌايائينس. شهزادو به موڪلائي نڪتو ۽ سرنگهه

بند ڪري ٻوڙهيءَ وٽ آيو. ٻوڙهيءَ کان موڪلائي دعائون وٺي ڏس ڏي روانو ٿيو. پڇائيندو پڇائيندو ڏک ڏوجهرا ڏسندو اچي سنئين سمنڊ تي پهتو. هاڻ ويچار ۾ هو ته محلات تي ڪيئن پهچان. اڃان انهن ئي خيالن ۾ روئڻهارڪو ٿيو ويٺو هو ته هڪ لُڏڙو پاڻيءَ مان نڪتو. شهزادي کي ڪپ تي ويٺل ڏسي ڪانئس پڇيائين ته: تون آسمان مان ڪريو آهين يا زمين اوڳاري ٻاهر ڪڍيو اٿئي؟ شهزادي چيس ته: آءٌ ديو جو ٻچو آهيان، پنهنجي چاچي اجگر ديو جي محلات ۾ ويندس. لُڏڙي چيس ته: آءٌ اجگر ديو جو مريد آهيان، جي تون سندس ڀائٽيو آهين ته اچ، اچي منهنجي پٺيءَ تي چڙهه ته توکي محلات ۾ پهچائي اچان. شهزادي کي اها ئي ڳالهه کپندي هئي، سو ٽپ ڏئي مٿس چڙهي ويٺو. لڌڙي اک ڇنڀ ۾ آڻي اتي پهچايس. هيءُ محلات جو نمونو ڏسي ڏندن ۾ آڱريون ڏئي بيهي رهيو. نيٺ ڏٺيءَ جو نالو وٺي اڳتي وک وڌايائين. هڪڙي ڪمري ۾ آيو ته هڪڙي عورت ڏٺائين. هن ’چاچي چاچي‘ ڪري اچي پيرن تي ڪريس. مائي عجب ۾ پئجي وئي. تنهن تي شهزادي چيس ته: چاچو ڪٿي آهي؟ مائيءَ پڇيس ته: پهريائين ٻڌاءِ ته تون ڪير آهين؟ شهزادي روئڻهارڪو ٿي چيس ته: چاچي! آءٌ توهان جو ڀائٽيو آهيان. بابي مونکي موڪليو ته وڃي چاچي وٽان گهمي اچ. هتي مونکي لڌڙو وٺي آيو. پر اما دعائون سلام ڏنا اٿئي. مائيءَ پار پتا پڇيس جي هن سڀ ٻڌايا. مائيءَ کي ٻه پڪ ٿي ته برابر هي منهنجي ڏير جو پٽ آهي. تڏهن هن کي چيائين ته چاچهن ويو آهي گهمڻ، سو اجهو ٿو اچي. ڪنهن مهل اوچتو طوفان اٿيو، چاچيءَ هن کي لڪائي ڇڏيو ۽ ٻڌايائينس ته: جڏهن چاچهن اچي، تڏهن ’آديس چاچا آديس چاچا‘ ڪري وڃي پيرن تي پئجانس. ديو ٻه ’آدم بوءِ آدم بوءِ‘ ڪندو محلات ۾ آيو. زال چيس ته: آدم بوءِ ڪانهي پر تنهنجو ڀائٽيو گهمڻ لاءِ آيو آهي. شهزادو ٻه نڪري اچي ديو جي پيرن تي ڪريو.



...'شهزادي سٽ ڏيئي ڪبوترجي باز پٺيان ته ديو جي ٻه
ٻانهن پٺيان ويئي'... (ص ٢٤٩)

شوڪارو نه لڳي وڃي. هن ڪبوتر ڪڍي هٿ ۾ ڪيو ۽ ان کي ٽوڙو زور ڏنائين ته راند ڪندڙن مان هڪڙو ماڻهو رڙ ڪري اٿيو ۽ شهزادي کي چيائين ته: اهو ڪبوتر وڪڻندين. هن جواب ڏنس ته: ها وڪڻندس. هي اڳيان ۽ ديو پٺيان. ديو سچو پئي ڏڪيو، سندس سڀ وڄائون ويون هليون، جو ساهه جي سوڙهه اچي ٿي هيس. گنبذ تي پهچي ديو کي چيائين ته: ڦريائين هي پنڊ پهڻ اصلوڪيءَ شڪل ۾ آڻ. تنهن تي ديو شوڪارو هنيو ته سڀئي بادشاهه اصلوڪيءَ شڪل ۾ آيا. شهزادي انهن کي چيو ته: توهين سڀئي گهوڙن تي چڙهي تيار ٿي بيهو پر هڪڙو گهوڙو خالي ڇڏيو. پوءِ ديو کي چيائين ته: باقي منهنجي ماءُ تنهنجي گنبذ ۾ آهي، سا ٻاهر ڪڍ. ديو کي سر سان لڳي پئي هئي، تنهن اک ڇنڀ ۾ راڻيءَ کي ٻاهر آندو. شهزادي ماءُ کي چيو ته: امان! تون به گهوڙي تي چڙهه. راڻي گهوڙي تي چڙهي ته شهزادو به اچي گهوڙي تي چڙهيو ۽ اڙي هنيائين. ديو به هنن جي پٺيان منٿون ڪندو ڊوڙندو آيو شهزادي سٽَ ڏئي ڪبوتر جي ٻاز پٽي ته ديو جي به ٻانهن پٽجي ويئي، ديو وٺي رڙيون ڪيون. اهڙيءَ طرح شهزادو ڪبوتر جو هڪڙو عضوو پٽيندو ديو کي عذاب ڏيندو گهوڙو ڊوڙائيندو آيو. جڏهن پنهنجي شهر کي ويجهو پهتو، تڏهن ڪبوتر جي منڍي پٽيائين ته ديو جي سسي به ڪري پئي ۽ پڇاڙيءَ جي دانهن ڪري هميشه لاءِ پورو ٿي ويو. هي سڀئي خير سان پنهنجي ملڪ ۾ اچي گهڙيا. پوءِ ته چوطرف خوشيون ٿي ويون. شهزادو سڀني جي اکين جو تارو بڻجي پيو، جو هن جي ڪري سڀني کي نئين حياتي ملي. جيئن هنن جون اميدون پوريون ٿيون تيئن شال سڀني ڀائرن جون اميدون پوريون ٿين.

# ٢١. روح افزا شهزادي ۽ ست سريو ديو *

ڪنهن زماني ۾ هڪڙي ملڪ تي ڪو بادشاهه حڪومت ڪندو هو. کيس هڪڙو سدا ملوڪ شهزادو به هو، جو پنهنجي بهادري ۽ سونهن ڪري سڄي ملڪ ۾ مشهور هو. هڪڙي ڏينهن شهزادو پنهنجي دوست وزيرزادي سان گڏ سير شڪار ڪيو پئي موٽيو ته واٽ تي هڪڙو پيرسن ڪاٺير مليس، جنهن کين چيو ته: مهرباني ڪري مونکي ڪاٺيون ته ڪٽايو. پر هنن سندس ڳالهه تي ڪان ٻڌي، چي: اسين ٿڪڙا آهيون. تنهن تي پيرسن ڪاٺير چيو ته: اهڙا ٿڪڙا آهيو جڻ ته روح افزا شهزاديءَ سان شادي ڪرڻي اٿوَ. شهزادي ڪٽي گهوڙو جهليو ۽ پيرسن کي چيائين ته: پريا مڙس! هاڻي ويندا سين به اوڏانهن. ائين چئي وزيرزادي سميت محلات ۾ آيو ۽ اچي پنهنجي پيءُ کي چيائين ته: بابا سائين! مونکي موڪل ڏيو ته آءٌ روح افزا شهزادي سان شادي ڪري اچان. پڻس کيس گهڻوئي روڪيو پر شهزادي چيس ته: جي آءٌ شادي ڪندس ته روح افزا شهزاديءَ سان نه ته هينئر ٿو پاڻ کي ماريان. لاچار بادشاهه کيس اچي ڳاڙهي جون خرزنيون پري ڏنيون ۽ وزيرزادي کي ساڻ ڪري وڃڻ جي اجازت ڏنائين.

وزيرزادو ۽ شهزادو ٻئي ڄڻا سهي سنيري هٿيار پنوهار ڪٽي، سامونڊي گهوڙن تي چڙهي شهزادي روح افزا جي ڳولا ۾ روانا ٿيا. منزلن تي منزلون ڪندي هڪڙي اهڙي رڻ پٽ ۾ اچي نڪتا جتي پاڻي به ڪونه هو. هنن کي اڃ به ڏاڍي لڳي هئي، اوچتو پري کان کين هڪڙو کوهه ڏسڻ ۾ آيو. ڪهي اوڏانهن ويا. کوهه تمام اونهو هو جنهن ۾ ماڻهو چاڙهيءَ

* هيءَ ڳالهه وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) سان محمد خان لغاري کان ملي.

تان لهي وڃي پاڻي پيئندا هئا. وزيرزادي خيال ڪيو ته اهڙي قسم جا ڪوهه خطري کان خالي نه هوندا آهن، تنهنڪري شهزادي کي چيائين ته: شهزادا! تون ترس ته آءٌ هيٺ ڏو لهي وڃان. وزيرزادو جڏهن پاڻي وٽ پهتو تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو، هٿ منهن ڌوئي پاڻي پيتائين. سامهون جو ڪٽي ڏسي ته سبحان الله، هڪڙي خوبصورت شهزادي جي تصوير پٿر تي اُڪري پئي آهي. وزيرزادو اچرج ۾ پئجي ويو ته هي ڪهڙو راز آهي. وري خيال ڪيائين ته شهزادو به پاڻي پيئڻ لاءِ ايندو، سو اهو جيڪڏهن هيءَ تصوير ڏسندو ته متان عاشق ٿي پوندو، پوءِ وري نئين آزار ۾ ڦاسجي ويندا سين، تنهنڪري ڇا ڪيائين جو انهي تصوير تي ڪپ هڻي ٻاهر نڪري آيو ۽ شهزادي کي پاڻي پيئڻ لاءِ هيٺ موڪليائين، ۽ اهو به چيائينس ته: شهزادا! ڪوهه ۾ گهڻو نهارجئين نه. شهزادي ڪوهه ۾ لهي وڃي پاڻي پيتو. اتي دل ۾ خيال ڪيائين ته وزيرزادي مون کي نهارڻ کان ڇو روڪيو هو، آءٌ به ته ڏسان آخر آهي ڇا. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين ته هڪڙي هنڌ تازي مٽي لڳل نظر آيس. شهزادي ان تي پاڻي جا ڇنڊا هڻي مٽي صاف ڪئي ته هڪڙي تصوير نظر آيس، جنهن کي ڏسڻ سان شهزادي جا هوش خطا ٿي ويا ۽ ان تي عاشق ٿي پيو ۽ بي اختيار چوڻ لڳو ته: هڪڙن کي هڪڙي، ٻين کي ٻي، واهه جا صورت ۽ مورت ڏنيسين. ڪجھ مهل گذري وئي پر شهزادو ٻاهر نڪتوئي ڪونه. تنهن تي وزيرزادو هيٺ لهي وڃي ڏسي ته شهزادو انهيءَ مورتي تي مست ٿيو ويٺو آهي ۽ ورائي ورائي پيو چئي ته: هڪڙن کي هڪڙي، ٻين کي ٻي، واهه جا صورت ۽ مورت ڏنيسين. گهڻن حيلن ۽ سمجهاڻين کان پوءِ ريڍو ۽ وزيرزادي سان گڏجي ٻاهر آيو.

ڪجھ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ هڪڙي شهر جي ٻاهرئين دروازي تي اچي پهتا، انهيءَ دروازي تي به ساڳي ڪوهه واري تصوير

ڏٺائون، ڏاڍا حيران ٿيا. وري اندر وڃي ڏسن ته مار، ميڙني ماڻهن جو ويس ڪارو هو. پڇا ڳاڇا ڪرڻ تي خبر پين ته انهيءَ ملڪ جي بادشاهه جي ڌيءَ شهزادي روح افزا اڄ کان ٻارهن مهينا اڳ هتان هڪڙو سٽ سريو ديو زوريءَ کڻي ويو آهي، ان جي غم ۾ ملڪ جي اها حالت آهي. وري هڪڙي چؤسول تي آيا ته اتي پڻ اها تصوير ڏٺائون. شهزادو اها مورت ڏسي پاڻ جهلي نه سگهيو ۽ بي اختيار ٿي چوڻ لڳو ته: هڪڙن کي هڪڙي، ٻين کي ٻي، واهه جا صورت ۽ مورت ڏيسين.
پوءِ ته شهزادو چوسول مان ٽپو دروازي وٽ اچي ۽ دروازي تان ٽپو چؤسول ۾ اچي. وزيرزادي گهڻوئي سمجهايس پر وريو ڪجهه ٻه ڪونه. گهوڙي اچي وڃي رستي ۾ چرا وجهي ڇڏيا هئا. ماڻهو سڀ حيران هئا. وزيرزادو لاچار ٿي بادشاهه وٽ ويو ۽ شهزادي جي پاران بادشاهه کان سڱ جي گهر ڪيائين. بادشاهه چيس ته: اها ته ڪيترن ڏينهن کان سٽ سريو ديو کڻي ويو آهي. باقي ان جي ننڍي ڀيڻ نوُرس ان کان ٻه سهڻي آهي، جي قبول ڪريو ته مونکي منظور آهي. وزيرزادي اها حقيقت اچي شهزادي کي ٻڌائي. پر شهزادو ٻي ٻاسي ئي نه. تنهن تي وزيرزادو وري بادشاهه وٽ آيو ۽ چيائينس ته: مونکي انهيءَ سٽ سري ديو جي رهڻ جو ڏس پتو ملي ته آءٌ اوڏانهن وڃان. بادشاهه ۽ درٻارين کيس گهڻوئي سمجهايو ته اوڏانهن نه وڃ، اهو خيال دل مان ڪڍي ڇڏ. پر وزيرزادي کان شهزادي جي اهڙي حالت ڏٺي ڪانه ٿي، سو بادشاهه جي ڳالهه ڪانه مڃيائين؛ جنهن تي هن کيس هڪڙو ماڻهو ڏنو. جنهن کيس وٺي وڃي سٽ سريو ديو جي حد ۾ ڇڏيو.
ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هو وڃي هڪڙيءَ ڇپر وٽ پهتو. اندر گهڙي وڃي ڏسي ته هڪڙي عاليشان محلات لڳي پئي آهي، جنهن ۾ هڪڙي خوبصورت شهزادي پلنگ تي ستي پئي آهي. هن وڏي وڃي ڏٺو ته اهائي ڪوهه ۽ شهر واري



... ’چُر ۾ گهڙي ڏسي تہ اندر عاليشان محلات لڳي پئي آهي،
جنهن ۾ هڪڙي خوبصورت شهزادي سُتي پئي آهي‘...

(ص ۲۵۲)

تصوير واري شهزادي روح افزا هئي. هن شهزادي کي سجاڳ ڪيو، جنهن دانهن ڪري ڪانئس پڇيو ته: اي انسان! توکي ڪهڙي ڪُتيءَ ڪنيو آهي، جو هتي آيو آهين؟ اجهو هتان ڪي هُتان راڪاس آيو ۽ ذريون ذريون ڪري ڇڏيندئي. تنهن تي وزيرزادي چيو: انهيءَ راڪاس کي ڏنو ويندو، تون اهو خيال نه ڪر. آءٌ توکي وٺڻ آيو آهيان، تيار ٿي. انهي تي روح افزا ڏاڍي خوش ٿي ۽ هڪدم ياڪر ڪٽي وڌائينس، مگر وزيرزادي ڪانئس جدا ٿي کيس چيو ته: شهزادي! تون منهنجي شهزادي جي امانت آهين، جنهن جي حالت تنهنجي عشق ۾ تمام خراب ٿي وئي آهي. اهو ٻڌي روح افزا به پرپٺ شهزادي تي عاشق ٿي پئي ۽ وزيرزادي کي چيائين ته: هاڻي جلدي منهنجي ديو کان جند ڇڏاءِ ۽ مونکي اُن وٽ پهچاءِ. وزيرزادي شهزادي کي چيو ته: تون ديو کان پڇ ته سندس ساهه ڪٿي آهي، پوءِ آءٌ پاڻهي ٿو انهيءَ جو علاج ڪريان. شهزادي چيو ته: اهو ڪم منهنجو. پوءِ وزيرزادو پاڻ لڪي وڃي ويهي رهيو.

ڪا مهل ڪانه گذري ته اوچتو مينهن وسڻ لڳو، جنهن کان پوءِ ڌڪرين جو طوفان لڳو. جڏهن اهي بند ٿيا تڏهن هڪڙو ست سريو ديو اچي اُتي پر ڪُهٽ ٿيو. اچڻ سان 'آدم بو آدم بو' ڪرڻ لڳو. تنهن تي روح افزا شهزادي چيس ته: مُنجهي ته ڪونه پيو آهين، هتي آدم جو پاڇو به ڪونه پئي. وري جو ساڻس مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪيائين ته ديو ريجهي پيو ۽ اهو خيال ئي لهي ويس. نيٺ شهزادي ڪانئس پڇيو ته: اي ديون جا بادشاهه! تون گهڻو ڪري ٻاهر ٿو رهين، ساهه ٿي ڪنهن جو پروسو ڪونهي، هلندي ڪٿي مري پئين ته پوءِ منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو. تنهن تي ديوَ کلي چيس ته: انهيءَ جو تون ڪوبه فڪر نه ڪر، منهنجو روح هڪڙيءَ مڻ ۾ آهي، جا فلاڻي بيابان ۾ رکي آهي ... اُنهيءَ تائين ڪنهن انسان ته ڇا، پر جنن ۽ ڀوتن جو

پهچڻ ته مشڪل آهي، ٻئي ڳالهه ته آها روز رات جو آءٌ ڏسڻ
ويندو آهيان، ۽ آن تي وڃي پهرو ڏيندو آهيان. شهزادي روح افزا اهو
ڪجهه وٺي ڏاڍي خوش ٿي. پوءِ ديو ڪجهه دير ويهي هليو ويو.

ديو جي وڃڻ کان پوءِ وزيرزادو ٻاهر نڪتو ۽ شهزادي
کان احوال وٺي آنهي رڻ پٽ ڏانهن روانو ٿيو، هلندي هلندي
هن کي ڪيترا ڏينهن گذري ويا. آخر هڪڙي ڏينهن هڪ
تمام وڏي رڻ پٽ ۾ پهتو، اتي ڪيس رات به پئجي وئي، سو
هڪڙي وڻ جي هيٺان رات گذارڻ لاءِ ويهي رهيو. جڏهن
ڪجهه رات گذري تڏهن وزيرزادي ڏٺو ته هڪڙي پاسي کان
روشني پئي اچي، هي به لڪي لڪي آنهي پاسي ويو. اتي
وڃي ڏسي ته پٽ ۾ هڪڙي مڻ پئي آهي، جنهن مان اها
روشني پئي اچي، ۽ آهو ساڳيو سٽ سريو ديو پيو آن جي
چوگرد ڦيرا ڏئي. اتي وزيرزادو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ويهي اٽڪل
ويچارڻ لڳو ته ڪهڙي نموني سان ديو کي ختم ڪجي. نيٺ
گهڻي ويچار کان پوءِ هڪڙي اٽڪل سجهي آيس.

ٻئي ڏينهن صبح جو هي پرواري شهر ڏانهن ويو. جتي
هڪڙي لوهار وٽ ويو ۽ کيس چيائين ته: هڪڙي اهڙي نموني
جي ٺيهه - ٺڪڻي ٺاهي ڏي، جنهن ۾ هيٺ ويٺل کي ڪو به
ايذاءُ نه رسي، ۽ ٻئي کي اهڙو سو کهو جهلي جو جيئن ڇڏائڻ
جي ڪوشش ڪري تيئن ڦاسي، تان جو پورو ٿي وڃي. لوهار
کانئس سؤ رپيا ورتا ۽ شام تائين ٺيهه - ٺڪڻي ٺاهي ڏيڻ جو
انجام ڪيائين. شام جو لوهار کان ٺيهه - ٺڪڻي وٺي هي سڌو
آنهي رڻ پٽ ڏانهن روانو ٿيو.

جڏهن رات ٿي تڏهن ساڳيءَ مهل سٽ سريو ديو
آيو. وزيرزادي وڃي وٺي پاڻ کي ٺيهه - ٺڪڻيءَ ۾ لڪائي،
وڃي آن مڻ مٿان ويهي رهيو. جنهنڪري تمام اوندهه
ٿي وئي. مڻ جي ڏڪڻ سان ديو جون رڙيون شروع ٿيون.
سڌو ته - ٺڪڻيءَ تي حملو ڪيائين پر اهو ان ۾ ڦاٻو ٿي ويو، جيئن

ڇڏائڻ جي ڪوشش تي ڪيائين تيئن تي قابو ٿيو. ايتري ۾ وزيرزادي ڪٺي مڻ تي هٿ رکيو، ۽ پوءِ ته اچي ديو جو ساهه منجهيو. ديو جي رڙ هيٺ رڙ مٿي، تان جو ڦٿڪي ڦٿڪي ساهه ڏنائين. پوءِ پاڻ ٻاهر نڪتو ۽ مڻ ڪيسي ۾ وجهي ديو جو ڪن ۽ پڇ وڍي واپس روانو ٿيو، ۽ ٻن ئي ڄڻن ڏينهن ۾ اچي شهزادي روح افزا وٽ پهتو، جيڪا هن کي صحيح سلامت ڏسي ڏاڍي خوش ٿي.

ٻئي ڏينهن وزيرزادو ۽ شهزادي روح افزا ٻئي سڀ سنهري ديو جي ملڪيت ۽ سامان کڻي واپس روانا ٿيا. هلندي هلندي هڪڙي ڏينهن ڪنهن درياءَ وٽ اچي پهتا، جتي اڳئي ڪنهن بادشاهه جا ٻيڙا بيٺا هئا. انهي بادشاهه جي روح افزا تي نظر پئجي وئي، سو مٿس عاشق ٿي پيو. تنهن يڪدم حڪم ڏنو ته: ڪنهن به طرح وڃي جهڙي به اِها شهزادي آڻي ڏيو. بس رڳو حڪم جي دير هئي، بادشاهه جي ماڻهن ويچاري وزيرزادي کي ماري ڪُٺي، ڪانئس شهزادي ۽ مڻ ڦري ٻيڙن ۾ چڙهي روانا ٿي ويا. شهزادي گهٽيون ئي ڏاڍيون ڪُوڪون ڪيون پر وريو ڪي به ڪين.

ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ بادشاهه شهزادي روح افزا کي شاديءَ لاءِ چيو، پر هن چيس ته: آءٌ توسان ٻارنهن مهينن کان پوءِ شادي ڪنديس، ۽ تون اڄ کان وٺي خيرات شروع ڪر جا ٻارنهن مهينن تائين هلي، جيئن سيڪو هتان راضي ٿي وڃي. بادشاهه کي ته رڳو حڪم ڪرڻ جي دير هئي. يڪدم خيرات شروع ٿي وئي، سڄي ملڪ ۾ اها خبر پکڙجي وئي ته فلاڻي بادشاهه وٽ خيرات پئي هلي، سو پري پري جا ماڻهو اتي اچڻ لڳا.

هوڏانهن وري شهزادي جي اها حالت هئي جو ڏاڙهي وڌي، وار اٺيا، بت ۾ ڳري ڪندا تي ويو ۽ گهوڙو به اپرو ٿي ويو هوس. سڄو شهر هن کي چريو ڪري سڏيندو هو. هڪڙي

ڏينهن انهيءَ شهر جي ماڻهن خيال ڪيو ته اڄ هلي خيرات کائي اچون. تنهن تي ڪن صلاح ڏنن ته ڇو نه چرئي کي به وٺي هلون! آخر ريهي ريبي هن کي به وٺي آيا. جنهن وقت هن کي کاڌو ڏنائون ته هن ڇا ڪيو جو ٻه گرهه کٽي وات ۾ هٽي چيائين ته: کڻو پنهنجو کاڌو. اها خبر جڏهن شهزادي روح افزا تائين پهتي، تڏهن چوائي موڪليائين ته: ڪو به شخص هتان ناراض ٿي نه وڃي، آءٌ خود انهيءَ شخص سان ڳالهائينديس ۽ ماني کارائينديس. پوءِ ٻانهي ساڻ ڪري هن وٽ آئي، ۽ چيائينس ته: اي درويش! ڪهڙو سبب آهي جو تون ماني نٿو کائين؟ جڏهن شهزادي منهن مٿي ڪٽي هن کي ڏٺو ته بي اختيار وات مان نڪري ويس: هڪڙن کي هڪڙي، ٻين کي ٻي، واهه جا صورت ۽ مورت ڏٺيسين. اهي لفظ ٻڌي شهزاديءَ هن کي سڃاتو ۽ هن کي هٿن سان ماني کارائي، گهوڙي کي گاهه موڪلي پاڻ محلات ۾ موٽي آئي. پوءِ شهزاديءَ اڪيلائي ۾ شهزادي کي سڏائي ڪيس دلداري ڏني، ۽ اها صلاح ڪيائون ته: تنهنجو گهوڙو ڏکل آهي جو پاڻ ٻن کي کڻي ڪونه سگهندو، تنهنڪري اڄ رات جو آءٌ بادشاهه کي پاڻ وٽ گهرائينديس ۽ اوڏي مهل تون محلات جي هيٺان اچي بادشاهه کان سامونڊي گهوڙي ۽ بادشاهي وڳي جي خيرات گهرجئين. پوءِ ٻيءَ رات پاڻ انهي تي سوار ٿي هليا هلنداسين. رات ٿي ته شهزاديءَ، بادشاهه ڏي ماڻهو موڪليو ته: هينئر جو هينئر مون وٽان ٿي وڃ. اِهو ٻڌي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سڌو شهزاديءَ ڏي آيو. اچان ڏاڪڻ جي ڏاڪي تي پير ئي مس رکيائين ته شهزادي گهوڙي ۽ بادشاهي وڳي جي صدا هنئين. تنهن تي بادشاهه کيس چيو ته: فقير! صبح جو اچج. اندر داخل ٿيڻ تي شهزاديءَ پڇيس ته: ڪنهن سان ٿي ڳالهايوَ. بادشاهه چيو ته: هڪڙو فقير هو جنهن گهوڙو ۽ بادشاهي وڳو ٿي گهريو. تنهن تي شهزاديءَ پڇيس

## ۴۲- شهزادو منير ۽ نابين ديو *

هڪڙو هو بادشاهه. بادشاهه ته پاڻ ڏٺي آهي پر هيءَ به زماني جو ٻادشاهه هو. ڪيس ٻي ته ڪابه بک ڪانه هئي پر اولاد ڪونه هوس. گهڻائي پير فقير پڇيائين، خير خيراتون ڪيائين؛ اميرن وزيرن جي صلاح تي ست شاديون ڪيائين؛ پر خدا جي ڪا اهڙي قدرت ٿي جو ڪيس اولاد ڪونه ٿيو. نيٺ لاچار ٿي انهيءَ غم کان ڪارا ڪپڙا ڪري پنهنجي محلات جي آڏو، شاهي رستي تي اونڌي منجي ڪري ويهي رهيو. اتي هن کي ويٺي گهڻو وقت گذري ويو. ڪيئي ماڻهو بادشاهه جي اها حالت ڏسي حيران ٿيندا هئا، پر ڪنهن به سندس درد جي دوا نه ڪئي.

هڪڙي ڏينهن اهڙو طوفان اچي لڳو جو ماڻهو، مرون، جيت، پکي سڀ اهڙا حيران اچي ٿيا، جو سندن لڪڻ جون جايون ڪٿي ويون. سڀني ائين پئي سمجهيو ته اجهو ٿا غرق ٿيون. اهڙيءَ حالت ۾ به بادشاهه ويچارو ائين ئي رستي تي پئي ليٽڙيو. تڏهن هن جي حالت تي قدرت کي رحم آيو ۽ وٽس اوچتو هڪڙو ازغيبي فقير اچي نڪتو، جنهن هن کي ٻانهن ۾ هٿ وجهي چيو ته: اي بادشاهه! تنهنجا غم لٿا. تون هاڻي پنهنجي گهر وڃ، خدا جي حڪم سان توکي اولاد ٿيندو. بادشاهه کي انهيءَ تي ويساهه اچي ويو، ۽ يڪدم اٿي پنهنجي محلات ڏانهن روانو ٿيو. طوفان به گهٽجي ويو، بادشاهه کي جو فقير دلاسو ڏنو هو، سو هن کي به ڪجهه خوشي ٿي، ۽ اچڻ سان خير خيراتون ڪيائين. آخرڪار خدا جي فضل سان بادشاهه جي گهر ۾ اميد واري ٿي ۽ وقت پڄاڻا بادشاهه کي هڪڙو چوڏهينءَ جي چنڊ

---

* هيءَ ڳالهه آتر (تعلقي ڏوڪري) مان غلام نبي کان مليي

جهڙو پٽ ڄائو، پوءِ ته ڏاڍيون خوشيون ٿي ويون. خزانن جا دروازا کلي ويا، ڪيترا فقير خير خيراتون وٺي ڏاڍا خوش ٿيا. آخر سوچ ويچار ڪان پوءِ، بادشاهه پنهنجي پٽ جو نالو ”منير“ رکيو. شهزادي منير جي سنڀال ۽ پالڻ لاءِ ڪيترائي ٻانها ٻانهيون مقرر ٿي ويا. شهزادو اڃ ننڍو سيان وڏو اچي لائق ٿيو. بادشاهه سندس تعليم لاءِ وڏا وڏا عالم مقرر ڪيا. جڏهن جوان ٿيو تڏهن جنگي فن سيکارڻ لاءِ ڪئين جوڌا جوان مقرر ٿي ويا. مطلب ته شهزادي منير کي سيکنهن قسم جي تعليم ڏني وئي. جڏهن ڦوهه جوانيءَ کي اچي پهتو، تڏهن بادشاهه پنهنجي شاهي خاندان مان سندس شادي ڪرائي ۽ پنهنجي جيئري کيس تخت ڏئي پاڻ وچي عبادت ڪرڻ لڳو.

شهزادي منير کي ننڍي هوندي کان ئي شڪار ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو. سو هڪڙي ڏينهن شڪار جي بهاني گهوڙي تي سوار ٿي جهنگ ڏانهن نڪري پيو. شهزادو شڪار لاءِ ڏاڍو هليو پر کيس شڪار نه لڳو. آخر ٿڪجي ٽٽي مهل نااميد ٿي واپس وريو ته اوچتو ٻاسي مان هڪڙو ڪارو هرڻ ٽپ ڏئي هن جي گهوڙي اڳيان ڀڄڻ لڳو. شهزادي هرڻ کي ڏسڻ شرط ڪٽي گهوڙي کي ان جي پٺيان ڇڏيو. اڳيان هرڻ پٺيان گهوڙو ڀڄندي ڀڄندي نيٺ سج لهي ويو ۽ اونده ٿي وئي ۽ هرڻ سندس اکين اڳيان غائب ٿي ويو. شهزادو منير هڪڙي ڦتل ڪوهه جي مٿان اچي بيٺو. اتي شهزادو ڏاڍو حيران ٿيو ته هاڻي ڪيڏانهن وڃان. اونداهيءَ سبب رستي جي به خبر ڪانه پئي پويس. نيٺ نااميد ٿي گهوڙي کي ڇڏي ڏنائين ۽ پاڻ اچي ان ڦتل ڪوهه جي مٿان پاڻي پيڻ جي ارادي سان ٻيهي رهيو. انهيءَ سوچ ويچار ۾ هو ته هاڻي پاڻي ڪيئن ڪڍان جو پاڻي تمام هيٺ هو. سڄي ڏينهن جي رولڙي ڪري تمام گهڻي اُڃ اچي لڳي هئس. نيٺ ڏئيءَ کي سنڀالي ڪوهه ۾ ڪٽي پاڻ ڇڏيائين ته اچي تري ۾ پيو. هيٺ هن کي هڪڙي دري

نظر آئي. شهزادو منير دري ڏسي ڀريائين ته دهلجي ويو، پر پوءِ دل جهلي جهاتي پاتائين، ڏسي ته قدرت جا عجيب نظارا لڳا پيا آهن. هڪڙو باغ آهي، جنهن ۾ هر طرح جا ميوا ۽ گل ڦل لڳا پيا آهن، ۽ قسمين قسمين جا پکي مٺيون لاتيون لنوَن. شهزادو باغ ڏسي اندر لنگهي ويو. ڪيس بک ۽ اُڃ به ڏاڍي هئي، سو ميوا کائي ڍؤ ڪيائين. پوءِ هي باغ گهمندو گهمندو هڪڙي ميدان ۾ اچي نڪتو، ڏسي ته مارا! هڪڙو وڏو آڏوتي ديو آهي جنهن جي وات مان باهه جا آلا پيا نڪرن سو بيٺو ٻڪريون چاري. شهزادو منير آهستي آهستي، لڪندو ڇپندو انهيءَ ديو جي پاسي ۾ اچي ويٺو. ڏسي ته ديو انڌو هو. شهزادو اچان انهيءَ ڏسڻ پسڻ ۾ هو ته ديو هڪڙي وڏي رڙ ڪئي ته سڀ ٻڪريون هڪڙي وڏي ڪونار مٿان وچي بيٺيون، جتي ديو سيئي ٻڪريون ڏُهي ڪونار کير سان ڀريائين. پوءِ ڪونار ۾ منهن وجهي کير پيئڻ لڳو. شهزادو به آهستي آهستي ٻئي پاسي کان کير پيئڻ لڳو. جڏهن کير کپي ويو، تڏهن ديو پيٽ کي هٿ لائي چوڻ لڳو ته: اڄ منهنجو پيٽ الاجي ڇو نه ڀريو آهي، شايد ڪو کير ٻي ويو اٿم. نيٺ رڙ ڪري چيائين ته: ڪير آهي، جو مون انڌي جو کير ٿو پئي؟ اتي شهزادي ورندي ڏنس ته: آءٌ آدمزاد آهيان ۽ اچي هن ڪوهه ۾ ڦاٿو آهيان، جنهنڪري ٻي ڪا به واهه نه، ڏسي اوهان وٽ آيو آهيان ته من ڪو ڇوٽڪارو ٿئيم. اتي ديو هن کي چوڻ لڳو ته: ٻچا! هاڻي تون هتيڪو آهين. هتي ڪيئي مسافر آيا ۽ منهنجي سيوا ڪري مري کپي ويا. اهو ٻڌي شهزادي کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ زاروزار روئڻ لڳو. تنهن تي ديو چيس ته: تون روءُ نه، آءٌ توکي ضرور مٿي اماڻيندس، پر ڪجهه وقت منهنجي خدمت ڪر. اڄ کان هيءُ ٻڪرين جو ڌڻ تنهنجي حوالي آهي، هن کي روز چاري اچج؛ پر اتر ۽ ڏکڻ ڏانهن ڀلجي به نه وڃجئين، ڇاڪاڻ ته اتر ڏانهن هڪڙي وڏي واسينگ

شهزادو شام جو نانگ وارو ڏڻ ۽ پنهنجو ڏڻ ٻئي ڪاهي ديو وٽ آيو ۽ ان کي اچي چيائين ته: ماما! اڄ ٻڪرين جا ڪن ته گهٽ ڏسو. انڊي ديو جان ڪٽي ڳڻيون ته ٻڪريون ٻيڻيون هيون. ديو پڇيس ته: ٻچا! هي ڇا؟ تنهن تي شهزادي منير ٻڌايس ته: ماما! اڄ واسينگ نانگ کي ماري ان جو ڏڻ به ڪاهي آيو آهيان. اهو ٻڌي ديو ڏاڍو سرهو ٿيو. پوءِ وري چيائين ته: ٻچڙا! ايڏانهن وئين ته ٺهيو، پر ڏکڻ ڏانهن اصل نه وڃجئين، ڇاڪاڻ ته ڏائڻيون اهڙيون ته مڪار آهن جو ڪيترن کي ته ماري ڇڏيو اٿن ۽ ڪيترن کي انڌو ڪري ڇڏيو اٿن. اتي شهزادي چيو ته: ماما! آءٌ ايڏانهن ڪونه ويندس.

ٻه چار مهينا گذريا ته شهزادي منير کي وري اچي هن خيال ورتو ته هاڻي ڏکڻ ڏانهن به وڃجي، ڏسان ته ڪهڙيون ڏائڻيون آهن؟ سو هڪڙي ڏينهن شهزادو منير ٻڪرين جو ڏڻ ڏکڻ طرف وٺي ويو. هڪليندو هڪليندو وڃي هڪڙي جهنگ ۾ پهتو. اوچتو پرياڻ کن ڏائڻين جي ڏندن ڪرڪائڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ پيو اچي. هو هڪدم ترار ڪڍي ٻڪرين جا ٻُچ ڪپڻ لڳو. ٻچ ڪپي هڪڙي وڏي وڻ تي چڙهي ڏاڍي ياڻ آواز ڪري روئڻ لڳو ۽ انهن وارن مان نوڙيون ٺاهڻ لڳو ته ايتري ۾ انهن ڏائڻين کي ڪنهن جي روئڻ جو آواز ڪن تي پيو، سو سڀئي ڊوڙنديون آيون. ڇا اچي ڏسن ته هڪڙو نهايت حسين جوان مرد آهي، جو روئي به پيو ۽ ٻڪرين جي وارن مان رسي به پيو وٽي. جنهن تي حيران ٿي هن ڪان پڇڻ لڳيون ته: اي ڇوڪرا! روئين ڇو ٿو؟ جنهن تي شهزادي چين ته: پرياڻ هڪڙو ظالم شڪاري وڏو ڪتن جو ڏڻ ڪاهيو پيو اچي ۽ جيڪو به شڪار هٿ لڳيس ٿو تنهن کي ڇڏي ڪين ٿو. سو اهڙي ڇيچاڙجي سرڻ ڪان مان پاڻ کي ڦاهو ڏيندس. اچان شهزادي اها ڳالهه ٻس ڪئي ته هڪدم ڏائڻيون

ٻه روئڻ لڳيون ۽ شهزادي کي چوڻ لڳيون ته: ڇوڪرا! خدا جي واسطي اول اسان کي ڦاهو ڏي، ڇو ته اسين ڏائڻيون آهيون، جنهنڪري اسان کي ته ڏاڍو خراب ڪري ماريندو، تون اڃان جوان مرد آهين، توکي متان ڇڏي ڏين، سو مهرباني ڪري سيگهه ڪر، اسان کي پهزٻائين ڦاهو ڏي. شهزادي دل ۾ چيو ته هاڻي وارو آهي، سو هڪدم هرڪنهن کي ڦاهو ڏئي، ڇهن ڏائڻين کي ماري، ستين ڏائڻ کي چوٽيءَ کان وٺي، ڪڙيون ڏائڻ جون چيري هن جو علم ختم ڪري ڇڏيائين ۽ چيائينس ته: ماءِ! ديو جون اکيون ڪٿي آهن؟ ڏائڻ هڪدم آزيءَ سان عرض ڪيس ته: اجهي هي اکيون، پر خدا جي واسطي منهنجي چوٽي نه ڪپجئين. شهزادي ٻه ٽڪا ڪئي هم ٽڪا ٽم، يڪدم ترار سان هن جو چوٽ ڪپي ڪٽي ڦٽو ڪيو ۽ ڏڪي ڪيائينس ڏڻ اڳيان، چي: هل رڻ ٽڪي. شهزادو ڏائڻين جو ڏڻ ٻه هڪڙيءَ ڏائڻ سوڏو ڪاهي شام جو اچي ديو جي مڪان تي پهتو ۽ کيس چيائين ته: ماما! اڄ ٻڪرين جا ڪن ڳڻ. ديو جو ڪن ڳڻ ڪئي ته ڏنائين ته اڄ ٻڪريون ته ٽيڻيون هيون. پوءِ شهزادي ماٺ ڪري هڪڙي اک ٻه وجهي ڇڏيس، ته ديو ٻل ڏئي اٿي ويهي رهيو. جنهن تي شهزادي چيس ته: ماما! ويهه ته ٻي اک ٻه وجهئين. تڏهن ديو ان جي پرسان آيو ۽ شهزادي کيس ٻي اک ٻه وڌي. ديو کي ديد ٿي سو ڏاڍو خوش ٿيو. شهزادي ديو کي چيو ته: ماما! هيءَ ڏائڻ ٻه هاڻي بيڪار ڪري ڇڏي اٿم، جو هاڻي هن وٽ ڪوبه علم ڪونهي. تنهنڪري هن کي اهڙيءَ حالت ۾ ڪري تنهنجي خدمت لاءِ ڇڏيان ٿو، ۽ مونکي مهرباني ڪري پنهنجي ملڪ اماڻ. ديو چيو ته: ٻچا! هاڻي توکي تنهنجي ملڪ ڏانهن ضرور اماڻيندس. انهن ڇئي هڪڙي ٽوپي ڪڍي شهزادي کي ڏنائين ۽ چيائين ته: هن ٽوپيءَ کي آڱر ۾ وجهي ڦيرائي ۽ اکيون ٻوٽ ته پاڻهي پنهنجي

شهر ۾ پهچي ويندين. شهزادي ائين ڪيو ۽ وري ڪٿي اڪ ڪولي ته ڏسي ته ميدان لڳو پيو آهي. اتان هي پيادو هلي پنهنجي شهر ۾ آيو، پر شهر جي ٻاهران ديو واري ٽوپي ڀاڃي هڻائين، سو ڪراڙو جهور ڏسڻ ۾ پئي آيو. خير هي اچي پنهنجي محلات وٽ پهتو.

شهزادو پنهنجي محلات وٽ ڏسي ته ماڻهن جا ميڙ لڳا پيا آهن. وڏي وچي هڪڙي ماڻهوءَ کان پڇيائين ته: ادا! هي ڇا جو گوڙ آهي؟ اتي هڪڙي چڱي مڙس چيس ته: ڪراڙا! هي شهزادي منير جو محلات آهي، جنهن کي پنج ڇهه سال ٿيا جو شڪار ڪرڻ ويو هو ته وري نه آيو ۽ ان جي غم سبب پيءُ به روئي روئي مري ويو. باقي وڃي رهي شهزادي منير جي راڻي، تنهن کي به وزيرن اچي تپايو آهي ته مڙس ڪر. تنهن لاچار تي هڪڙو شرط وڌو آهي ته جيڪو شخص رڪ جي ڪمان تي رڪ جو گز چاڙهيندو، تنهن کي حق ڪنديس. سو انهيءَ شرط پوري ڪرڻ جو اڄوڪو ڏينهن مقرر ٿيل آهي، تنهڪري پري پري جا پهلوان انهيءَ شرط ڪٽڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا آهن، پر ان سان گڏ اهو به شرط آهي ته انهيءَ شرط پوري ڪرڻ جي خواهش رکندڙ ۽ گز ڪمان ۾ چاڙهي نه سگهيو ته پوءِ ان کي موت جي سزا ڏني ويندي.

شهزادو منير اهو احوال ٻڌي ڏاڍو غمگين ٿيو ۽ پاڻ به انهيءَ ميدان ۾ اچي بيٺو. ڪيترائي پهلوان قسمت آزمائي واسطي اچي رڪ جو گز رڪ جي ڪمان تي چاڙهڻ لڳا، پر ڪوبه اهو ڪم پورو ڪري نه سگهيو. اتي شهزادو منير به ميدان ۾ آيو ۽ اچي چيائين ته: ادا! آءٌ به پنهنجي قسمت آزمائي ٿو ڏسان، من آءٌ ڪٽي وڃان. ماڻهن جو ڏٺو ته هيترا پهلوان به هن ڪم ۾ فتحياب نه ٿيا، سو هيءُ ٻوڙهو جهور وري ڪهڙو گز ڪمان تي چاڙهندو. سي کيس ڦري آيا، چي: ٻوڙها! ناحق تو پنهنجي جان وڃائين، پيچ پري. پر شهزادو

ڪونهه مڙيو. اڇڻ سان خدا کي ياد ڪري، وٺي جو زهه کي گز تي چاڙهي زور ڏنائين ته گز ٽڪاءُ وچي ڪمان تي ڪيو. واهواهه پئجي وئي، پير تي ڏونڪو لڳي ويو. راڻيءَ کي ٻانهين وچي ٻڌايو ته هڪڙي جهور پوڙهي اها شرط کٽي آهي. راڻيءَ اهو ٻڌي ڏاڍي غمگين ٿي پر بادشاهي قول ڦيرائڻ مشڪل لڳس. آخرڪار ڪراڙي کي تخت تي ويهاري راڻي سندس حوالي ڪري ڇڏيائون.

رات ٿي ته شهزادو وچي راڻيءَ واري محلات ۾ راڻيءَ سان گڏ سمهي پيو. راڻيءَ جو هن کي جهور پوڙهو ڏٺو، سو ٻاسو وراڻي سٽي. شهزادي منير ٽوپي لاهي راڻيءَ کي چيو ته: راڻي! منهن ته هيڏانهن ڪر. راڻيءَ لاچار ٿي منهن ورايو، ڏسي ته هيءَ ته شهزادو منير. بس پوءِ ته ڳچيءَ ۾ چنبڙي پيس ۽ زار زار روئڻ لڳي. شهزادي کيس دلاسو ڏنو ۽ پرچاياٿينس ته اڳتي ائين شڪار تي ڪونهه ويندس. ان بعد راڻيءَ ۽ شهزادي منير هڪٻئي سان حال احوال ڏنا ۽ خوش ٿي پهنجي حياتي خير خوبيءَ سان گذارڻ لڳا، جهڙا ميلا انهن جا ٿيا، تهڙا شل جڳ جهان جا ٿين. آمين.

# ٢٣. ڇوڪرو ۽ ديو *

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪڙو غريب شخص رهندو هو، جنهن کي هڪڙي زال، هڪڙو پٽ ۽ ٻه ڌيئون هيون. هن جو گذران مڇيءَ تي هوندو هو. قدرت الاهي جو انهيءَ شخص کي روز پنج مڇيون نصيب ٿينديون هيون، جيڪي هو سڀ هڪڙي هڪڙي ڪري ورهائي کائيندا. ائين ڪندي هن کي ڪيترائي ڏينهن گذري ويا، پر هن جو پيٽ قوت ڏاڍو تنگ ٿي گذريو، نيٺ هڪڙي ڏينهن زال پنهنجي مڙس کي چيو ته: ائين ڪيترا ڏينهن قصو هلندو، هاڻي ڇوڪرو به اچي جوان ٿيو آهي ۽ ان کي به ڪجهه ڪمائڻ کپي. تنهن تي ان شخص چيو ته: هتي ته ڪو اهڙو ڌنڌو آهي ئي ڪونه، ڪٿي وڃي ڪمائي؟ تنهن تي زال چيو ته: هت ڌنڌو نه آهي ته ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ موڪلينس ته مڙس آهي وڃي ڪمائي اچي. مڙس چيو ته: آءٌ ڪونه موڪليندس، خدا ڪندو ته هت ئي ڌنڌو لڳي ويندو. پر زال ضد ٻڌي بيهي رهي ته جيڪڏهن تون پٽ کي ڪيڏانهن ڌنڌي تي نه موڪليندين، ته آءٌ گهر ڇڏي ٿي وڃان، پوءِ تنهنجي مرضي. مڙس چيو ته: تون گهر ڇڏي وڃين يا نه، باقي آءٌ پٽ کي ڪونه ڪڍندس. آخر زال ڪاوڙجي پنهنجي مائٽن ڏي رواني ٿي وئي. جڏهن ڳچ جهڙو پنڌ ڪري وئي تڏهن ڏسي ته مڙس پٺيان ڊوڙندو پيو اچي، سو بيهي رهي. جڏهن مڙس ويجهو آيو تڏهن زال پڇيس ته: ڇا آهي؟ مڙس چيس ته: تون گهر موٽي هل ته آءٌ پٽ کي ٻاهر ٿو اماڻيان. ائين چئي زال کي واپس گهر وٺي آيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ننڊ مان اٿڻ شرط پيءُ پنهنجي پٽ کي چيو ته: پٽ، رسو ۽ ڪهاڙو کڻ ته هلي جهنگ مان

* هيءَ ڳالهه آتر (تعلقي ميرپور ماٿيلي) مان محمدعالم "شور" خانپوري کان ملي.

ڪائين جون ٻه ٽي پريون ڪري اچون. پوءِ ٻئي پيءُ پٽ ٿي سنهيري جهنگ ڏي نڪتا. جڏهن گهڻو پنڌ ڪري گهاٽي جهنگ ۾ پهتا، تڏهن پيءُ پٽ کي چيو ته: ابا! تون ٽيستائين ٻه ٽي پريون ڪائين جون ڪر، جيستائين آءٌ جهنگ جو خيال لاهي اچان. ائين چئي پيءُ جهنگ ۾ هليو ويو ۽ پٽ ڪائيون ڪرڻ لڳي ويو. جڏهن ٻه ٽي پريون ڪيائين تڏهن ٿڪجي هڪ وڻ هيٺ ويهي رهيو ۽ پيءُ جو انتظار ڪرڻ لڳو، مگر ڪيتري دير گذري وئي جو پڻس ڪونه آيو. نيٺ دل ۾ خيال ڪيائين ته پڪ بابو مونکي ڇڏي ڀڄي ويو، سو هاڻي وري گهر ڪهڙو وڃان. پوءِ جهنگ منهن ڪري هڪڙي پاسي اٿي هليو. پنڌ ڪندي ڪندي هن کي اچي رات پئي. جهنگلي جانورن جي خوف کان هڪڙي وڻ تي چڙهي سمهي رهيو. جڏهن صبح ٿيو تڏهن وڻ تان لهي وري هڪڙي پاسي منهن ڪري اٿي هليو. نيٺ هلندي هلندي هن کي مٿان اچي ٻپهرن جي مهل ٿي. هي به پنڌ ڪندي ڪندي ٿڪجي پيو ۽ بک به ڏاڍي لڳيس. سو هڪڙي وڻ تي چڙهي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو ته من ڪا وسڻ نظر اچيم ته اتي وڃي ڪجهه پيٽ به پريان ۽ ڪو ڏنڊي ڏاڙي جو بلو به ڪريان. اڃا هن هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي ته ڪيس پريان ڪجهه دونهون ڏسڻ ۾ آيو، هن کي پڪ ٿي ته ضرور اهو ڪو ڳوٺ آهي. دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو. يڪدم وڻ تان لهي دونهين ڏي روانو ٿيو. هلندي هلندي جڏهن دونهين واري جڳهه تي پهتو ته ڏٺائين ته مار! هڪڙا وڏا بنڊ آهن جي پيا دکن ۽ پريان هڪڙو ديو آهي جو ستو پيو آهي. پاسي ۾ وڏو واڙو آهي جتي بي انداز مينهون ٻڌيون بيٺيون آهن. ديو کي ڏسڻ شرط هن کي ڏاڍو ڊپ لڳو، پر نيٺ دل جهلي آهستي آهستي وڃي ديو جي پاسي ۾ ويٺو، پر ڏٺائين ته ديو ستو پيو آهي. هن دل ۾ خيال ڪيو ته ديو الاهي ڪيڏيءَ مهل اٿي، سو يڪدم پاندار ۾ گهڙي

انان هڪڙي ڳوڻ آئي جي وڏي تغاريءَ ۾ لاهي هٿن پيرن سان ڳوهي، هڪڙو وڏو ڪوڪ ڪري باهه تي پچايائين. تنهن کان پوءِ انهيءَ تغاريءَ کي صاف ڪري ان ۾ سڀ مينهون ڏهي، ماٽڙي ڪري ويهي رهيو. ڪجهه دير کان پوءِ ديو آرس موڙي اٿيو ٿي مس ته ڇوڪرو ڊوڙي ’ماما ماما‘ ڪري وڃي پيرين پيس. ديو رڙ ڪري چيس ته: اي آدمزاد! جيڪڏهن تون ماما ماما نه ڪرين ها ته آءٌ جيڏا دانا ڪري ڇڏيئين ها. تنهن کان پوءِ ديو اٿي هٿ منهن ڌوتو ۽ رڌڻ پچائڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. پر ديو ڏٺو ته اڳيئي روٽ به پڪو پيو آهي ۽ کير به ڏڌو رکيو آهي، سو ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ ته ٻنهي گڏجي اهو روٽ کاڌو ۽ کير پيتو. اتي رات به اچي پئي سو ڇوڪرو ساٿ ڪري سمهي پيو.

جڏهن صبح ٿيو تڏهن ديو ڇوڪري کي چيو ته: هي مينهون جهنگ ڏانهن ڪاهي وڃ، هنن ٽن پاسن تي ڀلي وڃ پر چوٿين پاسي ٻنهه نه وڃ. ائين چئي ديو ته الاجي ڪيڏانهن هليو ويو ۽ ڇوڪرو مينهون ڪاهي جهنگ ڏي هليو ويو. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. نيٺ هڪڙي ڏينهن هن دل ۾ خيال ڪيو ته ديو هن چوٿين پاسي کان منع ڪئي آهي، پر اڄ ته هن پاسي وڃي ڏسان ته ڇا آهي. اهو خيال ڪري هو انهيءَ پاسي ويو. ڏٺائين ته هڪ وڏو شاهي ميدان گاهه سان ڀريو پيو آهي. هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مينهون ڪٺي ان چراگاهه ۾ ڇڏيائين ۽ پاڻ هڪڙي وڻ هيٺ ويهي رهيو. اچان هڪ پاسي نظر ڪئي ڪري ته چار ڏائڻيون ڏانهس سينهن واڄ ڪنديون پيون اچن. ڇوڪري جو انهن کي ڏٺو ته سمجهيائين ته الاجي ڪير آهن، سو يڪدم انهيءَ وڻ تي چڙهي ويو. جڏهن چارئي ڄڻيون ويجهيون آيون تڏهن ڇوڪري کي چيائون ته: لهي اءُ، اچي اسان سان راند ڪر. پر ڇوڪري چين ته: آءٌ هيٺ لهي نٿو سگهان، اوهين هيٺان ڪريو جو اهي



... ڇوڪري، چئني ڏائڻين جي ڳچيءَ ۾ رسو وجهي کين
گهٽي ماري ڇڏيو ... (ص ٢٧١)

ٻئي ٻيئا آهن، انهن جي مونکي رسي وٺي ڏيو ته انهيءَ تي آءٌ لهي اچان. پوءِ چئني ڏائڻين ٻئي وڏي، ان جي نوڙي وٺي تيار ڪري چوڪري کي ڏني. چوڪري هڪدم ان جو چلو ڦاهي وٺي جو اچل ڏني ته سڌو چئني جي ڳچين ۾ وڃي پئي. وري وٺي جو ڇڪ ڏنائين ته چئني ڄڻين کي گهوگهو اچي ويو. هنن گهڻئي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي مگر ڦاهيءَ مان نڪري نه سگهيون، نيٺ گهٽڪي گهٽڪي دم ڏنائون. انهيءَ کان پوءِ هي مينهون ڪاهي سڌو پنهنجي جڳهه تي آيو ۽ اچي ديو سان سموري حقيقت ڪيائين ديو يڪدم هن سان گڏجي اچي اهي ڏائڻيون ڏٺيون ۽ پوءِ چوڪري کي شاباس ڏئي چيائين ته: تو هيءُ تمام سٺو ڪم ڪيو آهي، هي چارئي ديو هئا جن سان منهنجي جنگ هئي ۽ مون انهن جي ڪري ٻئي کان تو کي ايذانهن وڃڻ کان منع ڪئي هئي. تو مون تي وڏو احسان ڪيو آهي، هاڻي گهُر جيڪي گهرڻو هجئي. چوڪري ديو کي چيو ته: ماما! آءٌ تمام غريب ماڻهو آهيان ۽ اسان جو پيو ڪوبه ڌنڌو ڪونهي، هاڻي منهنجا ماءُ پيءُ منهنجي انتظار ۾ هوندا تنهنڪري مونکي پنهنجي ملڪ ڇڏي اچ. ديو اها ڳالهه قبول ڪئي. پوءِ ديو هن کي پنهنجي رضا خوشيءَ سان پنهنجن مينهن مان اڌ ڏنو ۽ هن کي آهي ڪاهرائي سندس ڳوٺ وٽ ڇڏي آيو. جڏهن چوڪرو پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ پيڻن وٽ پهتو تڏهن اهي هن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ پوءِ هميشه گڏ رهندا آيا.

# ٢٤. غريب ۽ ست ديو *

هڪڙو غريب شخص هو، جو سڄو ڏينهن بيڪار ويٺو هوندو هو. ڪيس سندس زال چيو ته: سڄي دنيا روزگار ڪمائڻ ۾ مشغول آهي، پر تون بيڪار ويٺو آهين. ڇو نٿو تون به ڪجهه ڪمائي اچين؟ غريب شخص زال کي چيو ته: ڀلا مونکي مانيون پچائي ڏي ته ڪمائڻ وڃان. تنهن تي زال کيس ست مانيون پچائي ڏنيون، جي هو کڻي اٿي هليو.

هلندي هلندي واٽ تي هڪڙو کوهه آيو. بک به اچي لڳيس، سو ان جي مٿان ويهي مانيون ڇوڙي چوڻ لڳو ته: هڪ کان، ٻه کان، پر ستئي کان. مڄاڻ انهيءَ کوهه ۾ ست ديو رهندا هئا. تن جو اها ڳالهه ٻڌي سو سمجهيائون ته اسان کان به ڪا ڳري بلا آهي، جيڪا اسان کي کائڻ لاءِ آئي آهي. ان ڪري چونه هن کي ڪا شيءِ سوکڙي ڪري ڏيون جو هي خوش ٿي کڻي هليو وڃي. سو هڪڙي ديڳڙي آڻي ڏنائونس ۽ چيائونس ته: تون اسان کي نه کاءُ، باقي جنهن مهل توکي بک لڳي ته هيءَ ديڳڙي ڌوئي، چلهه تي چاڙهي جيڪو به کاڌو گهرندين توکي تيار سر ڪري ڏيندي. هي مفت ۾ اها ديڳڙي کڻي ماڻهن کي ٻڌائيندو گهر ڏانهن روانو ٿيو.

واٽ تي کيس رات پئجي وئي، سو رات گذارڻ لاءِ انهيءَ ڳوٺ جي ڪنهن مسافرخاني ۾ ٽڪي پيو. اتي جي ڪنهن ماڻهوءَ کي سڌ پئجي وئي ته هيءَ ديڳڙي ڀهڙي نموني جي آهي. سو رات جو هن جي سمهڻ کان پوءِ اها ديڳڙي کڻي، ان جي جاءِ تي ٻي ديڳڙي رکي ڇڏيائين. غريب شخص صبح جو اها ٻي ديڳڙي کڻي ويندو رهيو. جڏهن گهر پهتو

---

* هيءَ ڳالهه وڇولي (تعلقي سنجهوري) مان علي اڪبر لغاري کان ملي.

تڏهن زال کي چيائين ته: هيءَ ديگڙي اهڙي آندي اٿم، جا رڳو چوڻ سان سڀڪجهه تيار ڪري ڏيندي. زال چيس ته: ڇڳو! اڄ ته ڪو سيرو ٿاهي ڪائون. ديون جي چوڻ موجب ديگڙي چلهه تي چاڙهي ڪيس حڪم ڏنائين، پر تيو ڪجهه به ڪونه. اتي غريب شخص ڏاڍو ڦڪو ٿيو.

ٻئي ڏينهن وري سهي سنهري مانيون ڪٺي ساڳئي ڪوهه تي وڃي ويٺو ۽ ساڳيءَ طرح چوڻ لڳو. ديون وري هڪڙي ٻڪري آڻي ڏنس ۽ چيائونس ته: هيءَ ڪاهي وڃ. جيترو ڪير گهرندينس اوترو ڏيندءِ ۽ تنهن ڪان سواءِ هيءَ ڦولڙيون به سونيون لاهيندي. ٻڪري ڪاهي وري به اچي ساڳئي مسافر خاني ۾ ترسيو، جڏهن هو ستو تڏهن ساڳئي ماڻهوءَ اها ٻڪري لڪائي ان جي جاءِ تي ٻي ٻڪري ٻڌي ڇڏي. صبح هو هيءَ ٻڪري ڪاهي ڳوٺ روانو ٿيو اتي اچي آزمائش ورتائين ته اها ٻڪري رواجي ٻڪرين جهڙي ڏسڻ ۾ آيس. مڙس ڪاوڙيو گهڻوئي پر ڪري ڪجهه نه سگهيو.

مڙس ڪاوڙجي ٽيون ڀيرو روزگار لاءِ نڪتو ۽ دل ۾ چيائين ته: اڄ سٽئي ڪائيندس. جڏهن ڪوهه تي پهتو تڏهن اڳيئين وانگر چيائين ته: اڄ ضرور سٽئي ڪائيندس. تڏهن ديو نڪري آيا ۽ آزي ڪري چيائون ته: اسان کي نه کاءُ. پر هن چيو ته: توهان مونکي ٻئي شيون ڪوڙيون ڏنيون آهن، سو اوهان کي ضرور کائيندس. ديون چيو ته: اسان توکي سچي شيون سچيون ڏنيون آهن، پر جنهن مسافر خاني ۾ تون وڃي ٽڪيو هئين، اتي جو هڪ ماڻهو اهي شيون ڪٺي ويو اٿئي. انهيءَ ڪري هاڻي اسين توکي وري هڪڙو ڏنڊو ٿا ڏيون، جو تون ڪٺي وڃ. هو وري به ايندو ۽ ڏنڊو اچي ڪٽيندو. پوءِ تون رڳو ايترو چوندينس ته نه ڇڏ چور کي. پوءِ ويهي ڏس ڏنڊي جا ڪم! غريب ڏنڊو ڪٺي رات جو اچي مسافرخاني ۾ سهڙيو. ساڳيو ماڻهو آيو ۽ اچي ڏنڊو

ڪنياڻين. هن ڏنڊي کي حڪم ڏنو ته: نه ڇڏ چور کي. پوءِ ته ڏنڊي وٺي مارڻ شروع ڪيو ۽ بس ئي نه ڪري، چور جي رڙ هيٺ رڙ متي. نيٺ چور، غريب شخص کي منٿ ڪئي ته: ڪيئن به ڪري مونکي ڇڏاءِ، مون توبهه ڪئي. هن چيس ته: اڳي جيڪي شيون ڪٺي ويو آهين اهي ڏي. ته پوءِ ڇڏائيندو مانءِ. چور به جڏهن انجام ڪيو تڏهن ڏنڊي کي حڪم ڏنائين، جنهن مارڻ بند ڪيو ۽ چور ٽپڙ ڪٺي اچي حاضر ٿيو.

غريب شخص ٽئي شيون ڪٺي آئي زال جي اڳيان رکيون، انهن جي آزمائش ورتائون ته سچيون نڪتيون. پوءِ ته ڏاڍا خوش ٿيا ۽ حياتيءَ جا باقي ڏينهن ڏاڍي سرڻي ۽ خوشيءَ ۾ گذاريائون.[۲]

## ٢٥٠. ڏائڻ ۽ ست چور *

هڪڙا ست چور هئا، جي هميشه پنهنجي ڳوٺ جي آسپاس پيا چوريون ڪندا هئا. هڪڙي ڀيري پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته چونه هاڻي ديس جي چوري ڇڏي، پرديس جون چوريون هلي ڪجن. اها رٿ رٿي، هي ستئي يار پنهنجي ديس مان نڪري جهنگ منهن ڪري اٿي هليا. سڄو ڏينهن جهنگ جهاڳيائون پر ڪاڏي لاءِ ڪجهه ٻه نصيب نه ٿين. آخر سڄ لٿي مهل ٽڪجي هڪڙي گهاٽي وڻ جي هيٺان سمهي رهيا. گهڙي ٻه ڪانه گذري ته اوچتو هڪڙي ٿلهي متاري ٻڪري اچي سندن اڳيان بيٺي. هنن کي اڄ ۽ بڪ ٻه ڏاڍو هلاڪ ڪيو هو، سو خيال ڪيائون ته چونه ٻڪريءَ کي ڏهي کير پي هيانءَ جهل ڪري سمهي رهون. اهو فيصلو ڪري هنن ٻڪريءَ کي جهليو ۽ هڪڙو ڇڙو وٺو کير ڏهڻ. ٻڪريءَ هنن ستنئي چورن لاءِ ست وٽا کير جا ڏُهايا. چور کير جا وٽا پي رڄ ٿيا، پوءِ ٻڪريءَ کي هڪڙي وڻ سان ٻڌي پاڻ سمهي پيا.

سڄاڻ اها ٻڪري ڪا ڏائڻ هئي، جا شڪل بدلائي آئي هئي. تنهن آڌيءَ رات گذرڻ بعد هڪڙو چور کيهي ڇڏيو. جڏهن صبح ٿيو ۽ چور ننڊ مان اٿيا ته ڏسن ته منجهائن هڪڙو يار کٽو پيو آهي. ٻڪري ٻه جتي ٻڌل هئي اتي ئي ٻڌي بيٺي هئي، تنهنڪري چورن سمجهيو ته شايد اسان جي يار کي تڪليف آئي آهي، جنهنڪري پڄي ويو آهي. باقي ڇهئي دوست سفر

---

* هن ڳالهه جون ٽي روايتون، وچولي (تعلقي هالا) مان قاضي نورمحمد، لاڙ (تعلقي بدين) مان شيخ محمد سومار، ۽ اتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان ”آصف“ ڪان مليون.

ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا ۽ ٻڪري ساڻ ڪري اُٿي هليا. وري جتي هُنن ڪي رات پئي اتي ٻڪري ٻڌي کير ڏڏائون ته ٻڪري ڇهه وٽا کير جا ڏنا. ڇهه ئي دوست کير جا وٽا پي سمهي رهيا. وري به ٻڪري ساڳيءَ طرح اڌ رات جو هڪڙو چور کائي ڇڏيو. جڏهن صبح ٿيو ته چورن پاڻ مان وري به هڪڙو چور ڪٽل ڏسي ويچار ڪيو ته اهو يار به شايد پنڌ جي تڪليف کان ڀڄي ويو. اهڙيءَ طرح ٽئين منزل تي ٽيون، چوٿينءَ منزل تي چوٿون. پنجين تي پنجون دوست ڪٽيو. باقي رهيل ٻن دوستن پاڻ ۾ ويهي صلاح ڪئي ته: يار! ڀيري ڀيري سان دوست ڀڄي وڃڻ کان پوءِ ٻڪري به کير جو وٽو ڏيڻ پئي گھٽايو آهي، تنهنڪري اهو سڄو طلسم انهيءَ ٻڪريءَ ۾ ٿو ڀانئجي. وري به پڪ ڪرڻ لاءِ ٻنهي دوستن هڪٻئي سان قسم سُڳنهن کنيا ته اسان مان ڪو به ڀڄي ڪونه ويندو. سمهڻ مهل هڪٻئي جي چيلهه ۾ پٽڪو ٻڌي، کھاڙيون سيراندي رکي سمهي رهيا. انهيءَ لاءِ ته جي هڪڙو ڀڄندو ته ٻئي کي ضرور سجاڳي ٿيندي. ڏپ ۾ ويچارن کي ننڊ ئي نه اچي. اکيون پوريندي پٽيندي اڌ رات ٿي وئي، ننڊ به اچي وراين، سو سمهي رهيا. ڪا مهل ٿي ته اوچتو هڪڙي چور کي چڪيءَ تي سجاڳي ٿي. جان ڪٿي ڏسي ته مار! ٻڪري سندس دوست کي چيلهه تائين کيھي وئي آهي. ڏپ ۾ چيلهه ۾ ٻڌل پٽڪي کي کھاڙيءَ سان وڍي اٿي ڀڳو. ڏائڻ جو هن کي ڀڄندو ڏٺو، سا يڪدم چور کي ڳڙڪائي هن جي پٺيان ڪاهي پئي. چور کي ڀڄندي ڀڄندي اچي صبح ٿيو. ٿڪجي به پيو هو، سو ٻي ڪا واهه نه ڏسي، ٻوڙي هڪڙي وڻ تي چڙهي ويو. ڏائڻ به ڇا ڪبو جو ليٽي پيئي، ٻڪريءَ مان هڪڙي سهڻي عورت بڻجي، وڻ هيٺان ويهي روئڻ ۽ پار ڪڍڻ لڳي. قضا سان ان ملڪ جو بادشاهه به رعيت جي خبر چار لهڻ لاءِ سوداگرن جي ويس ۾ گھمندو ڦرندو اچي اتان نڪتو. هڪڙي سهڻي زال کي روئندو پٽيندو



... 'ڏاڏڻ، بادشاهه کي چيو ته: وڻ تي ويٺل شخص منهنجو مڙس آهي، مون سان ڪاوڙجي نڪتو آهي، پرچايانس پئي، پر نٿو پرچي' ...
(ص ٢٧٨)

ڏاڻيون تي پيونِ آهن، هي گهوڙا بہ اهي تيون ڪاڻين. جي اعتبار نہ اچيوَ تہ سندن محلات جون ڇتيون جاچي ڏسو. ڏسن ڪٿي تہ مار! ڇهني راڻين جي محلات تي هڏن جا ڍير لڳا پيا آهن. سو بنا ڪنهن سوچ ويچار جي بادشاهہ حڪم ڪيو تہ اِنهن راڻين جون اکيون ڪڍائي ڪين جهنگ جي ڪنهن کوهہ ۾ ڦٽو ڪيو وڃي. قدرت اِلاهي ڇهئي راڻيون ٻن جيئن سان هيون. سپاهي راڻين کي وٺي جهنگل ڏانهن رِوانا ٿيا، ۽ اُتي پهچي راڻين جون اکيون ڪڍي، هنن کي هڪڙي ويران کوهہ ۾ اڇلائي ڇڏيائون. کوهہ جو پاڻي اَڌ سُڪي ويو هو ۽ اَڌ زمين هئي. ٿوري گهٽي ڏينهن راڻين جا واري سان پلؤ آجا ٿيندا ويا ۽ هرهڪ کي پُٽُ ڄمندو ويو. راڻيون هيون ڪن ڏينهن ڪان بکايل سو جنهن راڻيءَ کي ٻار ڄمندو هو، اهو پورا ڇهہ ٽڪر ڪري ڪائي ڇڏينديون هيون. هنن راڻين ۾ سڀ ڪان ننڍي راڻيِ ڏاڍي چالاڪ هئي، سا پنهنجي پتيءَ وارا گوشت جا ٽُڪرَ گڏ ڪندي وئي. آخر هڪڙي ڏينهن هن کي بہ پُٽ ڄائو. تڏهن ڇا ڪيائين جو ڪيس مليل پنجئي حصا، راڻين ۾ ورهائي پاڻ ٻُکي گذاري پُٽَ جي حياتي بچائي ورتائين. پُٽَ کي ڏاڍي پيار ۽ محبت سان ڳجهہ ڳوهہ ۾ نپائڻ لڳي. پر اهو راز ڪيئن ڳجهہ ۾ رهي؟ نيٺ ٻار جي روئڻ جو آواز سندس سهيلين ٻڌي ورتو ۽ پڇڻ لڳس تہ: ادي! تو اسان کي پنهنجي ٻار جي پتي ڪانہ ڪارائي، سو ڇو؟ تنهن تي ننڍي راڻيءَ پنهنجن سهيلين کي چيو تہ: ادي! مون پاڻ کي ٻُک ماري، توهان ڪان مليل ٻارن وارو حصو گڏ ڪري اوهان کي ڏنو، جو اوهان کاڌو، هاڻي هي ٻار پاڻ سيني جو پٽ آهي. ٻين راڻين بہ ڏٺو تہ هن کي قدرت بچايو آهي، تنهنڪري ٻلي پيو پلجي. آخر اهو شهزادو ڇهني راڻين جي ٿڃ تي نپجڻ لڳو.

ٿوري وقت گذرڻ ڪان پوءِ ٻار بہ اچي سُرت ۾ ريو

کي حاضر ڪر. ڪوتوال حڪم ٻڌي روانو ٿيو ۽ شهزادي کي گهران وٺي اچي شاهي دربار ۾ حاضر ٿيو. بادشاهه هن کي چيو ته: شينهن جو کير ڏهي منهنجي راڻيءَ لاءِ ڪٺي اچ! شهزادي دل ۾ خيال ڪيو ته جي بادشاهه جو حڪم نٿو مڃان ته به موت سِرَ تي آهي ۽ جي شينهن جو کير ڏهڻ لاءِ ٿو وڃان تڏهن به موت جي منهن ۾ وڃڻو آهي. تنهن کان بهتر آهي ته هتان ڪنهن اٽڪل سان نڪران. سو بادشاهه کي عرض ڪيائين ته: جيئندا قبلا! مونکي ڪجهه ناڻو ڏيو ته مان پنهنجن پوين کي ڏئي کير هٿ ڪرڻ لاءِ وڃان. بادشاهه هن کي پنج سؤ روپيا ڏنا جي ڪٺي شهزادو پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ آيو ۽ ڪجهه ڏينهن جي کاڌ خوراڪ جو سامان آڻي پنهنجي مائرن کي ڏنائين ۽ پاڻ کير هٿ ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو.

شهزادو شهر مان نڪري، ڪهندو ڪهندو هڪڙي بيابان ۾ اچي نڪتو. پاڻيءَ جي ڏاس بيحال ڪري ڇڏيو هوس، سو هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. ايتري ۾ سندس اک هڪڙيءَ ٻڪريءَ تي وڃي پئي. دل ۾ خيال ڪيائين ته هيءَ ٻڪري ضرور ڪنهن پاڻيءَ جي چشمي تي ويندي، سو چڱو ته هن جي پٺ وٺجي. ائين سوچي شهزادو ٻڪريءَ جي پٺيان ڊڪندو ويو. ايتري تائين جو ٻڪري هڪڙي چشمي تي وڃي. پهتي ۽ پاڻي پيڻ لڳي. شهزادي به پاڻي پي اُڃ لاٿي ۽ هڪڙي وڻ جي هيٺان سمهي پيو. ٿوري آرام ڪرڻ کان پوءِ جان ڪٺي اک کولي ڏسي ته هڪ شينهن چشمي جي ڪناري تي ويٺل آهي، جنهن جي هڪڙي پير ۾ ڪنڊو لڳل هو، جنهن جي ايذاءَ کان دانهون پئي ڪيائين.

اڳئين زماني ۾ جانور ڳالهائيندا هئا، شينهن جي اک جا شهزادي تي پئي، سو رڙ ڪري چيائينس ته: آدم جا ٻچڙا! منهنجي پير جو ڪنڊو ڪڍ. شهزادي شينهن کان وعدو ورتو ته: جي تون مونکي پنهنجو کير ڏهڻ ڏيندين ته مان

تنهنجي پير جو ڪنڊو ڪڍندس. شينهڻ سمجهي ويئي ته هيءُ ويچارو ڪنهن وڏيءَ مصيبت ۾ ڦاٿل آهي ۽ ڪنهن هن سان اهو ڌوهه ڪيو آهي. تڏهن هن شهزادي کي چيو ته: قبول آهي، پر هاڻي تون ڇا ڪر جو اهو تنهنجي پاسي ۾ جيڪو ٻنڌ پيو آهي، سو ريڙهي هتي رک ته مان ان تي پير رکان، ۽ پوءِ تون منهنجو ڪنڊو ڪڍ. شهزادي شينهڻ جي چوڻ موجب ٻنڌ سيري ويجهو آندو ۽ شينهڻ ان تي پير رکيو. ڪنڊو نڪرڻ مهل شينهڻ کي جو ايذاءُ آيو، تنهن ڪاوڙ مان ٻنڌ کي اهڙو ڇنبو هنيو جو اهو ٻه اڌ ٿي پيو. پوءِ شهزادي کي چيائين ته: جي مان توکي هتي ڪير ڏهڻ ڏيندس ته ڪير به ماڻهو اها ڳالهه قبول نه ڪندو، تنهنڪري تون مون تي سوار ٿي ته انهن جي روبرو توکان ڪير ڏهارائي هنن کي ڏجي. شهزادو انهيءَ ڳالهه تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ يڪدم ٽپ ڏئي شينهڻ جي پٺيءَ تي سوار ٿي ويٺو. هلندي هلندي جڏهن انهيءَ شهر ۾ پهتا تڏهن شهر جا سڀ ماڻهو هيءُ تماشو ڏسي ڊپ کان ڀڄڻ لڳا. آخر شهزادو اچي بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيو. ڏائڻ به اتي ويٺي هئي، سا شهزادي کي جيئرو جاڳندو ڏسي اندر ۾ جلي سڙي ويئي. شهزادي بادشاهه کان ٽانءُ وٺي اتي جو اتي شينهڻ جو کير ڏهي بادشاهه کي ڏنو. جنهن هن کي انعام ۾ ڪيترو خزانو ڏئي گهر اماڻيو. شينهڻ به شهزادي کان موڪلائڻ وقت پنهنجي ڪنڌ جا وار هن کي ڏئي چيو ته: ڪنهن به ڏکئي وقت هنن وارن کي سيڪ ڏيندين ته آءٌ پنهنجن سيني شينهن سميت تنهنجي حاضري اچي ڀريندس.

شهزادي بادشاهه کان مليل انعام واري رقم مان شهر ۾ هڪڙي جڳهه ٺهرائي، مائٽن کي اتي آڻي ويهاريو ۽ پاڻ به آرام سان گذارڻ لڳو. ٿورن ڏينهن بعد بادشاهه جي زال ڏائڻ وري مڪر ڪيو ته: پيٽ سور مران، پيٽ سور مران! بادشاهه خيال ڪيو ته هن زال مان چڱو ڦاٿو آهيان، سو راڻيءَ کان

پڇيائين ته: پلا هن پيري ڪهڙي نموني پيٽ جو سور لهندو؟ راڻيءَ هن کي جواب ڏنو ته: اهو ساڳيو ڇوڪرو گهراءِ ۽ هن کي حڪم ڏي ته ڪرڙيل گهوڙيءَ جي ڪَنَ جي مَرُ پيدا ڪري اچي ته منهنجي پيٽ جو سور لهي. ڏائڻ کي خبر هئي ته اها گهوڙي پرين جي ملڪ کان سواءِ ٻئي هنڌ نه هوندي آهي، جيڪڏهن ڇوڪرو انهيءَ ملڪ ڏانهن روانو ٿيندو ته رستي ۾ ئي مارجي ويندو. بادشاهه ڪوٽوال کي سڏي حڪم ڏنو ته: ڇوڪري کي وٺي اچ. ڪوٽوال پڇندو آيو ۽ شهزادي جي گهر پهچي هڪل ڪيائين. شهزادو سمجهي ويو ته هي بادشاهه منهنجي پٽ نه ڇڏيندو، سو ڪوٽوال کي چيائين ته مان بادشاهه جو نوڪر ته نه آهيان جو پنڌ هلندس. ڪوٽوال اها خبر وڃي بادشاهه سان ڪئي، جنهن حڪم ڏنو ته سواري تيار ڪري ڇوڪري ڏانهن موڪليو. سواري شهزادي جي گهر تي پهتي ۽ هو سوار ٿي بادشاهه جي دربار ۾ پهتو.

بادشاهه کي شهزادي ڏاڍي ادب سان عرض ڪيو ته: بادشاهه سلامت! حڪم ڪريو ته هاڻي وري ڪهڙي ڪم لاءِ مونکي گهرايو اٿوَ. بادشاهه چيو ته: اسان کي پرين جي ڪَرڙيل گهوڙيءَ جي ڪن جي مَرُ کپي. شهزادي وراڻيو: جيئندا قبلا! حاضر، پر خرچ پکي لاءِ پنج هزار رپيا کپن. بادشاهه کيس هڪدم خزاني مان پئسا ڏياريا، جي وٺي هو گهر پهتو. هن وچڻ شرط پنهنجي ماڻن لاءِ ڪاڏي خوراڪ جو ڪجهه بندوبست ڪيو ۽ ڪجهه پئسا پاڻ سان واٽ جي ٿمر لاءِ کڻي، ماڻن کان موڪلائي اُتي پنڌ پيو.

شهزادو ڪهندو ڪهندو جهر جهنگ بيابان لتاڙيندو، آخر هڪڙي ڏينهن ڪنهن باغ ۾ اچي پهتو. ڇا ڏسي ته هڪڙو راڪاس فقيريءَ لباس ۾، گَهريءَ ننڊ ۾ ستو پيو آهي. شهزادو آهستي آهستي ڪري هن کي پيرون ڏيڻ لڳو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ راڪاس جي ننڊ کُلي پئي ۽ 'آدم بوءِ آدم بوءِ'

جي اچڻ جي خبر روزانو سندس گهران پڇڻ ايندو هو. هڪڙي
ڏينهن ڪوتوال کي خبر پئي ته شهزادو اچي ويو آهي، سو
ڏولي وٺي آيو ۽ هن کي ڏاڍيءَ عزت سان بادشاهه وٽ وٺي
آيو. بادشاهه شهزادي کي ڏاڍي عزت ڏني، هو به بادشاهه سان
نهايت ادب سان پيش آيو، چاڪاڻ ته بادشاهه سندس پيءُ هو،
جا خبر شهزادي کي هئي مگر بادشاهه کي نه هئي. قصوڪوتاهه
بادشاهه، شهزادي ڪان گريل گهوڙيءَ جي مٽر وٺي هن کي
انعام اڪرام ڏئي پوشاڪ پهرائي روانو ڪيو ۽ مٽر وڃي پنهنجي
رائيءَ کي ڏنائين، جا گهوڙيءَ جي ڪن جي مٽر سڄائي اندر
۾ سڙي پچي وئي ته هيءُ چورو پرين جي ملڪ مان به بچي
آيو! سو اندر ۾ گهاٽ گهڙيندي رهي ته ڪيئن به انهيءَ
چوڪري کي مارايان. آخر هڪڙي تجويز سجهي آيس ته چونه
شهزادي کي نانگن جي ملڪ ۾ موڪلجي جتي ناس ٿي وڃي.
سو ٻئي هفتا رکي وري مينهن ڪيائين ته: پيٽ سور مران،
پيٽ سور مران! بادشاهه کي جو خبر پئي ته رائيءَ کي وري
به پيٽ ۾ سور پيو آهي، سو ڏاڍي گهٽي وٺي ويس ته هاڻي
چا ڪجي! اهڙي نياڳي رن سان واسطو پيو آهي جنهن منهنجي
اڳين راڻين کي به مارائي ڇڏيو. خير، بادشاهه اهي پهه پڇائيندو
رائيءَ وٽ پهتو ۽ هن ڪان پڇيائين ته: تنهنجي پيٽ جو سور
جو علاج ڪهڙو ٿئي جو آٿهي لاءِ ڇڏي وڃئي. رائيءَ جواب
ڏنس ته: هاڻي مونکي نانگ جي مڻ ملندي ته سور ڇڏي
ويندو. بادشاهه لاچار ٿي ڪوتوال کي گهرايو ۽ حڪم ڏنائينس
ته: ساڳئي چوڪري کي وٺي اچ! ڪوتوال ڏڪندو ڏڪندو
شهزادي جي گهر پهتو ۽ سڏي چيائينس ته: بادشاهه سلامت
توکي گهرايو آهي، تنهنڪري مون سان گڏجي هل!

شهزادي هن پيري ڪوتوال جو خراب حال ڏسي
سواريءَ جي گهر ڪانه ڪئي، ۽ پنڌئي پنڌ ڪوتوال سان گڏجي
بادشاهه جي دربار ۾ اچي حاضر ٿيو. بادشاهه هن کيسموري

حقيقت ڪري ٻڌائي. هن دفعي شهزادي بادشاهه کان ڏهه هزارن رپين جي گهر ڪئي. بادشاهه به هڪدم هائوڪار ڪئي ۽ شهزادي کي پيسا ڏئي نانگ جي مڻ هٿ ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. شهزادي گهر پهچي وري به پنهنجي مائرن کي سامان سڙو گڏ ڪري ڏئي مڻ هٿ ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو.

شهزادو ملڪان نڪري جهنگ منهن ڪري اٿي هليو. آخر ڪهندي ڪهندي ٻن مهينن کان پوءِ اهڙيءَ جاءِ تي پهتو، جتي هن کي ٻلائن کان سواءِ ٻيو ڪي به ڪين نظر آيو. هن سوچيو ته مراد حاصل هتان ئي ٿيندي، سو هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ لڳو، تان جو ٿوري وقت کان پوءِ هن جي نظر وڃي ماڻهن جي هڪ ٽولي تي پئي. اڳتي وڃي انهن سان گڏيو ۽ خيرن مان معلوم ٿيس ته هي جوڳي فقير آهن، جي مرليءَ تي نانگ ريجهائي، انهن جي مڻ هٿ ڪندا آهن. شهزادي کي خاطري ٿي وئي ته جنهن مطلب لاءِ آءٌ آيو آهيان، سو هتان ئي ٿيندو. اتي هن اٽڪل ڪري روئي جوڳين کي پنهنجي حقيقت ٻڌائي، جي هن کي سندن سردار جوڳيءَ وٽ وٺي ويا. جوڳين جو سردار شهزادي جي حقيقت ٻڌي ڳوڙهي خيال ۾ پئجي ويو ۽ سمجهيائين ته شهزادو ڪنهن وڏيءَ آفت جي چنبي ۾ آيل آهي، جنهن هن کي اهڙا ڏکيا سوال چيا آهن. جوڳيءَ کي کهل پئجي وئي، تنهن شهزادي کي دم دلاسو ڏئي چيو ته: ٻچا! تون فڪر نه ڪر، سڀائي جيڪا به مڻ تو کي گهرجي سا ڪڍجانءِ. صبح ٿيو ته جوڳيءَ پنهنجي مرلي اهڙيءَ سوز مان وڄائي جو نانگن جو سردار نانگ به پنهنجي ٻر مان نڪري آيو. ان جي پٺيان به هزارين نانگ اچي گڏ ٿيا، جي سڀئي مرليءَ جي آواز تي مست ٿي مڻون اوڳارڻ لڳا.

جوڳيءَ شهزادي کي چيو ته: ٻچا! هاڻي هيءَ هزارين مڻون پيون آهن، بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي جيڪي به تو کي وٺڻ

سي کٽي وڃ. شهزادي يڪدم ٻه ٽي مٺون کٽي ورنيون. پوءِ ٿورا ڏينهن جوڳين وٽ رهي ڪاٺين موڪلائي پنهنجي گهر اچي پهتو.

ڪوتوال به روزانو شهزادي جي اچڻ جي خبر رکندو هو. هڪڙي ڏينهن خبر پيس ته شهزادو خير سان نانگ جي مڻ به کٽي آيو آهي، سو هن کي اچي چيائين ته: بادشاهه سلامت تنهنجي انتظار ۾ آهي. شهزادي شاهي دربار ۾ اچي مڻ کٽي بادشاهه کي ڏني، جو ڏاڍو خوش ٿيو. خدا جي قدرت جو انهيءَ وچ ۾ بادشاهه انڌو ٿي پيو. گهڻئي علاج ڪيائين پر ڪوبه فائدو ڪونه ٿيو. ڏائڻ جي خود اها مرضي هئي ته بادشاهه پلي ته انڌو هجي. پر ظاهريءَ طرح بادشاهه جي انڌي ٿيڻ تي ڏک ظاهر ڪندي هئي. آخر ڏائڻ کي به اها خبر پهچي وئي ته شهزادو نانگ جي مڻ کٽي خير سان شاهي دربار ۾ پهچي ويو آهي، سو سمجهيائين ته بادشاهه ضرور اها مڻ کٽي ايندو، پر مونکي جو شهزادو مارائڻو آهي، تنهنڪري ڇو نه انهيءَ چوري کي پنهنجن مائٽن ڏانهن موڪليان، جتي اهي ڪيس ماري ڪائي ڪپائي ڇڏين. سو اِها ڳالهه ڳٽي جڏهن بادشاهه وٽس آيو، تڏهن ان کي چيائين ته: منهنجي پيٽ جي سور جو علاج مونکي هاڻي ياد پيو آهي ته جڏهن مان ننڍي هيس، تڏهن مونکي اهڙو ساڳيو سور پيو هو، گهڻن علاجن کان پوءِ منهنجي مائٽن مونکي هڪڙي مٽي ڏاهي پياري هئي، جنهن مان اهو سور ڇڏي ويو؛ اها مٽي منهنجي مائٽن وٽ اڃان تائين پئي آهي، تنهنڪري انهيءَ ڇوڪري کي حڪم ڏيو ته مون کان خط وٺي وڃي منهنجي مائٽن کي ڏئي ۽ اها مٽي وٺي اچي. تنهن کان سواءِ منهنجي مائٽن وٽ هڪڙو سرمو به تهيل آهي جو انڌو ماڻهو پائي ته سڄو ٺي پوي. اڳو پوءِ اهو به کنيو اچي. بادشاهه اِها حقيقت ٻڌي شهزادي کي چيو ته: ڇوڪرا! راڻيءَ جي پيٽ جو سور تڏهن لهندو

جڏهن تون سندس مائٽن کان پيٽ جي سور جي سٽي ۽ مون لاءِ سرمو وٺي ايندين، تڏهن تو کي جام انعام ڏيندس. شهزادي بادشاهه کي چيو ته: جيئندا قبلا! اوهان جو حڪم اکين تي، ڀلي اهو خط ڏيو ته مان روانو ٿيان.

ڏائڻ راڻي اتي ڏاڍي خوش ٿي. پوءِ خط ۾ لکيائين ته هي ڇوڪرو اوهان ڏانهن اچي ٿو، جو منهنجو دشمن آهي، کيس ختم ڪري ڇڏيندا. بادشاهه اهو خط شهزادي کي آڻي ڏنو، جو وٺي هو موڪلائي پنهنجي گهر روانو ٿيو. شهزادو ويچارو وري مائٽن کان موڪلائي، خط کڻي ڏائڻ جي ملڪ ڏانهن روانو ٿيو. هلندي هلندي هن کي ڏينهن ٽپي ويو. گرميءَ جي تڪليف کان هڪڙو شاهي وڻ ڏسي، آرام ڪرڻ ۽ ٿوري ٿڪ ڀڃڻ جي ارادي سان ان وڻ جي هيٺان اچي ويٺو. وڻ جي ٿڌيءَ ڇانو ۾ کيس ننڊ اچڻ لڳي ۽ دل ۾ خيال ڪيائين ته منزل الاجي ڪيترو پري آهي، ڇو نه ٿورو آرام ڪري وٺجي. اهو ارادو ڪري سمهي پيو ۽ گهري ننڊ کڻي ويس. ان وقت ڪي پريون سير ڪنديون وڻ وٽان اچي لنگهيون. جان ڪٿي ڏسن ته هڪ سهڻو نينگر وڻ هيٺان گهريءَ ننڊ ۾ ستو پيو آهي، سو يڪدم هيٺ لهي آيون ۽ هن جي تلاشي وٺڻ لڳيون. تلاشيءَ مان کين ٻيو ڪي به ڪين هٿ آيو، فقط پٽڪي جي پلاند ۾ هڪڙو خط ٻڌل هٿ آين. پريون خط کڻي پڙهن ته لکيو پيو آهي ته هن چٺي آڻيندڙ ڇوڪري کي يڪدم ماري ڇڏجو. پريون سمجهي ويون ته هي بيگناهه نينگر ڪنهن ڏوهه سببان موت جي منهن ۾ پيو وڃي، سو اهو خط ڦاڙي ٻيو خط لکيائون، جنهن ۾ هي لفظ لکيائون ته هيءُ ڇوڪر منهنجو پٽ آهي، کيس انڌن کي سجي ڪرڻ جو سرمو ڏيندا ۽ گهڻي عزت ڏئي واپس ڪندا. پوءِ اها چٺي شهزادي جي پٽڪي جي پلاند ۾ ٻڌي پاڻ رمنديون رهيون. ٿوريءَ دير بعد شهزادو ننڊ مان سجاڳ ٿيو ۽ منزل تي پهچڻ

پٺيائين ته راڻيءَ جي ٻي ٻانهن به پٽجي وئي. وري ٽنگ پٽيائينس ته راڻيءَ جي به ٽنگ پٽجي وئي، اهڙيءَ طرح ڏائڻ کي ماري ڇڏيائين. پوءِ شهزادي بادشاهه کي سموري خبر ٻڌائي. تڏهن بادشاهه کي ڏاڍو ڏک ٿيو ته هيءَ ته برابر ڏائڻ هئي، پر مون پنهنجن ڇهن راڻين کي ڇو محلات مان ڪڍي ڇڏيو. اتي شهزادي هن کي دلاسو ڏنو ته: آءٌ توهان کي ڇهئي راڻين سان ضرور ملائيندس. پوءِ بادشاهه انهيءَ تي وڏيڪ خوش ٿي، شهزادي کي اڳئين کان به گهڻو انعام ڏئي روانو ڪيو.

هاڻي شهزادي اهي سڀ ڳالهيون پنهنجي مائرن کي وڃي ٻڌايون، جي ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيون. شهزادي جي سڀني ماءُ جا سيني راڻين ۾ ننڍي هئي، تنهن پنهنجي پٽ کي چيو ته: ابا! تون وڃي بادشاهه کي دعوت ڏئي اچ ته اسين ٻاڍهي ٿيون بندوبست ڪريون. شهزادي ته اهڙا ڏينهن خدا کان پئي گهريا ته مان ديو واري ڏنل وار جو امتحان لهان. سو هن اهو وار ديليءَ مان ڪڍي، ڪيس ٿورو سيڪ ڏنو ته هزارين ديو پريون اچي حاضر ٿيا، جن کي حڪم ڏنائين ته: اڄوڪي سڄ ۽ ايندڙ رات وچ ۾ هڪڙو نئون محلات تيار ڪريو جو بادشاهي محلاتن جهڙو هجي ۽ هڪڙو اهڙو رستو تيار ڪيو وڃي جو نئين نهيل محلات کان بادشاهه جي محلات تائين هجي. ديون حڪم ٻڌندي ڪم ۾ هٿ ڳنڍيو؛ محلات ۽ رستو ٺهي تيار ٿيو. انهيءَ وچ ۾ شهزادو بادشاهه ڏانهن روانو ٿيو ۽ ان کي وڃي عرض ڪيائين ته: جيئندا قبلا! اوهين سڀاڻي صبح جو منهنجي دعوت پنهنجي سپاهه سوڌي قبول ڪريو. بادشاهه نهايت خوشيءَ سان دعوت قبول ڪئي. ٻئي ڏينهن صبح جو بادشاهه پنهنجي سپاهه سوڌو شهزادي جي محلات ڏانهن روانو ٿيو. شهزادي مهمانيءَ لاءِ ست رڇيون تيار ڪرائي رکيون هيون. ماني کائڻ واري ڪوٺي ديون جي مدد سان تمام سينگاريل هئي. آخر ماني آئي، شهزادي ۽ بادشاهه ويهي

ماني کاڌي. بادشاهه ماني کائيندي مهل روئي ٻه ڀيرو ۽ ماني ٻه ڀيرو کائي. جنهن تي شهزادي کانئس ان جو سبب پڇيو. تڏهن بادشاهه ورائيو ته: هيءَ پڪل ماني مونکي پنهنجي ننڍيءَ رائيءَ جي يادگيري ٿي ڏياري، جو اها اهڙي ماني ٺاهيندي هئي. آخر جڏهن بادشاهه ماني کائي دنگ ڪئي، تڏهن شهزادي ڳچيءَ ۾ پلاند وجهي بادشاهه کي چيو ته: سائين! هي اوهان جون ڇهين رائيون ۽ آءٌ اوهان جو پٽ. اهو ٻڌي بادشاهه جا طاق ئي لڳي ويا. پوءِ ته خوشيون ٿي ويون، ورهين جا وڇڙيل لحظي ۾ ملي ويا. ٿورن ڏينهن کان پوءِ بادشاهه حڪومت جو ڪاروبار شهزادي جي حوالي ڪري حياتيءَ جا باقي ڏينهن الله جي عبادت ۾ گذاريا.

# ٢٦. ڏائڻ شهزادي*

هڪڙو هو بادشاهه، بادشاهه ته پاڻ خدا آهي، پر هيءَ ڪوڙي دنيا جي هڪڙي ٽڪري جو بادشاهه هو. ڪيس ٻه زالون هيون، هڪڙيءَ مان پٽ ۽ ٻيءَ مان ڌيءَ هيس. انهيءَ شهر ۾ هڪڙو ٻگهڙ ايندو هو جو روزانو رات هڪڙو ٻار کڻي ويندو هو. بادشاهه اها حالت ڏسي حڪم ڏنو ته جن وٽ ٻه هٿيار پنوهار هجن سي رات جو سڄي شهر جي چوڌاري پهرو ڏين. حڪم ٻڌڻ شرط جن وٽ ٻه هٿيار هئا، سي سڀ تيار ٿيا ۽ شهر کي چوڌاري پهرو ڏيڻ لڳا. پر ڪوبه ٻگهڙ کي پڪڙي نه سگهيو.

ٻيءَ رات جو بادشاهه جو پٽ پهري ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ چيائين ته: مان انهيءَ ٻگهڙ کي ختم ڪندس. پوءِ هٿيار پنوهار کڻي روانو ٿيو. دل ۾ خيال ڪيائين ته ٻاهر جو ٻگهڙ معلوم ٿئو ٿئي، ڇو ته جي ٻاهر جو هجي ها ته شهر ۾ گهڙڻ يا نڪرڻ وقت ضرور ڏسڻ ۾ اچي ها، لاشڪ ته اهو شهر جو شهر ۾ آهي. انهن ئي خيالن ۾ پنهنجي گهر جي وڏي دروازي وٽ ويهي رهيو، اوچتو ڏسي ته سندس ڀيڻ شهر مان هڪڙو ٻار کنيو پئي اچي! شهزادي سندس پٺ ورتي. سندس ڀيڻ محلات جي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ويهي آهو ٻار ڪاڏو ۽ باقي جيڪي هڏا بچيا سي کڏ کوٽي پوري وئي هلي. شهزادي کي پڪ ٿي ته ٻگهڙ ڪونهي، پر منهنجي ڀيڻ ڏائڻ آهي. سو ڳالهه دل ۾ رکيائين ۽ ماٺڙي ڪري موٽي اچي سمهي رهيو.

صبح ٿيو ته شهزادي پنهنجي پيءُ کي اچي عرض ڪيو

---

* هن ڳالهه جون ٻه روايتون اُتر (تعلقي ميروخان) مان غلام قادر ۽ لاڙ (تعلقي بدين) مان شيخ محمد سومار کان مليون.

تہ: قبلا! پنهنجي ملڪ ۾ ٻگهڙ ڪونهي، ٻاقي شهزاديءَ ڪي مون اکين سان ٻار ڪائيندي ڏٺو آهي. اهو ٻڌي بادشاهہ ڪي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ پٽ کي يڪدم حڪم ڏنائين تہ: هڪدم منهنجي شهر مان نڪري وڃ. تون شهزاديءَ سان حسد ٿو ڪرين. شهزادي گهڻيون ئي دانهون ڪوڪون ڪيون، پر بادشاهہ سندس هڪ بہ نہ ٻڌي. تڏهن لاچار شهزادو تيرڪمان کڻي شهر ڇڏي اچي هڪڙي ٻيلي ۾ رهڻ لڳو، جتي شڪار ڪري پيو گذران ڪندو هو.

هڪڙي ڏينهن هڪڙو لومڙ شهزادي وٽ آيو ۽ کيس چيائين تہ: شهزادا! مون کي پاڻ وٽ ٻيهارينديـن؟ شهزادي کلي پڇيس تہ: جيڪڏهن آءٌ تو کي پاڻ وٽ ٻيهاريان تہ پوءِ تون ڪهڙو ڪم ڪندين؟ لومڙ جواب ڏنس تہ: شهزادا! آءٌ چوڪيداري ڪندس، ان جو عيوضو اهو وٺندس جو جيڪو تون ڪائي ٻچائيندين، اهو مون کي ڏيندين. اڃان ٻہ چار ڏينهن مس گذريا تہ هڪڙو شينهن آيو ۽ شهزادي کي چيائين تہ: شهزادا! مون کي پاڻ وٽ نوڪر ڪري ٻيهار، تنهن تي لومڙ ڪانئس پڇيو تہ: تون ڪهڙو ڪم ڪندين؟ شينهن جواب ڏنو تہ: شهزادو جيڪو بہ شڪار ڪندو، سو آءٌ کڻي ايندس. نيٺ شينهن کي بہ نوڪريءَ ۾ ٻيهاريائون.

هڪڙي ڏينهن ڪنهن بادشاهہ جو اٺالو اچي آنهي ٻيلي ۾ ترسيو. ڳنڍندي ڦرندي لومڙ بادشاهي اٺالو ڏسي ورتو، سو ڊوڙي اچي شينهن کي چيائين تہ: يار! اسان شهزادي وٽ ڏاڍو سکيو وقت گذاريو آهي، تنهنڪري اسان جو بہ فرض آهي تہ اهڙي مهربان شهزادي کي شادي ڪرايون. آءٌ ڪنوار ڏسي آيو آهيان. تنهن تي شينهن چيو تہ: چڱو، اڄ رات هلي شهزادي لاءِ ڪنوار وٺي ايندا سين. هڪٻئي ۾ اهو فيصلو ڪري ٻئي ڄڻا ان بادشاهي اٺالي ڏي روانا ٿيا. ٿوري پنڌ کان پوءِ لومڙ شينهن کي ٻيهاري، پاڻ مکر ڪري منڊ ڪائيندو

آهي. سو ٻئي ڇٽا لومڙ کي مارڻ لاءِ سندس پٺيان ڪاهي پيا. اچان ويهن پنجويهن ڪامن تائين مس ويا تہ شينهن کي لومڙ واڪو ڪري چيو تہ: ٻنهي کي وٺ. شينهن تہ تيار بيٺو هو، سو هڪدم جهٽ ڏئي ٻنهي کي ڪٽي سوگهو ڪيائين، ۽ سڌو پنهنجي جاءِ تي کڻي آين.

شهزادو جڏهن شڪار تان موٽيو تڏهن ڏٺي تہ ٻہ ماڻهو پيا ٻہ ويٺا آهن. تڏهن لومڙ ۽ شينهن کان پڇيائين تہ: هي ڪير آهن ۽ هنن کي هتي ڇو آندو اٿو؟ اتي لومڙ ورندي ڏني تہ: سائين! هي ان شهزاديءَ جو پيءُ آهي ۽ ٻيو ان جو وزير آهي. هنن کي اسان انهيءَ لاءِ هتي آندو آهي تہ انهن سان صلاح ڪري اوهان جي شادي شهزاديءَ سان ڪرايون. بادشاهہ شادي ڪري ڏيڻ کان انڪار ڪيو، تنهن تي شينهن گجگوڙ ڪري بادشاهہ کي چيو تہ: جيڪڏهن انڪار ڪندين تہ ڪائي ڇڏيندو سئين. بادشاهہ ۽ وزير کي ساهہ جي اچي لڳي سو خوف وچان هائوڪار ڪري شهزاديءَ کي شهزادي سان پرڻائي ڏئي هليا ويا.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ شهزادي جي دل ۾ خيال آيو تہ پنهنجي پيءُ جي بادشاهيءَ جو واءُ سواءُ لهي اچان. اهو خيال ڪري شينهن ۽ لومڙ کي چيائين تہ: جيڪڏهن آءٌ ستن ڏينهن اندر نہ اچان تہ پوءِ منهنجو خير نہ سمجهجو. خير هنن کان موڪلائي، شهزادو روانو ٿيو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اچي پنهنجيءَ بادشاهي ۾ پهتو. ڇا ڏسي تہ سڄو شهر سڃو لڳو پيو آهي. ڏاڍو حيران ٿيو. وري محلات ۾ وڃي ڏسي تہ رڳو سندس ڀيڻ ويٺي آهي، ٻيو ڪوبہ انسان ڪونهي. شهزادي ڀيڻ کي ڏسي سلام ورايو، جنهن جو هن ڪيس جواب ڏنو ۽ چيائينس تہ: ادا! تو کي الله آندو آهي، آءٌ ٻن ٽن ڏينهن کان وٺي بکي آهيان، آءٌ هينئر آرام ٿي ڪريان، هيءُ ڪو اٽئي ويهي سونڪي جهيل. اها ڳالهہ ٻڌي شهزادو مجبور ٿي



... 'شهزادو ڪُئي کي ڇڪو ڏيئي، پاڻ وٺي ڀڳو' ...

(ص ۲۹۸)

پيو ۽ لاچار ويٺي پيڻ کي پڪو جهلڻ لڳو. اتفاق سان ان جاءِ مان هڪڙو ڪئو نڪتو جنهن شهزادي کي چيو ته: شهزادا! هن وقت تنهنجي حياتي سخت خطري ۾ آهي، تنهنڪري پڪو مونکي ڏي ۽ تون هتان نڪري هڪدم هليو وڃ. شهزادي ڪئي جي چوڻ موجب پڪو هن کي ڏنو ۽ پاڻ نڪري هليو ويو. ايتري ۾ سندس پيڻ سجاڳ ٿي ڏسي ته ڪئو ويٺو پڪو جهلي. خار وچان جهٽ ڏيئي ڪئي کي ڪاٽي ڇڏيائين ۽ پير ڪٽي پاءُ جي پٺيان پئي.

ٿوري ئي وقت کان پوءِ اچي پاءُ جي ويجهو پئي. شهزادي جو هن کي ايندو ڏٺو سو ڊپ وچان گهوڙي تان لهي هڪڙي وڻ تي چڙهي ويو. پيٽس وڻ تي چڙهڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر چڙهي نه سگهي. نيٺ دل ۾ خيال ڪيائين ته ڇو نه هن وڻ جي پاڙ کي ڪوٽي ڪيرايان، پوءِ هن کي کان. يڪدم انهيءَ ڪم کي لڳي وئي. قدرت خدا جي سان اهو ڏينهن شهزادي جي واعدي جو آخري ڏينهن هو، جيڪو هن پنهنجي سنگتين لومڙ ۽ شينهن سان ڪيو هو. اتي لومڙ ۽ شينهن شهزادي جي پٺيان ڳولا ڪرڻ لاءِ نڪتا ۽ سندس گهر واريءَ جي نگهباني لاءِ هڪڙو گدڙ ڇڏيائون.

ٿوري پنڌ کان پوءِ ڏسن ته هڪڙي عورت وڻ کي پئي ڪوٽي ۽ هڪڙو ماڻهو خوف ۾ مٿي ويٺو آهي. هنن دل ۾ خيال ڪيو ته شايد اهو شهزادو آهي، هي هڪدم انهيءَ عورت وٽ آيا. تنهن تي شهزادي جي پيڻ دل ۾ چيو ته اڄ ته ڪو سدورو ڏينهن آهي جو ٽي شڪار هٿ لڳا آهن، ائين چئي لومڙ تي حملو ڪيائين. پٺيان شينهن جو چنبو هنيس سو اُقٽ ماري وڌائينس. پوءِ شهزادي کي هيٺ لهڻ لاءِ چيائون، پر هن ۾ ڪا طاقت ڪانه رهي هئي، تنهن تي لومڙ، شينهن کي چيو ته: آءٌ شهزادي کي مٿان ڌڪو ٿو ڏيان، هيٺ تون جهپي وٺجانءِ. لومڙ وڻ تي چڙهيو ۽ هن کي ڌڪو

ڏنائين، هيڏان شينهن جهڙي ورتس. پوءِ ٽئي ڄڻا پنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿيا. ٿورن ڏينهن کان پوءِ شهزادو پنهنجي گهر واريءَ ۽ دوستن سان گڏجي پنهنجي وطن وريو ۽ آسپاس آبادي ڪرائي وڏي شان مان سان حڪومت ڪرڻ لڳو.

## ٢٧. جادوگرياڻي ۽ لعلن وارو شخص*

هڪڙو غريب شخص هو، جنهن جو گذارو ڏاڍو ڏکيو ٿيندو هو. تنهنڪري زال چيس ته: هاڻي ٻچا ٻيا بک مرن، جي تون ڪنهن ٻئي شهر ۾ وڃي ڪجهه ڪمائي اچين ته واهه، نه ته چاڙهو ڪونهي. غريب شخص به سمجهيو ته سچ پچ هاڻي ٻي ڪا واهه ڪانهي، تنهن الله جو آسرو ڪري ڪٺي جهنگ منهن ڪيو ۽ رلندو ٻيندو وڃي تمام پري نڪتو. هي ڏکئي وٺي پئي ويو ته اڳيان هڪڙو بادشاهي ڪٽڪ منهن ۾ پيس، بادشاه سيڻي جي اڳيان هو ۽ شڪار تي پئي ويو. غريب شخص بادشاهه جي ويجهو اچي سلام ڪيو ته: السلام عليڪم يار! بادشاهه چيو ته: وعليڪم السلام يار! پوءِ بادشاهه لشڪر ڏي منهن ڪري چيو ته: هن شخص مونکي يار سڏيو آهي، يارن سان ياري نباهڻ مڙسن جو ڪم آهي، تنهنڪري هاڻي شڪار ڇڏيو ۽ واپس هلو. لشڪر حڪم جو ٻڌو، تنهن ڪٺي بادشاه جي ٻويان گهوڙا لاتا. بادشاه غريب شخص کي گهوڙي تي ڪٺي سوار ڪرايو ۽ گهر روانو ٿيو.

گهر پهچي بادشاهه نوڪرن کي حڪم ڪيو ته: غريب شخص کي گرم پاڻيءَ سان تڙ ڪرايو، حجامت ٺهرائي، اوچي پوشاڪ پهرائي اچي مون وٽ حاضر ڪريو. نوڪرن حڪم موجب غريب شخص کي ناهي سينگاري اچي بادشاهه وٽ پيش ڪيو ۽ بادشاه هن کي پاڻ سان گڏ تخت تي ويهاريو. انهيءَ مهل طعام حاضر ٿي ويا. بادشاهه ۽ غريب شخص گڏ ماني کاڌي. ماني ٽڪي ڪارائي، کيس محلات جو هڪڙو حصو خالي ڪرائي ڏنو، جنهن ۾ هو آرام سان رهڻ لڳو.

---

* هيءَ ڳالهه آتر (تعلقي اٻاوڙي) مان فاضل قائمي کان ملي.

غريب شخص کي بادشاهه جي صحبت ۽ سنگت ۾ پنهنجا ٻار ٻچا ڏسي وسري ويا. ڪيترن سالن کان پوءِ خواب ۾ ڏٺائين ته سندس زال ڪُتل ڪپڙن ۾ در در پنندي وتي. ڇرڪ ڀري اٿي ڪڙو ٿيو ۽ دل ۾ خيال ڪيائين ته آءٌ هتي بادشاهي پيو ماڻيان، پٺيان ٻارن ٻچن جو الاجي ڪهڙو حال هوندو؟ هاڻي هلي ٻارن جي خبرچار وٺان. اهو پور پچائي بادشاهه کي وڃي چيائين ته: سائين! هاڻي مونکي موڪل ڏي ته گهر وڃان، ٻارن ٻچن لاءِ ماندو آهيان. بادشاهه هن کي گهڻوئي روڪيو، پر هو نه مڙيو. ليڪن بادشاهه چيس ته: توکي سڀاڻي موڪل ڏيندس. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن غريب شخص بادشاهه کان موڪل گهري ته بادشاهه وري به هن کي ترسڻ لاءِ چيو. جڏهن هيءُ پڙ ڪري بيٺو تڏهن بادشاهه پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڪيو ته: هن کي يڪدم رسي ٻڌو، جن گهڙيءَ کن ۾ رسي چوکنيو ڪري ٻڌس. پوءِ بادشاهه ترار ڪڍي. اتي غريب شخص کي اچي سر سان لڳي ۽ دل ۾ چيائين ته ناحق ٿڌي ٺري مانيءَ ۾ زهر وڌم. بادشاهه سندس سٿر کي چير ڏئي هڪڙو سٺو بادشاهين جي ملهه جو لعل ان ۾ وجهي وري سٿر سبائي ڇڏي. ان کان پوءِ هن کي چيائين ته: زخم ڇٽڻ تائين اتي رهه، پوءِ توکي موڪل آهي.

ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ هن جو ڦٽ ڇٽو، پوءِ بادشاهه هن کي چار سپاهي ساڻ ڪري موڪل ڏني ۽ سپاهين کي تاڪيد ڪيائين ته: هن کي گهر ڇڏي موٽي اچجو.

غريب شخص جڏهن پنهنجي شهر کان ٻن ٽن ڏينهن جي پنڌ تي پهتو، تڏهن خيال ڪيائين ته منهنجو ته نه آهي گهر نه گهاٽ، زال به الاجي ڪهڙي حال ۾ هجي، اتي وڃي سپاهين کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس، ناحق گلا ٿيندي. تنهنڪري سپاهين کي چيائين ته: اوهين هاڻي موٽي وڃو، منهنجو گهر تمام ويجهو آهي. سپاهين ته پئي ڪتا ڪُتا، تن چيو ته:

مالڪ موڪل ٿو ڏئي ته پوءِ اسان کي ڪهڙو اعتراض. تن هن کان موڪلائي پنهنجي واٽ ورتي. غريب شخص خيال ڪيو ته هيڙن ڪپڙن ۽ هيڙي شان سان وڃڻ چڱو نه آهي، متان ڪو پئسي وارو سمجهي ماري وجهي، تنهنڪري شهر ۾ پنهنجو گهوڙو ۽ ڪپڙا وڪڻي، فقيراڻا ڪپڙا ڪري، پئسا رليءَ ۾ سبي اڳتي روانو ٿيو.

رلندو پنندو هڪڙي شهر ۾ آيو، مڃاڻ اتي هڪڙي جادوگر هن کي ڏسي ورتو جنهن پنهنجي جادوءَ جي زور تي ڏٺو ته انهيءَ غريب شخص وٽ سچو ۽ قيمتي لعل آهي، سو کيس چيائين ته: منهنجي گهر هلي دعوت کاءُ. غريب شخص سمجهي ويو ته هيءَ سر جو وڃاڻ آهي. تنهن هن کان گسائي رکيو پيرن تي زور. جادوگر به هن جي پٺيان، جادوگر تي ديد پيس ته چؤ پيرو ٿي پيو پر جادوگر به ڪڏهن نه ڇڏيس. اڳيان وڃي ته هڪڙو بادشاهه شڪار ڪري ڏنئي تي ويٺو ساهي پٽي. هيءَ پري کان ئي ڏاڙ ڏاڙ ڪندو وڃي بادشاهه جي پيرن تي ڪريو. بادشاهه جي پڇڻ تي ٻڌايائين ته: هي جادوگر مونکي مارڻ ٿو گهري. جادوگر ٻڌايو ته: هي نامراد منهنجو نائي آهي، هن کي پنڻ جي چوس پئجي وئي آهي. آءٌ چوندو آهيانس ته گهر ويهي کاءُ. پر هيءُ ڪميڻو زال ڇڏي وتي ٿو پنندو. اها ڳالهه ٻڌي سڀ غريب کي ڦٽ لعنت ڪرڻ لڳا ۽ هن کي ڪلا هٿي جادوگر جي حوالي ڪيائون. غريب ويچارو اچي ڦاٿو. موت اکين سان پئي ڏٺائين، پر لاچار سُورين ڀرين جادوگر سان ويو. جادوگر جڏهن هن کي گهر وٺي آيو تڏهن سندس جهاڙ ورتائين پر هن وٽ پيسا ۽ لعل هجن ته نڪرن. آخر گهڻيءَ ڪوشش کان پوءِ پيسا ته رليءَ مان هٿ آيا. باقي لعل ڪٿان اچي. جادوگر هن کي پنهنجي ڌيءَ جي حوالي ڪيو ۽ ان کي تاڪيد ڪيائين ته: هن کان ڪنهن به طرح لعل هٿ ڪر.

رات جو جادوگر جي ڌيءَ هن کي وٺي وڃي مٿي ماڙيءَ تي پلنگ تي سمهاريو. پاڻ به ساڻس گڏ ليٽي پئي. اوچتو جادوگر جي ڌيءَ خنجر ڪڍي ٽپ ڏئي هن جي ڇاتيءَ تي چڙهي ويٺي ۽ چيائينس ته: جهٽ ڪر، لعل پيدا ڪر نه ته هينئر ئي تي پورو ڪريئين. اتي غريب شخص خيال ڪيو ته اٽڪل ڪري جند ڇڏايان. سو ورندي ڏنائينس ته: مون غريب وٽ لعل ڪٿان آيو؟ مٿان مونکي ماري پوءِ ان بادشاهه وانگر پڇتائين، جنهن پنهنجي بحري باز کي اُڀارائي ڪري ماري وڌو هو. جادوگرياڻيءَ پڇيس ته: يلا اها ڳالهه ڪيئن آهي؟ تنهن تي غريب چيس ته: ڇاتيءَ تي چڙهي ويٺي آهين، تو کي ڳالهه ڪيئن ٻڌايان؟ هيٺ لهي سمهه، ته ڳالهه ٻڌايئين. جادوگرياڻيءَ خنجر ڪٿي ڪپ ۾ وڌو ۽ هن جي ڳالهه ٻڌڻ لڳي. غريب شخص چيو ته:

هڪڙي بادشاهه لشڪر کي حڪم ڏنو ته سڀائي شڪار تي هلنداسين، جنهن جي اڳيان شڪار نڪري اهوئي ان جي پٺيان لڳي. صبح جو سڀي سنيري شڪار تي روانا ٿيا. سڀني صلاح ڪري بادشاهه جي اڳيان ڪٿي هرڻ لاتو، چي: لوهه چاڙي لوهار چاڙي، پاڙهي ڪٿو مٿو ڏيندو. بادشاهه هرڻ جي ڪڍ ڪٽي گهوڙو لاتو، پر هرڻ وٽ ڪي نه پيو ڏئيس. اڳيان هرڻ پٺيان بادشاهه، تان جو لشڪر ڪان گهڻو پري وڃي هرڻ کي مارياڻين. اتي ڏينهن به اڇي تنو ۽ اڃ به اڇي لڳيس. هيڏانهن هوڏانهن ڏنائين پر هڪڙي وڻ ڪان سواءِ ڪا ٻي وسئن واڙي ڏسجڻ ۾ نه آيس. نيٺ انهيءَ وڻ سان گهوڙو ٻڌي، اڃ ڪان بيتاب ٿي ڪري پيو. بحري باز جيڪو سندس مٿان اڏامندو پئي آيو، سو به لهي اچي سندس پرسان ويٺو. اوچتو بادشاهه ڏٺي ته وڻ مان پاڻي پيو ٽمي. بادشاهه کي هئي اڃ سو يڪدم خرزين مان ٺانءُ ڪڍي ڪٽي پاڻيءَ جي هيٺان رکيو. ڪجهه دير ڪان پوءِ ٺانءُ پاڻيءَ سان پرجي ويو.

باد شاهہ اچان پاڻيءَ سان ڀريل ٿانءُ ڪڍڻ وارو هو تہ بحري باز
چنبو هڻي ٿانءُ اونڌو ڪري ڇڏيو ۽ سمورو پاڻي هارجي ويو.
باد شاهہ کي ڏاڍا خار لڳا، سو وري ٿانءُ پاڻيءَ جي هيٺان
رکي باز کي چيائين تہ: نڀاڳا! خدا پنهنجي مهرباني سان مون
ڏانهن پاڻي موڪليو آهي، سو بہ هاري ڇڏيئي. هاڻي جي ائين
ڪيئي تہ منڍي مروڙي ڇڏيندوسئين. ٿوريءَ دير کان پوءِ
ٿانءُ وري ڀرجي ويو. باد شاهہ پيئڻ وارو هو تہ وري بہ بحري باز
چنبو هڻي ٿانءُ اونڌو ڪري ڇڏيو. باد شاهہ کي ڏاڍي ڪاوڙ
لڳي ۽ بحري باز تي ڇوهہ ڇنڊڻ لڳو ۽ وري بہ ٿانءُ پاڻيءَ
جي هيٺان رکي ويهي رهيو. ٽئين دفعي بہ جڏهن ٿانءُ پاڻيءَ
سان ڀرجي ويو، تڏهن ساڳيءَ طرح بحريءَ اُن کي انڌو ڪري
پاڻي هاري ڇڏيو. باد شاهہ کي جو خار آئي سو بحريءَ جي
منڍي مروڙي ڪڍي پري اڇلائي، وري بہ ٿانءُ پاڻيءَ هيٺان
رکي ڇڏيائين. اچان جهٽ ڪانہ گذري تہ وزير پاڻي ڪڍي اچي
پهتو. تنهن باد شاهہ کي پاڻي پياريو. وري جو سندس نظر
بحري باز تي پئي سو باد شاهہ کان انهيءَ بابت پڇيائين. جنهن
تي باد شاهہ کيس سموري ڳالهہ ڪري ٻڌائي. وزير مٿي ڏٺو
تہ هڪڙو وڏو زهري نانگ ڪرڙ پکيءَ جي آکيري ۾ پيو
آهي، جنهن جي وات مان زهر پئي هيٺ ٽميو. باد شاهہ کي
جڏهن انهي نانگ ڏانهن اشارو ڪيائين، تڏهن باد شاهہ حيران
ٿي ويو ۽ پوءِ منهن مٿو پٽڻ لڳو. سو تون بہ مونکي ماري،
پوءِ باد شاهہ وانگر هٿ هڻين. تنهنڪري چڱائي انهيءَ ۾ آهي
تہ مونکي نہ مار. اتي ڏينهن بہ اڀري آيو، تنهنڪري جادوگريائي
چيو تہ: اڄ تہ تون بچي وئين، باقي سڀاڻي رات ڏٺو ويندو.
ٻيءَ رات منجهي ٽرڻ بعد وري بہ جادوگريائي غريب جي
ڇاتيءَ تي چڙهي ويٺي ۽ خنجر ڪڍي چيائينس تہ: ٻڌاءِ، لعل
ڪٿي پوريو اٿئي؟ نہ تہ سر سلامت نہ رهندءِ. غريب شخص
چيو تہ: لعل مون وٽ ڪٿان آيو! باقي مونکي ماريندينءَ تہ

ٿي ڪٿي شادي ڪريان. اِهو خيال ڪري هن غريب شخص کي چيو ته: منهنجي پيءُ جا ٻه اُٺ آهن، هڪڙو پنجاهه ڪوهه پنڌ هڪڙيءَ رات ۾ ڪندو آهي ۽ ٻيو سؤ ڪوهه. سو سياڻي رات جو تون ۽ آءٌ انهي پنجاهه ڪوهي منزل واري اُٺ تي چڙهي هتان ڀڄي نڪرنداسين. غريب شخص چيو ته: اهڙي ڀڄڻ مان ڪهڙو فائدو؟ تنهنجو پيءُ سؤ ڪوهي منزل واري اُٺ تي چڙهي اچي پهچندو ۽ پوءِ وري ٻئي ساڳيا لاتون ساڳيا ڇڳهه. جادوگرياڻيءَ چيو ته: تون خيال نه ڪر، رڳو جڏهن بابو اچي پهچي تڏهن اُٺ هشائي ڪنهن وڻ جي چوڌاري گسائڻ شروع ڪجانءِ. پوءِ جنهن اُٺ تي مان ويٺي هجان تون به انهيءَ تي اچي ويهجانءِ. مون پيءُ سان وعدو ڪيو آهي ته جڏهن ويس تڏهن توکان موڪلائي ويندس.

آخر ٻيءَ رات جادوگرياڻيءَ کي جيتري دولت هٿ لڳي، سا ڪٺي ڪري وٺ پهچي وئي، پوءِ ٻنهي ڄڻن پنجاهه ڪوهي منزل واري اُٺ تي سنج وجهي چڙهندي ٿي ورتو الله جو نانءُ. صبح ٿيو ۽ جادوگر کي خبر پئي ته لعل ته هٿ نه آيو پر مورگهو ڌيءَ به وئي، سو اچي ڏسي ته سؤ ڪوهي منزل وارو اُٺ بيٺو آهي، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو، چي: اڃان ٻاڪ سولا آهن، ضرور لعل هٿ ايندو. جهٽ پٽ اُٺ تي سنج وجهي پيرو کڻي ٿيو راهي. سڄي ڏينهن جي پنڌ کان پوءِ وڃڻ جو اچي هنن کي پهتو. جادوگرياڻيءَ هڪ وڏي جهٽ تاڙي هن کي چيو ته: انهيءَ جهٽ جي پر ۾ اُٺ جهڪائي. هن اتي اُٺ جهڪايو ته جادوگر به اُٺ جهڪايو ۽ لڳو غريب جي پويان. اڳيان هي پٺيان جادوگر، ٽئي پيا جهٽ جي چوڌاري ڦرن. هوڏانهن جادوگرياڻيءَ پنهنجو سامان لاهي پيءُ واري اُٺ تي رکيو ۽ پاڻ پوئين آسڻ تي چڙهي ويٺي، پوءِ غريب کي سڏ ڪيائين ته: هاڻي هلي اچ. هي ٽپ ڏئي اچي اڳئين آسڻ تي ويٺو ۽ اُٺ کي هنيائين اڙي. پوءِ جادوگرياڻيءَ پيءُ کي چيو

ته: بابا! هاڻي پنهنجي موڪلائي. جادوگر گهٽيون ٺي ٺانهون ڪوڪون ڪيون پر هو گهڙيءَ ڪن ۾ الاجي ڪٿان جو ڪٿي وڃي نڪتا. جادوگر اها حالت ڏسي واپس موٽي آيو.

جادوگرياڻي ۽ غريب ٻئي ڄڻا ڪاهي اچي پنهنجي ملڪ نڪتا ۽ پنهنجي جهوپڙيءَ وٽ لٿا. غريب جي زال ڏاڍو خوش ٿي. پوءِ سڄو مال ڪٺي زمين داخل ڪيائون. غريب شخص ستر مان لعل ڪڍيو ۽ پنهنجي ڀرين زال کي ڏئي چيائين ته: هيءَ ستن بادشاهين جي ملهه جيترو آهي. غريب شخص جڏهن ويو هو تڏهن سندس زال هڪڙي نانوائيءَ سان دوستي رکي پيٽ پئي پاليو. هاڻي جڏهن لعل هٿ آيس تڏهن زمين تي پير ئي نه پيو اچيس. نانوائي هن کي اهڙو خوش ڏسي انهيءَ جو سبب پڇيو، جنهن تي هن بيپرواهيءَ سان لعل ڏيکاري چيس ته: لکي ڇا نانوائي! لٽڙ کهڙو ٿو ڪرين. هيءَ ڏس ستن بادشاهين جي ملهه جو لعل، منهنجي مڙس مونکي ڏنو آهي. نانوائي کي 'تيرهو لاهه' هو، تنهن چيس ته: اندي مڙئي ٻڄي ۾ خوش! ههڙا تکي وارا مٽڪا توکي نه ملندا ته پيو ڇا ملندءِ! هيءَ ته اسين پاڃيءَ ۾ ڪٺي وجهندا آهيون. مونکي ڏي ته اڄ توکي ٻه اهو پاڃيءَ ۾ وجهي ڪارايان. غريب جي زال ڪاوڙ مان لعل ڪڍي نانوائيءَ کي ڏنو ۽ يڪدم گهر اچي مڙس کي چوڻ لڳي ته: ماريا ههڙا تهڙا! ٻي زال وٺي آيو آهين، تڏهن ٿو مون سان ڇهرون ڪرين... ٽکي وارو مٽڪو ڏئي، ٻڌائين ٿو ته لعل آهي. غريب پڇيس ته: پر اهو آهي ڪٿي؟ زال جواب ڏنس ته: اهو نانوائيءَ ڪٺي پاڃيءَ ۾ وجهي ڇڏيو، پيو ڪيڏانهن ويو. غريب ته ٻڌنديئي ڏندڻجي ويو. تنهن تي جادوگرياڻيءَ کيس هوشيار ڪيو ۽ چيائينس پرواهه نه ڪر، نانوائي لعل پاڃيءَ ۾ ڪونه وجهندو، اهو آءٌ ٿي توکي هٿ ڪري ڏيان. پوءِ ٻهاج کي چيائين ته: مونکي هلي اهو نانوائي ڏيکار. جنهن نانوائيءَ جو دڪان ڏيکاريس. پوءِ

جادوگرياڻيءَ ڇا ڪيو جو مڙس کي اَڇا ڪپڙا ڍڪائي، پاڻ ٻه هار سينگار ڪري وڃي نانوائيءَ جي دڪان تي ماني کائڻ ويٺا. نانوائي ههڙو حسن ڏسي حيران ٿي ويو، رهندو کهندو جادوگرياڻيءَ سان اک ڪٽي اٽڪائي، تنهن تي مڙس کي ماڳهين هوش مان ڪيڏي ڇڏيو. پوءِ جادوگرياڻيءَ مڙس کي چيو ته: فلاڻي شيءِ ته وٺي اچ. جڏهن هو اٿي ويو، تڏهن جادوگرياڻيءَ نانوائيءَ کي چيو ته: نانوائي! منهنجي تو سان دل ٿي پئي آهي، اسين مسافر آهيون، جيڪڏهن تنهنجي ٻه دل هجي ته آءٌ پنهنجي ٻانهين سميت رات تو وٽ اچي رهان؟ نانوائيءَ ته انهيءَ ڳالهه لاءِ پئي ڪُتا ڪٽا، تنهن چيو ته: ائين ٿئي ته پوءِ مونکي ڇا گهرجي. آخر فيصلو ٿيو ته رات جو هٿو مٿو ٿرڻ کان پوءِ نانوائيءَ جي جاءِ تي جادوگرياڻي پنهنجي سهيلين سميت ايندي.

نانوائي پرائو پنهنجو سامان گڏ ڪري وڏو ٺاٺ ڪيو، ڪيترائي پلنگ، بسترا، غاليچا، ٿانو ٿپا، شراب ڪباب حاضر اچي ڪيائين. سنجهو ٿيو ته جادوگرياڻي پنج اٺ پاڙيواريون پاڻ سان ڪري اچي نانوائيءَ جي جاءِ تي پهتي. نانوائي وڏو بندوبست ڪيو هو. ٻيون ته کائي پي وڃي پنهنجي بسترن تي ستيون باقي نانوائي ۽ جادوگرياڻي اچي ٻچيا. جادوگرياڻيءَ نانوائيءَ کي خوب شراب پياريو، پوءِ ناز ڪري کيس چوڻ لڳي ته: مان هاڻي وچي گهران کو لعل کڻي اچان ٿي، ڇو ته مونکي بتيءَ جي روشني نٿي وڻي. نانوائيءَ چيو ته: پرواهه نه ڪر، لعل آءٌ کڻي ٿو اچان، تون تڪليف نه ڪر. نانوائيءَ لعل کڻي اچي جادوگرياڻيءَ جي هٿ ۾ ڏنو، جنهن کڻي کٽ جي وچ تي رکيو. پوءِ ته پيو ٻه شراب پيارئينس، پوءِ هو مُردن وانگر ڪيرو تي ڪري پيو ۽ هن پاڙيوارين زالن کي سڏي چيو ته: سڄو سامان کڻي منهنجي گهر هلو. جڏهن سمورو سامان لعل سميت گهر ۾ آندائين، تڏهن غريب شخص کي اچي ڪنبڻي ورتو، ڇي: نانوائي بادشاهه جو مودي آهي، دانهن

ڏنائين ته الاجي ڪهڙو حشر ٿيندو؟ جادوگرياڻيءَ چيس ته: تون پرواهه نه ڪر، جيڪي ٿيندو ان کي پيا منهن ڏينداسين.

هوڏانهن پهر ڏينهن ٽائين ته نانوائي ڪِپيو پيو هو، پوءِ هوش آيس ته پڙ پالهو ڏسي تارا ڦوٽارجي ويس؛ لعل ته ويس پر پراوا ٽيپڙ به ٽاوان پيس. ويرم ڪانه گذري ته پراون پٽن اچي نڙيءَ کان ورتس؛ ٻي واهه نه ڏسي، بادشاهه وٽ دانهين ٿي ويو. بادشاهه غريب شخص کي گهرايو، غريب ويچاري جي ته جند موڪلائي وئي، پر جادوگرياڻيءَ چيس ته: ڊڄ نه، آءٌ توسان هلان ٿي. دربار ۾ جادوگرياڻيءَ بادشاهه کي عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! اوهان جو ڪوتوال گهٽوئي ڪمائي ٿو، ان کان پڇو ته ڪيترا لعل گهر ۾ اٿس؟ ڪوتوال ٻڌايو ته: هڪ به نه. وري جادوگرياڻيءَ چيو ته: ڀلا ننڍي وزير کان پڇو. انهي به جواب ڏنو ته: مون وٽ هڪڙو به لعل ڪونهي. وري چيائين ته: سائين! وڏي وزير کان پڇو. بادشاهه ان کان به پڇيو. جنهن ٻڌايو ته: مون وٽ هڪڙو به لعل ڪونهي. جادوگرياڻيءَ هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته: سائين! جي ايڏن وڏن ماڻهن وٽ لعل ڪونهي ته باقي هن ٽڪي جي ڦلڪي وڪڻڻ واري وٽ لعل ڪٿان آيا. بادشاهه نانوائيءَ کي ڪوڙو سمجهي، ڪلا هٽائي ڊڪائي ڪڍيو. پر جادوگرياڻيءَ جي حسن ۽ عقل تي عاشق ٿي ڪنڌ پاسي ۾ ملڻ لاءِ چيائينس. جنهن چيس ته: اڄ رات، اڌ رات کان ٿورو اڳ فلاڻي هنڌ منهنجي جاءِ تي پهچي وڃجو. اجان ٻاهر نڪتي ته وزير اچي پاسو ورتس چي: اسان تنهنجي سفارش ڪئي آهي، ڪڏهن ته اسان کي به ياد ڪجانءِ! هن چيس ته: اڄ رات پهر ڪن گذرڻ بعد مون وٽ اچجئين. ڪجهه ٻاهر نڪتي ته ننڍي وزير اچي پاسو ورتس. هن کي به سنجهي ٽرڻ بعد اچڻ لاءِ چيائين. اجان دربار مان ٻاهر نڪتي ته ڪوتوال به منٿ ڪيس. جنهن کي سنجهي ويل اچڻ لاءِ چيائين. ائين سڀني کي دلاسا ڏئي پاڻ گهر اچي پهتي.

شام جو پهاج کي چيائين ته: گوشت وٺي اچ. گوشت تيار ڪري پاڻ ڪاڏائون باقي هڏا ڪُني ۾ وجهي، پهاج کي سيکاريائين ته: تون ڏوئي پئي کهائجئين ۽ هڏا ڪڙڪائجئين.

سنجهو ٿيو ته ڪوتوال پهچي ويو. ٻئي ڄڻا پلنگ تي ويهي رهيا. ڪوتوال محبت جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. پر هن چيس ته: ڪوتوال صاحب! رات آهي پنهنجي تات، تون پرواهه نه ڪر ماني ڪي ته کائي وٺون. ويرم ڪانه گذري ته ننڍي وزير به اچي ڪڙو ڪڙڪايو. ننڍي وزير جو ڳالهائڻ ٻڌي ڪوتوال ڪنبڻ لڳو ۽ چيائين ته: مان ڪٿي لڪان؟ هن چيس ته: في الحال ڪهو ٿي ويهه ته دلو مٿان رکي گهڙامنجي بنائين، ننڍو وزير به لفظ ڳالهائي هليو ويندو. ڪوتوال يڪدم گهڙامنجي ٺهجي ويو ۽ جادوگرياڻيءَ ڪٺي ۾ دلا مٿان رکيس. ننڍي وزير کي به جادوگرياڻيءَ تڪڙ ڪرڻ کان روڪيو، چي: ماني تيار ٿئي، کائون پوءِ پيا وندر ڪنداسون. ويرم ڪانه گذري ته وڏو وزير به اچي سهڙيو. ننڍي وزير کي اچي ٿڙڪڻي لڳي. هن چيس ته: ٽنيي جي اوٽ ۾ ٿي ويهه ته تنهنجي مٿي تي ڏيو رکي ٿي ڇڏيان، وزير سمجهندو ته ننڍو ٽنيو آهي. آخر ننڍو وزير ٽنيو ٺهجي ويو ۽ هن ڪٺي ڏيو رکيس. جيڪڏهن ڪوتوال تو ڇڙي ته دلا ٽا ڪرن ۽ ظاهر تو ٿئي، ۽ جي ننڍو وزير تو ڇڙي ته ڏيو تو ڪري ۽ بدنام تو ٿئي، سو ٻئي بت ٺهجي بيهي ويا. ٿوريءَ دير کان پوءِ وڏو وزير آيو، تنهن کي به ساڳي ڳالهه ٻڌائي ترسائي ڇڏيائين. اتي بادشاهه به اچي پهتو. وزير کي پگهر اچي ويو، چي: بادشاهه ڪل لهرائي ڇڏيندو، هاڻي ڪيئن ڪريان؟ جادوگرياڻيءَ چيس ته: تون جنڊ تي ويهه ۽ ويهي ڪٽڪ پيهه. آءٌ تنهنجي مٿان زلي وجهي ڇڏينديس، بادشاهه سمجهندو ته ڪا غريب زال آهي. وزير صاحب اتو پاسي ۾ رکي چڪي پيهڻ لڳو. ايتري ۾ بادشاهه به پهچي ويو، پر چڪيءَ جي آواز ڪري هڪٻئي جي ڳالهه



... 'وزير جنب پيٺو، ننڍي وزير ڏيو جهليو ۽ ڪوٽوال، گهرٽ اسنجي ٿيو' ... (ص ٣١٢)

چڱي طرح سمجهي نہ پيا سگهن. بادشاهہ هن کان پڇيو تہ: هيءَ ڪير آهي؟ هن ٻڌايس تہ: پاڙي واري آهي، پيهڻو ڪري پيٽ پاليندي آهي. بادشاهہ هن کي چڪي پيهڻ کان روڪيو پر وزير ويتر چڪيءَ تي زور رکيو. بادشاهہ ٻہ ٽي دفعا دڙڪا ڏنس، پر هو ڪٿي ٿو ٻڌي. آخر بادشاهہ ڪاوڙجي چار پنج لڪڻ چڪيس ۽ رلي چڪي پري ڪيائين. ڏسي ڪٿي تہ مار! وزير ويٺو جنڊ پيهي. وزير کان پڇيائين تہ: وزير! تو ڪيئن چڪي پيٺي؟ چي: سائين جيئن تنهنجي ڏيو جهليو. بادشاهہ ڏيئي کڻي پري ڪيو تہ ننڍو وزير ظاهر ٿي پيو. بادشاهہ پڇيس تہ: تو ڪيئن ڏيو جهليو؟ چي: جيئن گهڙامنجيءَ دلو جهليو. اڃان دلو مٿي ٿيو تہ ڪوٽوال اٿي بيٺو. بادشاهہ پڇيس تہ: ڪوتوال! تون ڪيئن آئين؟ چي: جيئن سائينجن آيا. بادشاهہ کان ڪل نڪري وئي، پوءِ سڀني جادوگرياڻيءَ جي مٿي تي هٿ رکيو ۽ پنهنجي پيڻ بڻايو ۽ سؤ سؤ رپيا ڳنديءَ جا ڏئي گهر روانا ٿيا. غريب شخص هاڻي بيفڪر ٿي جادوگرياڻيءَ سان شادي ڪري ويهي رهيو. ڪالهہ ڏٺوسين تہ خوش پئي هليا چليا.

# ٢٨. افلاطون جادوگر*

هڪڙو هو بادشاهه. بادشاهه پاڻ الله آهي پر زماني ساروُ ڪو بادشاهه هو، هن کي هڪڙو ڄڻيهه لکڻو پٽ هو. پٽس جڏهن جوان ٿيو تڏهن بادشاهه ويچارو گذاري ويو، پوءِ راڄ ڀاڳ مڙئي ڪري شهزادي کي پيءُ جي پڳ ٻڌائي. ٿورا گهڻا ڏينهن خدا جا گذريا تہ هڪڙي ڏينهن بادشاهه خيال ڪيو تہ ڇونہ پنهنجو ملڪ زمينون گهمان. سو هن ڇا ڪيو جو گهوڙا تيار ڪرائي، پاڻ، وزير ۽ هڪڙو نوڪر انهن تي سوار ٿي ملڪ گهمڻ نڪتا. ملڪ جون ٽي ڪنڌون تہ گهمي پوريون ڪيائون، پر جڏهن چوٿينءَ ڪنڌ تي پهتا، تڏهن وزير بادشاهه کي عرض ڪيو تہ: جيئندا قبلا! اها چوٿين ڪنڌ افلاطون جادوگر جي آهي جنهن کي تنهنجو پيءُ اها انعام ۾ ڏئي ويو هو. ايڏانهن ڪونہ هلنداسين. اهو ٻڌي بادشاهه چيو تہ: وزير! جادوگر جو ان زمين تي ڪوبہ حق نہ آهي. زمين اسان جي آهي، آءٌ هن زمين جي ڇويٽ بہ ڪونہ ڏيندس.

ٻئي ڏينهن بادشاهه، جادوگر واري زمين تي يڪدم پنهنجا هاري مقرر ڪري ڇڏيا. جڏهن اها خبر جادوگر کي ملي، تڏهن هن پنهنجي نوجوان پٽ کي بادشاهه ڏانهن موڪليو، جنهن ڪيس اچي اها زمين موٽائي ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو. بادشاهه جادوگر جي پٽ کي چيو تہ: ڪو ڪمال ڏيکار تہ پوءِ توهان کي اها زمين موٽائي ڏيان. جادوگر جي پٽ ڇا ڪيو جو انب جو هڪڙو ڪوٽلو گهرائي ان کي زمين ۾ پوريائين، پوءِ پاڻيءَ جو دُڪ گهرائي، ان تي ڪجهہ پڙهڻ ويٺو. گهڙي ساعت مس گذري هوندي جو اهو ڪوٽلو زمين مان ڦٽي

---

* هيءَ ڳالهہ اُتر (تعلقي وارهہ) مان غلام رسول جتوئي کان ملي.

نڪتو ۽ ڏسندي ڏسندي وڏي وڻ تي ڦر جهلي بيهي رهيو. پوءِ جادوگر جي پٽ وڻ مان انب پٽي سيني درٻارين کي کارايا ۽ بادشاهه کي پنهنجو قول پاڙڻ لاءِ چيائين. پر بادشاهه هن کي اها زمين ڏيڻ جي بدران ڪٺي ڪاٺ ۾ وجهرايو. اها خبر جڏهن جادوگر کي پهتي، تڏهن اهو پاڻ بادشاهه وٽ هلي آيو ۽ اچي کيس عرض ڪيائين ته: بادشاهه سلامت! مون ٻنيءَ جي پڇر ٿي ڇڏي. فقط منهنجي پٽ کي آزاد ڪر. تنهن تي بادشاهه جادوگر جي پٽ کي قيد مان آزاد ڪري ڇڏيو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ ساڳيو جادوگر بادشاهه وٽ آيو ۽ اچي عرض ڪيائينس ته: جيئندا قبلا! اها زمين، جا اوهان مون کان کسي ورتي آهي، مونکي توهان جو مرحوم پيءُ، منهنجي جادوءَ جو ڪمال ڏسي انعام طور بخشي ويو هو. هاڻي توهين به مهرباني ڪري مونکي اها موٽائي ڏيو. بادشاهه جادوگر کي چيو ته: چڱو، تون مونکي پنهنجي جادو جو ڪو ڪمال ڏيکار ته پوءِ آءٌ توکي اها زمين موٽائي ڏيندس. تنهن تي جادوگر، بادشاهه کي چيو ته: توهين سڀاڻي صبح جو پنهنجا نوڪر چاڪر ساڻ ڪري فلاڻي ڪوهه تي اچجو ته اتي آءٌ توهان کي پنهنجي جادو جو ڪمال ڏيکاريندس. بادشاهه سندس اها ڳالهه قبول ڪئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو سويل بادشاهه پنهنجي نوڪرن چاڪرن کي ساڻ ڪري، ڪوهه ڏانهن روانو ٿيو. جتي اڳئي جادوگر بيٺو هو. بادشاهه کي ايندو ڏسي هن ڇا ڪيو جو جهٽ پٽ هڪڙي ڪٽ مان ٻه ٽي واڍون ٻڌي، ڪٽ کي ڪوهه ۾ لاٿائين ۽ پوءِ پاڻ ۽ بادشاهه ان ڪٽ تي چڙهي ويهي رهيا. ساڳئي وقت جادوگر نوڪرن کي چيو ته: جڏهن مان واڍون لوڏيان، تڏهن اسان کي ڇڪي ٻاهر ڪڍجو. ڪٽ جڏهن وڃي ڪوهه جي تري ۾ پهتي، تڏهن جادوگر ان تان هيٺ لهي ڇا ڪيو جو ڪوهه ۾ ڪو منتر پڙهيائين، جنهن

پڙهڻ سان اتي هڪڙي دري کلي پئي. جادوگر بادشاهه کي ساڻ ڪري اندر لنگهي ويو. جڏهن اهي ٻئي ڳپل پنڌ ڪري ويا تڏهن ڏٺائون ته هڪڙو بادشاهي شهر آهي. اتي ڪين بک اچي ورايو، تنهن تي جادوگر، بادشاهه کي چيو ته: آءٌ هي فقيراڻو لباس پهري هن مڪان ۾ ويهي ٿو رهان ۽ هي پيسا اٿئي، انهن مان شهر مان ڪجهه سيڌو سامان گهني آءُ؛ پر بيهجانءِ ڪٿي به نه. بادشاهه جادوگر کان پيسا وٺي، هائو ڪري شهر ڏانهن روانو ٿيو. ٿورو اڳڀرو ويو ته ڏسي ته هائو ٻيلي! هڪڙو شاهي محلات آهي جنهن جي دريءَ ۾ شهزادي ويٺي آهي ۽ هوءَ وهنجي اتي پنهنجا وار پئي سڪائي. هن جو اهڙي سهڻي زال ڏٺي سو اتي بيهي ان کي ڏسڻ لڳو. ائين ٿي ڏسندي ڏسندي مٿان اچي سج لٿو. هوڏانهن جادوگر خيال ڪيو ته ٻيلي! هيترو وقت گذري ويو آهي، پر بادشاهه اڃان پيدا ئي ڪونه ٿيو آهي، وڃي ڏسان ته ڇا ٿيس. سو جادوگر به اتي شهر ڏانهن هليو. جڏهن هو به شاهي محلات جي ويجهو پهتو ته ڏسي ته مار! بادشاهه ته محلات جي دريءَ ۾ اکيون اڙايو بيٺو آهي. آخر ايلاز منٿون ڪري بادشاهه کي وٺي آيو ۽ ويهي رڌڻ پچائڻ لڳو. جڏهن ڪاڌو تيار ٿيو تڏهن جادوگر ته پيٽ ڀري ڪاڌو، باقي بادشاهه ٻه گرهه ڪٽي بس ڪئي. جادوگر ڪيس وڌيڪ کائڻ لاءِ گهڻوئي چيو، پر هو کائڻ کان صفا نابري واري ويٺو. اهو ڏسي جادوگر چيس ته: ڀلا آخر ڪهڙي شرط سان کائيندين؟ بادشاهه چيو ته: جيڪڏهن ان شهزاديءَ کي مون سان ملائين ته پوءِ آءٌ ماني کائيندس. جادوگر کي به مليو هو موقعو، سو بادشاهه کي چيائين ته: تون به جيڪڏهن مونکي پنهنجي ڪسيل زمين واپس ڏين ته پوءِ آءٌ توکي ان شهزاديءَ سان ملائي سگهان ٿو. اهو ٻڌي بادشاهه اتي جو اتي ڪاغذ ڪڍي، لکي ان تي مهر هڻي ڪٽي جادوگر جي حوالي ڪيائين. اهو ڪاغذ وٺي جادوگر

پنهنجي ڪيسي ۾ وجهي، سرمي جي هڪ شيشي ڪڍي ۽ ان تي ڪجهه پڙهي، سرمي ذرو ڪڻي بادشاهه جي اکين ۾ وڌائين. ان سرمي ۾ اهڙي حڪمت رکيل هئي جو بادشاهه ته سڀني کي ڏسي ٿي سگهيو، پر بادشاهه کي ڪوبه ڏسي نه سگهي. سرمو پائي بادشاهه سڌو وڃي بادشاهي محلات ۾ نڪتو ۽ اتي شهزاديءَ سان ملاقات ڪري وري موٽي آيو. اهڙيءَ طرح هو هر روز شاهي محلات ۾ ويندو هو ۽ شهزاديءَ سان ملاقات ڪري موٽي ايندو هو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ شهزاديءَ کي پيٽ ٿي پيو. جڏهن اها خبر بادشاهه کي پئي، تڏهن هن اچي ان بابت پنهنجي ڌيءَ کان پڇا ڪئي. شهزاديءَ چيو ته: مونکي بي ڪابه خبر نه آهي، باقي رات جو هر روز ڪا شيءِ ايندي آهي ۽ مون سان ملاقات ڪري پوءِ موٽي ويندي آهي، مان ته ان کي ڏسي به نٿي سگهان. انهيءَ ڳالهه بادشاهه کي به ڏاڍو پريشان ڪيو. بادشاهه پنهنجي وزير سان صلاح ڪئي، هن يڪدم نجومي گهرايا، جن نجوم هڻڻ بعد بادشاهه کي ٻڌايو ته: بادشاهه سلامت! ڪو ماڻهو اکين ۾ سرمو وجهي روز رات جو محلات ۾ اچي ٿو. اهو سڀ کي ڏسي ٿو، پر هن کي ڪوبه ڏسي نٿو سگهي. هاڻي هيئن ڪريو جو محلات ۾ جنهن هنڌ شهزادي سمهي ٿي، انهيءَ هنڌ ڪچا بصر ۽ گهوٽيل مرچ رکي ڇڏيو. پوءِ جڏهن اهو شخص ايندو ته بصرن ۽ مرچن جي تکائيءَ ڪري اکين مان پاڻي وهڻ لڳندس؛ ان ۾ سرمو به وهي ويندس ۽ چور ظاهر ٿي پوندو. بادشاهه کي اها صلاح ڏاڍي وڻي، سو يڪدم ائين ڪرڻ جو حڪم ڏنائين.

رات جو دستور مطابق جڏهن بادشاهه شهزاديءَ سان سرمو پائي ملڻ آيو، تڏهن بصرن ۽ مرچن جي تکاڻ سبب سندس اکين مان پاڻي وهڻ لڳو. پاڻيءَ جي وهڻ ڪري اهو جادو وارو سرمو به وهي ويو. بادشاهه يڪدم پڌرو ٿي پيو. هن جو ظاهر ٿيڻ ۽ بادشاهه جي سپاهين جو کيس پڪڙڻ.

ٻڌي ڪٽي اتي ويهاريائونس ۽ پوءِ ويا بادشاهه کي اها خبر ٻڌائڻ. اها خبر ٻڌي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سپاهين کي حڪم ڪيائين ته: هن کي چوڪنيو ٻڌي يڪدم منهنجي اڳيان حاضر ڪريو. اهو حڪم ٻڌي سپاهي بادشاهه کي چوڪنيو ٻڌي اتي هليا. جڏهن اڌ رستي ۾ پهتا تڏهن جادوگر کي به خبر پئي ته بادشاهه پڪڙجي پيو آهي. سو هو به جهٽ پٽ اچي اتي پهتو ۽ سگهو پڙهي ڪٽي بادشاهه جي ڳچيءَ ۾ وڌائين ته هو ڪتو ٿي پيو. اهو ڏسي سپاهي ۽ ٻيا سڀ ماڻهو حيران ٿي ويا ۽ اهو سمورو احوال وڃي پنهنجي بادشاهه کي ٻڌايائون ته: بادشاهه سلامت! چور ته واٽ تي ڪتو ٿي پيو آهي. هاڻي ڇا ڪجي؟ بادشاهه حڪم ڪيو ته: ان ڪتي کي ٻاهر ڪڍي ماري ڇڏيو. سپاهين ڇا ڪيو جو ڪتي کي شهر کان ٻاهر وٺي ويا ۽ اتي وٺي هڪڙو مٿي وارو زوردار ڏنڊو هنيائونس. جڏهن ڪتي کي ڏنڊو لڳو، تڏهن ان هڪڙي ڪتي مان ٻه ڪتا ٿي پيا! اهو ڏسي سپاهي وري حيرت ۾ پئجي ويا. پر انهن ٻن ڪتن کي وري مٿي وارا ڏنڊا هنيائون ته ڇا ڏسن ته ڪتا ٻن مان چار ٿي پيا. مطلب ته جيئن ڪتن کي ڌڪ ٿي هنيائون، تيئن هڪ هڪ ڪتي مان ٻه ٻه ڪتا ٿيندا پئي ويا. تان جو ڪتن جو هڪ چڱو ولر بنجي ويو. اهو ڏسي سپاهي وري بادشاهه وٽ ويا ۽ هن کي وڃي سڄي ڳالهه کان واقف ڪيائون. بادشاهه اها حقيقت ٻڌي ماٺ ۾ اچي ويو. ڪتا ايترا ٿي ويا جو اهي ماڻهن جي هٿن مان زوري ماني ڦري ويندا هئا. ماڻهو ڏاڍو ڪڪ ٿيا ۽ آخر وڃي بادشاهه وٽ دانهين ٿيا. بادشاهه وزير سان صلاح مصلحت ڪري وري انهن ساڳين نجومين کي گهرايو. نجومين کين ٻڌايو ته: هڪڙو فقير، جيڪو فلاڻي مڪان ۾ ويٺو آهي، اهو هنن ڪتن کي ناس ڪري سگهي ٿو.

هٿي ڏينهن بادشاهه انهي جادوگر فقير کي گهرايو ۽

کيس سمورو احوال ڏنائين. فقير بادشاهه کي چيو ته: بادشاهه سلامت! جيڪڏهن انهن ڪتن جي پرئي مڙس کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏيندين ته اهي ڪتن واري بلا توهان تان پنهنجو پاڻ ٽري ويندي. بادشاهه خيال ڪيو ته: مان پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڪتي کي ڪيئن ڏيان. پر ماڻهن چيس ته: جيئندا قبلا! آڳ ڪاڏي ڌيءَ لاءِ ٿو اسان کي آزارين! تون پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ان ڪتي کي ڏئي، هن مصيبت مان اسان جي جند ڇڏاءِ. آخر بادشاهه به لاچار ٿي فقير سان ڪٺي ها ڪئي. پوءِ فقير چيس ته: هاڻي ڪتو وٺي ڪتي جي مٿان هڻندا وڃو. ماڻهن ائين ڪيو ته ٻن ڪتن مان هڪ ڪتو ٿيندو ويو. تان جو سڀ ڪتا ختم ٿي ويا ۽ باقي وڃي اهو هڪ ڪتو بچيو جنهن جي ڳچيءَ ۾ جادوءَ جو سڳو پيل هو. بادشاهه ان ڪتي سان پنهنجي ڌيءَ کي پرڻايو.

جڏهن رات ٿي تڏهن ان ڪتي پنهنجي ڳچيءَ مان جادوءَ وارو سڳو ڪڍيو ته هو هڪڙو خوبصورت شهزادو ٿي پيو. اهو ڏسي، شهزاديءَ جا سڀ ڏک غم لهي ويا. شهزاديءَ کي ته اڳ ۾ ئي پيٽ هو، سو جڏهن مهينا پورا ٿيا، تڏهن هن سوچيو ته: بابي ته مونکي ڪتي سان پرڻائي پنهنجي دل تان ئي لاهي ڇڏيو آهي. هاڻي هن کي هيءُ لقاءُ ڏيکارڻ گهرجي. سو ڇا ڪيائين جو پاڻ ۽ سندس مڙس، وهنجي سهنجي سٺا ويس وڳا ڍڪي ويهي رهيا ۽ بادشاهه ڏانهن ماڻهو موڪليائون ته اسان سان ملي وڃو. بادشاهه کي جڏهن اهو نياپو پهتو تڏهن ويچار ڪيائين ته، ٻيلي! مون جو شهزاديءَ کي مُنهان لاهي ڇڏيو آهي، ان ۾ ويچاري شهزاديءَ جو ته ڪو ڏوهه ئي نه آهي. مون ئي ته هن کي ڪتي سان پرڻايو هو. اهو سوچي هو پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ اوڏي مهل ئي پنهنجي ڌيءَ سان ملڻ لاءِ اُٿي هليو. اچان محلات ۾ پير مس پاتائين ته ڇا ڏسي ته سبحان الله! هڪڙو ڇتيهه لکڻو

شهزادو شهزاديءَ سان گڏ تخت تي ويٺو آهي، اهو ڏسي بادشاهه ڏاڍو حيران ٿيو، تنهن تي شهزاديءَ کيس سڄي حقيقت ڪري سڻائي. اها ڳالهه ٻڌي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ هڪٻئي ۾ رهاڻيون ڪري بادشاهه واپس موٽي ويو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ بادشاهه کي پٽ ڄائو. هڪڙي ڏينهن بادشاهه گهمندي ڦرندي وري وڃي جادوگر جي مڪان تي نڪتو. جادوگر پڇيائين ته هن کان سموري خبرچار ورتي ۽ پوءِ کيس واپس هلڻ لاءِ عرض ڪيو. بادشاهه جادوگر کي چيو ته: چڱو ڀلا ٻيهه ته آءٌ پنهنجي زال ۽ پٽ کي وٺي اچان ته پوءِ هلون. پر جادوگر چيس ته: هينئر ته هل، جو گهڻو وقت گذري ويو آهي. انهن کي پوءِ ڪٽي وٺي اچجانءِ. بادشاهه گهڻوئي ننايو پر جادوگر هن کي زوري وٺي اچي ڪوهه تي پهتو ۽ دري کولي، بادشاهه کي ڪٽي ڪٽ تي ويهاريائين ۽ پوءِ پاڻ به ويهي وٺي واڍن کي لوڏا ڏنائين. مٿي ٻيٺل ماڻهن يڪدم ڪٽ کي ڪٽي مٿي ڇڪيو. جڏهن بادشاهه ۽ جادوگر ٻاهر نڪتا، تڏهن نوڪرن کان پڇيائون ته: اسان کي ڪيترو وقت لڳو؟ نوڪرن ورائيو ته: گهٽي ۾ گهٽو ته ٻه اڌ پهر مس لڳو هوندو. اهو ٻڌي بادشاهه ته حيران ٿي ويو، پر جادوگر کلڻ لڳو.

پوءِ جادوگر بادشاهه کي عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! اوهان جي حڪم مطابق مون اوهان کي پنهنجي جادوگريءَ جو بهترين ڪمال ڏيکاريو. هاڻي انصاف موجب مون کي پنهنجي زمين واپس ڏني وڃي. بادشاهه چيس ته: ڇاجي زمين! اهو ٻڌي جادوگر اهو لکيو ڪڍي بادشاهه ۽ ٻين ماڻهن کي ڏيکاريو ۽ کين سڄي ڳالهه به ڪري ٻڌائي. اتي تو مون سڻي، بادشاهه کي سمجهائي راضي ڪري، زمين جادوگر کي موٽائي وٺي ڏني، جو ٻنيءَ تي اڳئين وانگر خوش ٿي وڃي ويٺو.

## ٢٩. نجومي ۽ نانگ *

هڪڙو هو بادشاهه ان کي ٻي ڳالهه هيون، مگر تقدير اهڙي جو ڪنهن مان به اولاد ڪونه ٿيس. تنهنڪري ڏاڍو غمگين گذاريندو هو. هڪڙي ڏينهن هڪڙي ٺڳ نجومي بادشاهه کي اچي چيو ته: مون پنهنجي علم نجوم ۾ ڏٺو آهي ته توهان جي شهر کان ٻاهر هڪڙي ڪراڙي عورت رهي ٿي. جيڪڏهن توهين ان جي ڌيءُ سان شادي ڪندئو ته ان مان اوهان کي اولاد ضرور ٿيندو. بادشاهه اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ نجوميءَ کي انعام اڪرام ڏئي چيائين ته: اي نجومي! اها خبر ڪٿي به تون آيو آهين، تنهنڪري انهيءَ شاديءَ جو بندوبست به تون ڪر. نجوميءَ کي به ڪپندي ئي اها ڳالهه هئي، سو يڪدم هائوڪار ڪيائين، ڇاڪاڻ ته جنهن پوڙهي عورت جي ڌيءَ سان بادشاهه کي شادي ڪرڻ لاءِ چيو هئائين سا سنديس سڳي پيڻ هئي ۽ بکن پئي مرندي هئي. نجومي يڪدم پنهنجي پيڻ وٽ آيو، کيس بادشاهه واريون ڏنل سو ڪڙيون پا ڪيڙيون ڏئي سڄي ڳالهه سمجهائي ڇڏيائين. خير قصو ڪوتاهه، نجوميءَ حرفت سان بادشاهه کي پنهنجي ڀاڻيجي پرڻائي، راڄ راڻي ڪرائي، پوڙهيءَ پيڻ سميت ڏاڍي مزي سان حياتي گذارڻ لڳا.

ڪجهه وقت گذارڻ کان پوءِ نجوميءَ پيڻ کي چيو ته: تون شهر ۾ پڙهو گهماراءِ ته بادشاهه جي گهر اميد واري آهي. پيڻس چيس ته: ادا! اڃان اميد واري ته ڪانه ٿي آهي، آءٌ ڪوڙو پڙهو ڪيئن ڏياريان؟ نجوميءَ ورندي ڏني ته: انهيءَ جو بندوبست آءٌ پاڻهي ڪندس. تون ڪوبه خيال نه ڪر.

---

* هيءَ ڳالهه آتر (تعلقي ميرو خان) مان غلام قادر کان ملي.

آخرڪار پوڙهي بادشاهه کي ڇٽي، اهڙو پڙهو ڏياريو ۽ بادشاهه ان ڏينهن ڏاڍو خير خيرات ڪيو.

ٻئي ڏينهن نجومي وري بادشاهه وٽ آيو ۽ کيس اچي چيائين ته: جيئنداقبلا! مون حساب ڪري ڏٺو آهي ته اوهان کي پٽ ڄمندو، پر شرط هي آهي ته توهان پنهنجي ننڍي راڻيءَ کي هڪڙي جدا جاءِ ٺهرائي ڏيو، جنهن ۾ ٻيو ڪوبه ماڻهو نه وڃي ۽ شهزادو اتي اندر ئي نپجي، جيستائين هو چوڏهن سالن جو ٿي شادي ڪري، تيستائين هن کي جيئن ڪوبه ماڻهو نه ڏسي، نه ته جيڪڏهن ڪنهن شهزادي کي ڏسي ورتو ته شهزادو پٿر ٿي پوندو.

بادشاهه هڪدم نجوميءَ جي چوڻ موجب هڪڙو عاليشان محلات ٺهرائي پنهنجي نئين راڻيءَ کي محل ۾ رهائڻ لڳو. جڏهن ڏينهن پورا ٿيا، تڏهن نجوميءَ پنهنجي ڀيڻ کي چيو ته: اڄ بادشاهه ڏي چوائي موڪل ته توهان کي پٽ ڄائو آهي. ڀيڻس چيس ته: ادا! بادشاهه سان ايڏو ڪوڙ ڪيئن ڪبو؟ نجوميءَ چيس ته: تون انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڏي، آءٌ پاڻهي انهيءَ کي منهن ڏيندس. نيٺ ڀيڻس بادشاهه ڏي پٽ ڄمڻ جي مبارڪ موڪلي، جنهن تي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ ڏاڍا خير خيرات ڪيائين، خوشيون ۽ شادمانا ٿي ويا. ايتري خوشيءَ هوندي به بادشاهه نجوميءَ جي چوڻ موجب پنهنجي پٽ جو منهن ڏسڻ نه ويو.

آخرڪار ڏينهن گذرندي ويرم ئي ڪونه ڪن. نجوميءَ وارا چوڏهن سال به اچي پورا ٿيا، جنهنڪري بادشاهه پٽ جي شادي ڪرائڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. پر هوڏانهن ته مڙئي خير لڳو پيو هو. اتي نجوميءَ جي ڀيڻ کي اچي سر سان لڳي. سو ڀاءُ کان پڇيائين ته: هاڻي ڇا ٿيندو؟ جنهن تي هن چيس ته: ادي! تون فڪر نه ڪر، آءٌ پاڻهي ٿو انهيءَ معاملي کي منهن ڏيان. سو بادشاهه وٽ وڃي کيس عرض ڪيائين ته:

جيئندا قبلا! تـوهين پلي شهزادي جي شاديءَ جـو بندوبست ڪريو، پر شرط اهو آهي تہ شهزادي لاءِ پالڪي آءٌ تهرائيندس. بادشاهہ سندس شرط قبول ڪيو ۽ ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ڇڄ تيار ڪرائي اُنهي محلات ڏانهن روانو ٿيو. جتي نجومي ۽ سندس پيڻ رهندا هئا. انهي وچ ۾ نجوميءَ اٽڪل ڪري جڙتو شهزادي لاءِ پالڪي تيار ڪرائي، ان ۾ هڪڙو پٽر رکائي ڇڏيو. جڏهن ڇڄ آئي تڏهن آها ڏڪيل پالڪي کڻي سندن حوالي ڪيائون جا کڻي ڇڄ اٿي هلي. هلندي هلندي ڇڄ کي واٽ تي رات پئجي وئي، جنهنڪري اتي ترسي پيا ۽ کاڌي پيتي جو بندوبست ڪيائون. اتي نجوميءَ پيڻ کي سمجهائي ڇڏيو تہ: هاڻي پنهنجي جان بچائڻ جو موقعو اهو آهي جو سانجهيءَ سمهڻ مهل، تون پالڪيءَ جي هڪڙي دري کولي ڇڏجئين ۽ سيني ماڻهن کي ٻڌائي ڇڏجئين تہ شهزادي کي گرمي ٿي ٿئي، سو آءٌ سندس پالڪيءَ جي دري کولي ٿي ڇڏيان. خبردار، متان ڪو شهزادي کي ڏسي. صبح ٿيڻ سان تون وڃي ڏوليءَ وٽ ويهي وئي دانهون ڪجئين تہ رات شهزادي کي ڪنهن ڏنو آهي، جنهنڪري پٽر ٿي پيو آهي. نجومي ۽ ان جي پيڻ، پاڻ ۾ اها صلاح ڪري پيٽس لوڪ ستي مهل، ڏوليءَ وٽ وڃي هڪڙي دري کولي، ماڻهن کي چيو تہ: شهزادي کي گرمي ٿي ٿئي، تنهنڪري ان جي ڏوليءَ جي هڪڙي دري کولي ڇڏي اٿم. خبردار! متان ڪو شهزادي ڏانهن نهاري، هيءَ اُئين چئي وڃي سمهي رهي.

جڙتو شهزادي جي پالڪي هڪڙي وڻ هيٺ رکيل هئي. مجاڻ جو انهيءَ وڻ ۾ هڪڙو نانگڻ جو جوڙو رهندو هو. سو نانگ، نانگڻ کي سڏي چيو تہ: صبح جو اها ڪراڙي رَنَ ڏوليءَ وٽ اچي دانهون ڪندي تہ شهزادي کي رات ڪنهن ڏسي ورتو آهي، سو شهزادو پٽر ٿي ويو آهي. جڏهن بادشاهہ کي اها خبر پوندي تڏهن انهيءَ غم ۾ مري ويندو.

نانگڻ پڇيس تہ: پلا پوءِ بادشاهہ جي ٻچاءَ جي ڪا رٿ ڏسڻ ۾ اچئي ٿي؟ نانگ چيو تہ: جيڪڏهن تون مونکي هڪڙي مهيني جي موڪل ڏين تہ آءٌ ڏوليءَ ۾ شهزادو ٿي وڃي ويهي رهان. نانگڻ چيو تہ: دير نہ ڪر. آخرڪار نانگ لهي هڪڙي سهڻي شهزادي جو روپ وٺي ڏوليءَ ۾ ويهي رهيو.

صبح ٿيو تہ ڪراڙي رَنَ بہ دانهن ڪرڻ جي ارادي سان پالڪيءَ وٽ آئي ... دري تہ اگهڻي ڪليل هئي. ان ۾ جهاتي پائي ڏسي تہ پالڪيءَ ۾ هڪڙو ملوڪ جوان ڇوڪرو ويٺو آهي. پوڙهيءَ کان ڇرڪ نڪري ويو، پر پوءِ دل جهلي کانئس پڇيائين تہ: تون ڪير آهين؟ جنهن تي هن ورندي ڏنس تہ: آءٌ گهوٽ آهيان. اتي پوڙهيءَ بہ ڪٽي ماٺ ڪئي. خير قصو ڪوتاهہ ڇڄ خير سان رواني ٿي اچي ڪنوار جي در ني لٿي. شادي بہ خير سان ٿي گذري. بادشاهہ، جو هيتري مُدت کان پنهنجي پٽ جي ڏسڻ لاءِ سڪيو پئي سو بہ وڏيءَ حب مان اچي نانگ شهزادي کي ڳلي لائي مليو ۽ ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ کيس پرڻائي وٺي اچي پنهنجي ملڪ پهتو.

آخر اوٺيهن ڏينهن کان پوءِ نانگ پنهنجي راڻيءَ کي سچو راز ٻڌايو تہ کهڙيءَ طرح پوڙهي ۽ نجوميءَ بادشاهہ کي ٺڳيو آهي ۽ ٻڌاياءِينس تہ: هاڻي آءٌ وري بہ نانگ جو روپ وٺي وڃان ٿو، پنهنجي هاڻي ٿو کان موڪلاڻي آهي. ائين چئي هو انساني صورت مان ڦري نانگ ٿي هليو ويو. شهزادِي ويچاري جيڪا پرڻجي آئي هئي، تنهن گهڻئي دانهون ڪوڪون ڪيون، پر وريو ڪي ڪين. بادشاهہ کي جڏهن انهيءَ حقيقت جي خبر پئي، تڏهن ڏاڍِو ارمان ٿيس، پوءِ نجوميءَ، ڪراڙي عورت ۽ سندس انهيءَ ڪوڙِي زال حميت، سيني کي مارائي ڇڏيائين.

From the point of central idea these tales may be classified as follows:--

- Adventure and Individual Valour--Nos. 2 to 16, 18 to 21 & 23.
- Real Fairy Tales--Nos. 17, 22 & 26.
- Magic--No. 28.
- Intrigues and Deceit of Woman--No. 25.
- Wisdom of Woman--No. 27.
- Triumph of Truth--No. 1.
- Good Luck--No. 24.
- Tit for Tat--No. 29.

Seventy six (76) Sindhi folk tales have been brought to light through the publication of the first two volume of this series. With the publication of this third volume, a total number of one hundred and five tales would have been laid under contribution.

University of Sindh,
Hyderabad, March 18, 1963.

N.A. BALOCH,
Director.

educated and the intellectuals are not familiar. All this material in verse and prose is 'folklore' in the sense that it is popular and preserved with the village folk; yet, a considerable part of it is standard literature', and will be recognized such after it is published.

Of the seven books lanned under the Project to incorporate different varieties of folk-tales, legends and other stories, this is the third book pertaining to what may be called 'the tales of Fairies, Demons, Magicians, Witches and Sooth-sayers'. The village folk call all kinds of tales and legends *Kahanyoon* (tales) or *Galhiyoon* (stories) more often qualifying them as *Badshahan jun Kahaniyoon* or *Galhiyoon* (the tales or stories of kings), because most of the tales open with the mention of a king. This may be considered as the general name for folk tales, though individual tales are called by the name of the king or any other person who figures prominently in the tale.

A broad division of the Sindhi folk tales into 'Classical' and 'Popular' could be made for convenience sake. Some of the significant features of the 'classical type', e.g. the nature of the plot, fulfilment of 'conditions' set for the hero and the typical supernatural characters, were briefly described in the 'Preface' to the 'First' volume published in December, 1960.

This volume includes twenty-nine tales mostly of the 'classical type'. The super-natural characters such as fairies, demons, magicians, witches and sooth-sayers play their part. Seventeen tales pertain to fairies, seven to demons, ten to witches, two to magicians and one to sooth-sayers. Tale No. 10. "Prince Romance and Padma Fairy" (pp. 124-134), resembles in some of its details the legend of the Iranian Prince, Bahram Gur as it is current in Sindhi folklore:

# PREFACE

This is the twenty-third book, in serial order, to have been compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature Project. In 1956 the Board had approved this 5-year research project (1957-1961) for the collection, compilation and publication of Sindh folklore and Literature. It has been extended for a further period of three years, 1961-63.

The initial work on this project was started in January 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of material both from the oral traditions of the village folk and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a network of field-workers, one stationed in each *taluka*. The compilation and publication work commenced from 1959.

The project aims at publishing representative works pertaining to the following selected segments of Sindhi folklore and literature: (*a*) Fables and Fairy tales, (*b*) Pseudo-historical romances, (*c*) Tales of historical nature, (*d*) Folk poetry, (*e*) Folk songs, (*f*) Marriage songs, (*g*) Poems pertaining to wars and other events, (*h*) Riddles, (*i*) Proverbs, (*j*) Wit and humour, and (*k*) Folk customs and superstitions. It is expected that forty basic works will be compiled under the above categories. By now 13 works have been published, 10 are under print and the rest are under compilation.

The scheme has been deliberately named as 'Folklore and Literature Project'. At the present stage, a considerable body of verse and tales is current through oral tradition among the village folk with which the